ٺهنجي ڳجوار، ٺهنجون ڳالهيون

زرينه بلوچ

تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون

تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون
(ڪهاڻيون)

زرينه بلوچ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1992ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **هڪ سؤ ڇهٺ**

چپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس،
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن: آڪٽوبر 1992ع

قيمت 80/- [redacted]/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

TUNHINJAY GOLA TUNHINJOON GALHYOON (Short stories) by ZAREENA BALOUCH. published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh, Pakistan. First Edition: October 1992. Price per copy: Rs. [redacted]/-

انتساب

نالي
منهنجي بابا محمد موسيٰ،
پٽ اياز لطيف پليجو
۽ پرديسي ڌھڻين سسئي، بختاور ۽ پرھم
جي.

زرينہ بلوچ

فهرست

هڪ خط .... هڪ سهاڳ — خيرالنساء جعفري 9

ڪهاڻيون

1- بابا هاڻ آئون ڏاهو ٿيو آهيان 13

2- ليلي مليس ڪنوار 20

3- جيجي 27

4- جهونو ٻڙ 46

5- وڻ تان پکي 54

6- تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون 58

7- سچ ۽ پاڇا 68

8- لکيو پئي لوڙي 72

9- جڙ جنين جي جان ۾ 75

10- ور چي نه ويئي 79

11- ايمان جي سلامتي 88

12- ناچ ڪان پوءِ! 101

13- ايلسا 116

14- سورمو 125

15- ديوار 131

16- بوند بوند لئه پٽڪي پٽڪي 160

هڪ خط... هڪ مهاڳ

پياري زري نا....

رات اياز لطيف فون تي حڪم صادر ڪيو ته آئون تنهنجي ڪتاب جو مهاڳ سڀاڻي ۵ بجي لکي پورو ڪري فيروز احمد کي ڏيان.... الائي ڇو اياز جي اِن حڪم مون کي ذهني طور تذبذب ۾ آڻي ڇڏيو.... تنهنجو اڌ ڇپيل ڪتاب رات ۱۱ وڳي کنيم ته سهي.... پر راڻي، ڪتاب جا ته صفحا اخبار جي صفحي جيترا ويڪرا ۽ ڦهليل هئا.... ڪاغذ جي ڪٿائي ٿيل ڪونه هئي. مٿان وري صفحا مون رکيا ڪجهه ايئن جو انهن جي ترتيب ئي ڦٽي وئي هئي.... ڇئن ڇئن صفحن جو هڪ هڪ حصو.... هڪ Page پڙهي وري جي ٻيو Page اٿلايان ته سڄو ڇئوڏو ڪاغذ اخبار جي صفحي جيان اٿلائڻو پويم.... جملو جملي سان پڇائي پڙهڻ ۾ مزو ايندو آهي.... پر آئون جيسين صفحو صفحي سان ملايان تيسين پڙهڻ مان رواني ايئن نڪريو وڃي جئن تڙ تڪڙ مان ٻاهر وڃڻ لاءِ ڪپڙا بدل.... ۽ اوچتو سٽڻ مان اڳٽ نڪري وڃي.... اِهو مثال غلط سهي پر هتي سو فيصد ٺهڪي ٿو.... هونئن به لڳي ائين ٿو ته اڄ ڪلهه هر شريف شخص بنا اڳٽ جي ئي گذارو ڪري رهيو آهي.... ۽ هميشه اِن ڊپ ۾ آهي ته ”اِجها لٿي ڪي لٿي....“ باقي لاهي پائي ٻهڙ وارن ڪي نه ڪو لهر نه لوڏو....

ڏک! جو اسين لهرن ۾ به آهيون.... لوڏن ۾ به آهيون.... جو اسين لاهي پائي ٻهڻ ٻڌران.... ٻيمار ٻنجي ڪنڌون وسائي ويٺا آهيون.... رات ڪان وٺي هيئر ڏائين تنهنجي رڳو هڪ ڪردار ”جيجي“ کي پڙهي سگهي آهيان.... اِهو ڪردار اڄ ڪان ۵۱-۲۰ سال پهرين به پڙهيو هوم.... رات به پڙهيم ۽ سڀاڻ به پڙهنديس.... ذهني دنيا ۾ ڪي ڪي ڪردار.... ڪي ڪي ڳالهيون ڪي

ڪي ماڻهون هميشه ساوڻي جي رُت ۾ روح ڪي آبرِڪرم جيان ريجهائيندا رهندا آهن.... ۽ روح انهن لاءِ هميشه واجهائيندو آهي.... منهنجو روح به .... نه رڳو تنهنجي ڪردار جيجي کي پڙهڻ لاءِ پر سچ پڇين ته خود تنهنجي لاءِ واجهائيندو آيو آهي.... تنهنجي لاءِ.... تنهنجي ڪمپنيءَ لاءِ.... ڳالهين جي خوشبو لاءِ.... ٻه ٽي دفعا قمر جي گهر.... هڪ دفعو ماڊل اسڪول جي لان تي تنهنجي هٿن جي نيرن ڪندي.... هڪ دفعو منهنجي گهر تنهنجي اسڪول جي ڪنهن ٽيچر جي ڳالا ڪندي.... هڪ دفعو تنهنجي گهر.... تنهنجا گيت ٻڌندي....

انيڪ دفعا ٽي ويءَ تي ڊرامي "دنگي منجهه درياءُ" ۾ ساماڻا ساماڻا ڪندي ۽ "راڻيءَ جي ڪهاڻي" ۽ "جنگل" ۾ شاندار پرفارمنس ڏيندي. تنهنجو هر ڪمال.... تنهنجو هر ثواب.... فن جي منزل تي نه رڳو تڪميل جو حسن رکي ٿو پر پنهنجي وقت جو هڪ مڪمل سچ! ڪاغذ تي.... ٽي ويءَ جي ڊرامي ۾ .... مائيڪ اڳيان ڳائڻ تي.... هر سچ جي انتها! زرينه بلوچ جو وجود.... سڀني سچن - سڀني ثوابن.... سڀني فنن کان اهم ۽ آسائتو....

زرينه جو پنهنجو وجود!! جو بقول ڪنهن جي 'جلي جلي به جلڻ کان بچيو رهيو....' دنيا جي پٺيءَ ۾.... جلندي.... بجاءِ داغن جي زرينه تي قول وسندا رهيا. سڄي سنڌي قوم پاران "جيجي" جي لقب جا قول، تاڙين جا قول ۽ ساراهن جا قول.

"نيٺ اچي پهچڻ" وارو جملو الائي ڇو ڏکيوڏي سهي پر اِهو جملو تنهنجو نه منهنجي حصي جو آهي.... تنهنجي پيرن هيٺان پنڌ ڪنهن ڪمال جي اوچي هنڌ تي اچي رسي ٿو.... تون زندگي ۾ ڪسي ڪسي به ڪسجي نه سگهين (اِهو تنهنجي شڪتي جو ڪمال آهي) ۽ هميشه مرڪندي کلندي دل کولي ڪچهري ڪرڻ جي موڊ ۾ گذاريندي آهين.... تنهنجو جهونگارڻ- تنهنجو آسر ويل پنهنجن ٻچن لاءِ ننڍڙا ڦلڪا جوڙڻ....نوڪري ڪرڻ....نوڪريءَ

ڪي سنهن ڏيڻ ۽ الائي ڪهڙين زندگيءَ جي ڳالهين ڪي منهن ڏيڻ ۽ سرڪڻ وڏيءَ دل سان وڏيءَ خوشيءَ سان مون کي عبادت لڳندا آهن.... ۽ زندگي جو ويساهه ڏياريندڙ لڳندا آهن.... آن جي مقابلي ۾ روزا نمازون ڪڏهن ٽڪائيندڙ لڳندا آهن. جڏهن ته توکي Dianal جي گوري به سون مرڪندي ڳڙڪائيندي ڏنو آهي.... مون هميشه توسان ملي زندگيءَ جي ڏکن کي، ايذائن کي، بخش ڪيو آهي.... ۽ هر مثبت ڳالهه جا Thanks مڃيا آهن.... تون سبق سيکارڻ وارن مان آهين.... ۽ سٺي ٽيچر آهين. آئون سمجهان ٿي ته تون ڪڏهن به هڪ لمحي لاءِ به ان ڪري اهم نه آهين ته تون رسول بخش پليجي جي گهر واري آهين يا اياز لطيف يا اختر بلوچ جي ماءُ آهين....

تون ان ڪري اهم آهين جو تو ۾ Completion جو ڪمال آهي.... سچ جو ثمر آهي.... سموري سنڌ تنهنجي ساهن ۾ تنهنجي ڳلي ۾ پاتل آهي.... تون ئي ته آهين جنهن قوم کي ”جيئي سنڌ“ جهڙو لازوال گيت ڏنو. تنهنجي فن، سچ ۽ ايمان کي ئي محسوس ڪري آمريڪا، ڀارت، انگلينڊ ۽ دبئي جي سنڌين توکي سنڌ جو سونو نقشو ڳلي ۾ ميڊل طور پارايو هو.... جو اڄ به تنهنجي دل جي ڌڙڪي تي لڙي رهيو آهي، جڏهن تنهنجي دل تي اهو نقشو لڏندي ڏسندي آهيان تڏهن لڳندو آهي ته سنڌ حرڪت ۾ آهي سنڌ برڪت ۾ آهي- باقي هوندئن ته.... سموري سنڌ الاءِ ڪهڙن ڪهڙن ۽ ڪيترن سيلابن ۾ ٻڏي رهي آهي. ڪاش هر دل وسيع زرخيز جيئن هجي....! جا انيڪ سيلابن کي ساهن ۾ سانڍي پنهنجي وجود، پنهنجي شڪتي ۽ فن کي سرسبز رکي سگهي. ڪاش هر دل تي پنهنجي ڌرتي جا اهڙا نقشا اپريل هجن.

جيجيءَ کي جئن تئن ڪري صفحا صفحن سان ملائي پڙهي پوري ڪرڻ ڪانپوءِ.... اوچتو هڪ صفحو ساوتريءَ واري ڪهاڻي جو آڏو آيو.... رات دير به پئي ٿئي ته صفحا صفحن سان ٺهڪائڻ تي تڪليف به پئي ٿئيم.... پر اِها ڪهاڻي ايئن هئي جو ڪٿ به

آڌ ۾ ڇڏڻ تي منهنجي دل نه پئي چوي.... سو اِن وڏي ڪهاڻي کي ٻه صفحا صفحن سان ملائي ائين نيٺ اچي پورو ڪيم جئن آخوندن جي ٻنيءَ تي نيٺ اچي مهمان پڳا.... چام شوري جي رستي تان انيڪ دفعا لنگهندي هڪ وسيع ٻني جي مٿاڇري تي گيٽ مٿان لکيل آهي ”آخوندن جي ٻني- ٻوڪي راهي رک....“ حميد منهنجي ماسي ٻڌايو ته هڪ دفعو اِن ٻنيءَ اندر وياسين ته ڪافي پنڌ ڪرڻ کانپوءِ لکيل نظر آيو، ”هليا اچو بس باقي ڪجهه پنڌ ڪيو پاسي....“ ميل ڏيڍ پنڌ ڪرڻ کانپوءِ ٿڪجي هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪئيسين ته هڪ طرف بورڊ لڳل هو ”هاڻي ٿورو ساڄي موڙ تي بس منزل قريب آهي....“ ساڄو موڙ ڪٽڻ جي نه ڪري.... هلندي هلندي آخر ۾ هڪ وڏو بورڊ ڪتل نظر آيو. حميد ٻڌايو ته اسين خوش ٿياسين ته منزل اچي وئي– سو بورڊ ڏي ڏٺوسين.... بورڊ تي لکيل هو ”ٺڪ ٺوَ دلا نيٺ اچي پهتا!“ (حميد اهو مذاق شايد پنهنجو جوڙيو هو)

رينگهندي رينگهندي نيٺ اچي پهچڻ جي ڪيفيت منهنجي هوندي آهي.... جو پهرين ئي چيو ٿم ته اِهو جملو منهنجي حصي جو آهي.... سو صفحا صفحن سان ملائي نيٺ ڪهاڻي جا ڪجهه پيچ اڳيان ته ڪجهه پيچ پويان ڪري ڪهاڻي پوري ڪيم.... اِها ڪهاڻي Original تنهنجي لکيل هجي ها ته آئون پنهنجو قلم ڪڏهوڪو پيجي ڇڏيان ها.... پر آئون تڏهن به شڪرگذار آهيان هن ڪتاب جي، تنهنجي، جنهن ايڏو سٺو ترجمو ڪري مون کي مور محسوس ٿيڻ نه ڏنو ته ڪو آئون ترجمو ٿي پڙهان.... باقي ڪهاڻيون به پڙهڻ تي دل ته چوي ٿي پر رات به گذري وئي آهي- بات به گذري وئي آهي.... هي ڪهاڻيون آئون آهسته آهسته پڙهندس ۽ آهسته آهسته آئون پنهنجي مٿهن توکي سلام به موڪليندس.

خيرالنساء جعفري

(اصلوڪي)

بابا هاڻ آئون ڏاهو ٿيو آهيان

بابا تو ڪيڏا نه وچي ڏينهن لاتا آهن؟ اڳي ته تون ڪڏهن به ايترا ڏينهن ڪونه لائيندو آهين. تون چو نه ٿو اچين؟ بابا تون چو نٿو اچين؟ بابا ڪلهه مون گهر ۾ راند ويٺي ڪئي ته اوچتو در تي ٺڪ ٺڪ ٿي، مون ڇرڪ ڀري امان کي رڙ ڪري چيو، امان! بابا آيو آهي. امان ڊوڙ ڪري در کولي ڏٺو، پر تون ڪونه هئين، پاڙي جو ڇوڪرو هو.

بابا وقت ڏس پاڻ ۾ ڪيڏيون نه وڇوڙيون وجهي ڇڏيون آهن. شاهه لطيف جي سٽ وانگر ”ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين“ پاڻ به ويجهي هوندي، هڪ ٻئي کان ڪيترو نه پري آهيون.

بابا ياد اٿئي هڪڙي عيد تي آءٌ تو وٽ آيو هوس. تو مون لاءِ هڪڙي نئين امان آندي هئي. مون تو کان پڇيو هو تہ، بابا هيءَ مائي ڪير آهي، تـون چيو هو پٽ هيءَ تنهنجي امان آهي، مون چيو، بابا منهنجي امان تہ گهر ويٺي آهـي، هيءَ منهنجي ماءُ ڪانهي. پوءِ بابا تـو ۽ انهي مائي مونکي راند ڪرائي ۽ مونکي ڪيڪ کهرائي کارايو هو ۽ پـوءِ پاڻ پنهنجي ٻنهي ڪرسين کي گڏي هڪڙو ننڍڙو گهر ٺاهيو هو ۽ مون ضد ڪيو ته هن مائيءَ کي آءٌ گهر ۾ ڪونه وهاريندس، پوءِ بابا آءٌ ۽ تون پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ ويٺا هئاسين ـ اوڏيءَ مهل منهنجي دل چيو ته منهنجي ماءُ به جيڪر هتي هجي ته ڪهڙو نه سٺو ٿئي، بابا پوءِ تو مونکي ٻه رپيا خرچيءَ جا ڏنا هئا، تنهنجا ڏنل اهي ٻه رپيا مون ڪيترا ڏينهن سانڍي رکيا هئا، روز امان کي ڏيکاري چوندو هوس امان! بابا، ڏس مونکي خرچي ڏني آهي.

پر هن عيد تي تہ آءٌ اڪيلو هوس، مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ سڳوري ڏينهن پنهنجي بابا ڪان پري آهيان. آءٌ تہ ازل ڪان اڪيلو آهيان، شايد آخري گهڙين تائين اڪيلو هجان. منهنجو تہ ڪير بہ ڪونهي، پين پارن جا تہ ڏاڏا، چاچا، پڦيون ۽ پيا مٽ مائٽ گهڻئي آهن پر منهنجو تہ رڳو تون هئين، سو بہ هن سڳوري ڏينهن تي بہ مونکي اڪيلو ڇڏي وئين.

ڏس بابا پين پارن جا تہ ولر هوندا آهن پر آءٌ تہ سڄي ولر ڪان وڇڙجي ڏار ٿي ويو آهيان. اهو ڏوهہ ڪنهن کي ڏيان، توئي تہ مونکي منهنجي سات ڪان ڇني ڌار ڪري ڇڏيو. ڏس بابا تنهنجا پيا سڀئي سيٽ وڳر ڪيو پيا وتن. آءٌ هڪڙو جهڙو ڪانگن ۾ چپ، پر هينئر تہ رڳو تون منهنجو هئين سو بہ مون ڪان پري ٿي وئين. بابا ٻڌاءِ تون مونکي ڇو ڇڏي وئين، مون سان ڪاوڙيو تہ ڪونہ آهين بابا. آءٌ تہ توسان ڪڏهن بہ ڪونہ ڪاوڙيو آهيان، پوءِ تون ڪيئن مون سان ڪاوڙبين.

بابا توکي اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن تو ڪوڏين راند پئي ڪئي. تو چيو تہ امان راند ڪري مون ضد ڪئي تہ نہ، آءٌ توسان راند ڪريان پوءِ تو ڪاوڙ مان منهنجي ريشم جهڙي ڪنئري ڳل تي پري چمات هڻين هئي ۽ تنهنجي آڱرين جا نشان منهنجي ڳل تي ڄمي ويا هئا، خبر اٿئي بابا چمات جو ڏک ڪيترا ڏينهن منهنجي دل تي ٻيٺو هو ۽ امان بہ ڪاوڙجي پئي هئي ۽ چيائين تہ منهنجي پٽ کي تو ڇو چمات هڻين، تو چيو تہ منهنجو پٽڙي آهي، امان چيو تہ نہ منهنجو پٽڙي آهي. بابا، مون دل ۾ چيو تہ آءٌ ڀوڙ ڪري پنهنجي بابا کي پرچائي چوان تہ بابا آءٌ امان جو پٽڙي ڪونہ آهيان آءٌ تنهنجو پٽڙي آهيان پر مونکي چمات وارو سور ٿيو ۽ آءٌ امان کي ڀاڪر پائي پٽ ڏيئي سمهي پيو هوس. پر هاڻ جڏهن تون مونکان پري آهين تہ مونکي اهو چمات وارو ڏک بہ وسري ويو آهي. ٻلي ڪنهن جا پيءُ هجن جيڪي مارين ۽ چماٽون هڻن. بابا هليا ۽ هڪ ڀيرو وري اچي مون کي چمات هڻ، هاڻ آءٌ ڏاهو ٿي

پيو آهيان، هاڻ آءٌ اصل توهان کونه ڪاوڙبس ۽ ڏک به کونه ڪندس، بابا هليا. اچ نه بابا.

بابا جڏهن تنهنجو ايڪسيڊنٽ ٿيو هو ۽ تون اسپتال ۾ ستو پيو هئين، جتي بابا وڏو ۽ اسان وٽي وينا هئا، آءٌ ۽ امان تو وٽ آيا هئاسين خبر اٿيئي بابا جڏهن مون توکي ڏٺو مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو هو دل چيو ڪيهون ڪري رئان. الا منهنجو بابا ڪيئن نــه بيوس ٿيو پئين ۾ پڌو پيو آهي. بابا مونکي اڄ به يــاد آهي تہ تو مونکي ايڏي سور هوندي بـہ ٻاڪر پائي چمي ڏني هئي، آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس ۽ چيم، اڙي بابا تــہ جيئرو آهي، امان ڏس بابا مونکي ٻاڪر پاتو ۽ چمي بـہ ڏني آهي. پوءِ مون وهاڻي جــي هيٺان ڦوڻا ڪڍي چيو، بابا توکي گهڻا سور آهن تو چيو پٽيون الهائي سور آهن. مون توکي ڦوڻا ڏيئي چيو، بابا تون هيءُ ڦوڻا کائي ڇڏ، تنهنجا سڀ سور لهي ويندا. ڏنئي بابا! تنهنجا سڀ سور لهي ويــا نہ؟ ۽ پـوءِ مون سڄو ڏينهن توکي فروٽ پي کارايو ۽ مون به پيي کاڌو. امان ڏاڍي پريشان هئي. ڪيئن نہ پئي تو لاءِ سٺون ڏنائين. پـوءِ بابا هڪڙي نرس اچي توکي دوا پياري ۽ امان جو ۽ منهنجو پڇيائين تہ ڪير آهن؟ تو چيو پاڙي واري آهي ۽ هي سندس پٽ آهي. بابا اوڏيءَ مهل اها ڳالهہ مون نہ سمجهي هئي ۽ هينئر جڏهن آءٌ وڏو ٿيو آهيان ۽ ڏاهو ٿيو آهيان تڏهن سڀ سمجهي ويـو آهيان تہ تـو مونکي پاڙي واريءَ جو پٽ ڇو سڏيو هــو. خير بابا انهن ڳالهين سمجهڻ يا نہ سمجهڻ سان ڇا ورندو. ٻي ڏينهن تو اسان کي موڪلي ڇڏيو ۽ آءٌ ڏک پائي هليو ويو هوس. مون امان کي روئي چيو، امان آءٌ توسان ڪونہ هلندس، آءٌ پنهنجي بابا وٽ رهندس. پوءِ آءٌ ۽ امان سڄو هفتو ماما جي گهر رهيا هئاسين، جتي آءٌ بيمار ٿي پيو هوس. تو امان کي لکيو هو تہ ڇناپنئيءَ جي صحت جو خيال رکج. پــوءِ اسين موٽي حيدرآباد وياسين هليا. ڪيترن ڏينهن کان پــوءِ هڪڙي ڏينهن نوڪر تنهنجو خط کڻي آيو هو. تو لکيو هو تہ:

”ٿورڙو بخار پيواچي. آلي لان تي وهڻ جو اثر آهي. ڪرسيءَ

تي ٽي وهاڻا رکي انڪل سان وهان ٿـو. ساڄي پير هيٺان وهاڻو رکيو اٿم. ٺيڪ لاءِ گهوڙيون اٿم جـن سان هڪ ٽنگ تـي هلڻ جي مشق ڪرڻ لاءِ هـدايت مليل اٿم. ٻي ٽنگ تي پلستر اهڙي نموني چڙهيل آهي جيئن اها سڌي نـه ڪري سگهان. اهو انهيءَ لاءِ ته ان ٽنگ کي مڪمل آرام ملي. حالانڪ ٽنگ روز وڌيڪ ٺيڪ ٿيندي ٿي.

پـار ڪيڏن پيا. مونـکي بابا مـن جـو پيو اسان ننڍيءَ جو ٻـڌيءَ پيو ياد اچي. اڳيئين دفعي اسپتال ۾ ليڪچر ٻڌي ڏنائين. مون کي مزو به پئي آيو ۽ مٿي ۾ سور به پئي پيو. آخر ماٺ ڪرائيمانس. اڄ اهو نظارو ياد ڪري دل ڀرجي آئي آهـي. اکيون ذري گهٽ آليون ٿي ويون آهن. مونکي پاڻ تي بي انـداز قياس پيو اچي. الا! آءٌ ڪيڏو نه بيوس ٿي پيو آهيان. پنهنجي ٻـڌيءَ جي ليڪچرن ٻڌڻ کان به محروم.

ايئن ڇو ٿيو؟ هيڏا هاڃا ڪيئن ٿيا! انسان چنڊ تـي پهتو آهي ڪا اهڙي مشين نٿو ايجاد ڪري جا ماضيءَ کي موٽائي آڻي. جيئن ساڳيو ساڳيون غلطيون وري نه ڪري. قسمت طرفان مشڪل سان مليل پيار ۽ خوشيءَ جي پيالن ۾ خواه مخواه حماقت وچان زهر جا ڦڙا نه وجهي؟ اسين سدائين سڀاڻي جـي انتظار ۾ آهيون. اهـا سڀاڻ ڪڏهن بـه نٿي اچـي. انهي فضول انتظار ۽ اميد ۾ اسين "اڄ" جي هنج ۾ پيل خوشين ۽ راحتن جي مکڻين کي بي درديءَ سان لتاڙيو اڳتي ڊوڙندا وڃون. اڄ هيئن ڪريو ٿا ڇڏيون، سڀاڻي انهيءَ جي تلافي ڪري ڇڏينداسين. ائين سوچي اسين روز پنهنجي لاءِ ڪنڊا پوکيون ٿا. پيارن کان پري ٿيون ٿا. نيڪيءَ، سچائيءَ، قربانيءَ، وفاداري ۽ پيار جا سوين اڻاهي آيل موقعا وڃائي ويهون ٿـا. تان جـو ڏسندي ڏسندي خوشين ۽ چڱاين جون چڻنگون سڙيو رک ٿيو وڃن. پوءِ سڄي زندگيءَ پڇتاءَ جا زهريلا ڍڪ پيئندا رهون ٿا.

بوند بوند لئه ٻنڪي ٻنڪي
ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي ٿڪجي
هـرڻ هنيلا بيٺا سوچن —

شايد بيمار نه هجان ها ته ايترو احساس نه ٿئيم ها. ڪيئن نه هجي هينئر هڪ هڪ پل اندر ۾ ٻرڇيون ٿو هڻي. سونکي پنهنجي پٽنيءَ جي هر ڪا ڳالهه ياد ٿي اچي. ميدان تي سونکي وٺي هلڻ رلائڻ، گڏهن ۽ ڪتن کي پاڻ به پٿر هڻڻ ۽ سون کان به هڻائڻ، ”ايرانيءَ“ جي هوٽل تان سونڌي وات ۾ گوڏنات ڪري ويهي رهڻ ۽ منهنجو آفيس جو ٽائيم خراب ڪري سونکي رت رت ڪرڻ، ڪچهريون ڪرڻ، تقريرون ٻڌائڻ، انڪلون ويڙهائڻ مطلب ته هينئر پڙ هجنم ته اڏامي وڃي پنهنجي پٽنيءَ کي ڏسان.“

بابا تو وري ڪيترن ڏينهن کان پوءِ اسان کي گهرايو، تون گهوڙين تي منڊڪائيندو آيو هئين. سون جو، بابا توکي انهيءَ حال ۾ ڏٺو ته منهنجي دل روئي ڏٺو ۽ ٽپ ڏيئي اچي تنهنجي گهوڙين کي جهلي آهستي آهستي وٺي اچي توکي پلنگ تي وهاريو هوم. اسان ته ڪنهن اونهي ويچار ۾ رڳو توکي ساٿ ڪريو پئي ڏٺو. بابا توکي ٻڌايان اسان ڇا پئي سوچيو ته متان تون هميشه لاءِ ته گهوڙين جي سهاري ته ڪونه هلندين پر بابا خدا ڪيو جو تون وري نو بنو ۽ اڳي کان به اڳرو ۽ گهوٽ ٿي پئين، شايد ڪنهن نئين ماڻهوءَ جي نصيب ڪري تون وري چڱو ڀلو ٿي پئين. شايد وري ڪنهن نئين ڇناپٽيءَ جي ڪري خدا توکي حياتي ڏني هئي.

بابا توکي ياد آهي تو اسان کي چيو هو ته، آءٌ پيو پٽني جٽي انهي کي پنهنجو واوا پٽني ڪندس. بابا سونکي اعتبارنٿي آيو. پر تنهنجي ڳالهه سورنهن آنا سچ نڪتي. بابا تو ڪڏهن بہ ڪوڙ نه ڪيو آهي. ڏس سچ جي ڪري سون کان جدا ٿي ويو آهين نه. واقعي بابا توکي پيو پٽني جائو. پر بابا اها ڳالهه منهنجي دل ۾ هميشه ڪنڊي وانگر پئي چڀندي آهي ۽ شايد وڌو ٿي — خير. آءٌ بہ ڪيڏو نه چريو آهيان جو رڃ جي پنيان پيو ڊوڙان. جتي سواءِ ڊوڙن پائڻ جي ڪجهه بہ حاصل ٿيڻو ناهي. بابا هاڻي آءٌ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي ساڻو ٿي پيو آهيان.

ٻوڙي ٻوڙي ٽڪجي
هــرڻ هنيلا ٻيئا سوچن ـــ

سو آءٌ به پيو سوچيان، بابا توکي هڪ افساني ”ڌرتيءَ جي ڏوڙ آسمان جا تارا“ واري ٻالي ۽ شاهو يــاد آهن ـــ ڪيئن نـه ٻاليءَ کي ٻار ڄائو هو ۽ هوءَ ڪيڏي نـه بيوس ٿي پيئي هئي ۽ بابا! شاهو پيءُ ٿي ڪري پنهنجي ٻــار کي پنهنجن هٿن سان مارڻ آيو هو ۽ ويچاري ٻـاليءَ ٻپ ڪان پنهنجي ننڍڙي ڪونئري پٽ جهڙي ٻار کي ڇاتيءَ سان چنبڙائي ڇيو هـو هن جو ڪو به پيءُ ڪونهي! هن جو ڪو به پيءُ ڪونهي! بابا هر ڀيري اهـو افسانو پڙهي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهـي.

بابا پوءِ پاڻ هر روز قائد اعظم جي مقبري تي ملندا هئاسين منهنجي خوشيءَ جي انتها ڪانه هوندي هئي. ڪپڙن ۾ ڪونه پيو ماپندو هوس. توکي ۽ امان کي پيو ستائيندو هوس. ڪڏهن ماڪوڙا پيو ماريندو هوس ته ڪڏهن تنهنجي مٿي تي انڪل ڪري چڙهي انب ڪٽي پيو کائيندو هوس. اسلم کي پيو ستائيندو هوس. بابا اهي ڏينهن ڪهڙا نه سٺا هئا، پوءِ اهي سٺا ڏينهن ڇو جلدي گذري ويا.

بابا انسان ويچارو ڪيڏو نه بيوس ۽ مجبور ٿيو پوي ۽ سڀ ڪجهه چاهيندي به ڪجهه نٿو ڪري سگهي. هن دنيا ۾ ڪيترين خواهشن جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻو ٿو پوي. ڪڏهن ته دنيا وارن جي ڏوڪن ڪان ڳوڙهن کي اکين ئي اکين ۾ پيئڻو ٿو پوي. پر ڪڏهن ڪڏهن اهو ڳوڙهن جو درياءُ اٿل ڏيو ٻوڙيو ڇڏي. بابا تون ڪيترو نه سٺو آهين، ڪيڏو نه عظيم آهين، ڪيڏو نـه اٿل آهين. مونکي توتي ناز آهي. تنهنجون جيڪي به اوڻايون هيون سي مون ۽ امان سڀ تـوکي معاف ڪري ڇڏيـون. امان چوندي آهي پٽيون تنهنجو بابا خبرڻئي ڇا آهي؟ پوءِ ويجهي ٿي ڪن ۾ آهستي ٻڌائيندي آهي. اوڏي مهل مونکي پتر هجن ها ته اڏامي اچي توکي ڀاڪر پايان ها، ڇيون ڏيان ها ۽ تنهنجي مٿي تي اڳيان وانگر چڙهان

ها ۽ توکي ڦوڏا ڪارايان ها— پر بابا تون به ته مون کي پاڻ وٽ نٿو گهرائين. بابا تون ڇو نٿو گهرائين. خط ڇو نه ٿو لکين؟ پر بابا اهو ته روح جو ڪم آهي شايد هينئر تنهنجو روح ڪنهن ٻي ڀِتي ۾ سان ريڊو پيو آهي، تنهنڪري آءٌ توکي وسري ويو آهيان. پر بابا ٿون ته هر وقت منهنجي اکين آڏو آهين، هڪ گهڙي هڪ پل به نٿو وسرين ۽ پري ٿئين. ڪڏهن ڪڏهن تہ تو لاءِ سوچي سوچي مغز جون نسون سور ڪان سيئجي پونديون آهن ۽ ڏاڍو توکي وسارڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان پر هر پيري يادگيرين جا سمنڊ اٿلي پوندا آهن ۽ آءٌ انهن لهرن ۾ پيو لڙهندو آهيان.

ياد اٿئي بابا! پاڻ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سج لٿي جو سمنڊ جو سير پي ڪيو پوءِ تون ٻيڙيءَ جي پٺيءَ تي چڙهي ستو هئين ۽ آءٌ توکي ڏسي اچي تنهنجي پاسي ڪان ويٺو هوس. بابا اڄ ته وري انهي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي گهمون ۽ اها ٻيڙي سدائين سمنڊ ۾ پئي تري، پاڻ ڪنهن به ڪناري تي نه لهون. بابا ياد اٿئي آءٌ ڪنهن به شئي ڪان ڪونه ڊڄندو آهيان. سا ڳيو تو وانگر ڇو ته تون به ننڍڙي هوندي ڪنهن ڪان به ڪونه ڊڄندو هئين؟ پٽ ته هميشه پيئن تي ويندا آهن نه؟ ۽ ضديون به تو جهڙيون ڪندو آهيان. بابا ياد اٿئي تون، آءٌ ۽ امان گڏجي ڪراچي روسي رقص ڏسڻ هليا هئاسين پوءِ مون اتي ڳالهايو هو ۽ امان مونکي چيو پٽ ٻي اتي ڳالهائڻ بند آهي جي ڳالهائيندين ته توکي ۽ اسان کي اتان ڪيڍي ڇڏيندا. پوءِ بابا آءٌ سڄي ڳالهه سمجهي ويو هوس، امان کي چيو هوم: اڇا! اڇا! امان مون سڄي ڳالهه سمجهي.

۽ هاڻ ته آءٌ ڏاڍو ڏاهو ۽ وڏو ٿي ويو آهيان، تنهنڪري وڏيڪ ڳالهيون سمجهي ويو آهيان. ●

(اصلوڪي)

ليليٰ مليس ڪنوار

اڄ شمل سويلئي ڪم ڪار لاهي، هٿ منهن ڌوئي، وينئي وارن کي ڦڻي ڏني، ته پريان ڪَنَ تي شرناءِ ۽ دهلن جو آواز پيس. هيءَ جهٽ ڦڻي ڏيئي، چوٽي ڪري، وڃي دريءَ تي بيٺي، پر ٻاهر ته سڄ لڳي پيئي هئي. پريان ڪن ٻارن اُني ذڪر راند پي ڪئي ۽ ڪن پيچ پچائي. هيءَ دري بند ڪري ويهي رليءَ جو پڙ ڳنڍڻ لڳي. ڪٽَ تي سندس پنجن سالن جي ڌيءَ ستي پيئي هئي، جنهن تي ٽَپَ جا مڇ چڙهيل هئا. ٿوري دير ڪانپوءِ وري به شرناءِ ۽ دهل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس. هن رليءَ جو پڙ ويڙهي سيڙهي کٽي ٻُجڪي ۾ وڌو ۽ وري اچي دريءَ تي بيٺي. بيٺي بيٺي ٽٻيءَ ۾ پئجي ويئي. سندس دل ۾ ڪئين يادن جون لهرون اُيرڻ لڳيون. ڪيس ننڍپڻ جون وسريل ڳالهيون اچي ياد پيون ته ڪيئن نه پاڻ، مهري، رقيت، زينو، جنو ۽ حاطل گڏجي گڏين راند ڪنديون هيون، ڪڏهن گڏين جي شاديءَ جون تياريون پيون ٿينديون هيون ته ڪڏهن گڏين جي حافظي پيئي ٿيندي هئي. ڪڏهن سڀئي پاڻ ۾ گڏجي گڏين جون سڱاوتيون ڪنديون هيون ۽ ڏينهن ٻڌي رَون جا برقعا ڪري سڏن تي نڪرنديون هيون. ”ادي رقيت جي گڏيءَ جي زينوءَ جي گڏيءَ سان شادي آهي. جنهن جو سڏ اٿوَ. سڀاڻي پڏري ۽ مڱڻو، پريهن ونواهه، ٽنهن پريهن مينڌي آهي، توهين پنهنجين گڏين کي وٺي ضرور اچجو—“ بس پوءِ ته سڀئي مڙي سڙي ٻه ٻه آنا مٺي ڀت لاءِ ڪنديون هيون ۽ گڏين جي سنبرائڻ ۾ لڳي وينديون هيون. شمل به سڏ ملڻ شرط پنهنجين گڏين کي موتين جا ڳهه پارائيندي هئي ۽ ڪپڙن لاءِ پنهنجي ننڍڙي ٽپڙي کٽي کوليندي هئي، جيڪا ماڻس کيس سيوڻ مان وٺي ڏني هئي، ٽپڙي سڄي ڪاتر سان ڀريل هوندي هئي. اها ڪاتر کيس پاڙي واري درزياڻي ڏيندي

هئي، جيڪا سندس ماءُ جي ساهيڙي هئي. بس پوءِ سڄيون ڳڏيون سونهري موتين سان جهنجرجي پونديون هيون، مٽان وري دل پياز جبا ڪٽي ڪپڙا پارائيندي هئي تہ ڳڏيون جهڙيون ڪر سچ پچ مائٽن جهڙيون پيون لڳنديون هيون.

اهڙيءَ طرح ڪيترين ئي ڳڏين جون شاديون ٿيون، حافظيون ٿيون، پٽ ڌيون ٿيون، پوٽا پڙپوٽا ٿيا.

وقت بي لغام گهوڙي وانگر ڊوڙندو پي ويو. رقيت، زينو، حاطل اچي وهيءَ چڙهيون، ڪن جون شاديون ٿي ويون ۽ وڃي شينهن ڪلهي چڙهيون، ڪن جي هنجن ۾ ٻارڙا هونگڙيون ڏيڻ لڳا.

شمل لاءِ بہ الائي ڪٿان ڪٿان ڪيتريون ئي مائٽيون آيون. پر پٽس صفا نابري واري. چي: ويهي مري وڃي، پر ڌيءَ ڌارين ۾ ڪونہ ڏبي. گهر ۾ جاءِ هجي تہ ٻَهر ٻاهر ڇو اچلجي— پٽس جي مرضي هئي گهر ئي گهر ۾ پائٽي ڪي ڪٽي ڏيان. پر مائٽس چيو: آءٌ ڪو پنهنجو پٽ ويهاري ڌيءَ ڏينديس ڇا؟ ڀاڻس منهنجي پٽ ڪي سڱ ڏي تہ آءٌ بہ ڏيان. هاڻي ڀاڻس ڪي ڪا ڌيءَ هجي تہ ڏي. نيٺ انهيءَ رد بدل ۾ سوٽس ٻئي هنڌان پرڻجي ويو.

ڏينهن هفتن ۾، هفتا مهنن ۾، مهنا سالن ۾ گذرڻ لڳا. شمل بہ اچي سورهين جي سن ۾ پير وڌو. ڌيءَ جي ماني بادشاهہ جي گهر بہ ڪونہ ٿئي. مائٽس جو هنيون ڪاڇندو پي ويو. ڏاڍو پڇتايائين تہ ناحق سڏن جهڙي سڏريل سوٽس جي ٻانهن هٿان وڃايم. ڌڌو ڪير ڪو ٽئين پيو. سو هيءَ بہ دل جو سور دل ڌاري، ڇپڙي ڪري پيرن فقيرن تي پڙڻ پيئي ٻاسيندي هئي. لال سائين: منهنجا ڀيڙا ڀنين لائين. منهنجي شمل جي ڪٿي چڱي ڪر تہ توتي دهلن دماسن سان سائي شالور جو اچي پڙ وجهنديس. آخر الله سندس من مرادون پوريون ڪيون.

هڪڙي ڏينهن پٽس جو سوٽناٽي سوٽ اچي نڪتو. شمل تہ وڃي اندر لڪي. ٻي ڏينهن سندس ساهيڙيءَ جنوءَ ٻڌايس تہ سندس سڱ پٽس جي سوٽ سان ٿيو آهي. مائٽس تہ گهڻيون ئي

دانهون ڪوڪون ڪيون ته: زال واري ڪي نياڻي جو سڱ نه ڏي، پر پٽس پڙ ڪڍي ويٺو. چي: پنهنجا وري به پنهنجا آهن. ماري وري به چانورَ ۾ ويهاريندا....

سهڻي اندر ئي شمل پرڙجي، لائنون لهي وڃي ساهراڻي گهر پهتي جتي سنڌس آجيان لاءِ سڙس جي زال پنجن ٻارن سميت ويٺي هئي. صبح ٿيندي ئي ڪيس ڪارو ڏانون جو ملڻ لاءِ مليو. شمل ٻنان ڪچڻ جي ڪارو ڏانون جو ڪٽي وڃي ڏيڏيءَ وٽ ملڻ ويٺي. ڏانون ملينڊي صبح جا اچي نوَ ٿيا. پرڀان فقيرن جي تاڙين جو ٺڪاءُ ٿيو، شمل در وٽان ليئو پائي ڏٺو. فقير سنڌن ئي گهر ڏانهن پئي آيا.

هيءَ ماٺ ڪري ديگڙن ڪي ليهه ڏيڻ لڳي. فقير تاڙيون وڄائيندا مبارڪون ڏيندا اندر گهڙي آيا ۽ سڌا وڏي ڪمري ۾ ويا جتي سسٽس ڳاڙهي هندوري ۾ ويٺي لڏي، ائي: ”امان لک لک مبارڪون ڪنوار ڪٽي آهي.... مائي وڏي پنج سير چانور، پلو جوڙو، ڏهه رپيا روڪڙا، ڪڍي ڪر ٻاهر.“ اتي شمل به وڏيءَ ننهن سان گڏجي صفحي جي در وٽ آئي ته سسٽس جو جواب ڪن تي پيس، ”فقير ڪا پهرين شادي ڪانهي جو لاڳ وٺڻ آيا آهيو. رنيو ڪونه ويٺو هو. گهر ۾ سدا ملوڪ چٽيهه لڪٽي ننڍي نيٺي ماءُ ويٺي آهي.“ ائين چئي سسٽس ڪٽي ماٺ ڪئي. شمل به اچي ڪٽ تي ويٺي، فقيرن هڪ ٻي ڏانهن نهاريو ۽ چيائون، ”گهوٽ ماءُ، اسين لاڳ وٺڻ ڪانسواءِ ڪين وينداسين.“ ائين تاڙي وڄائي دهل ڪٽي جهمر هڻي نچڻ ڳائڻ لڳا:

پلي ٻانهن لوڏي، لاڏل ٻانهن لوڏي،
ليلي سليس ڪنوار، پلي ٻانهن لوڏي.

شمل ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي هئي. سنڌس اکين ۾ پاڻي تري آيو، هوڏانهن وڏي ننهن منهن ورائي ڪوٺيءَ ۾ هلي ويئي. سسٽس ڏٺو فقير وٺڻ سواءِ ڪونه ويندا، پينگهي مان ناس چپٽو نڪ ۾ سٽڪي اٿي ۽ ڏاڍهي چانورن جي ۽ سواءِ رپيو فقيرن کي ڏنو. جيڪي گهڻي ڪري آخر وٺي هليا ويا.

شمل سڄي رات سوچيندي رهي ته گڏين جون شاديون ڪيڏيءَ ڌم ڌمان سان ٿينديون هيون ۽ ڪيترو نه ريشمي ڏاج ملندو هو ۽ ڳانڍاپڻ وارين گڏين کي ڪيتري نه گهوٽ ملندي هئي. پر هن جي شادي تي ته ڪجهه ڪونه ٿيو. ڏاج ۾ وري ڇيٽ جا ڪپڙا ۽ اڌارا ورتل ڳهه، جيڪي شاديءَ جي ڏينهن ئي موٽائي ڏئين کي ڏنئون.

بابا جو اڇي انو ڪتو هو جو ڏسي وائسي ڪٽي پرندڙ ٻاهه ۾ اڇلائي هنيائين انهيءَ ڪان ته ماري ڇڏي ها. پر پهاج واري کي نه ڏئي ها. هنجي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا.

ستين ڏينهن ستاوڙي لاءِ پٽس ڪيس وٺڻ آيو ته پاڙي واريءَ ڳوريءَ ڪاسائڻ چيس، ”ابا، ڏيءَ جو انو ڪتو هئي، جو ڪٽي پهاج تي ڏيءَ ڏني ائيئي. انهيءَ ڪان ته ڪٽي نڙيءَ تي نهن ڏيئي ماري گهر ۾ پوري ڇڏينس ها.“

پٽس چيو، ”مائي، مون ڪا ڏيءَ مفت ۾ ڏوروئي ڏني آهي. اني تي انو، ڪارو نڪو ڪتو. ٻي واهه ڪانه هئي، سو ڪٽي ڏنم.“

”ميان، ٻدو ڏيئي پرٽيو آهي.“

”ابا، کهڙو ٻدو ڏنو انس، ابا هت ته سهي ننگون ني، چوڏين ڏهي ئي ڪانه،“ مائي ڳوريءَ چيو.

”ابا، مائي وڏي ته چوي ٿي ته نياڻيءَ جو پيءُ ٻي واهو ٿي پيو ۽ اڇي ويهي رهيو. ننگ جهڙي ڳالهه، سو مرندي ڪسندي ڪٽي ٻوڄي کي ڪلهو ڏنوسين. پيو ڇا جا ٻدا ڇا جا پيا.“

اها ڳالهه ٻڌي پٽس جو منهن تپي ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ”چڱو ادي،“ چئي، تڪڙو تڪڙو هليو ويو. ٻي ڏينهن ڏيءَ کي ستاوڙي تي وٺي ويو.

ستين ڏينهن شمل کي مڙس وٺڻ ويو ته سهري چيس، ”ابا، هاڻ منهنجي پٽ جو نڪاح وجهي ڏي.“

اها ڳالهه ٻڌي شمل جي مڙس جو منهن لهي ويو. چي، ”چاچا، هينئر منهنجي پٽ رک، ماڻهو مون تان ڪلندا ته ڏيءَ ڏيئي

پرٽيو آهي. وڏي زال کي به ڏک ٿيندو ته مڙس به ويو ۽ ڌيءَ به ويئي."

اتي سهري چيس، "چڱو پٽ، جڏهن نياڻي وڏي ٿئي، تڏهن شمل ساهري هلندي. هي گهر به پنهنجو اٿئي." ائين چئي، سهرس ٻاهر نڪري ويو.

ڏائين مهيني شمل کي نياڻي ڄائي، نالو رکيائونس سياڻي. سياڻي اڄ ننڍي سياڻي وڏي، اڃي سمجهه پري ٿي. سڄو ڏينهن ناني جي ڪلهي تي چڙهيو پيئي گهمندي هئي. جڏهن پڙس ايندو هو ته نانو وسري ويندو هوس. ماڻس چوندي هيس، "اڄ ته نانو به وسري ويو اٿيئي ۽ نڪو ٻاهر گهمڻ ٿي وڃين."

سياڻي چوندي هئي، "امان، آءٌ ٻاهر ڪونه ويندس ته بابا لڪي پچي ويندو."

پڙس سنديس ٻاتيءَ ٻوليءَ تي کلي مٺي ڏيئي چوندو هو، "هيڏي نازل ڌيءَ کي ڇڏي ڪو پچي وڃبو." پوءِ ماڻس ڏانهن نهاري، سرڪي چوندو هو، "ڇوريءَ کي چڱو پڙهائي ڇڏيو اٿيئي، هاڻ ته ڇوڪرين پڌيو ويٺي آهي."

ٻئي سال گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ سندس ڀاڄ به مري ويئي، پر اڃان ٻڌي جو سٽ نه سلجهيو هو. مڙسس ٻي آيو ويو، پر ماڻس جي مهڻن ۽ طعنن ساري وڌس. چي، "نياڻو سهري جي در تي ويٺو، ڇڻ ڪٿو ويٺو." آخر هن اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو.

چي، "ٻاڻ ڪان سڄي عمر ساهرن جي در تي ڌڪا ڪونه کاڌا ٿيندا، ڏيو ته ڏيو، نه ته پنهنجي الله واهي."

ائين چئي مڙس ڪاوڙجي هليو ويو. انهيءَ ڳالهه کي سال کن گذري ويو. سياڻي رات ڏينهن پيئي پيءُ کي ساريندي هئي. سڄو ڏينهن ماڻس کان پيئي پڇندي هئي، "امان، بابا ڇو نٿو اچي؟ بابا ڪڏهن ايندو؟" ته وري ڪڏهن چوندي هئي، "امان، ڇونه ٻاڻ بابا وٽ هلون." ماڻس جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي ايندو هو، سا ڌيءَ

کي چوندي هئي، ”امان پنڌ ڪيئن هلون. پٺهين ويو آهي پاڻ لاءِ گهوڙو وٺڻ.“

”هان امان، بابا ڊولرو وٺڻ ويو آهي؟ امان، ڊولي تي ته ڊوت چڙهندا آهن، نوان ڪپڙا پائي. بابا به نوان ڪپڙا پائيندو؟“ هن خوش ٿي تاڙي وڄائي پڇيو. ماڻس رئي جي پلئه سان ڳوڙها اگهي چيو، ”ها امان، پٺهين به نوان ڪپڙا پائي، نئين لونگي ٻڌي، گهوٽ ٿي ايندو.“

”امان، مور به؟“

”ها امان، مور به ٻڌي ايندو.“

”امان، دهلن وارا به هوندا؟“

”ها امان، دهلن وارا به هوندا.“

اها ڳالهه ٻڌي، سياٽي ننڍڙن پيرڪڙن هٿن سان تاڙيون وڄائي، اڳڻ ۾ جهمريون هڻي ڳائيندي هئي: ”دهلن سان ڊوڙي تي چڙهي ڊوت ٿي ايندو.“

سوچيندي سوچيندي سياٽيءَ جي ڪنهن ڪار تي سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. هن وڃي سياٽيءَ جي مٿي تي هٿ رکي ڏٺو، مٿو باهه وانگر پئي ٻريس. هوءَ سياٽيءَ جي سيراندي‌ءَ ويهي سندس وارن ۾ هٿ گهمائڻ لڳي. ڪنهن مهل سياٽيءَ اک کولي چيو، ”امان، بابا....؟“

ماڻس چيو، ”ها پٽ، پٺهين ايندو.“

هاڻي دهلن ۽ شرناءِ جو آواز اچي ويجهو پيو. شرناءِ وارن شرناءِ ۾ ’ليلي مليس ڪنوار، پلي پانهن لوڏي‘ پئي وڄايو. هيءَ آهستي آهستي اٿي وري وڃي دريءَ تي بيٺي. سامهون دهلارين جي اڳيان شيدي ڏئونڪن ۾ گهنگهرو ٻڌي پيا نچيا. رکي رکي پٽ تي پئسن ڪرڻ جو ڇڻاٽ ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ڪيترائي بار پئسن تي ميڙ ڪري ڪري ٿي پيا ۽ وري اٿي هڪ ٻئي کان پئسا ٿي کسڻ لڳا. اوچتو پيرن جو کڙڪو ٿيو. شمل ڪنڌ ورائي نهاريو ته جنو پي آئي، تنهن چيس، ”شمل، سياٽيءَ جي پيءُ جي جڃ پيئي وڃي.“

شمل جي اکين آڏو آنڌاري اچي وئي. سياڻي وري به اک کولي چيو، ”امان، بابا وٽ ڪڏهن هلنداسين؟“

ماڻس کان اوچنگار روڪجي نہ سگهي ۽ هوءَ ڏيءَ جي سيرانديءَ اونڌو منهن ڪري ڀاڪر لڳي.●

(سهڻي اپريل ١٩٧٠ع)

(اصلوڪي)

جيجي

’جيجي، او جيجي، ڳُڏين لاءِ ٻئي اَڳڙيون تہ ڏينم.‘ پر جيجيءَ جو جواب ڪونہ آيو. وري وڏي واڪي چيومانس، ’ائي جيجي، ڇا ويٺي ڪرين؟ ٻڌين ڪونہ ٿي ڇا؟ ٻئي اَڳڙيون تہ ڏينم.‘ پر جواب ڪونہ مليو. جان ڪٿي منگهہ مان هيٺ نهاريان تہ جيجيءَ نماز پڙهي، هاڻ سلام پئي ورايو. مونکي ڏسي مرڪي چيائين، ’مڙي، نماز بہ پڙهڻ نٿي ڏين. هتان نٿي ڦريو اچين؟ اس بہ پير سڙي ويندئي.‘

’نہ، جيجي، پير ڪونہ ٿا سڙن. هيءَ نوڙي آماڻيانءِ ٿي، ان بہ ٻئي اَڳڙيون ٻڌي موڪل.‘

’پٽ، اڃان تہ ڪتر ڪانہ ڪئي آهي. ڪپڙا ڪتريان تہ پوءِ توکي ڏينديس.‘

’جيجي، تون تہ روز پئي بهانا ڪرين. ڪلهہ بہ چيئي تہ سڀاڻي ڏينديس. اڄ منهنجي ڳُڏيءَ جي شادي آهي، مون اڃان ڏاج ڪونہ ڏاهيو آهي،‘ مون روئڻهارڪي ٿيڻ جو ارادو ڏيکاريندي چيو.

’چڱو، مڙي، پيتيءَ بہ ڏسان ٿي.‘ ائين چئي جيجي ڪوٺيءَ بہ گهڙي وئي ۽ ٻئي ڪاترون ڳولي ڪٺي آٽي نوڙيءَ بہ ٻڌي ڏنائيم. آءٌ اَڳڙيون ڪٺي وڃي ڪوٺيءَ بہ ڳُڏين جو ڏاج سبڻ ويٺس.

جيجيءَ ۽ اسان جا گهر ڳُڏيا پيا هئا. وچان رڳي ڀت هئي. سندس اڱڻ ٻيءَ گهٽيءَ بہ هو. صفحوءَ ڪوٺي اسانجي اڱڻ سان ڳُڏيل هئا. اسانکي جڏهن بہ ڪا شئي شڪل ڪپندي هئي تہ آءٌ رڌڻي جي ڀت تي ڏاڪڻ رکي، رڌڻي جو ڪڏ ٽپي، جيجيءَ جي صفحي واري ڪڏ تي چڙهي، وڃي منگهہ مان ٻيهندي هيس ۽ نوڙي هيٺ اماڻي، جيجيءَ کان شئي وٺندي هيس.

جيجي ڪپڙا سستي اڳهہ بہ سبندي هئي، تنهنڪري اوڙي

ٻاڙي جون زالون ڪانئس ڪپڙا سبائينديون هيون. خاص ڪري برقعا تہ لاجواب سبندي هئي. سبراڻي وري ڪيتري؟ پنج يا ڇهہ رپيا. مهانگي ۾ مهانگو برقعو ڏهہ رپيا ڇيهہ ٿيو. تنهن ۾ ڏيڍ رپيو اڪين واري ڪپي، ۽ اٺ آنا رومالي ۽ ٽوپي ليڪائي. باقي ڪيس وٽ چار يا پنج رپيا بچندا هئا. مرداڻي قميص جي سبراڻي اٺ آنا ۽ سٺڻ جا ٻارنهن آنا. زناني چولي سٺڻ جو رپيو.

جيجيءَ وٽ سدائين ماڻهن جا ميڙا لڳا پيا هوندا هئا، جيڪي سڄي شهر جون ڳالهيون، جهيڙا جهٽا، شادي غميءَ جا نبيرا اتي اچي ڪنديون هيون. جيجي ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان سندن ڳالهيون ٻڌندي هئي ۽ سندن فيصلا بہ ڪندي هئي. سندس پوڙهي ماءُ، ناني ڪريمان، جيڪا اٽڪل ستر ورهين جي هئي، سا ننڍي منجيءَ تي ليٽي پيئي هوندي هئي. کيس دم جي بيماري هئي. ڪڏهن رڙهي اچي ٻاهر اڱڻ ۾ ويهندي هئي، جتي جيجي پٽ جي ٻاچولي ۾ مشين پئي هلائيندي هئي. سندس آڌو تڏي تي بہ ٻي زالون هميشه ويٺل هونديون هيون، جن مان ڪا نانيءَ لاءِ چلم تازي ڪندي هئي تہ ڪا وري چلهہ مان پوريل ٽانڊو ڪڍي ٽوپيءَ ۾ چاڙهيندي هئي. ڪنهن مهل ناني رڙ ڪري چوندي هئي، 'عاشو، مونکي ناس جي سونگي تہ ڪٽ تان ڪڍي ڏي.' آءٌ ڊوڙ پائي سونگي ڪڍي اچي نانيءَ کي ڏيندي هيس. سڀ زالون جيجيءَ ۽ نانيءَ جو ڪم خوشيءَ سان ڪنديون هيون، چو جو ڪنهن کي پٽ جي قميص جلدي کپندي هئي تہ ڪنهن کي برقعي جي تڪڙ هوندي هئي. ٻارن کي وري ڳڏين لاءِ اڳڙيون کپنديون هيون. انهيءَ لالچ ۾ ٻار سندن ڪيترائي ڪم ڪندا هئا. ڪو هٽ تان اٽو گيهہ وٺي ڏيندو هون تہ ڪو وري ٻاڙيءَ جو ڏول وهنجڻ لاءِ يا وضو لاءِ ڀري ڏيندو هون.

جيجيءَ جو ڀاءُ ماما پير بخش، واڍڪي ڪم جو بادشاهہ ڪاريگر هو. جي ڪم لڳندو هوس تہ مهنن جا مهنا پيو هلندو هو. جي نہ تہ مهنن جا مهنا گهر ۾ ويٺو هوندو هو. ماما پير بخش سچ لچي مهل سخي بادشاهہ جي سلامي ڀرڻ ويندو هو، ۽ جمعي رات

سائين شهيد سرفراز جي زيارت تي ويندو هو، نه ته سڄو ڏينهن وڏي صفحي ۾ منگهه هيٺان ڪٽ تي ستو پيو هوندو هو. ڪنن ڪان ڳرو هو، جنهنڪري آئي وئي جي گهوڙ گهمسان جي پرواهه نه ڪانه هوندي هيس.

جيجي صبح جو سويل اٿي، وضو ڪري نماز پڙهي، دور ڪري، پوءِ وچ چلهه ٻاريندي هئي. ساني پچائي، ڪارائي پياري هوديءَ ۾ ويهي ڏاندو مليندي هئي، جا وڏي صفحي جي ڪنڊ تي ۽ نانيءَ جي ڪٽ جي پيرانديءَ ڪان هئي. اتيئي پٽ ۾ جارو ٺهيل هوندو هو، جنهن ۾ ڏانتو ڏوئيندي رکندي ويندي هئي ۽ پوءِ چنڊ ڦوڪ ڪري هٿ منهن ڏوئي، ڦٽي ڏيئي، وچي مشن تي وهندي هئي. انهيءَ وچ ۾ ونس ڪيتريون ئي زالون ايندليون ويندليون ديون، جن سان ڳالهائيندي به ويندي هئي، نه سبندي به ويندي هئي.

وڏي صفحي جي سامهون ٻه ڪوٺيون هونديون هيون. جن مان ننڍي ڪوٺيءَ ۾ ڪاٺ جو ننڍو پينگهو پيو هوندو هو ۽ وڏي ڪوٺيءَ ۾ ساما جا واڍڪي جا اوزار، پراڻيون ڪاٺيون، دٻا وغيره پيا هوندا هئا ۽ در لڳ جيجيءَ جون چار پنج پيٽيون هڪٻئي مٿان رکيون هونديون هيون. انهن ۾ اڻ سبيل ۽ سبيل ڪپڙا، بُرقعا وغيره هوندا هئا. ڪاٺ جي وڏيءَ پيٽيءَ ۾ سندس ڪپڙا، زيور ۽ پيون پاڙي پٽيءَ جون امانتون رکيون هونديون هيون. غريب مايون ڇوريءَ جي ڏڄ ڪان يا وري مڙسن ڪان لڪايل سيڙاڇونڊي ونس آڻي رکنديون هيون. جيجي اهي بنا ڳڻڻ جي ويڙهيل سيڙهيل جيئن هوندا هئا، تيئن پيٽيءَ ۾ بند ڪري ڪلف ڏيئي ڇڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته اها سادگي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي هيس. زالون ڪانئس ڦڏو ڪري وڏيڪ پئسا يا زيور پرائي وٺنديون هيون.

جيجيءَ ڪڏهن به نماز، روزو نه ڇڏيو. گرميون هجن توڙي سرديون، ڪانئس نه ڪڏهن نماز قضا ٿي، نه وري ڪڏهن روزو ڇڏيائين. رمضان شريف ڪانسواءِ به جمعي رات نفلي روزا رکندي هئي. سندس منهن هميشه چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر پيو چمڪندو

هو. اوڙي پاڙي ۾ شاديءَ مراديءَ ۾ پاڙي جي زالن سان گڏجي
ويندي هئي. امان کي ۽ مونکي، بابا جيجيءَ کانسواءِ ڪڏهن بہ
شادي وغيره تي اڪيلو ڪونہ ڇڏيندو هو. جيجيءَ جي هلڻ جو
پڄندو هو تہ پوءِ موڪل ڏيندو هو.

مونکي هڪڙي تہ گڏين جي ڪپڙن گڏ ڪرڻ جي چوس
۽ پيو وري مشن هلائڻ جو شوق. تنهنڪري سڄو سڄو ڏينهن
جيجيءَ وٽ وينٺي هوندي هيس. جيجيءَ کي برقعو سبٽو هوندو هو
تہ مونکي مشن هلائڻ لاءِ چوندي هئي ۽ پاڻ برقعي جون پليٽون
سڏيون جهلي سبندي ويندي هئي. ڇو جو گهٽي مشين هلائڻ ڪري
ڪيس رات جو ٻانهن ۾ سخت سور پوندو هو. آءٌ دعائون پيئي گهرندي
هيس تہ الله ڪري پاڳل شيدياڻي سگهي سگهي اچي. ڇو تہ پوءِ
جيجي مشين منهنجي حوالي ڪري، پر نن سٽڻن جا ڏر سبڻ لاءِ
ڏيئي پاڻ وڃي پينگهي ۾ پاڳل سان رهاڻيون ڪندي هئي. ماما
ڪم تي هوندو هو. ناني ستي پيئي هوندي هئي. جيجي ۽ پاڳل
پاڻ ۾ پيون ڳالهائيندڙيون هيون. ڳالهون ڪندي جيجي اوچتو سڏ
ڪري چوندي هئي، 'عاشو ٻاهرين در کي ڪڙو تہ ڏيئي ڇڏ، متان
ڪا فقيرياڻي ڪو ٻچڙ ٺاڙي کڻي وڃي.' جيجيءَ وٽ فقيرياڻيون
گهڻيون اينديون هيون. پاڻ ڪڏهن بہ کين هٿين خالي نہ موٽائيندي
هئي. کين اٽي لپ، مانيءَ ڀور يا پراڻو سراڻو ڪپڙو ڏيندي هئي،
پوءِ بہ فقيرياڻيون وجهہ وٺي ڪونہ ڪو ٻچڙ تڳائي وينديون هيون.
آءٌ اٿي وڃي در بند ڪندي هيس ۽ اچان مشين تي وهڻ جي
ڪندي هيس تہ چوندي هئي، 'منا پٺ هي در بہ ورائي ڇڏ. سڪيون
ٽيون پٽين.' ڪوٺيءَ جو در جيڪو اڱڻ ۾ کلندو هو، سو هميشه
بند هوندو هو. وچان در بند ٿيڻ تي مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي
هئي. آءٌ وجهہ وٺي پنهنجي گڏين جا چولا سبي وٺندي هئس.

منهنجون انڪيل ويهارو کن گڏيون هونديون هيون، جن جا
وري ٻار ٻچا بہ هوندا هئا. انهن سڀني گڏين مان مونکي هڪڙي
گڏي ڏاڍي وڻندي هئي، جا امان هڪ رپئي ۾ صفوران سانياڻيءَ

جي سوٽ کان ٺهرائي ڏني هئي. سندس وڏيون اکيون، ڊگها وار، ننڍڙا سهڻا هٿ ۽ پير اهڙا هوندا هئا، جهڙي کر پدمڻي! مونکي ايڏي ته وڻندي هئي، جو مون ڪٿي جيجيءَ جو نالو رکيس ۽ سڄي گڏين جي پٽ راڻي ڪيو هانس. ٻي گڏي جا مونکي زبيءَ ڏاهي ڏني هئي، تنهن جون اکيون ڇنڇهيون هيون. ٿلهي، بي ڊولي وري اهڙي هئي، جهڙي کر ڀاڳل. مون به ڪٿي ڀاڳل نالو رکيس ۽ سڄي گڏين جي نوڪرياڻي ڪيو هانس. سڄو ڏينهن پيئي پين گڏين جي آڳي پيڇي ڪندي هئي.

ڀاڳل کي سدائين پئسن جي کوٽ هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن آءٌ امان جي ڪم سان جيجيءَ وٽ ويس ته ڀاڳل چلم پيئي پيتي ۽ جيجيءَ مشين پئي هلائي. ناني ٻاهر آس ۾ منجيءَ تي سُتي پيئي هئي. ڀاڳل مونکي ڏسي جيجيءَ کي چيو، 'اڇها عاشو آئي اٿئي، ڪٿي انهيءَ کي امانُ.' جيجيءَ مونکي ڏسي آهستي چيو، 'عاشو چڱو ٽيو جو آئينءَ. ٻيئي پير حليمان کان ويهه رپيا آڻي ڏينم.'

آءٌ حليمان کان ويهه رپيا وٺي اچان گهٽيءَ جي در وٽ پهتس ته ڀاڳل سامهون پئي آئي ۽ سٽ ڏيئي منهنجي هٿن مان ويهه ئي رپيا کسي ورتائين.

مون چيو، 'ماسي، اهي پئسا جيجيءَ جا آهن.'

'ماڻهين جيجهين جا ڪونه آهن، منهنجا آهن،' مونکي تڙي ڏيئي چيائين.

مون روئي اچي جيجيءَ کي دانهن ڏني. جيجي چيو، 'مڙي، اهي پئسا مون ڀاڳل لاءِ گهرايا هئا.'

مون چيو، 'جيجي، مونکي چڙب ڇو ڏنائين؟ آءٌ ڪو پئسا ڪٿي ٿي ويس چا؟'

نانيءَ اها ڳالهه ٻڌي، جيجيءَ کي چيو، 'اها رن ڦري فقير ڪري ڇڏيندئي. جيڪو ٿي ڪمائين، سو ٿي انهيءَ کي کارائين.'

پوءِ ته جيجي ۽ ناني ڀئي ڀاڻ ۾ وڙهيون. آءٌ امان جو ڇولو ڪٿي گهر هلي آيس. امان منهنجي منهن ۾ ڏسي چيو، 'ڇو، رُني

آهين ڇا؟'

سون ڀاڳل واري ڳالھ ڪري ٻڌائي. امان کي خار وٺي ويا ۽ پنھنجي منھن ڇوڻ لڳي، 'انھيءَ ڪميٽيءَ رن سلڪ تپائي ڏنو آهي! ڇڱو اڇي ڪزوءَ کي پتي آهي: اڄ سؤ گھرجيم، شاديءَ تي وڃڻي آهيان! اڄ جمعي جي پڻ گذاري ويئي آهي، تنھن لاءِ چار ڏيڻي آهي! اڄ امڪي لاءِ پئسا کپن، اڄ ٻمڪي لاءِ کپن.'

ڪجھ ڏينھن گذري ويا. هڪڙي ڏينھن امان رلين جون ٽڪريون پئي ڳنڍيون. سون بہ کيس ٽوپي ۾ همراهي پئي ڪرائي تہ ڪنھن مھل ماسي جانل لنگھي آئي. ڳالھين تان ڳالھيون ڪندي، جيجيءَ جي ڳالھ نڪتي.

'ڪزوءَ ويچاريءَ سان ناحق ٿي ويو!' ماسي جانل چيو.

'ڇو؟ ڇو؟ ڇا ٿيو؟' امان پڇيو.

'ادي، انھيءَ ڀاڳل ڪسٻياٽيءَ جو اڇي خرچ ڪٿو، سو سنھن پلاڙو ڪري، ڳوڙها ڳاڙي ڪزوءَ وٽ اچي ويھي رهي. چي، ''سونڪي پنج سؤ رپيا گھرجن، سنھنجو ڀاءُ چوري ۾ جھلجي پيو آهي، تنھن لاءِ وڪيل ڪرڻو آهي.'' ڪزوءَ ويچاريءَ وٽ هڪيا پئسا ڪونہ هئا، تنھن ڇا ڪيو جو ساران شوريءَ جي دهري کڻي ڏنس تہ اها ڪٿي گروي رکي پئسا ڪم ۾ آڻ.'

'ائي، سئيس! هاڻ دهري تہ ڇٽي!' امان دانھن ڪندي چيو.

'ها، ادي، اها تہ ڳالھ ڪريان پئي. اڄ اوچتو ڦاٽ ڦاٽو تہ دهري تہ ڀاڳل مر ڳيو وڪڻي ڇڏي آهي.'

'ائي گھوڙا!'

'ساران جي سائٽن جي ڪا اتر ۾ شادي آهي، تنھن لاءِ پنھنجا ڳھہ ڪزوءَ کان وٺڻ آئي، تڏهن دهريءَ جي ڳالھ ڦاٽي پيئي. پوءِ تہ اڳيان ساران آهي؛ تنھن نہ ڇڏيو ڪزوءَ کي، نہ ڀاڳل کي. هاڻ تہ ڪزوءَ کي سِر سان اچي لڳي آهي تہ متان ڀاءُ جي ڪن ڳالھ پوي. پر ادي، اها ڳالھ ڪا لڪڻ جي آهي؟'

’ڪزوءَ جا بہ انصاف آهن! رن اصل اهڙو تہ انڌو ڪري ڇڏيو آهيس، جو پنهنجي عزت جو خيال نہ ٿو ٿئيس!‘

’ها ادي، هاڻ تہ ويچاري منجهي پئي آهي، ڇا ڪري؟ ساران سان نن ڏينهن جو وعدو ڪيو اٿس. اڄ تہ وئي آهي پيٺ وٽ، ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. سون تي بہ ڪم رکيو آهيس تہ وڏيرن وٽ منڊيون رکي پئسا آڻي ڏي. سو اوڏانهن ٿي ويس تہ ڇيم تہ تو وٽان بہ ٿيندي وڃان.‘

پئي ڏينهن اسان ۽ آڪَ جيجيءَ جي گهر ويونسين تہ جيجيءَ وٽ زبي ۽ زبيءَ جي ماءُ ويٺيون هيون. زبيءَ جي ماءُ جيجيءَ سان پئي ڳالهيون ڪيون ۽ زبي مشين پئي هلائي. آڪَ زبيءَ وٽ ويهي رهيس. ناني اندر ليٽي پئي هئي. ڳالهين ڪندي زبيءَ جي ماءُ چيو، ’پاڳل تہ اڄ ڪلهہ شهربانو وٽ سڄو ڏينهن ويٺي هوندي آهي.‘

’ڪهڙي شهربانو؟‘ جيجيءَ چيو.

’اها، اسان، پرياڻيءَ جي ڌيءَ ڪانهي، جيڪا اڳي کهنياڻيءَ سان ڦٽل هئي؟‘

’ائي، هاها، اها بچائيءَ جي ڌيءَ نہ؟‘ امان چيو.

’ها، ادي، اها بچائيءَ جي ڌيءَ! انهيءَ کي گهٽ ڪري نہ سمجهہ. انهيءَ رن ماڻهن جا پنگا پينگ ڪري ڇڏيا آهن. جيڪو انهيءَ جي ور چڙهيو، سو ڇٽو!‘ زبيءَ جي ماءُ چيو.

’آڪَ بہ چوان تہ پاڳل روز روز اديءَ ڪزوءَ وٽان پئسا وٺيو وڃي، سو انهيءَ کي پيئي ڪارائي‘، امان چيو.

جيجي اها ڳالهہ ٻڌي ڪچي ڪانہ، پر مون ڏٺو تہ سڄي هيڊي ٿي وئي.

ڪيترا ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن مون جيجيءَ جي مٿي مان جوُن ويٺي ڪڍيون. ماسي جانل ۽ امان بہ ويٺيون هيون تہ اوچتي پاڳل اچي نڪتي. جيجيءَ پاڳل کي ڏسي ڇرڪ ڀري، منهن ڪٽي پاسي ڪيو. پاڳل جيجيءَ ڏانهن منهن ڪري چيو،

‘ايتري ڪاوڙ؟’

جيجيءَ ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. اتي جانل ۽ ٻاگل کي ٺوڪو ڏيئي چيو، ‘ٻاگل ڪر خبر؟ ڪيئن نڪري پئين؟ شهروءَ مان پيٽ ڀرجي ويوئي ڇا؟ يا وري ڪا ٻي ڌري ڀري ڪيئي؟’

‘ائي هاٿي گهٽو ڪيئي، اجايو وات نه هڻ. توکي به سڃاڻان ٿي،’ ٻاگل ٺپ ڏيئي اٿي چيو.

ماسي جانل چيس، ‘ائي، ته ڀوءِ وري ڪهڙو سنهن کٽي آئي آهين؟ وڃي پنهنجي انهيءَ ڇهڳوڻيءَ وٽ ويهه.’

‘ڇونه ويهنديس؟ ڇونه ويهنديس؟ اوهين سڙو، ڪاسو، ٻڇو! رن ٻڙوي! ٻڙوتون ٻاڻ ڪري ۽ ڇوي وري ٻين ڪي!’ ائين چئي، گاريون ڏيندي، ٻاگل ٻچ ڇنڊي اٿي هلي.

ڪيترن ڏينهن کان وٺي، جيجي اجهاميل اجهاميل پئي لڳي. اهڙي ته ماٺ اچي ويس، ڄڻ ڪيس کلڻ ڳالهائڻ وسري ويو هو. اڳي نانيءَ سان ڳالهه ڳالهه تي ڇڙيو پوندي هئي. هاڻ ناني ڪيترو ئي ڪاوڙبي هئي ته به ڪو جواب ڪونه ڏيندي هئي. سيبو ڪندي ڪپڙو ابتو سبتو سبيو وڃهندي هئي. جنهن ڪي وري اڌيڙي سبڻو پوندو هوس. سبندي سبندي ڪو پور ٻئجيو ويندو هوس ته مشين ڇڏي سنهن ويڙهي وڃي پينگهي ۾ پوندي هئي.

امان چوندي هيس، ‘ڇو، ڪڙو، اڄ مشين ڪونه ڪڍي اٿيئي؟’

جيجي چوندي هئي، ‘ادي، هاڻ ته ڪم به نٿو اچهي. الائي ڇو، من موڳو پيو لڳي! ٻانيان ته هي گهر ڇڏي، آڏاسي ڪنهن اهڙي پاسي وڃان، جتي ڪير نه هجي.’

اها ڳالهه ٻڌي، آءٌ چوندي هيس، ‘جيجي، تون جي اڏاسي ٻئي پاسي ويندينءَ ته ڀوءِ ماما کي ماني ڪير پچائي کارائيندو؟’

‘امان، ڀوءِ ڪٿي سنهن قسمت، مون کو سنهن سڄي عمر جو ٺيڪو ته ڪونه کنيو آهي.’

جنهن تي ناني چيو، 'امان، هينئر اسين ٻي ٻهچ تي پيا آهيون، تڏهن روز روز ڪاڏي جا مهٺا پئي ڏي.'

اسين منهنجي ماساتن جي شاديءَ تي ڪراچي هليا وياسين ۽ پندرهن ڏينهن اتي رهي پياسين. جنهن رات موٽياسين، تنهن جي ٻئي ڏينهن امان ۽ آءٌ جيجيءَ لاءِ مٺائي کڻي وياسين. جيجي کٽ تي ستي پئي هئي. ناني منجهيءَ تي ويٺي هئي ۽ جانل مانيون پئي پچايون.

امان جانل کان پڇيو، 'چو، ادي، خير ته آهي؟ ڪزو ستي پئي آهي.'

جانل ماني اٿلائيندي چيو، 'ڪزوءَ ويچاريءَ کي ته الله بچايو آهي، مري بچي آهي.'

امان چيو، 'چا ٿيس؟'

ماسي جانل چيو، 'اوچتو ويٺي ويٺي دورو اچي پيس. ويچارا ٻئي ماءُ پٽ پريشان ٿي پيا. موٽرکي کڻي سڏيائون. ڊاڪٽر گهرايوسين. ڪئين علاج ڪياسين، پر فائدوئي ڪونه ٿيو. جيئن پوءِ تيئن پٽ پوندي ويئي. پوءِ ته ادا وڃي مولوي عبدالله کي وٺي آيو، جنهن سڄيون سڄيون راتيون پڙهي دم ڪيس، تڏهن هاڻ مس ٿيو ڏينهن کان وٺي آرام آيو ائس. ويچاري مولويءَ کي آفرين آهي، نه ته شئي ڏٺين کي پهتي پيئي هئي.'

جيجي سڄو مهينو کٽ تي پيئي هئي. خدا خدا ڪري مهيني کان پوءِ مس ڪنڌ ڪنيائين. پوءِ به ماما سڄو مهينو پئي مولويءَ کان چنڊا ڦيٽا ڪرايس، تڏهن وڃي ڪا هلڻ چلڻ جهڙي ٿي.

چاچو مولوي عبدالله اسان جي پاڙي جي مسجد ۾ پيش امام هو. اڳي جيڪو مولوي هو، سو اسانکي اصل ڪونه وڻندو هو. سدائين منهن ۾ سونڊ پيو هوندو هوس. آءٌ ۽ زبي ڪڏهن کڻي مسجد جي درين مان اندر جهاتي پائيندڙيون هيونسين ته وٺي رنڀاڙ ڪندو هو، 'چوريون، مرداريون، وڃو نڪيون!' تنهن ڪري اسين گسان

پنڊان ڪيس ڏسنديون هيون سين تہ وٺي سندس اهلون ڪنديون هيون سين، ۽ آواز ٻچڙو ڪري چونديون هيون سين، 'ڇوريون، سرداريون، وڃو نٽيون!' هو وٽي اسان جي پٺيان پوندو هو، پر اسين پڄي وينديون هيون سين. چاچو عبدالله ڪنهن سان بہ ڪونہ وڙهندو هو. مونکي گسان پنڊان گڏبو هو تہ چوندو هو، 'ناني، پڙهين ڪي ڇئو تہ سانجهيءَ ڪراچي مان عالم سڳورا ايندا، نماز تي سويل اچجو.' يا وري چوندو هو، 'ناني، فجر جو پڙهين نماز تي ڪونہ آيو، چاڪ تہ آهي نہ؟' اسين گڏيون پرڏائڻ وينديون هيون سين تہ سرڪي چوندو هو، 'ناني، گڏين جي نڪاح تي ملان ڪونہ وٺي هلنديون!'

سندس زال ٻچڙي ۽ جهيڙاڪ هئي. ماسي جانل ڪڏهن ڪڏهن چوندي هئي، 'خدا جي قدرت! مولوي ڪهڙو مور جهڙو سدا سهڻو مڙس ۽ زال وري ڪهڙي ٻچڙي بدشڪلي مٿي ۾ لڳي آهيس. سڄو ڏينهن گهر مٿي تي کڻيو ويٺي آهي. مولوي ويچارو ويٺو پڙي، ڪڇي ئي ڪونہ. پيو ڪو مڙس هجي ها تہ تڪ سان ور لاهي ڇڏيس ها.'

پن پهرن جو امان جي سٽڻ ڪٽي آءٌ ۽ امان جيجيءَ جي گهر ويون سين. گهٽيءَ وارو گهر کليو پيو هو. جيجي ڪوٺيءَ جي در وٽ ويٺي هئي ۽ چاچي عبدالله سان پئي ڳالهايائين. اسان کي ڏسي ڪجهہ هٻڪي، پوءِ امان کي چيائين، 'ادي، آءٌ پلي ڪري آئينءَ!'

امان مرڪي اندر وڃي صفحي ۾ وڃي ويٺي. جيجي مشين تي اچي ويٺي. نانيءَ سٽي پئي پڻ پڻ ڪئي.

مون چيومانس، 'ناني، پاٽي کپئي ڇا؟' 'نہ نہ' ڪيائين.

مون پڇيو 'جيجي، ناني ڇا ٿي چوي؟'

جيجيءَ چيو، 'انهيءَ جي تہ اچي مت کسي آهي. سڄو ڏينهن پڻ پڻ ڪري رت پي وئي آهي. نڪا ٿي مري، نہ ڪا ٿي منجو ڇڏي.'

اتي امان جيجيءَ کي چيو 'ڪزو ادي، مائٽ جي دل نہ

ڏکوئيندڙ آهي! چري، مائٽ وري به مائٽ آهي. چوندو، پر چورائيندو ڪونه!'

جيجيءَ وراڻيو 'پر، ادي، ڏسين ٿي! ڪو ماڻهو ڇيڻو سلائيءَ لاءِ اچي ٿو ته ويو ٻاهه ٻاري! هڪڙو پورهيو ڪريو ڪارايان ۽ پيو وري سڄو ڏينهن ڪرڪر سهان. وڏي ڏيڍس ڏم ڏماڻ سان پرڻائي ڇڏيائين؛ باقي مونکي پنهنجي ۽ پٽس جي گيس ماري ۽ ڦٽ لعنت لاءِ وهاري ڇڏيائين.' ائين چئي جيجي اوچي اوچنگارن ۾ ڇنڪي. امان اٿي ڳراٽڙي پائي پرچايس.

مون گهر اچي امان کان پڇيو 'امان، پوءِ ماما جيجيءَ جي شادي ڇو نٿو ڪرائي؟'

امان چيو 'پٽ ماسهين جي به شادي ٿيل آهي ۽ جيجهين جي به شادي ٿيل آهي.'

'ته پوءِ جيجي پنهنجي گهر نٿي وڃي ڇو؟'

'نه، پٽ، هي بدن جا سڱ آهن. جيئن تون ڪڻڪ گڏين جون ڏي وٽ تي شاديون ڪري، پوءِ اهاني بهاني ڪاوڙائي وهاري ڇڏيندي آهين، تيئن هنن ڀاءُ ڀيڻ جو ليکو به ائين آهي.'

'امان، منهنجون گڏيون ته وري به پنهنجي مڙس سان پرچي موٽي وينديون آهن.'

'امان ماسهين ڇٽ پوڙو، جوڙس آ سدا سلوڪ، هٿين پيرين سهٽي، سا ونس نه وڻي. ماسهين وري خار ۾ جيجهين کي ويهاري ڇڏيو. سال ٿي ويا آهن. ويچاري ويهي سڙي ڪامي وئي آهي.'

'پوءِ مڙسس وٽي نٿو وڃيس؟' مون وري اعتراض ڪيو.

'چري، مڙسس ته گهڻو وٺي وڃيس، پر ماسهين به ڇڏي نه!'

هڪڙي ڏينهن پاڙي ۾ وڏيرن سچيءَ جي ڪندوري ڪئي. امان کي ۽ جيجيءَ کي به ڪوٺ هئي. رات جو ائين ٻجي امان ۽ آءٌ جيجيءَ سان گڏجي ڪندوري ڪائڻ ويون سين. ڪلاڪ کن ويهي جيجي امان کي اشارو ڏيئي اٿي. اسين زالن جي وچان گهٽ

ڏيئي نڪري آيوسين. جڏهن گهٽيءَ جـي ويجهو ٿيون سين، تڏهن جيجيءَ امان کي چيو، ’توهين هلو تـہ آءٌ مولويءَ جي زال وٽان ٿيو ٿي اچان.‘

گهر اچي مون امان کي چيو، ’امان جيجي مولويءَ جـي زال جي گهر اڄ ڇو وئي آهي؟ ڇا ڪانہ وڃي؟‘

امان چيو، ’امان، ڪو ضروري ڪم هوندس، تڏهن تـہ وئي آهي.‘

’پر، امان،‘ مون ڪا ڳالهہ ياد ڪري چيو، ’امان، سچي، مولويءَ جـي زال تـہ اڄ گهر آهـي ئي ڪانہ، ڪالهہ مائٽن ۾ وئي آهي.‘

امان خفي ٿي چيو، ’ڇوري، توکي تہ ڪا اجائي بڪ بڪ جي عادت پئجي وئي آهي.‘

ان ڪانپوءِ مولويءَ جـي زال ۽ جيجي هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ لـڳيون. جيجي ڪانئس ڪپڙن جي سبرائي بـہ ڪانہ وٺندي هئي. چوندي هيس، ’ادي، توهان جـا مونتي بيماريءَ ۾ ئـي گهڻا احسان آهن.‘ ڪڏهن ڪو سٺو ڪاڏو رڌيندي هئي تہ جهڙو امان کي موڪليندي هئي، تهڙو مولويءَ جي زال کي.

نيٺ هڪڙي رات ناني گذاري وئي. پوءِ تہ گهر ۾ واويلا مچي وئي. جيجيءَ جي پيٽ ۽ اوري پري جون مٽياڻيون اچي گڏيون. صبح جو پيون بـہ ڪيتريون مايون هٿ فاتح لاءِ اچي گڏ ٿيون. ڪيترا ڏينهن پئي مايون آيون ويون. اسين سڄو ڏينهن جيجيءَ وٽ ويٺيون هونديون هيونسين. جيجي سڄو ڏينهن نانيءَ کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. چاچي عبدالله کي بـہ گهڻو ڏک ٿيو. هـو صبح شام جيجيءَ کي دلداري ڏيڻ لاءِ در تي اچي ويهندو هو.

هڪڙي ڏينهن آءٌ ۽ امان گڏجي جيجيءَ جي گهر آيون سين تہ جيجيءَ وڏي ڪوٺيءَ جي در کي پٺي ڪوٺيو. امان پڇيس، ’ڇو پٺي ڪوٺين؟‘ تہ چيائين، ’ادي اڪيلائيءَ ڪري روح منجهيو پوي.

اڄ ڪلهه ادا به خيرن سان ڪم ڪري لڳو پيو آهي. مولويءَ عبدالله جي زال چيو، ’آءٌ بس اڪيلي آهيان، وڃان ڪونيءَ سان دري ٿاهيون ته هڪٻئي کي سڏ صلح ڏيڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سوليون ٿيون.‘

امان چيو، ’ڀاڻين کان پڇيو اٿئي؟ متان اهو ڳالهائڻ نه ڏيئي.‘ چيائين، ’ڀريائين انهيءَ کان موڪل ورتي اٿم، نه ته ٿي آءٌ ائين پنهنجي هلايان.‘

مونکي دريءَ جي کٽيءَ ۾ رات جو ننڊ ئي ڪانه آئي. صبح جو بابا جي وڃڻ کان پوءِ ڪڏ تي چڙهي، منگهه مان جيجيءَ کان پڇيم، ’جيجي دري ٿي ويئي؟‘

چيائين، ’ها، سڙي، رات ئي ڪوني لنبي به چڏيم.‘

مون ڊوڙي اچي امان سان ڳالهه ڪئي، ’امان، جيجيءَ دري ڪوني لنبي به ڇڏي.‘

امان چيو، ’ها، امان، هاڻي جيجهين جو روح ڪونه منجهندو.‘ پوءِ زبي آئي. چيائين، ’ادي، تنهنجن گڏين کي منهنجون گڏيون سڏ ڏيڻ آيون آهن. سڀاڻي مڱڻو، پرهينءَ وناهه، پندرهينءَ جي رات مينڌي ۽ سورهينءَ شادي آهي.‘

آءٌ پنهنجي گڏين جي تياريءَ ۾ لڳي ويس.

جيجيءَ جو آواز ڏاڍو سٺو هوندو هو. ڪيس شاهه جون ڪيتريون ڪافيون ياد هونديون هيون ۽ پنهنجي منهن ويٺي جهونگاريندي هئي. آءٌ ويٺي ٻڌندي هيس. ڪيس اهڙيون ڪافيون وڻنديون هيون، جن ۾ ڏک هوندو هو. ڪڏهن مونکي به چوندي هئي ته فلاڻي ڪافي ڳائي ٻڌائي. خاص ڪري ڪيس ”قابو ڪونه ۾ آهيان ٻند ڙي اديون“ واري ڪافي ڏاڍي وڻندي هئي.

هڪڙي ڏينهن شام جو ڦڙڦڙ پئي پيئي. ٿڌڙي هوا پئي لڳي. جيجي اسانجي گهر ويٺي هئي. اسين ٿيئي اڱڻ ۾ ويٺيون هيون سين ۽ جهڙ جو نظارو پئي ڏٺوسين. ڪنهن مهل جيجيءَ چيو، ’عاشو،

هوءَ ڪافي ته پڙهائي، ”قابو ڪونه پيو.“
مون چيو، ’نه اڄ ڪا ٻي پڙهاءِ.‘
’چڱو ٻيلا ٻيهر ته پهرياٺين آءٌ ئي پڙهايان.‘ ائين چئي هڪڙي ڪافي ڪنيائين: ”آئي منڊ ملهار، آءٌ ڪهڙا ڪنديس ڪپڙا.“
مون اها ڪافي ڪانئس اڳ ڪڏهن ڪانه ٻڌي هئي. ان ڏينهن جيجيءَ اهڙي مٺي سر سان، اهڙيءَ موج ۾ اچي ڳايو، جهڙي مون اڳي منجهس ڪڏهن به ڪانه ڏٺي. مون چيو ٻيهر ٻڌي هجي ته ان سان گڏ اٺي ڦيريون پايان. سندس اکيون پئي چمڪيون. منهن تي اهڙي پياري، اهڙي وڻندڙ سرڪ هيس، جو ماڻهو ڀانئي ته الائي ڇا ڪٿي ڪريان. پر جڏهن ڪافي ڳائي پوري ڪيائين، تڏهن سندس ڳلن تي ٻه لڙڪ پئي جرڪيا! پوءِ وري هڻ ٻي ڪافي ڪنئي، ”منهنجي سيد سار لهندو، مونکي آهي اميد الله ۾!“ سندس منهن ننڍڙي معصوم ٻار وانگر ٿي ويو، ڇڻ ته ليلايائين پيئي. مونکي حياتيءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ تي ايڏو قياس نه آيو. الائي ڇو، منهنجي دل ڀرجي آئي مون پٺ ورائي لڙڪ اگهي ڇڏيا.
پندرهن، ويهه ڏينهن آءٌ ۽ امان جيجيءَ وٽ ڪونه وياسين ڇو جو امان ۽ باباگهر جي لنب ڪي لڳا پيا هئا. آءٌ ۽ منهنجا ڀائر سڄو ڏينهن مٽيءَ جا ڪڙا پيا ڪنيندا هئاسين. هڪڙي ڏينهن امان جيئن چيٽو ۽ مٽي گڏيو پئي ته ماسي رحيمان چاڪياڻي در مان منهن ڪڍيو ۽ امان کي سڏ ڪري چيائين، ’ٻچي، هيڏانهن ته اچ.‘
امان مٽيءَ مان هٿ ڪڍي، وڃي ماسي رحيمان سان ڳالهائڻ لڳي. مون سندن ڦس ڦس ڪانه سمجهي، رڳو امان کي ايترو چوندي ٻڌم، ’چڱو، تون هل ته آءٌ اچان ٿي.‘
ماسي رحيمان هلي وئي. امان اچي بابا کي چيو، ’جاني، ادي ڪزوءَ جي طبيعت خراب ٿي پئي آهي. آءٌ ڪيس ڏسيو ٿي اچان.‘ ائين چئي، امان مٽيءَ وارا هٿ ڌوئي، مونکي ساڻ ڪري جيجيءَ جي گهر آئي. جيجيءَ صفحي واري هوديءَ ۾ اکيون پئي ڪيون. امان اچي پٺن تي هٿ هنيس. ماسي رحيمان به ويٺي هئي.

امان چيو، ’اوچتو ڇا ٿي ويس؟‘

ماسي رحيمان چيو، ’ادي، ڇهن ڏينهن کان پئي چوندي هئي ته هينئون ڏو ڪچو ٿئي. مون سمجهيو، شايد ڇڪي پئي اٿس. گهڻيئي هٿ هنياماس، پر فائدو ڪونه ٿيس. ڪالهه سٽي ڪاڙهيو پئي پيتائين. زليخا ڇانگهڻ کي ڏس ڏنو هوس ته ”اها سٽي پيءُ ته هنئين جي مونجهه لهي ويندئي،“ پر ان مان ڪو فرق ڪونه ٿيس. رات وري جمال گهوٽي جو جلاب ورتو اٿس. هاڻ ته اڄهو صبح کان وٺي الٽيون پئي ڪري.‘

امان جو جمال گهوٽي جو ٻڌو ته هن يڪدم ماسي رحيمان کي پنهنجي هڙان ڏيڍ رپيو ڏيئي سٺي گيهه گهرائڻ لاءِ موڪليو. ماسي رحيمان جي وڃڻ ڪانپوءِ امان جيجيءَ کي کٽي ڪٽ تي سمهاريو ۽ چيائينس، ’ڪارو منهن ٿيئي، مون توکي اڳيئي پئي چيو ته سنڀالي پير کڻ. هاڻ پيئي لوڙ.‘ جيجيءَ ڪو به جواب ڪونه ڏنو.

’مولويءَ کي ٻڌايو اٿيئي؟‘ امان پڇيس.

’انهيءَ تہ وٺي آڌي ڏنم. ستين ڦڪين مان ڪجهه به ڪونه ٿيو.‘

امان چيو، ’ڀلا جمال گهوٽي مان ڪو فائدو ٿيو آهي؟‘

جيجي چيو، ’ها، ڦوٽي جو ڦوٽو اسر مهل الٽين ڪندي ڪري پيو. هاڻ ته هينئون پيو پڃيم.‘

ايتريءَ ۾ ماسي رحيمان گيهه وٺي آئي ۽ جيجيءَ کي ڍڪ پرايائون. گيهه پيڻ ڪانپوءِ جيجي کي ڪجهه فرحت آئي. امان ٻه ٽي ڏينهن لاڳيتو جيجيءَ کي پڇڻ وئي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جيجي ساهه پٽيو. مهيني کن ۾ وري به اڳي وانگر نوبني ٿي پيئي.

جيجيءَ جي طبيعت هاڻي اڳي جهڙي ڪانه هئي. اڳي هوءَ جهڙي ويچاري پئي لڳندي هئي. ڪا ڇار اکر ڇئي ڇڏيندي هيس ته ڪڇندي ڪانه هئي. اڳي مايون ڪپڙن سبڻ لاءِ اچيو تنگ ڪنديون هيس ته رڳو پئي ’هاها‘ ڪندي هئي. هاڻ ڪيس ڪا جلدي سبڻ لاءِ چوندي هئي ته ڪاوڙجي چوندي هئي، ’آءٌ ڪا مشن ته

ڪانهن آهيان، توهان کي به واري واري تي سڀجي ملندا.‘ اڳي ڪا ڇرڇي جهڙي ڳالهه نڪرندي هئي ته رڳو مرڪيو ڏيندي هئي. پر هاڻ ڪيس ڇرچي پوڳ مان ڏاڍو مزو ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ به ڪو ڇرچو ڪري وٺندي هئي ۽ ٽهڪ ڏيندي اکين مان پاڻي اچي ويندو هوس. امان هوندي هئي ته چوندي هئي، ’ڪزو ڇوري، ايترو گهڻو نه کل، جيڪي گهڻو کلن، سي وري ايترو گهڻو روئن.‘

جيجي نڪ کي موڙو ڏيئي چوندي هئي، ’هينئر تہ کلي وٺون. روئڻ جا ڏينهن گهڻائي پيا آهن.‘

هڪڙي ڏينهن آءٌ ۽ امان جيجيءَ وٽ وياسين. جيجي وهنجي سهنجي ڪپڙا مٽائي، آرسي هٿ ۾ جهليو، ڏندن کي مساڪ پئي ڏنيو. امان ويندي ئي ڇرچي مان کنگهڪار ڪئي. جيجيءَ وٺي ڇرڪ ڀريو. امان کي ڏسي مرڪي ڏنائين. مون امان کي چيو، ’امان اڄ ته جيجي جهڙي ڪر ڪنوار.‘

امان چيو، ’ها امان، جيجهين آهي به ڪنوار.‘

مون چيو، ’جيجي تنهنجي ڪيتري عمر هوندي؟‘

جيجيءَ مرڪي چيو، ’مڙئي، سٺ ستر تہ ضرور ٿيندي.‘

ماسي جانل جنهن چلم پئي پيتي، تنهن امان کي چيو، ’ويچاري ڏکن ماري آهي. نه ته ڪالهوڪي ٻار آهي. ڇوڙڻ ماڻهن جي وهي آهيس. ۲۴-۲۵ سالن جي به مشڪل ٿيندي. جڏهن منهنجي شادي ٿي هئي، تڏهن ٻانيان ٿي ته ۹-۱۰ سالن جي مس هئي.‘

هڪڙي ڏينهن جيجي اسان جي گهر آئي ۽ امان کي اچي چيائين، ’انهيءَ عبدالله جي ڪميڻي رن ماڳهين ملڪ تپائي ڪنيو آهي. سڄو ڏينهن برقعو وجهيو، گهر گهر جهوتون ڏيندي چوندي وتي ته ”آءٌ پاڻس کي چوندس.“ ڪميڻي پاڻ کي ڏاڍو اشراف پئي سمجهي! سڄو ڏينهن سالو مگرجي جي گهر ۾ پوري پيئي آهي، سو ته نه.‘

امان چيو، ’تو به رن سان ڪٽي وير پاتو آهي. مون ٻڌو آهي ته تو ٽيو ڏينهن به مار ڪيرائي هيس.‘

جيجيءَ چيو، ’تنهنجي ته ملائڪن کي به خبر ڪانهي. سچو ڏينهن گهر ۾ جهيڙو مچايو ويٺي هوندي ته پوءِ پادر نه کائيندي ته ٻيو ڇا کندي.‘

هڪڙي رات بابا نماز تي ويو. آءٌ به کير پِي ڪائي وڃي ٿي ستيس ته ڪنهن مهل دانهن جو آواز پيم.

امان چيو، ’چوري، اٿي ڪڏ تان ڏس ته ڇا آهي؟‘

ڊوڙ پائي ڪڏ تي چڙهي، منگهه مان ڏٺم ته ماما جي هڪ هٿ ۾ ڦوڙائي ۽ ٻيو هٿ جيجيءَ جي چوٽيءَ ۾ هو. مون وٺي اتان ئي رڙ ڪري چيو، ’امان جيجي مري ويئي!‘

امان ڊوڙ ڪري، برقعو پائي ڦري ويئي، پر در اندران بند هو. امان ڦري جانل جي گهر وئي. جانل به رڙين تي ڏاڪڻ رکي پِٽ ٽپي. امان به ان ڏاڪڻ تان چڙهي جانل جي پٺيان ويئي. پوءِ ته امان وچ ۾ پئي ماما کي سمجهائڻ لڳي ته ’ادا، ڏاهو ٿي، پاڻ تان ماٺهو نه ڪلائي.‘ نيٺ ماما ٻاهر نڪري ويو ۽ امان ۽ ماسي پوءِ ويٺيون جيجيءَ کي هيڊ ۽ تيل گرم ڪري مکڻ. جيجيءَ رکي رکي سڏڪا پئي ڀريا. آءٌ به ماٺ ڪري لهي وڃي کوٺيءَ ۾ روئڻ لڳيس.

امان جيجيءَ جي مار جي ڳالهه بابا سان ڪانه ڪئي ۽ مونکي به جهلي ڇڏيائين. مونکي ڪيترا ڏينهن جيجيءَ جي مار جي ڳالهه جو ڏاڍو ڏک هو. اڳي آءٌ گڏين جي اکڙين لاءِ جيجيءَ کي ڏاڍو ستائيندي هيس، پر هاڻي ته مونکي گڏيون ڏنيون ڪونه ٿي وڻيون. مون اکڙيون وٺڻ ۽ گڏين راند ڪرڻ ڇڏي ڏني. جيڪا مولويءَ جي زال جهڙي گڏي هئي تنهن کي ڪينچيءَ سان ڪتري ٽڪريون ٽڪريون ڪري ڇڏيم ۽ ٻيون گڏيون پيٽيءَ ۾ بند ڪري ڏچڻيءَ تي رکي ڇڏيم.

ڪيترا ڏينهن ائين گذري ويا. جيجي چڱي ڀلي ٿي اٿي، وري اڳي وانگر ڪپڙا سبڻ لڳي، پر ماما سان ڪونه ڳالهائيندي هئي. هڪڙي ڏينهن بابا امان سان ڳالهه ڪئي ته ’ڪلهه رات پاڙي

جي ماڻهن مولوي عبدالله کي مسجد مان جواب ڏيئي ڇڏيو آهي.
مولوي لاءِ پڻي پاسي هليو ويو آهي."

جلد ئي بابا جي بدلي ميرپورخاص ٿي ۽ اسين لاڏي اوڏانهن
وياسين. آءٌ جيجيءَ کي ڏاڍو ياد ڪندي هيس. ٻي چار ڏينهن تـه
گراهه ئي نه ڳيم ۽ گهر ڪاٽڻ پيو ايندو هو. سڄو ڏينهن جيجيءَ
جون اداس اکيون اکين آڏو پيون ڦرنديون هيون. جيجيءَ جي مار
جي جڏهن به يادگيري ايندي هيم ته لڱ ڪانڊارجي ويندا هيم.
اسان به ڏينهن ۾ ٻه ٽي ڀيرا جيجيءَ جي ڪانءِ ڪاڳالهه ڪندي
هئي. بابا منهنجي وندر لاءِ مشين آڻي ڏني. آءٌ پنهنجا ۽ اسان جا
چولا سٽڻون پـاڻ سبندي هيس. مونـکي ائين لڳندو هـو، ڄڻ هي
جيجيءَ جي مشن آهي.

ڀن سالن کان پوءِ بابا ڇڏوڇاءِ ڪرائي، پنهنجي بدلي وري
حيدرآباد ڪرائي. بدليءَ جي ڳالهه ٻڌي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي.
خوشيءَ ۾ سڄي رات ننڊ نه آيم. ٻئي ڏينهن صبح جو اسين حيدرآباد
لاڏي وياسين. آءٌ ته لهڻ شرط بابا کان موڪلائي جيجيءَ جي گهر
ويس. جيجي نماز پئي پڙهي. ٽن چرڪرين آهستي آهستي دور پي
پڙهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ جيجي به سلام ورائي، مون ڏانهن نهاري
مرڪي ڏنو ۽ پوءِ دعا گهري، مونکي ڪٽي ڀاڪر وڌائين. پنهنجي
ڳلن تي ڀاڻي جا ڦڙا محسوس ڪيم. منهن مٿي ڪٽي ڏٺم. جيجي
مرڪي اکيون اگهندي چيو، 'مڙئي هاڻ ته وڏي ٿي ويئي آهين."

پوءِ مونکان ميرپورخاص جـون سربستيون خبرون پڇيائين.
مون به ذريون پرزيون ڳالهيون ڪري ٻڌايس. ڪجهه دير ٿي وئي.
مون چيو، 'هاڻ هلان ٿي، پـوءِ وري ايندس." جيجي چيو، 'چانهه
ته پيئي، پي وڃ."

آءٌ ويهي رهيس ۽ وري ڳالهيون ڪرڻ لڳيون سين. پڻيان
ڪنهن زال اچي چانهه جو ڪوپ ڏنم. لوٽـو هٿي ڏنم تـه پاڳل
شيديائيءَ کي بيٺل ڏٺم.

'نينگري، سنڀال چانهه ٿي هارين،" پاڳل رڪائيءَ سان چيو.

مونکي الائي ڇو ڪراهت ونئي ويئي. ائين لڳم، ڄڻ سڀ ڪنا آهن. ٻاگهل، جيجيءَ جو گهر، خود جيجي به.

آءٌ ڇانهم جا ٻه ٽي ڏڪ ڀري، ڪوپ رکي ٽپ ڏيئي اٿي بيٺس، جيجيءَ بيحد پيار ۽ محبت مان چيو، 'ائي، ممڙي، هاڻ ويهه تہ سهي، ڏاڍا ڏينهن وچي لاٿا ٿيئي. ويهه تہ....' جيجي چوندي چپ ٿي وئي. هڪ پل لاءِ منهنجي منهن ۾ ڏڪ نڪ نهاري چيائين، 'ممڙي تون بہ!'

سندس ڏکويل دانهن جهڙو آواز ٻڌي، آءٌ ڏڪي ويس. مون لڄي ٿي سندس منهن ۾ نهاريو. سندس ڇنڊ جهڙي منهن تي ڄڻ اوندهہ ٿي وئي. هوءَ زني ڪانہ، تہ بہ هڪڙو لڙڪ الائي ڪيئن آهستي آهستي ڳڙندو سندس چولي ۾ جذب ٿي ويو. پر مون جڏهن ڪيس ڀاڪر وڌو، تڏهن منهنجا لڙڪ روڪجي نہ سگهيا.

مون سوچيو تہ چوانس 'جيجي مونکي معاف ڪر! آءٌ تنهنجي ممڙي توکي ڪڏهن بہ ڪانہ ڇڏينديس. توکان نفرت نہ ڪنديس، ڪٿي ڇا بہ ٿئي، تو لاءِ منهنجو پيار ترجيترو بہ نہ گهٽبو، جيجي....' پر آءٌ ڪجهہ بہ چئي ڪانہ سگهيس، رڳو سڏڪا ڀئي پريم. ●

جهونو بڙ

اج شام کان مٿي ۾ ڏاڍو سور اٿم، دل ڪنهن به ڳالهه ۾ نٿي لڳي، سو به وري جيل ۾. انسان آزاد هوندو آهي ته به ڪٿ، ڏک غم ۾ ستڙهو پيو لڳندو. زندگيءَ جون حقيقتون بسم ڪيڏيون نسم بي رحم ۽ دل ڏکوئيندڙ ۽ اذيت ڏيندڙ ٿين ٿيون. ڪن پل ۾ ڪيئن نه ماڻهوءَ کان ويٺي ويٺي اوچتوئي اوچتو سندس سڪون کسيو وڃي. اهو سوچيندي وڻ جي هيٺان سيمنٽ پڪل ٽانڪيءَ تي اچي ليٽي پيو آهيان ۽ هوا جا تيز جهونڪا محسوس ته ڪيان پيو، پر بت تي ڪوبه اثر نٿو ٿئيم ۽ اندر منجهم مونجهم، ٻوسٽ، سخت گهٽ پيو محسوس ڪريان. تان جو تيز هوا ڪري اندر جو ڏک ۽ پيڙائين وڌندي پئي وڃي، جيئن ڪو نئون چڻندڙ ڦٽ لڙڻ کان پوءِ چڻندو، پوسرندو ۽ سور ڪندو آهي. سونکي ور ور ڏئي ننڍي ڀاءَ جا اکر پيا ڪن ۾ پڙن جيڪي بابا پوڙهي مرڻ مهل چيا هئا ته ”اج منهنجو هالار هجي ها ته جيڪر مون کي ڀاڪر ۾ پري رڪشا ۾ ويهاري اسپتال وٺي وڃي ها.“ اهي اکر ڀالي ٻڌڻيءَ جيان منهنجي روح ۾ پيا چڀن ۽ منهنجو سڄو وجود ڏک ۽ بيوسائي کان پيو ولوڙجي، هر پل، هر گهڙي ڏک جو احساس ويتر وڌندو پيو وڃي، گهڻيئي ڪوشش پيو ڪريان ته ڪا ٻي ڳالهه ذهن ۾ اچي، ڪا ٻي سار ذهن تي تري اچي، پر اج پنهنجي دل ۽ دماغ تي منهنجو ڪوبه وس نه ٿو هلي. اتي ليٽي ليٽي ڳچ وقت ٿي ويو اٿم. پريان ڦاسي گهاٽ مان ڪنهن جوان جي ڳائڻ جو آواز پيو اچي. شايد اج رات سندس حياتيءَ جي آخري رات آهي، سونکي ٻول صفا چٽا پيا ٻڌڻ ۾ اچن. هن جوان کي ڦاسي گهاٽ جي ڪوليءَ ۾ وهندي ۽ تڙپندي ٽيو سال آهي. اپيل ٽپيل ۽ رحم جي درخواست رد ٿي ويئي اٿس، ڪافي آهي: ’يار ڏاڍي عشق آتش لائي هئي.‘ اج انهي ڇوڪري جا ماڻت آخري

ملاقات ڪرڻ آيا هئا. پر ڇوڪري ملاقات ڪان صفا نابري واري. هاڻي وري جيوتيءَ جي ڪافي پيو ڳائي ’وڃن تا ويراڳي ويراڳي وطن ڏي. او موڻتي رحم نه پئي منهنجا يار سڄڻ او مونکي جيئري جلائي ماري ڇڏيئي.‘ ڪنهن ڏاهي سچ چيو آهي ته هڪڙي ماڻهوءَ سان همدردي ڪرڻ بجاءِ ۽ هڪ ماڻهوءَ پنهنجي سموري طاقت خرچ ڪرڻ بجاءِ اهڙو رستو اختيار ڪجي، اهڙي جدوجهد ڪجي جو سڄي قوم هنن تڪليفن مان نجات حاصل ڪري. اتي ليٽي ليٽي ڳچ وقت ٿي ويو اٿم يا شايد سوا هي جلدي اچي ويو آهي ۽ ڪوليءَ ۾ بند ڪرڻ لاءِ پيو سڏ ڪري. ڪوليءَ ۾ اندر گهڙان ٿو ته چاچو ”وريام“ جيڪو مون سان گڏ هندي وال آهي اهو مون سان روزمره وانگر ڪچهري ڪرڻ ٿو چاهي پر اج سندس ڪابه ڳالهه الائجي ڇو منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي، دل ۾ چوان ٿو ته اج جيڪر ڪچهري نه ڪري، مون سان نه ڳالهائي ته ڪر چڱو ٿئي. تنهن هوندي به وريام جي ڳالهه ٻڌندو رهيس نيٺ هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي سمهي رهيو پر منهنجي نيڻن جي ننڊ الائجي ڪيڏانهن اڏامي ويئي آهي. زوريءَ اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏيان. پر اچرڪو واقعو هڪ فلم جيان ذهن جي پڙدي تي پيو پنهنجا منظر بدلائي. ايڏو وڏو هماليه جبل جهڙو واقعو ائين اوچتو ئي اوچتو ڪيئن ٿيو؟ جنهن منهنجي سڄي وجود کي نپوڙي ڇڏيو. اج منهنجي زندگيءَ جو نياڳو ڏينهن آهي. وري شڪ پيو پيدا ٿئي ته اهو سڀ ڪوڙ آهي اهو افواه هجي. وري سوچيان ٿو متان خواب ته ڪونه ڏٺو اٿم، پر افسوس اهو خواب نه پر هڪ حقيقت آهي.

اج صبح جو ۱۱ بجي ڪوليءَ ۾ ليٽيو پيو هوس. گرمي به گرمي هئي، جڻ ڪانگ جي اک پئي نڪتي ته سڱو برداشتي تڪڙو تڪڙو سهڪندو سهڪندو گهڙي آيو ۽ چيائين، ”هالار تنهنجو نانو گذاري ويو.“ اها اوچتي ڳالهه ٻڌي منهنجي مٿي تي ٻه هٿڙي لوهه جي پئي واري لوڙهه جڻ ڪنهن ٺهڪائي هئين ۽ آءٌ ذري گهٽ ڪرڻ تي هوس جو مونکي وريام اچي ٻک وڌو ۽ چوڻ لڳو

”مڙس ماڻهو ٿي، ٿي سگهي ٿو ته اها به دشمنن جي هڪ چال هجي، هيڏو دلير مڙس هٿن مان پيو وڃين.“ اتي پاڻ سنڀاليم منو مونکي پاڻي جو گلاس ڀري ڏنو يڪ ساهي پاڻي پيتم، پر اعتبارئي نه پيو اچيم. پڇيومانس ته مٺا توکي ڪنهن ٻڌايو. چيائين ”سائين چاچي ناڻي جو پٽ ملاقات تي آيو هو، تنهن ٻڌايو ته اڄ صبح جو تنهنجو نانو گذاري ويو. تنهنجو ننڍو ڀاءُ ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي ته توکي جيل پيرول مطابق آخري دفعو منهن ڏيکارڻ لاءِ وٺي وڃن،“ مونکي پڪ هئي ته جيل پيرول مطابق مونکي ته ڪڏهن به ڪونه موڪليندا ڇو جو چاچي وريام جو پيءُ به گذريل مهني گذاري ويو تنهن کي به ڪونه ڇڏيو هئائون، هي ته منهنجو نانو هو. آءٌ پاڻ کي سنڀالڻ ۽ وندرائڻ لاءِ ڪوليءَ کان ٻاهر نڪري ٻئرڪ ۾ آيس ته سڀئي گڏجي همدردي ڪرڻ لڳا، ڪي چوڻ لڳا ته توهان جي گهر ۾ موت اچي ديرو دمايو آهي مهنو اڳ تنهنجو چاچو گذاري ويو، اڄ وري تنهنجو نانو، هاڻي الائجي ٽيو وارو ڪنهن جو ايندو. آءٌ سڄو ڏکي ويس ۽ منهنجي ذهن ۾ امان جو نقشو اڀري آيو، پر اوڏي مهل ماڻهن جي ميڙ ۾ سڄو ڏک اندرئي اندر ۾ پي ويس.

ڪلاڪ کن کان پوءِ جيل جي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ گهرايو. چيائين، تون ذهني طرح تيار ٿي ويهه ٿوري دير ۾ ٻن ڪلاڪن لاءِ تنهنجي ناني جي آخري دفعو منهن ڏيکارڻ لاءِ توکي موڪليون ٿا.

اها ٿوري دير ٿري شام جا چار ٿي ويئي. اوڏي مهل مون کي هلڻ جو سڏ ٿيو. ماڙيءَ ۾ اندر مارڪيٽ ٿاڻي جو ننڍو صوبيدار ۽ ٻه ٻيا سپاهي ويٺا هئا. رجسٽر ۾ نالو داخل ڪري ڇيائون وٺي وڃوس.

پورن ڇهن مهنن پٺيان جيل جو وڏو گيٽ ٽپي ٻاهر نڪتس. ٻيا به سپاهي ٻاهر ويٺا هئا تن ۾ چارکن رائفل بردار به هئا. آئون جڻ ڦل ماڇي ڏاڙيل هئس. مونکي سرڪاري سوزوڪي ۾ وهاريائون. مين روڊ تي گاڏي آئي ته ٻيون موٽرون ۽ رڪشائون ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته جڻ هلڻ بجاءِ رستي تي ترڪي رهيون هجن. ٻاهر ڇهن

مهينن اندر فيشن جا نمونا به بدليل پئي ڏسڻ ۾ آيا ۽ سڀ شيون ائين پئي لڳيون ڄڻ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڏسي رهيو هجان. اِهو ڏسڻ ۽ سوچڻ جو سلسلو گاڏيءَ جي بريڪ جي جهٽڪي سان گڏو گڏ ٽٽي پيو، ۽ صوبيدار چيو ته ابا ٻن ڪلاڪن کان مٿي وقت نه وٺجائين. پاڙي جي گهٽيءَ ۾ ١٣ سپاهين جي وڏي اڏالي هيٺ گهڙيس ته ننڍا ٻار چوڌاري مڙي ويا جڻ ڪو مداري ريڇ ڪاهي آيو هجي ۽ پاڙي جون مايون در جي پيڪڙن مان نهارڻ لڳيون. گهر جي ٻاهران منهنجو ماموگلم تي ويٺو هو ۽ ٻه ٽي ٻيا به پاڙي وارا ويٺا هئا. مونکي دلداري ڏيڻ لڳا ته ابا اهڙو وقت هر ماڻهو ۽ هر گهر تي ايندو آهي. ۽ هي اوهان تي ڏکيو وقت آهي، مڙس ماڻهو ٿي سهي وڃجو. پر الائجي ڇو هنن جا لفظ مونکي ڪوڙا ۽ کوکلا لڳا. ڄڻ هو مون سان نه پر هو پنهنجو پاڻ سان همدردي ڪري رهيا هجن. ماما چيو ابا تو دير ڪري ڇڏي جمعي جو ڏينهن هو نماز کان پوءِ بابا کي ٣ بجي ڏاري مٽي ورائي آياسين. ڇڱو تون هاڻي اندر ماءُ وٽ وڃ سندس حالت تمام گهڻي خراب آهي. منهنجي ناني واري گهر مان امان جي روئڻ ۽ ٻارن جو آواز پئي آيو. درکولي گهڙيس ته ٻه ٽي ٻيون مايون به ويٺيون هيون. مونکي ڏسي ٿورو منهن پرتي ڪري ويٺيون، امان بس اوڇنگارون ڏيندي چنبڙي وئي ”ابا ڏاڍي دير ڪيئي تنهنجي بابا پوڙهي کي ته ڍڪي آيا. تون ته ڏهيو پرائي وس هئين پر منهنجي پرديساڻي ڌيءَ به سندس منهن ڪونه ڏٺو. اڙي منهنجو بابو منهنجو دوست هو. مون سان گڏ پيو هلندو هو. اڄ ته آئون ٻنهي اکيلي ڇوري ڇني ٿي ويس. منهنجو ته هاڻي ڪير به ڪونهي، آئون به ڪڏهن ائين نڌڻڪي ٿي مري ويندس.“ امان جي روئڻ ڪري منهنجي دل ڀرجي آئي ۽ دل ڏاڍي پريشان ٿيڻ لڳي ته آئون ڇو آيس. مون سوچيو جنهن عورت سڄي عمر ڏکن، سورن تڪليفن سان ويڙهه ڪاٽيندي ڪاٽيندي مڙس وانگر مڙس ٿي اسان کي نپائي پڙهائي هڪڙو سٺو انسان ڪيو، اها اڄ ائين ٻار ڪيڏيو بيوس ٿيو پئي روئي. مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو

۽ دل ۾ چيم ته ڪنهن جي موت کان پوءِ ايڏو روئڻ ضروري ته ڪونهي. آئون ناني جي گهران نڪري پنهنجي گهر آيس ته وات ۾ ٻه ننڍيون ڀاڻيجيون مليون. چوڻ لڳيون، ”ماما، بابا پوڙهو مري ويو هاڻي اسان کي شئي ڪير وٺي ڏيندو؟“ مون چيومان ننڍو ماما وينو آهي. منهنجي کيسي ۾ الائجي رپيو ڪيئن پيو هو سو ڏئي چيومان ته وڃي شئي وٺي کائو.

گهر ۾ گهڙيس ته ادي رُني پئي ۽ مون کي ڏسي چوڻ لڳي، ”ادا ڀاڻ پئي ڪيڏا نه نڀاڳا آهيون جو بابا پوڙهي جو پڇاڙيءَ جو منهن به ڏسي نه سگهياسين؟ ڀاڻ کي سڄي عمر پيار ڏنئين، سنڀاليئين، پر ڀاڻ اکين تي هٿ رکڻ جهڙا به نه ٿياسين.“ مون چيو، ادي آئون ته جيل ۾ پرائي وس هوس. تون ته پنهنجي وس هئين. ”نه ادا نه. پرديس ۾ پرڻيل نياڻيون جيلن کان به وڌ وڌن جيلن ۾ هونديون آهن. جڏهن ڪا ساهرن مان موڪل ملي.“ اديءَ جيئن ٿي ڳالهايو تيئن سندس سڄيل اکين مان ڳوڙها ساوڻ جي وڏ ڦڙي مينهن وانگر پئي وسندا رهيا. مون سٽي تي هٿ رکي چيومانس تون ته گهٽ ۾ گهٽ هينئر همت جهل جو اسان ته هٿن مان وئي پئي آهي ۽ چري نه ٿي پوي. توکي کپي ته سندس همت وڌائينس. تون به ويٺي اوڇنگارون ڏين؟ ماڻهوءَ کي هڪڙي ڏينهن هونئن به مرڻو آهي، تڏن ته ڀاڻ اسان کي به سمجهائي ته ڪجهه دل پڪي ڪري جيڪو ٿيڻو هو سو ٿيو. هاڻي روئڻ مان ڇا ورندو. اسان ۽ تون پنهنجن ڳوڙهن کي طاقت ۾ تبديل ڪريو، اڃان ته ڀاڻ کي تمام گهڻين ڳالهين کي منهن ڏيڻو آهي. منهنجي آٿت ڏيڻ تي آهستي آهستي اديءَ روئڻ بند ڪيو ۽ چيائين، ”اندرئين ڪمري ۾ ڏيٺين ستي پئي آهي تون وڃي ڏسي اچ وري پوءِ نه ته توکي وٺي ويندا،“ اندرئين ڪمري ۾ منهنجي زال پنهنجي جوت تي پنهنجن ڏينهن جي پوٽينءَ جهڙي اڇڙي ڇوڪريءَ کي ٿڃ پئي پياري. جيتوڻيڪ اوڏي سهل سونکي پنهنجي ڌيءَ ٻنهه ڪانه پئي وٺي ۽ منهنجي دل ۾ سندس لاءِ ڪوبه پيار ۽ ڇڪ نه هئي. چو ته مونکي ته پنهنجي ناني جي جدائي جو ڪاپاري ڌڪ

لڳل هو، تنهن هوندي به نانيءَ جي هنج ۾ ڏيڻ تي مون کڻي ڪيس ڏنو. هونئن اهو منهنجو پهريون ٻار ڪنهن ٻئي موقعي تي ڄمي ها ته مونکي تمام گهڻي خوشي ٿئي ها، ڇو جو اِها ڌيءَ منهنجي پوٽيڻڙي ڌيءَ هئي. سندس ناني چوڻ لڳي، ”ابا تنهنجي مهانڊن تي وئي آهي.“ مون پنهنجا مهانڊا سندس منهن ۾ گهڻوئي ڳوليا پر ننڍڙا تازا ٻار سڀ هڪجهڙا ڳاڙها ڳاڙها مينهن وساڙن جهڙا لڳندا آهن. سچ ته مونکي ان پل ناني جي موت کان وڌ، ڌيءَ کي ڏسي ڏک ٿيو ته هيءَ ڪيئن وڏي ٿيندي؟ ڪير ڪيس سنڀاليندو، اڳهائي سگهائي ۾ ۽ پڙهائي جو خرچ ڪيئن پربو. آئون جيڪو آخري سال ۾ هئڻ جي باوجود ٻن سالن کان امتحان وقت جيل ۾ وڃڻ ڪري ڊگري وٺي نه سگهيو آهيان. مون سوچيو منهنجي ناني بدران جيڪر منهنجي ڌيءَ مري وڃي ها ته ڪر ڏاڍو چڱو ٿئي ها ۽ آءٌ به سندس لاءِ سوچڻ کان ڇٽي پوان ها، هاڻي جيئن جيئن تڪليفون پيون وڌن تيئن تيئن وڌيڪ ٽنگن ۾ سنگهرون پيو اٽڪن ۽ اها ڌيءَ ڪر هونئن منهنجي لاءِ گهڻي خوشيءَ جو سبب هجي ها، اڄ هنن حالتن ۾ ڪيڏي نه بار پئي محسوس ٿئي. اڃا انهن ئي سوچن ۾ هوس ته امان در مان روئيندي ۽ ڳوڙها اگهندي گهر ۾ هلي آئي ۽ چيائين، ”ابا ٻڌو اٿم ته تون به جيل ۾ بيمار رهين ٿو“ مون چيومانس ته، امان مهلون مڙس تي آهن، وڃي پار پئبو، تون منهنجي ڪا به ڳڻتي نه ڪر، پر پنهنجي صحت جو خيال رک، جو هن وقت تو کان سواءِ اسان جو ڪير آهي؟ جو هن گهر جو ڳاڏو گهليندو. اسين گهر جا سڀئي ڀاتي هڪ ئي وقت جيل پيا ڀوڳيون، ۽ جي تو به هيئن روئي پنهنجا حال وڃائي پاڻ کي چريو ڪيو ته ننڍڙي ڀاءُ جو ڇا ٿيندو، گهر جو خرچ، منهنجي ڌيءُ ۽ زال کي ڪير سنڀاليندو، مونکي جيل ۾ ضرورت جو سامان ۽ دوائون ڪير موڪليندو. امان جو ته پيءُ به تون ماءُ به تون. منهنجي گهڻي چوڻ کان پوءِ به امان جو روئڻ بند ڪونه ٿيو ۽ هوءَ سڏڪا ڀريندي رهي. گهر جي انهيءَ ڏکوئيندڙ ماحول ۾ آءٌ ڄڻ اوپرو اوپرو

پٺي لڳس. نـﮧ ڏيءَ ۽ زال کي ڏسي خوش ٿي ٿي سگهيس نہ ئي وري ناني جي موت تـي ڪوگهڻو ڏک محسوس ڪيم. گهر جـو ماحول منهنجي وجود تي هڪڙي ڳري جنڊ جي بار جيان محسوس ٿيڻ لڳو. ڇهن سهنن ۾ رڳو ٻہ ڪلاڪ گهر اچڻ جا ملندا هئم، ان ۾ بـہ وقت کان اڳـ جيل وڃڻ جي دل ۾ سڌ اپرڻ لڳي. جتي اسان سڀني جا ڏک، تڪليفون گڏجي خوشيءَ ۾ بدلجي ويندا آهن ۽ سڀني سائين جا غم ڏسي پنهنجا ڏک وسري ويندا آهن.

آءٌ وقت کان اڳ گهران موڪلائي ٻاهر نڪتس. نئيڙي بهادر ڀاءُ کي ڏسي ڀاڪرپائي موڪلايومانس تہ چيائين، ”ادا، توکي بابا پوڙهي مرڻ کان اڳ ڏاڍو ياد ڪيو. رکـي رکـي وات تـي تنهنجو نالو پي ورجايائين ڇڻ اکين آخري وقت توکي پئي ڳوليو. چيائين تہ هالار هجي ها تہ ڪر منهنجي اکين تي هٿ رکي ها.“ انهن لفظن منهنجي اندر کي ولوڙي ڇڏيو. دٻايل سموري ڏک جي هڪ لهر سڄي وجود ۾ پکيڙجي وئي. مون پڇيومانس تہ بابا پوڙهي کي ڇا ٿيو؟ هو تہ اسان سڀني ۾ جوان پيو لڳندو هو. ڪير چوندو تہ هيڪو اسي سالن جوهوندو. چيائين،”ادا، هڪ غلط ڊاڪٽر جي پراڻن ڪيپسولن ڏيڻ ڪري بابا کي ري ايڪشن ٿـي پيو ۽ بابا آلٿين ۾ رت اوڳاڇڻ لڳو. مون ماما کي گهڻوئي چيو تہ ماما بابا کي اسپتال وٺي هلون، تہ ماما چيو تہ حياتي هوندس تہ پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندو. آءٌ ٻار ڪجهہ نـﮧ ڪري سگهيس. ادا! بابا پوڙهي منهنجي اڳيان دم ڏنو، مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو.“مون ڀاءُ جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي محسوس ڪيو تہ اڄ منهنجو اهو نانوگذاري ويو، جنهن اسان کي پنهنجي پيءُ جي کوٽ ۽ يتيم هجڻ جو ڪڏهن بہ احساس ٿيڻ نہ ڏنو. بابا نئيپڻ ۾ مونکي آ ڱر کان جهلي اسڪول ڇڏي ايندو هو ۽ موڪل مهل وٺي بہ ايندو هو. شام جوصدر گهمائي ۽ ايرانيءَ جي هوٽل تان چانهہ بسڪٽ کارائيندو هو. محرم ۾ پڙ ڏيکاريندو هـو. ڪڏهن راتي باغ گهمائڻ وٺي ويندو هو. وات تـي ٽڪجي پوندو هوس تـہ ڪچ ۾ کڻي ميلن جـا ميل پنڌ ڪندو هو. اهڙو

منهنجو پياري ۽ پيارو بابا هيڏي جدائي ڪري هليو ويو؟

منهنجي شادي ١٤ مارچ تي ٿي هئي ۽ ١٥ مارچ تي هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجي شهيد جي فيصلي کان پوءِ مون تي وارنٽ ڪڍيا ويا، آئون ڪنوارڪي ڳوٺ چڏڻ ويس ته پنهنجي منهنجي ڪري منهنجي پوڙهي ناني کي اسان جي گهر جي سامهون رهندڙ پوليس واري، هڪ صوبيدار ۽ ڪجهه ٻيا سپاهي گرفتار ڪري وٺي ويا، ١٠ ڏينهن ڪيس لاڪ اپ ۾ رکيائون ۽ تمام گهڻي تڪليف ڏنائون پــر هن ان واقعي جــي ڪڏهن به مون سان ميار طور به ڳالهه نه ڪئي. جنهن کان سچي عمر ۾ مون ننڍڙن ٻارن وانگر خرچي ورتي ۽ آڏي، ڪٺيءَ ۾ منهنجي مدد ڪندو هو. رڳو منهنجي نه پر ننڍي ڀاءُ جي به. هو ڪڏهن به ڪنهن تــي بار نــه ٿيو. هن سدائين نوڪري ڪري سڀني کي سنڀاليو. پڇاڙيءَ جو سنڌ يونيورسٽي ۾ عربيءَ جو استاد ٿيو. هڪ ڏينهن موڪل ورتائين وري نوڪريءَ تي نه چڙهيو ۽ چڙهي جنتي هليو ويو. ●

(اصلوڪي)

وڻ ڏانهن پکي

سج لهي ويو آهي، الهندي لان تي جهونءِ جي گهاٽي ڏگهي وڻ جي ٽارين ۾ اونده اڪيرو ڏاهي ورتو آهي، پرِيان ڪيلي جا وڻ هوا جي هلڪن جهوٽن تي اڻ لکي نموني ڪنڌ پيا ڌوڻين. آءٌ نئين سئين ڏگهي ٽي پلنگ تي ليٽي پئي آهيان، ڪِٻي ٻانهن وهاڻي تي رکيل آهي. اسپتال جي ڪمري جو منهن اوڀر طرف آهي. آءٌ ڪليل درين مان لان جو نظارو پئي ڏسان اجهو رات پئي، چاڻ ننڊ آئي. پوءِ ننڊ ۾ ٻانهن ڇڙڻ ڪري اڪ ڪلي پوندي سور جي سٽ اٿڻ ڪري گهنٽي وڄائي نرس کي سڏينديس، ڪرسچن نرس ڊوڙي ٻانهن ڪٽي وري وهاڻي تي ڏاهي رکندي. آءٌ ڪيس چوان ٿي ته ڪيسٽ لڳائي ته آءٌ ٻڌان. هوءَ ڪيسٽ لڳائي ٿي، استاد جمن جي ڪافي وڄندي رهي ٿي ”ڪارون وس ڪيام، هوءَ سرڪي سنهنجي منهن ۾ نهاري چوي ٿي ڇو ٿي ٻاڻ ڪي جهورين. ڇري پنهنجي جيءَ کي جهورڻ مان ڪجهه به نه مرنديءَ.“ ”مونکي ڏس سڀ ڳالهيون ٻڌن پائي پنهنجن ٻچن جي ڪري نئين حياتي ماڻي اٿم.“ اسپتال ۾ نوڪري ڪري هزارن مريضن جا ڏک سور ڏسيو پنهنجو ڏک وسريو ويو ۽ پوءِ دل ڏانهن چڻ بار لهيو وڃي. تون به هتان نئون جنم وٺي وري نئين زندگي ماڻجئين ۽ پنهنجن پيٽ ڄاين کي سچائي، جدوجهد، محنت ۽ انسانن سان پيار ڪرڻ جو سبق پڙهائجئين ته جيئن اهي ظلم جهڙي ٻاڻ سان ٿيا آهن سي وري ٻين تي نه ٿين. آءٌ اها ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري لنوائي ٿي ڇڏيان. هوءَ هلي ٿي وڃي ۽ آءٌ ائين اڌ ڪلاڪ، ڪلاڪ، ٻه ڪلاڪ لطيف سائين کي ٻڌندي رهان ٿي ۽ پوءِ ڪيسٽ بند ڪري اکيون پوري سمهڻ جي ڪوشش ٿي ڪريان پر ننڊ جي پري اکين مان الهائجي ڪهڙي پار ڪوه ڪاف جبلن ڪان ٻه

ڪوهين پري. ائين سمهندي جاڳندي پور پچائيندي، ڏاڍي تڪليف ۽ جاکوڙ سان پاسا سوريندي رهان ٿي. اوجاڳي ۽ عذاب جو قافلو ائين سڄي رات هلندو رهي ٿو. قافلي هلندي وات ۾ ماضيءَ جي آسمان تي ويسر جي ڪارن ڪڪرن کي چيري، سهڻين يادگيرين جا ڪئين چنڊ ڪڙي پوندا ۽ سار جا ستارا ٽمڪندا نيڻهن جي نوراني نيراٽ ۾ ويڙهيل نڪت ۽ قرب جي ڪهاڻين جون ڪتيون احساس جي نيٽن کي ٺاريندديون ۽ پوءِ هڪ پل لاءِ ڏنڊ ڇانئجي ويندي، اکيون پاٽ مراديون پورجي ويندديون. ڪن پل لاءِ آءٌ سپ سور، ڇهڪ ۽ چير وساري وري نو ڄمي ٿي پونديس ۽ اياز جو گيت جهونگارڻ لڳنديس ”سورج ويو جيئي ڏرڪندو ۽ شام لهرايون ڇڳون، آئين نظر تون مرڪندو ڪيڏيون نه گهرايون هيون.“ وري ٻه ساڳيون لاٽون ساڳيا ڇڳهه، تان جو اڇي پره ڦٽندي پنيرڪو ٿيندو اکين مان ننڊ ڪچن رنگن جيان اڏامي ويندي ٻانهن سن ٿي ويندي ۽ محسوس ٿيندم ته ٻنهه هيٺئر ٻانهن جو تازو آپريشن ٿيو آهي ۽ آءٌ اڪيلي.... ماضي ته ڪڏهوڪو گذري چڪو.... وري نه ايندو.... هر شئي.... هر پل .... هر گهڙي چڻ خواب هو. پوءِ روح تي منجهند جهڙي اونهي اداسي ڇانئجي ويندي. احساس جو سنڌ سنڌ زخمي ٿي ڇيهون ڇيهون ٿي پوندو.... روح جي تار، تار، ستار جي تارن وانگر ريهون ڪرڻ لڳندي، هزارين سوال ڀالا ڪٽي بيهندا ۽ چوندا، هي بي سبب زندگيءَ جو ايڏو وڏو زيان ڪيئن ٿيو. هيڏو هاڃو مون ڪمزور سان ڪيئن ٿيو. آءٌ مٽي جي پتر جيان چور پور پور ٿي ويس. انسان وڃي چنڊ تي پهتو. ڪا اهڙي مشين نٿو ايجاد ڪري جيڪا ماضيءَ کي موٽائي آڻي، جيئن ماڻهو وري ساڳيون ساڳيون غلطيون نه ڪري ۽ ساڳيا ظلم ۽ نفرتون هڪ ٻئي سان نه ڪري، قسمت طرفان ڏاڍي جدوجهد ۽ محنت سان مليل پيار ۽ خوشيءَ جي پيالن ۾ ڇاڻي واٽي حماقت ۽ ذلالت وچان زهر جا ڦڙا ته نه وجهي....؟ ائين بيوس مجبور انسانن کي ته نه مارجي....؟ اسان سدائين سياڻي جي انتظار ۽ اميد ۾

اسين ”اڄ“ جي هنج ۾ پيل خوشين ۽ راحتن جي حسين ۽ سرهاڻ پريل بند سڳڙين کي انهن بيدرديءَ ۽ بيحيائي سان لتاڙيو ۽ ڇپائيو اڳتي ڊوڙندا پيا وڃون. اڄ ”هيئن“ ڪريو ته ڇڏيون پرواهه نه آهي. سڀاڻي انهي ”هيئن“ ڪرڻ جي تلافي ڪري ڇڏينداسين.... انهن سوچي، اسين هر روز ٻئي ڏينهن لاءِ ڪنڊا پوکيو ٿا ڇڏيون. پيارن کان پـري ٿي نيـڪي، سچائي، قرباني، وفاداري ۽ پيارجا سوين اڏامي آيل پل وڃائي ٿا ويهون. تانجو ڏسنديڏسندي، خوشين ۽ چڱاين جـو ڇڻنگون سڙيـو رک ٿيو وڃـن ۽ پوءِ سڄي زندگي پڇتاءَ جا زهريلا ڏنگ پيئندا رهون ٿا.

ٻوند ٻوند لئه پٽڪي پٽڪي،
ڊوڙي، ڊوڙي، ٿڪجي ٿڪجي
هرڻ هنيلا بيٺا سوچن،

ٻانهن جـي ٻن ٽانڪن ۾ ٻونئن پـرجي وڃڻ ڪري سور ڏاڍو وڌي ويو آهي، ۽ سور جـي وڌي وڃڻ ۽ اڪيڙ ڪري بخار پڻ وڌي ويو آهي يا ٿي سگهي ٿو ته ماضيءَ جي عذاب جو به بخار جي وڌي وڃڻ ۾ هٿ هجي. نرس اچڻ تي ڪيس چوان ٿي مونکي ڪيسٽ جو پيو پاسو ورائي ڏي. هوءَ ٻيو پاسو لڳائي ڏي ٿـي ۽ گوريون کارائي هلي ٿـي وڃي. آءٌ لطيف سائين جـي وائي آيل ڪريان ڪيئن منهنجو نينهن اپلو نه رهي. ٻڌندي رهان ٿي، سامهون دريءَ مان وڻ تان پکي اڏامندو ڏسي ياد پويم ٿو ته هڪ ڏينهن جيل جي ملاقات لاءِ ويئي هيس ۽ اتـي ڪنهن تازي پرٽيل نئين گهوٽ جون ٻـه زالون ملاقات لاءِ آيل هيون. هڪڙي اداس ٻـار سان گڏ ۽ هڪڙي ڦوهه جوان عمر انڪل ويهه سال پوري فيشن سان ۽ فل ميڪ اپ سان سڄي ٺقيل، هڪڙي اڌڙوٽ مائي جيڪا پڻ پٽ جي ملاقات لاءِ اتي ويٺي هئي. مائي ڏاڍي بردبار ۽ ڪئين گرمين سردين مان لنگهيل ٿـي ڏٺي. تنهن پهرين مونکان پڇيو: ”ائي اڙ تون ڪنهن جي ملاقات تي آئي آن.“ مون چيو ”ماسي گهر واري جي.“ وري هنن ٻنهي کان پڇيائين اڙ توهين. ته ننڍي

ورندي ڪانہ ڏني. وڏيءَ چيو، ”ماسي اسين ہئي هڪڙي مڙس جون زالون آهيون، اسان جي مڙس غيرت ۾ اچي پيڻ کي کهي ڇڏيو.“ ايتري ۾ پوليس واري اچي چيو تہ هان ہنهي ماءُ پهرين ڪير ملاقات ڪندي، تنهن تي وڏيءَ چيو ادا پهرين هن کي وٺي وڃ.... ننڍيءَ جي وڃڻ تي ماسي چوڻ لڳي ”اٺي امڙ تون وڏي هئين ۽ ٻار جي ماءُ پهرين تہ تنهنجو حق هو، تون ڇونہ وئين؟“ ”ماسي منهنجو هاڻي هن سان ڪو بہ ناتو رهيو ڪونهي، سڳ تہ ڪڏهوڪو ٽٽي ويو، آءٌ تہ رڳو هن ٻار جي ڪري اڱڪي پيئي آهيان ان سان تہ نئون نينهن اٿس پلي پهرين هيءَ موسل ملاقات ڪري. هونئن تہ تہ جهٽ ملاقات ڪري هن سهڻيءَ کي سڏائيندو. آءٌ تہ ٽي گهران تہ هي ٻار پيءَ مان سڪ بہ پوري نہ ڪري.“ اها ڳالهہ ٻڌي ماسي مرڪي چوڻ لڳي ”امڙ تون تہ ڪا ڏاڍي ڏاهي ٿي ڏسجين! وڏي عقل واري ڳالهہ ڪري ويئين انهيءَ کي ڇٽيو آهي ڏاهپ، پر امڙ مون بہ هي وار آس ۾ اڇا ڪونہ ڪيا آهن تون بہ اتي تہ آءٌ بہ اتي، تون ڏک نہ ڪر، هيءَ جيڪا ٻڪ پائوڊر جو مکي منهن اڇو ڪري آئي آهي سا ائين اڏامي ويندي جيئن ”وڻ تان پکي.“

تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون

آءٌ اڃا مس پنجن سالن جي هيس تہ امان گذاري وئي، ٻہ ڀينر تہ بابا مونکي ٻڌايو ئي ڪونہ تہ ڪو امان گذاري وئي، منهنجا ٻہ وڏا ڀائر يوسف ۽ عثمان هئا، هڪڙو اٽڪل ٻارهن سالن جو ۽ ٻيو نون سالن جو. هنن کان جڏهن بہ پاڙي واريون امان جي چڱڀلائيءَ جو پڇنديون هيون تہ منهنجا ڀائر چوندا هئا، ماسي دعا ڪريو تہ امان چاڪ ٿئي. پر ڪجهہ مهينن کان پوءِ هڪ ڏينهن ماسي ڦاپوءَ امان جو پڇيو تہ منهنجي وچٿ ڀاءُ عثمان جهٽ چئي ڏنو تہ، ”ماسي امان تہ مري وئي.“ ماسي چيو، ”ابا اسان کي تہ ڪنهن ڄاڻ ئي ڪونہ ڪئي.“ تہ منهنجي ڀاءُ وڏي ڪٽي وات تي هٿ رکيس. مون تنهن تي روئي چيو تہ، ”مئا مر تون“، ”نہ ماسي نہ آءٌ امان وٽ وڃي انگور کائيندس، مونکي بابا سائيڪل تي چاڙهي امان وٽ وٺي ويندو.“ پوءِ منهنجو وڏو ڀاءُ مونکي گهر وٺي ويو ۽ وڃي ڏاڏي جي ڪن ۾ ڪجهہ چيائين. پوءِ ڏاڏي ننڍي ڀاءُ کي الاهي دڙڪا ڏنا. اهڙيءَ ريت امان جي مرڻ جي ڳالهہ مون کان لڪائي ڇڏي هئائون. منهنجي امان ڏاڍي سلوڪ هئي، رنگ ڳورو منهن ٺورو ڊگهو قد پورو پنو اکيون ننڍيون پر ڳالهائيندڙ جيڪي منهن ۾ وڃي ڳالهہ، جي تهن تائين پڄنديون هيون ۽ سدائين پيون چمڪنديون هيون. امان مونکي سڄو ڏينهن پٺي ويس پارائيندي هئي. ڏاڏو اسان ٻارن سان پيار هوس، امان گهر جو ڪم ڪار لاهي پوءِ پاسي واري گهر جتي ماسي عالم خاتون رهندي هئي اتي وڃي پڙيون ٻڌندي هئي، جو تہ امان کي خالي ويهڻ ڪونہ ايندو هو، سدائين گهر جي ڪم ڪار لاهڻ کان پوءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندي رهندي هئي. هوءَ آر جو ڪم ڀرت جو ڪم ۽ سلائي جو ڪم بہ ڪندي هئي ۽ بابا جي مدد ڪرڻ لاءِ پڙين ٻڌڻ جو ڪم بہ

سکيو هئائين. ماسي عالم خاتون ۽ سندس مڙس چاچا قاسم گهوڙن جي سنجن جا سچي پٽ ۽ زريءَ سان گل پيا ڀرَيندا هئا. جڏهن گل جهجا ٿي ويندا هئا ته چاچا قاسم اهي گل بازار ۾ وڪڻي ايندو هو. ماسي عالم خاتون کي ٻار ته هوئي ڪونه، سو آئون ماسي عالم خاتون وٽ وڃي ويهندي هيس، ڇو ته مونکي سنجن جون هريڙون ڀرڻ ۽ ڏڪڻي پٽ جون لچيون ڏاڍيون وڻنديون هيون. منهنجا ٻئي ڀائر تارا چند اسپتال کان ٿورو پريرو اسڪول ۾ پڙهڻ ويندا هئا. اسان جي ڳوٺ جو نالو هو الهداد چنڊ جو ڳوٺ. اسان جو گهر مٽي ماڙيءَ تي هوندو هو. اهو گهر مونکي اڄ به ياد آهي. گهر ۾ دريءَ تي سوٽئي جي ڪونڊي رکيل هوندي هئي، ڪنڊ ۾ منهنجي ڀاءُ لاءِ هڪڙي ميز ۽ ڪرسي رکيل هوندي هئي، اسان جو صفحو وڏو هوندو هو، جنهن ۾ جنڊيءَ جي ڇٽن تي هڪ وڏو هندورو پيو هوندو هو. اهو هندورو بابا هڪڙي سک واڍي کان ٢٢ رپين ۾ ورتو هو، جيڪو پوءِ ننڍي ولي محمد واري گهر(١٩٤٨ع) ۾ بابا ٦٠ رپين ۾ وڪڻي ڇڏيو ڇو ته پوءِ آهستي آهستي جايون سوڙهيون ۽ ننڍڙيون ٿينديون پئي ويون. انهي هندوري ۾ امان مونکي، ڀائرن کي ۽ بابا کي ٻنپهرن جو لوڏي لوڏي سمهاريندي هئي. هڪڙي پاسي امان، ٻئي پاسي بابا وچ ۾ اسين سمهندا هئاسين. امان پوءِ هڪڙي پير سان لوڏيندي به هئي ۽ ننڊ به ڪندي هئي. اسانجي گهر ۾ هڪڙو فونو گهاٽي ناسي رنگ جو ٻنبوءَ سان هوندو هو. انهي ۾ جڏهن رڪارڊ وڄندو هو ته مونکي الهائي ڇو ڏاڍو وڻندو هو، پوءِ جڏهن سمجهه پري ٿيس ته خبر پئي ته اهو آواز هو ڀڳت ڪنور ۽ مائي جيوڻيءَ جو، اهي آواز الستي آواز هئا جيڪي هر شئي کي مقناطيس وانگر پاڻ ڏانهن ڇڪيندا هئا، شايد انهن آوازن جو اثر هو جو آءٌ فنڪار ٿيس. اڄ به مونکي اهي راڳ ياد آهن: ”نالي ڏٽيءَ جي پيڙو تار منهنجو“، ”ڪيئن ريجهايا توکي ڪيئن پرچايان ڏس ڪو ڏانــوَ“، ”ٻيوس آهيان ٻيوس ٻند ۾ قرب جــو ڪڙيون قابو ڪنڌ ۾“، ”آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه مون سان، تــن

ماروئڙن جي". ١٩٤٤ع ڌاري جيوڻي ڏني هئم، آها ڪاسائين جي مينديءَ تي ڏنڊي ولي محمد ۾ آئي هئي. رنگ ٻنهي ڪڪو ڪارو هوس، مٿي تي سونو جهومر هوس، ڳائڻ سان اصل دنگ ڪري ڇڏيائين. آءٌ راڳ ٻڌڻ جي ننڍپڻ ڪانئي شوقين هيس. بابا هرسال اسان کي ميمڻ محلي ۾ مولودن تي وٺي ويندو هو جتي مولودن جون ڪئين پارٽيون ڳائڻ اينديون هيون، تن مان مونکي جسڪاڻي ۽ مڱڻهار جو آواز وڻندو هو، سندن آوازن ۾ چڻ تہ ڪي جهنجهڻا پيل هجن، سي چڻ تہ پيا ڇڻڪندا هئا.

امان ڪان پوءِ بابا اڪثر سندس ڳالهيون ڪندو هو. چوندو هو تہ امان تنهنجي ماءُ ڏاڍي دلير هئي، سون تمام گهٽ مايون اهڙيون دلير ڏٺيون. جڏهن سون ١٩٢٤ع ۾ ڪراچيءَ مان شادي ڪئي تہ تنهنجي ماءُ جي ان وقت عمر هئي ١٥ سال، پر هو عقل ۾ چڻ تہ ٢٥ جي لڳندي هئي، ذهن تمام تيز هوندو هوس، جيڪو بہ ڪم هڪ ڀيرو ڏسندي هئي تہ سکي ويندي هئي، امان عقلمندي ڪري منهنجي وڏي ڀاءُ ڪان لکڻ پڙهڻ سکي ويندي هئي ڇا ڪندي هئي جو منهنجي ڀاءُ کي ماستر گهر جو ڪم ڏيندو هو، سو امان شام جو پڪو ڪرائيندي پاڻ پڙهي ياد ڪري ڇڏيندي هئي ۽ ڀاءُ جي اسڪول وڃڻ ڪان پوءِ وري پاڻ لکندي پڙهندي هئي. هونئن نہ تہ ٻروچن ۾ نياڻين کي پڙهائڻ جو رواج ئي ڪونہ هو. بابا ڪان وري قرآن شريف پڙهي وئي. جڏهن بہ امان ۽ بابا پاڻ ۾ ڪاوڙبا هئا تہ هڪ ٻئي کي مهڻا ڏيندا هئا. بابا چوندو هو تہ مون توکي پٺاڻن جو ٻوڙ رڌڻ سيکاريو. امان چوندي هئي تہ مون توکي واچ ۾ ٽائيم ڏسڻ ۽ بوٽ جا ڪشا ٻڌڻ سيکاريا، ٻيو تہ تون ٻوش هئين تنهنجا مٿي جا وار اسان ماين وانگر هئا، اهي بہ مون ڪٽارايا. پوءِ بابا هار مڃي ڪلي چوندو هو، برابر پر اسان ٻروچن ۾ بہ وڏا وار رکائڻ جو رواج هو. امان بابا جي وارن مان پاڻ لاءِ تمام سهڻيون سڳيون ٺهرايون، امان کي ٣ سالن ڪان پوءِ منهنجو ڀاءُ محمد يوسف ڄائو. بابا هڪڙو واقعو ڏاڍو وڻندڙ ٻڌايو تہ جڏهن آءٌ شادي

ڪريو ڪنوار کي ڇهن ماين سان گڏ ريل گاڏيءَ ۾ حيدرآباد وٺيو ڀي آيس ته زناني گاڏي ۾ هڪڙي مائي اڇي ٻرقعي سان چڙهي ۽ امان جي پاسي ۾ ٻيٺي. امان ته هئي ڪنوار سا به اڇي ٻرقعي ۾ ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي هئي. امان جي اک وڃي مائي جي پيرن ۾ پئي امان آهستي ڪري بابي جي پڦيءَ کي ڪن ۾ چيو ته پڦي هيءَ مائي ڪانهي ڀائي آهي. پر بابا جي پڦي مڃيئي نه. ڇو ته اهي مايون ٻنهي ساديون هيون ۽ هنن جو زندگيءَ ۾ ريل گاڏيءَ جو پهريون سفر هو، امان چپ ڪري ويٺي پر پوءِ امان اوچتو ٻرقعو مٿي ڪري مائي کي ڪٽي سوگهو جهليو ۽ پنهنجي ماءُ کي بلوچيءَ ۾ چيائين ته ريل جي زنجير ڇڪ، منهنجي ناني به تيزيءَ سان زنجير ڇڪي. مائي گهڻو ڦٽڪي پر امان نه ڇڏيس ۽ پوليس ۽ مرد ماڻهو اچي ويا، مائي جا ڪيوجو امان جي ست سري سوني. دهري کي ڇڪي لاهڻ جي ڪئي ته دهري ڇڄي پئي ۽ داڻا ريل ۾ پکڙجي ويا، تڏهن به امان مائي کي نه ڇڏيو، ڀيون چاچاڻيون چوڻ لڳيون مائي ڪنوار کي ته ڏسو، نه حيا نه شرم اڻنديئي ريل ۾ ويٺي جهيڙا ڪري. ساهرن ۾ ته الهائجي ڪهڙا سڻ مچائيندي. پوءِ خبر تڏهن پيئي جڏهن پوليس وارن مائيءَ کي جهلي ڪٽي ٻرقعو لاٿو ته ڀائي نڪري پيو. بابا جي پڦي جيڪا امان تان ڪلي پئي تنهن چيو، ”ائي منيس هي ته ڏاڙهيءَ ڪوڙيو چور هو“، امان جي دهري جا داڻا ڪجهه مليا ڪجهه ماين چورايا، پر امان ڪنوار هوندي به چور جهلي ورتو.

بابا ميونسپل ۾ نوڪري ڪندو هو، تن ڏينهن بابا جو پگهار هو ٢٥ رپيا، تنهن مان مسواڙ به ڏيندا هئا ۽ سڀو ڪائيندا به هئا. اسان جي ماڙيءَ کي ڏاکڻ واري گهٽيءَ ۾ هيٺين جاءِ لاءِ منگهه هوندو هو جتي منگهه جي مٿان ويهي آڳڏين راند ڪندي هيس، ڇوته اهو منگهه سدائين بند هوندو هو، جڏهن ڪو مسواڙي اچي ويهندو هو ته ١٠–١٥ ڏينهن ڪان پوءِ تڪڙو ئي اٿي ويندو هو. ماڻهو چوندا هئا ته هيٺين جاءِ ۾ جن رهندا هئا. هڪڙي ڀيري

چا ٿيو جو جاءِ ۾ ھڪڙو شاھ ڇھہ ست مھنا اچي رھيو پوءِ اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ مري ويو، ماڻھن جو چوڻ ھو تہ، جنن شاھ جو ڳانڍو پڇي ڇڏيو ھو. پر منھنجو وچٽ ڀاءُ عثمان تہ چا ڪندو ھو جو انھي جاءِ ۾ چٽ ٽپي وڃي مسواڙين جون رليون ۽ فراسيون ڪلھي تي رکي ايندو ھو، پر انھي کي تہ جنن ڪجھہ بہ نہ چيو. امان انھي عادت جي ڪري ڀاءُ کي ماريندي ھئي. بابا ڳالھہ ڪئي تہ ١٩٣٥ع ۾ ڪوئيٽا ۾ زلزلو آيو. ڪيترائي ويچارا ماڻھو مري ويا ۽ ڪيترائي بي گھر ٿي بلوچستان مان لڏي اچي سنڌ پھتا. انھن ۾ ھڪ مائي مريم نالي ڏتڙجي اچي امان وٽ نوڪرياڻي بيٺي. ھڪڙي ڏينھن ھن جھولڻ شروع ڪيو. امان کي مٿس ڏاڍا خار ويا. بابا کي چيائين تہ رن مکر ٿي ڪري، سو امان چا ڪيو جو ڪلڪتي جو ڪارو سپاٽو ڪٺي اچي ڪٺيائينس پر مائي جو مٿو ائين ٿي ڦريو جيئن ڪا ڦرموٽي ڦرندي ھجي. امان جي مار جو مٿس ڪو بہ اثر نہ ٿيو ۽ پوءِ امان بابا کي چيو تہ بيھہ تہ ھن کي شربت ٿي پياريان سو چا ڪيائين جو ڪنجھي جو وڏو وڏو پاٽيءَ مان ڀري منجھس ڦلھيار ملائي ڪٺي مائي کي ڏنائين، ھوءَ سڄو وڏو پي وئي ۽ پوءِ جھولي جھولي بيھوش ٿي وئي. امان چيو ڏنئي يوسف جا پيءَ جن ڦلھار جو وڏو پي پڇي ويو. اھا مائي پوءِ بہ ڪيترائي مھنا امان وٽ ڪم ڪندي رھي. پر ڪيس وري ڪڏھن بہ جن نہ پيو. ھڪڙي پيري چا ٿيو جو مونکي چينيءَ جي پوري (گڏي) وڻئي ھئي سو امان کي پئي چاچيم تہ امان ڪٺي کسڪي تہ آءٌ پوري وٺي اچان. تن ڏينھن پئسي ۾ اچي ڪير جھڙي پوري ملندي ھئي. سو ڏاڏي کان پئسو ورتم. مونکي ڏاڏو گھڻو پيائيندو ھو. بابا چوندو ھو تہ جڏھن مونکي بہ پٽ ڄاوا تہ منھنجي پيءَ کي ايتري خوشي نہ ٿي پر جڏھن تون ڄائين تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ ابا نياڻيون ڀاڳين واري گھر ڄمنديون آھن ۽ مون تي نالو بابا پنھنجي ماءُ جو رکيو ”آمنہ“. ڳالھہ پئي ڪيم پوري وٺڻ جي. امان ڪمڪار لاھي وڃي پينگھي ۾ ليٽي پئي، اک لڳي

ويس، بس مونکي وجهه ملي ويو سو ڇا ڪيم جو ڪسڪي ڇاڇي "ڀنئي مل" جي هٽ تان وڃي ٻوري ورتم ۽ لڏندي لمندي ٻوريءَ کي ڇميون ڏيندي پئي آيس ته ماڙيءَ جو در ٻڪڙيل ڏٺم ۽ انهي در جي سيرمان ٻه اکيون چمڪنديون ڏٺم، بس پوءِ ته سڄي ڏکي ويس. سمجهيم ته جن آهي. ڇو ته امان تہ مون سٽل ڇڏي هئي. جن جي ڊپ کان اچي ڏڪڻيءَ ورتم. ڪرڻ تي هُمس ته امان در کولي ڪٽي ٻاڪر ۾ ڀريو ۽ پوءِ مونکي مٿي وٺي وئي. ان مهل ته امان ڪجهہ ڪونہ چيو پر پوءِ شام جو سونکي ڏاڍا دڙڪا ڏنائين. آءٌ پوءِ ڪڏهن ٻہ امان جي موڪلائڻ سواءِ ڪيڏانهن ٻہ ڪونہ نڪرندي هيس. مونکي اڃ ٻہ جڏهن اها ڳالهہ ياد ايندي آهي ته سيانئو وٺي ويندو اٿم.

نـانـي جيڪا اڪثر اسان وٽ ايندي رهندي هئي تنهن اوچتو ئي اوچتو الهائجي ڇو اچڻ ڇڏي ڏنـو، خبر ناهي ڪيڏانهن گم ٿي وئي. گهڻن ڏينهن کان پـوءِ خبر پيم تـہ ناني مري وئي. هڪڙي ڏينهن امان بابا جو الهائجي ڪهڙي ڳالهہ تـان جهيڙو ٿيو. بابا پينگهي ۾ ويٺو لـڏيو تـہ امان رڌڻي مان اوچتو نڪري اماڪ پينگهي کي اهڙو جهو ٻو ڏنو جو بابا پينگهي جي پنيان سنجي وڃي ڪريو. مون وٺي روئڻ شروع ڪيو ته بابا مري ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ امان بابا سان ڪاوڙجي اسان ٽنهي ٻارن کي ساڻ ڪري ڪراچيءَ وٺي هلي ۽ وڃي پنهنجي ماسيءَ جـي ڏيءَ وٽ رهي. منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي پرائي گهر ۾ اصل دل ئي نـہ لڳي. پيا واجهائيندا هئاسين تہ خدا ڪري بابا اچي وٺي وڃي يـا وري امان کي چونـدا هئاسين تـہ امان اسان کي بابا وٽ پنهنجي گهر وٺي هل پر امان سدائين ٽٽائي ڇڏيندي هئي. يـا وري دڙڪا ڏئي چپ ڪرائيندي هئي. ڪجهہ مهنن کان پـوءِ امان اتي بيمار ٿي پئي. هڪ ڏينهن منهنجا ڀائـر لڪي بابا سان گڏجي حيدرآباد هليا ويـا. امان ڏاڍي پريشان ٿي ۽ تمام گهڻو ڳوليائين. ڪنهن پاڙي جي هوٽل واري ٻڌايو ته سندن پيءُ کين حيدرآباد وٺي ويو.

امان ڪاوڙ جي ڏاڍي تکي هئي. وري ڪڏهن پنهنجي ڪي ياد نه ڪيائين. پوءِ اوچتو ئي اوچتو امان سنهڙي ٿيندي وئي ۽ وڃي ڪراچيءَ جي سول اسپتال ۾ داخل ٿي. جڏهن ڏٺائين ته بچڻ جو آسرو ڪونهي ته بابا کي چوائي موڪليائين ته آءٌ مري وينديس تون ڏيءَ کي اچي وٺي وڃ. بابا آيو ۽ اچي امان کي زوريءَ ڪڍائي ويو. جڏهن آءٌ پنهنجي ماڙيءَ تي وڏي خوشيءَ سان مٿي چڙهي ويس ته منهنجو وڇٽ ڀاءُ عثمان چوڻ لڳو، اڙي ڀاءُ فقيرياڻي ڇوريءَ کي ته ڏس مٿي چڙهي آئي آهي ۽ پوءِ مونکي دڙڪو ڏيئي در بند ٿي ڪيائين ته مون روئي چيو، ادا آءٌ توهان جي پيڻ آسنم آهيان. منهنجو وڏو ڀاءُ ڊوڙي آيو ۽ اچي مونکي ڀاڪر پائي چميون ڏيڻ لڳو. تيسين بابا امان کي ٽيڪ ڏئي مٿي وٺي آيو. پر امان ٻي ڏينهن تي بابا کي چيو مونکي پير پٽي تي ڏنٽي وٺي هل ڇو جو اهو امان جو مرشد هو. بابا ٻي ڏينهن وڏي گهوڙي گاڏي گهرائي امان کي وهاري وٺي ويو ۽ آءٌ وڏا رانديون ڪري گاڏيءَ جي پٺيان رڙندي ويس ته آءٌ ٻه امان سان وڃان. منهنجي ڏاڏي مونکي ڇڪي ڪڍي ڇاتيءَ سان لڳايو، اڄ ٻه اهو منظر ياد ايندو آهي ته دل ڀرجي ايندي اٿم. هاڻي منهنجا پائر وڏا ۽ سمجهو ٿي ويا هئا. ڏاڏو کين تيار ڪري اسڪول اماڻيندو هو. مونکي وري چاچي جمعي ماهڻ جي گهر ڏاڏي رحمت وٽ ڇڏي ايندو هو ۽ پوءِ پاڻ وڃي ساني پچائيندو هو. اصل ۾ ڇا هو جو امان جي جيڪا ماسات هئي تنهن اسانجي گهر کي تباه ڪري ڇڏيو هو. انهي امان کي ڇوري گهر ڦٽرايو ۽ سيني کي دربدر ڪيو. منهنجو ڏاڏو تن ڏينهن ٻه اڇي سونهاريءَ سان هو. قدآور ۽ پناڻن جهڙو لڳندو هو. مون اهڙو پوڙهو ۽ سهڻو ماڻهو نه ڏٺو. ڏاڏو مونکي پيار مان سڏيندو هو ”گاگي“ يا ”هوري“ يا ”جلوان“ منهنجي ڏاڏي ١٩٥٨ع ۾ وفات ڪئي. وقت واريءَ جيان آگرين جي وٽين مان ترڪي وهي ويو. امان کي ڏٺي مان هڪڙي مائي ڪٽائي آئي پر آها امان الهائجي ڪهڙي پارگم ٿي وئي جيڪا هلندي هئي ته زمين پٽي سندس پيرن جي دٻ ڪان

ڏکندي هئي نه اها سندس هبڪار هئي جنهن مان محسوس ٿيندو هو ته امان گهر ۾ موجود آهي. امان جنهنجو نالو ئي هو "گل روز" اهو گلاب جو گل سڪي ڪنڊا ٿي ويو. مائي جڏهن امان کي اجرڪ جي جهول ۾ ماڙهن کان کڻائي مٿي وٺي آئي ته ڏاڏي کان اوچنگار نڪري وئي. آءٌ لڪي وڃي منگهه ۾ روئڻ ويٺيس، الهائجي منهنجي ماءُ کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي، الهائجي مريم وارو جن لڳس. ڀڻ ڏينهن کان پوءِ بابا امان کي سول اسپتال ۾ داخل ڪرايو سامهون نور محمد هاءِ اسڪول هو جتي منهنجو وڏو ڀاءُ يوسف پڙهندو هو۽ امان وٽ هرروز ويندو هو ۽ امان لاءِ انگور وٺي ويندو هو. بابا اهي سڀ ڪشالا سائيڪل تي سر ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن امان بابا کي چيو ته آمنه کي وٺي اچ ته ڏسان. سو بابا مونکي تيار ڪري امان وٽ وٺي ويو. آءٌ جڏهن امان وٽ ويس ته امان مونکي سيني سان لائي ڏاڍو پيار ڪيو ۽ پنهنجي هٿ سان انگور کارائڻ لڳي. بس پوءِ ته آءٌ روز بابا کي چوندي هيس ته بابا مونکي امان وٽ وٺي هل ته هلي انگور کان پر بابا ٽڻائي ڇڏيندو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن بابا امان ٽهي ڀارڻ کي راڻي باغ گهمائڻ سائيڪل تي چاڙهي وٺي ويو. اهو باغ اسٽيشن جي ڀرسان پڪي قلعي وٽ هو. ڀائرن بال راند پئي ڪئي ۽ مون هڪڙي نوريئڙي جا ڪرتب پئي ڏٺا ته ڪيئن ٻڙ جي وڻ سان ڪريل ننڍڙا انجيرا ڳين چنبن ۾ جهلي پئي کاڌائين. اوچتو مون بابا کي چيو ته مونکي امان وٽ وٺي هل ته هلي انگور کان — تنهن تي بابا چيو "امان" تنهنجي ماءُ الله سائين وٽ وئي آهي جتان ڪو به موٽي واپس نه ايندو آهي. بابا جو اهو سچ ٻڌي آءٌ يڪدم وڏي ٿي ويس. مون يڪ ٽڪ نوريئڙي کي ويٺي ڏٺو ۽ آگر سان ڳلهي مٿي واري زمين کي پئي ڪرڙيو خبر ئي نه پئي ته ڪيئن سچ ٻڌي هٽڻ لڳو. بابا چيو امان اٿ ته گهر هلون. بس آءٌ سانڍي ڪري گهر آيس ۽ پوءِ ڪڏهن به بابا کي نه چيم ته امان وٽ وٺي هل. پوءِ مون انگور کائڻ به ڇڏي

ڏنا. پوءِ الهائجي ڪٿان چاچو رمضان نوحاڻي جيڪو درزڪو ڪم ڪندو هو سو اچي اسان جي گهر رهيو. هڪ ڀيري چاچي رمضان جو هڪ دوست بمبئي کان اچي اسان وٽ رهيو ڇو ته گهر ۾ زال ته هئي ڪانه جا پردو ڪري ۽ اهو چاچي رمضان جو دوست هڪ باجو جنهن کي هارمونيم چوندا آهن سو وڄائيندو هو. اسين ٻار مڙئي اچي وهندا هئاسين، چاچو رمضان سٿو پيو ڏوڙيندو هو ۽ واهه واهه پيو ڪندو هو. پوءِ خبر پئي ته انهي رمضان جي دوست جو نالو گلشن صوفي هو ۽ چاچي رمضان جو فلمي نالو سڪندر هو جن ايڪٽا فلم پئي ٺاهي ۽ ڪريم بخش نظاماڻيءَ هيرو جو پارٽ پئي ڪيو. بابا مونکي ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي گهر وٺي ويو. ياد نٿو اچيم ته اهو گهر گاڏي کاتي ۾ هو يا ڀي هنڌ پر گهر ۾ هڪڙي مائي تمام سهڻي سدا ملوڪ پري چهره نيم جهڙي ويٺي هئي تنهن مونکي ڏاڍو ڀانيو. شايد خبر هئس ته سندس ماءُ مري وئي آهي. سندس گهر جي درين دروازن تي وڏا وڏا اڇا چارين جا پردا لڳل هئا، گهر جهڙو راڻين جي رهڻ جو محلات هو. مون اتي ڀڳل وڏيون سوپاريون ڏٺيون ۽ کاڌيون. جڏهن ڪجهه سال اڳ هل ٺاپ سئنيما ۾ ساوڪ شو ٿيو هو تہ اتي ڪريم بخش نظاماڻي به آيو هو. آءٌ ساڻس مليس ۽ کيس چيم تہ سائين توهان مونکي ’ڪيئي ڪتاب‘ ڏيو. تہ پاڻ مونکي جويو صاحب جي هٿان ڪتاب اماڻيائون پر اها خبر نہ پيس تہ آءٌ اها ماڳي ننڍڙي آسنہ آهيان جيڪا سندس گهر واريءَ وٽان گهمي ڦري آئي هئي، جيڪا اڄ زرينہ بلوچ آهي. بابا اسان ننهي ٻارن کي اها ايڪٽا فلم ڏيکاري. سئنيما تہ الهائجي ڪهڙي هئي پر فلم واه جي هئي. بابا کان پڇو هوم تہ شايد اهو واقعو ١٩٤٠ع جو آهي، ڇو تہ امان ١٩٤٠ع ۾ گذاري وئي هئي. فلم جا ٻہ گانا تہ مونکي اڄ بہ ياد آهن. ٻہ ننڍڙا ٻار ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ڳائين ٿا تہ: ”مونکي منڙو پاءُ کپي ۽ منري پيڻ کپي“ ۽ چاچا گلشن صوفي کي قبر تي ڳائيندو ڏٺم تہ: ”اي دلارا ڇـا توسان محبت نہ رهي“. وڌيڪ ياد نٿو اچي. پوءِ بابا اسان کي

سلاوتن جي پاڙي ۾ مسواڙ جي جاءِ وٺي اچي رهايو. ڇهه ٽيو جو بابا سال کان پوءِ ٻي شادي ڪئي. انهي امان مونکي ڏاڍو پاليو مون جيئن پهرين ڏينهن کان امان ڇڏيو تيئن چوندي آيس. منهنجا ٻئي پاٿرڪيس ماسي سڏيندا هئا پر آهستي آهستي اهي ٻه امان چوڻ لڳا. هوءَ سانيجي ماءُ ٿي ڪري ايڏي ته نيڪ هئي جو اڄ سندس ٿورا ساري زندگي نه لاهي سگهندس. مونکي ڪڏهن ٻئي ماءُ جي ڪمي محسوس نه ٿي. منهنجي ماءُ گهٽ ۽ دوست گهڻي هئي. مون کي پاليائين، منهنجي ننهي ٻارن کي پاليائين ۽ منهنجي ڌيءَ جي ٻارن کي پاليائين، ١٩٨٢ع ۾ گذاري وئي.

اوچتو هڪڙي ڳالهه دل تي تري آئي اٺم ته ميڊم نورجهان ڪا بمبئي کان حيدرآباد سنڌ ۾ آئي هئي. تڏهن اسين سلاوتن جي پاڙي ۾ ١٩٤١ع ۾ رهندا هئاسين. منهنجو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر يوسف سندس پنيان پنيان وڃي ننڍي محمد خان کان نڪتو. بابا ڳولي ڳولي ٿڪجي پيو ۽ مارڪيٽ ٿاڻي تي وڃي رپورٽ لکرايائين ته بمبئي کان ڪا ڳائڻي آئي آهي سا منهنجي پٽ کي کڻي وئي آهي. بابا پوليس جي انالي سان وڃي منهنجي ڀاءُ کي وٺي آيو.

بابا ٻڌائيندو هو ته ماڻي ڏاڍي سخت هئي. چيائين ته ڇوڪرو اسان جي پنيان آيو ۽ چيائين ته مونکي بمبئي وٺي هلو. شايد چاچي گلشن صوفي، چاچي سڪندر عرف رمضان نوحاڻيءَ جي سڪ لڳي هيس. ڳالهيون ته هزارين آهن. پر هاڻ هر ڳالهه کي ڳولڻ لاءِ ذهن جي سمنڊ ۾ بار بار ٽٻيون ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي.

سچ ۽ پاڇا

ڪالهه ڪرماڻي ڳپو نصيب نه ٿيو هئم، هاڻي ته بکڪري
پيٽ ۾ وٽ ٿي پيا ۽ پيٽ ڀرڻ لاءِ ور ور ڏيو پاڻي ٿي پيتم ته
ڪجهه هانو جهل ٿئي. پر پاڻي ته سر ڳو پيٽ ۾ ولوڙا ڏئي وڌ
ٿي ويا ۽ هاڻي ته هيٺي ٿي پئي هيس. ڪجهه به نه ٿي آڪليو.
سوچيم سک ڪان پوءِ ڏک جو احساس ڪيترو نه اذيت ڏيندڙ ٿئي
ٿو. جسم سان روح به ڇنجيو وڃي. اوچتو سورن ۾ سکيو وقت ياد
آيم. ڪيتريون مايون اچي مون وٽان آدار سڌار وٺيو وينديون هيون،
آئون ڪڏهن به ڪين هٿين خالي ڪونه موٽائيندي هيس. ڇو ته مون
وٽ پئسي جي ڪمي ڪانه هوندي هئي. سڄو ڏينهن ريل ڇيل
پئسو پئي خرچ ڪندي هيس. غريب مائٽن مڙس ڏنو ته اڌڙوت
وهي؟ جو، پر هو پئسي وارو، جيئن سان راڄ ڪريان. اٺ اٺ
لڏنگون پيون هلنديون هيون، ۽ ٿي ڪارون ۽ جيپون سدائين در
تي بيٺيون هونديون هيون. ٿل نه ڪو انگل ڪري چپ چوريان
ته اهو انگل پل ۾ پورو ٿيو وڃي. جيڪڏهن وات مان اکر ڪيدي
نڪتي آدم جي ران ڪاٺ جي سٽ ڪيم ته اک ڇنڀ ۾ ٻه نوڪر
جيپ ۾ چڙهي ٻن ڪلاڪن ۾ پڪل ران آڻي اڳيان حاضر ڪندا
هئا. منهنجو مڙس جنهن کي آءٌ "سائين" سڏيندي هيس سو رات
ڏينهن منهنجي اڳيان جي حضوري ۾ پيرن پر ايو بيٺو هوندو هو ته
الائي ڪيڏي مهل ڪهڙو حڪم ٿي ڪريان. ننڍي نيٺي، سونهن
پري زال جو هئي مانس. حسن، جواني، دل دماغ سندس ٿي قدمن ۾
قربان ڪري ڇڏيو هئم. پيرسن هو ته ڇا ٿيو، منهنجو ته "سائين"
هو!! پر هي اوچتو ڇا ٿي ويو!!؟ ڏسندي ڏسندي 'سائين' جو قرڪو
ٿي قري ويو. دريا جي آر ۽ مڙس جي پيار جي ڪابه موسم، ڪابه
مهل مقرر نه هوندي آهي. مون وٽ اڄ پيڙين لاءِ آنو به ڪونه هو

جو ڪٿي ڦوڪ ڀري ٻاڙ ٻليان. دل ڀرجي آيم. سوچيم ته اڄ ڪنهن وٽ وڃي سوال لئه هٿ ٽنگيان. اڄ اهي سا ڳيون مايون جيڪي رات ڏينهن در تي نڪر پور ڇڏائڻ لئه پيون لامارا ڏينديون هيون ۽ جن ڪي مون ڏکـ سکـ ۾ هزارين رپيا ڏنا هوندا، سي اڄ ڳالهائڻ تـه ڏهيو پـر منهن ۾ موڙو وجهي ائين لنگهي وينديون هيون ڄڻ ڪڏهن واقف ئي نه هجن. ائين ويٺي ويٺي خيال آيم ته ادي حياتان وڏان وڃي چڪر هڻي اچان.

زال لکن ۾ هڪڙي، سهل تـي مڙسن کان وڌ مڙس ماڻهو، بس ڏاڙهين جـو مٽ. خالي ڪانه موٽائيندي، اهـا اميد ڪري، برقعو وجهي ڏاڪ منجهند جـو اچـي حياتان جي گهران نڪتيس. حياتان اکين تـي عينڪ چاڙهيو وڏي صفحي ۾ مشين پئـي هلائي. سندس پاسي واري کٽ تي هڪ سدا ملوڪ سهڻي، انڪل ايڪيهن-ويهن سالن جي عمر جي زال پهراڻ جا ويٺي ڪاج ٻڌا. ڪيس اچا کير جهڙا ڪپڙا پاتل هئا. ٻانهن ۾ اڇي ڀٽي سان واچ پئي هيس ۽ سونو لاڪٽ دل جي ٻتلي سان سندس دل جـي مٿان پئي لڏيو لمڪيو. حياتان جي ڪيڪارڻ تي هن اکيون ڪٽي مون ڏانهن نهاري مونکي ڪيڪاريو. سندس ڪيڪار ۾ مون کي پنهنجائپ ڏسڻ ۾ آئي. هوءَ وري ٻه پهراڻ جي ڪاڄن ٻڌڻ ۾ لڳي وئي. مون بـه حياتان سان ڳالهائيندي رکـي رکـي سندس منهن ۾ پئـي نهاريو. سندس رنگـ اهڙو ڄڻ سوناري جـي ڪوڏاريءَ ۾ پگهريل سون. گرميءَ کان سندس ڳل قنڌاري صوف جيان ڳاڙها ٿي پيا هئا. حياتان مشين مان هٿ ڪڍي پيڙي دڪائڻ لڳي ۽ مونکي بہ پيڙي ڏنائين. آئون تہ اڳئي ٻاڙائتي هيس سو جهٽ پيڙي دڪائي وڏا سوٽا هڻندي ٽپيءَ ۾ پنجي ويس. اوچتو حياتان چيو،

"ڪنڊ جو جهاز ٻڌي ويو اٿئي ڇا؟"

مون ڇرڪ ڀري چيو، "نه، مڙيئي خير آهي"

حياتان وري ويٺل مائي کي چوڻ لڳي، "ائي زينت تـون صابيءَ کـي شايد ڪانه ڏسـي سڃاڻين، هيءَ وڏيري قائم جي گهر

واري ائي. پر زماني جي ڏولاون ويچاري جا لاهه ڪيئي ڇڏيا آهن، پر ائي مڙس ماٺهو. اڄ به منجهس ڪو ڪم پنجي وڃي ته ٽيهه نه ڪندي. بس رڳو حڪم ڪرڻ جي دير آهي، ڪنڌ ڪانه ڪيندي." منهنجي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. ڇو جو هاڻي منهنجي دل اهڙي ته قسي پئي هئي جو ڳالهه ڳالهه تي اکيون پرجي اينديون هيون. زينت سون ڏانهن نهاري چيو، "اپ اکئين پيو پسجي، زال ته وينگس ٽي ڏسجي، پوءِ اهڙا حال ڪيئن ٿيس؟" حياتان وراڻيو، "اهو وڏو واقعو آهي. ڪنهن پئي وقت نويڪلائي ۾ ٻڌائيندس، هينئر رڳو ايترو ٿي ٻڌايان ته سنڌس مڙس، وڏيري قائم خان وڃي هڪڙي پنجاپڻ سان شادي ڪئي. پنجاپڻ، قائم خان کي اهڙا ته لٽڪا چٽڪا ڏيکاريا جو ٻن مهينن ۾ رئيس کيس طلاق ڏيئي ڇڏي. ڪيڏانهن ويو "سائين" ته ڪيڏانهن وئي سائڻ صابي ۽ سنڌس بادشاهي. بس چٽ اچي پٽ پيو. جيڪي ڪجهه صابيءَ وٽ هو سو ته عيش عشرت ۾ وڃائي ويٺي، پيو ته سنڌس ڪو ويجهو مائٽ به حيات ڪونهي. پٽس جي قتل ڪچي پونگيءَ ۾ پئي هوندي آهي. ڪيڏي ڪيڏي مهل ويچاري تو سون وٽ اچيو دل پرچائي."

اها ڳالهه ٻڌي زينت جو منهن ڏمان ڇڏي ويو ۽ ٽڏو ساهه پري چوڻ لڳي، "شل نه ڪنهن زال جي قسمت ڦٽي." حياتان زينت جي ڳالهه ٻڌي مرڪي مونکي چوڻ لڳي، "ادي اڳي هيوسين ٻه، هاڻي ٽلي ٿيوسين ٽي، ستان سمجهين ته اسين ڪو توکان ستاهينءَ تي آهيون، اسان جا نصيب به تو وانگر قتل آهن. پاڻ ٽيئي ڏکيون ڏها ڳٽيون آهيون. هيءَ جا سدا ملوڪ سون جهڙي زينت ٿي ڏسين، انهيءَ کي مڙس ڇڏي وڃي ٻي شادي ڪئي آهي. ويچاري ٻئي درجا پڙهيل هئي سو فائينل پاس ڪري ماستري ڪريو پئي ٻچن جو پيٽ پالي. تون شڪر ڪر جو توکي اولاد ڪونهي. هڪڙو مور ائي. رکو سکو کايو ستي پئي هونديئن. پر زينت کي هر شئي کپي ڇوته سندس پار پڙهن به پيا."

سون اڄان زينت جي حال تــي سوچيو پئي ته زينت چوڻ لڳي، ”ادي صابي، هڪڙي ڳالهه چوانءِ، جي دل ۾ نه ڪرين؟“

سون چيو، ”ادي چئو، انهيءَ ۾ دل ۾ ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي.“ زينت چوڻ لڳي، ”تون اڄ ڪان وٺــي منهنجي پيڻ آهين. سون وٽ هلي رهه، پوءِ جهڙو بـه منهنجو حال هوندو ورهيو ونڊيو پيون ڪائينديونسين. چوندا آهن ’ٻه ته ٻارهن‘ تون سون وٽ رهي پڙهي بـه پوندينءَ ۽ ڪنهنجي اڳيان هٿ بــه ڪونه ڊگهو پوندئي.“

زينت جي غريباڻي حال هوندي به سندس انساني همدردي واري جذبي سون کي حوصلو ڏيئي، منهنجي اکين ۾ آيل ڳوڙهن کي چڻ بند ٻڌي ڇڏيو ۽ زينت کي چيم، ”ادي تنهنجا لک لائق جو ايڏي وڏي دل رکي اٿئي نه ته هن ڏکئي وقت ۾ ڪير ڏو ڪنهن کي پڇي. آئون وڏي خوشيءَ سان تو وٽ رهنديس، تنهنجو پورهيو ڪنديس، پرت پرينديس، توسان گڏجي جيئڻ جـا جتن ڪنديس ۽ هڪ ڏينهن دنيا کي ڏيکارينديس تـه اسين زالون بـه گڏجي ڏک سک کي سنهن ڏيڻ ڏيون چاڙون. اسان مظلوم عورتن جـي ڇڳائي انهيءَ ۾ آهي تـه هڪ ٻئي کـي سهارو ڏيئي هڪبئي سان ڀلائي ڪريون.“ ●

(ناري پبليڪيشن، ١٩٩٠ع)

لکيو پئي لوڙي

جڙن مهني جي گرم ڏينهن جو ٻپهاڙڪو پهر هو.... هوءَ گهر ۾ اڪيلي ويٺي هئي. سندس ٻار ناناڻي گهمڻ ويا هئا. ٻارن جي نه هئڻ ڪري سندس روح منجهي پيو. سو ڇا ڪيائين جو پاسي واري ماسيءَ کي سڏيائين. ماسي ڊوڙندي آئي ۽ اچي چيائينس، ”امان ڪم.“ هن چيو، ”ماسي ڪم ته ڪونهي، ٻار اڄ خير کو آهن، اڪيلي هيس، سوچيم ته توکي سڏي گهڙي ساعت ڪا تو سان ويهي ڪچهري ڪريان.“ ماسي چيس، ”چڱو امان ٻيو ته سڄو ڪم لاهي ڇڏيو اٿم، باقي اٿم مائي جي ماني پچائڻي سا پچائي، پوءِ ڏيٺم کي ٻه ساڻ وٺيو ايندس. هوءَ روز ٿي منهنجا ڪن کائي ته امان مونکي اديءَ وٽ وٺي هل. تون چوين ته وٺي اچانس.“ هن چيس، ”چڱو ماسي ڀلي وٺي اچينس.“ هن ماسيءَ کي ائين چئي ته ڇڏيو پر پوءِ خيال آيس ته ماسيءَ جي ڌيءَ جي خبر ناهي الائجي ڪهڙي طبيعت جي هجي؟ خير.... اڪيلائپ جو احساس ڪجهه ته گهٽبو. ٿوري دير کان پوءِ ماسي ڌيٺس کي وٺي سندس گهر وئي. هوءَ حيران ٿي وئي ته ماسي ڪم واريءَ جي ڌيءَ ته ڪا ڏاڍي سهڻي هئي. کيس اڇا کير جهڙا ڪپڙا پيل هئا ۽ ڏاڍي اخلاق ۽ فضيلت واري هئي. سندس ڳالهائڻ سرائڪي هو. هن سرائڪي مليل سنڌيءَ ۾ پئي ڳالهايو. کيس اهو ڳالهائڻ ڏاڍو مٺو پئي لڳو. هن کيس ڪيڪاري پلنگ تي وهڻ لاءِ چيو. بس پوءِ ته، هو ٻئي لڳي ويون لهواريون، اوڀاريون ڪرڻ. ڳالهين ڪندي هن کانئس پڇيو، ”چو ادي پنهنجي ننڍڙي ڪونه آندئي.“ هوءَ وائڙي ٿي کيس ڇوڻ لڳي، ”ڪهڙي ڌي!!؟“ هن چيو ته، ”جيڪا سڄو ڏينهن ماسيءَ سان پئي گهمندي آهي.“ هن ڦڪي کل کلندي چيو ته، ”ادي هوءَ منهنجي ڀاءَ جي ڌيءَ آهي، سون نپائي آهي.“ تنهن تي سندس ماءُ

چيو، "اڙي امان ڪهڙيون ٿي سورن جون ڳالهيون ڪرين. ڏيٺڙي ڄهڙي پرڻايم تهڙي نہ. هيءَ تہ نالي جي پرڻيل آهي، پر آهي ڪنواري." تنهن تي هن چيس، "ماسي اهو وري ڪيئن؟" تہ ماسيءَ جي ڌيءَ ورندي ڏنس تہ، "ادي ڪهڙا ٿي سورن جا سبق پڇين. بابي منهنجي شادي پنهنجي ڀيڻ جي پٽ سان ڪئي، جيڪو سرگهيءَ ۾ ورتل آهي، ڪيس ڏينهن ۾ ڏهہ ٻارهن ڀيرا دورا ٿا پون، ڏپ وري اهڙي جو ماڻهو هڪ پل بہ پاسي ۾ ويهي نہ سگهي."
اها ڳالهہ ڪندي هن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. هن سندس ماءُ ڏانهن منهن ڪري چيو، "ماسي ڏسي وائسي نياڻيءَ تي اهو ظلم ڪيئن ڪيو؟ هڙي سدّن جهڙي ڌيءَ کڻي باهہ ۾ اڇلائيئي، انهي شاديءَ کان تہ ڪٽي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي ماري ڇڏيئنس ها تہ چڱو ٿئي ها."
ماسيءَ ڪيس چيو، "امان منهنجو انهيءَ ۾ ڪهڙو ڏوهہ. اسين زالون تہ آهيون مڙسن جي هٿ وس، جي وات مان ڪو اکر ڪڇون تہ ڪٽيو ڪهاڙيءَ ۾ هٿ وجهن. جي هڙي تهڙي وات ٿي ڪرين، جي رنن کي تہ ڏسو دماغ اچي خراب ٿيو اٿن. هاڻي پنهنجيءَ سمجهہ تي سڳاوتيون ڪنديون ۽ اسين مرد ڏاڙهي ڪوڙائي رنن جي دٽ ۾ ڏيئي مڃو ٿي وهون. ڌيءَ مون تنهن هوندي بہ پنهنجي پر ۾ گهٽوئي منهن مٺو پٽيو پر وريو ڪجهہ بہ نہ. پٽس اصل ضد ٻڌي بيٺو تہ هو مونکي بہ سگ ٿا ڏين آءٌ هڪڙي بہ نہ ڏيان؟ ۽ ڏاريان تہ ڪونہ آهن. ڇوڪرو اڀرو سڀرو آهي پر اٿم تہ جيجل ڀيڻ جو پٽ. بس ڌيءَ پوءِ تہ روڄن پٽڪن سان پرڻائي ڏنيم. ٻن ڀائرن جي ٻڌي ۾ آهي. سندس ٻئي ڀاڄايون مون وٽ الوليون پيون ڪن ۽ هيءَ سال کن ٿيو آهي جو لکيو پٺي لوڙي" هوءَ سندن اهي ڳالهيون ٻڌي پريشان ٿي وئي تہ ويچاريءَ جي سڄي عمر ڪيئن گذرندي. ڪجهہ دير رکي هو ٻئي هليون ويون. پر هوءَ سرهيءَ جي لکئي ۽ بدنصيبيءَ تي سوچيندي رهي. هڪ تہ سندس عمر ١٩ سال پيو سونهن ۽ جواني ڪنهن ڪان جهلئي بہ نہ جهلجي، عورت ويچاري هن معاشري ۾ ڪيتري نہ بيوس ۽ مجبور آهي، جنهن کي

جيڪو به رڍ ٻڪريءَ وانگر ڪٽيو رسو وجهيو گهلي، ته انهن جي پنيان اٿيو هلي ۽ ويندي مهل ٻيڙات به ڪونه ڪري. هوءَ سرهيءَ تي سڄو وقت سوچيندي رهي ته سرهي جهڙيون سوين روزمره بدي جهڙي مڪروح واپار تي پنهنجا جذبا ۽ امنگون ڪيئن نه مائٽن جي ڪراهت جهڙي واپاري روش تي گهٽيو ٻوسائيو ڇڏين ۽ حياتي جي سونهن سوڀيا وڃايو ويهن. اِها سرهي ڪئين ڀيرا ڪيس گهٽيءَ ۾ ايندي ويندي ملندي هئي، پر نه آها سندس سونهن هئي ۽ نه وري آها سندس جواني. سڄو ڏينهن پئي پاڻ جيڏين ڀاڃاين جي اڳيان ويٺي گيس مارو ڪمائي. نه اٿس پنهنجو ڪوگهر نه اٿس پنهنجو ور، نه اٿس پنهنجو پيٽ ڄائو اولاد جو پيريءَ ۾ ڪٽي پاٽي ڏيک ڀياريس ۽ مرڻ وقت اکين تي هٿ رکيس. ●

جڙ جنبين جي جان ۾

تن ڏينهن اسين بابي جي نوڪريءَ ڪري اچي شهر ۾ رهيا هئاسين، بابا جي ماسيءَ جو پٽ بابا سان ملڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن بابا وٽ گهمڻ ايندو هو، چوندا آهن ته ”ماسات مٺي ذات“ ٻنهي جي پاڻ ۾ پڪي ياري هئي. هڪڙي ڏينهن بابا سائين نوڪريءَ تي وڃڻ لاءِ اڃان مس تيار پي ٿيو ته چاچي مموءَ به ساجهر سان اچي منهن ڪڍيو. بابا ته سڄو ڏڪي ويو، ڏٺي منهنجا رحم ڪر اڄ الائي ڇو مموءَ اسر ڏيئي پنڌ ڇڪيو آهي، خدا ڪري ماسي جي طبيعت شل ٺيڪ هجي. امڙ چاچي اڳيان اچي چانهن رکي ۽ پوءِ چاچي ڪان ڳوٺ جو واءُ سواءُ وٺڻ لڳي. ماسيءَ جي چڱ ڀلائي جو پڇيائين. ايتري ۾ بابا رڙ ڪري امڙ کي چيو ته، ”مونکي دير پئي ٿئي تون جلدي ماني پچائي وٺ ته کائي وڃان.“ امان اٿي رنڌڻي ۾ ماني پچائڻ ويئي. آءٌ منهن تي رلي وجهيو ليٽي پئي هيس. ٻڌم ته بابا چاچي مموءَ کي چيو، ”ڀائو آءٌ سنهن ٻچن جو پيءُ آهيان اهڙو ڪُڏو ڪم ڪونه ڪندس.“ چاچو ممو ٽپي باهه ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، ”ڏنو پير پني مراد واه جو يار ٿيو آهين. سڄي عمر ۾ اهو پهريون ڪم چيو اٿم سو به مدد لاءِ ڪري، توکي ته ڪونه ٿو چوانءِ ته تون ڀڄاءِ. ٻانهن ڪٺندس آءٌ ٻاٺهي تون رڳو چئن ڏوڪڙن جو بندوبست ڪري ڏي.“ بابي چيو، ”آءٌ شهر ۾ رهان ٿو شهر جا خرچ آهن ڳاٽي ڀڳا ۽ پيو ته انهي ڪم لاءِ مون وٽ پائي به ڪانهي، آءٌ تنهنجو ڀاءُ آهيان توکي گهاٽ ۾ ڪونه وجهائيندس.“ بس چاچو ممون به هو ڏاندي ٽپڙو سو باهه ٿي ويو ۽ بوڇڻ ڇنڊي ڪلهي تي رکي هليو ويو. ايتري ۾ امان به ماني ڪڍي آٽي اچي بابي کي ڏنائين. چاچي لاءِ پڇيائين ته اهو به ٻه گره کائي. بابا امڙ کي چيو ته ممو ٽڪڙو هو

سو هليو ويو. ڳالهه آئي وئي. ايئن ٻه ٽي سال لنگهي ويا. اسين ٻه اچي سمجهه ۾ پريا ٿياسين. چاچي ممومءَ وارن مان ڪاٻه پهر نه آئي. هڪ ڏينهن اوچتو چاچي ممومءَ جي زال ٻار جي بيمار ٿيڻ ڪري شهر مان دوا وٺڻ لاءِ آئي. اسان سان مارڪي ڪندي رُني ٻه پئي ۽ ڳالهه ٻه پئي ڪيائين ته ممو ٻن ٻارن جي ماءُ پڇائي آيو آهي ۽ رات ڏينهن رن جي عشق ۾ ڪوٺيءَ ۾ اندو اونڌو ٿيو پيو آهي. نڪي ٻارن جي نڪي مڙهن ماءُ پيءُ جي. اڄهو ننڍڙي ڪي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن جو ٻري ۾ پئي ٻري، نڪا دوا نڪو دارون وڃان ته ڪيڏانهن وڃان. رن ڪي ٻلا پنهنجن پوئٽرن تي ڪهل ڪانه پئي سو وري منهنجن تي ڪٿان رحم پوندس. ائين چئي اوڇنگارون ۾ اچي پئي. اسان ڳرانڍي وجهي سمجهايس ته ادي صبر ڪر. اسان پڇيس، ٻلا مائي جوڪو وارث آهي يا لاوارث آهي. تنهن تي چاچي چوڻ لڳي، مڙس جيئرو جاڳندو چڙي آئي آهي. ٻڌو اٿم ته مڙسس ممومءَ جي مٿان ڪيس ٻه ڪيو آهي. رن پنهنجا ته ٻار روليا پر ممومءَ جو ٻه سر نيندي. هاڻ ته الائجي ڇا ٿيندو ۽ منهنجي ٻارن جو الائجي ڪهڙو حشر ٿيندو. اسان ڏڍ ڏيندي چيو، ادي تون الله تي رک رب مڙيئي چڱي ڪندو.

پر چوندا آهن ته عشق آهي ڦشق، انهيءَ جي ٻه درياه جي لاهه ۽ چاڙهه وانگر خبر ئي نه پوندي آهي. ڦاپوءَ تان ٻه نه جڏهن عشق جو ڀوت لهي ويندو تـه پوءِ ويٺي هٿ مهٽيندي ۽ ٻچن لاءِ ويٺي ريهون ڪري لڙڪ لاڙيندي. ممومءَ مون ڪي ڪهڙا سک ڏنا آهن جو هن ڀاڇوڪڙ کي ڏيندو. ٻس هينئر ٻه سهري سان گڏجي آئي آهيان. ويچارو مڙهو رات ڏينهن مزوري ڪري پيو منهنجن ٻچن جو پيٽ ڀري ۽ هـو ٻيحيا ٿيو پوڙهي پيءَ جي ڪمائي ڀاڻ ٻـه پيو ڪائي ته رن ڪي ٻه پيو انگل ڪرائي. ميٺي ٻـه ماٺ ته مٺي ٻه ماٺ. مون واري سس تـه ٻس منهنجو جيڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، چئي ٿي ته ڪچنديءَ ته طلاق ڏياري ڇڏيندي سانءِ. هيڏانهن ٻاهه هوڏانهن پاٽي وڃان ته ڪيڏانهن وڃان.

ايتري ۾ چاچي مموءَ جو پيءُ ننڍڙي کي ڊاڪٽر کي ڏيکاري وٺي آيو ۽ پوءِ هو هليا ويا. هن ڳالهه کي ٻه اڍائي سال ڪن ٿيو.

هڪڙي ڏينهن بابي امان سان ڳالهه پئي ڪئي ته جيڪو ڪيس، چاچي ممو ۽ بابي ۽ ڏاڏي تي قاپوءَ جي مڙس ڪيو هو سو چاچي مموءَ کٽيو. ڇو ته انهيءَ ڪيس ۾ جج کي سندس ڏاڏي چيو ته سائين آءٌ اڇيءَ ڏاڙهيءَ سان ڪيئن پنهنجي پٽ ۽ ساليءَ جي پٽ کي وٺي وڃي ٻيڙو ڪم ڪرائيندس، پنهنجا سنها ٻچا دربدر ڪندس. ڏاڏي جي بيان تي جج ڪيس ڪوڙو ڪري ڪڍي ڇڏيو. ڇو ته ڏاڏي کي اصل ڳالهه جي ته خبرئي ڪانه هئي ته ڪا مموءَ رن ڇڏائي هئي ۽ نه وري ڪا ڳوٺ مان ڀڄي ٻاهر نڪتي. ڳالهه گم سم ٿي وئي. نه ته هيڏي نه مون.... پر چاچي مموءَ رن ڇڏائي هئي ۽ هو ڏوهاري هو. امان چيو، ميان شڪر ڪر هنن ٻچن جي صدقي ۾ ايڏي وڏي ڏچي مان ڇٽي وئين. پر ادي مموءَ کي رب ضرور ٻيڙو ڪندو. هن ڪڏو ڪم ڪيو آهي ۽ معصوم ٻارن کان ماءُ کسي اٿس. مائي جا ٻار رات ڏينهن ماءُ لاءِ رڙيون ڪريو پيا ٻاڪارين ۽ واجهائين ته امان ڪڏهن ٿي اچي. بابا چيو هاڻ چپ ڪر، ٻڌين کي ٻه ڪن آهن، متان ڪنهن کي ڪٿ پئجي وڃي ته ٻانهن مموءَ وٽ آهي. امان ويچاري چپ ٿي ويئي. ڪجهه مهنن کان پوءِ چاچو ممو بابا وٽ آيو. منهن لٿل ڏٻرو ڇڻ سالن کان جهڙو سلهه جو مريض. بابا چيس، ادا خير ته آهي ڪيس ته ختم ٿي ويو هاڻي ته مڙس ماڻهو ٿي ڳٺين کي ڪٽي ڇڏ. چاچي کان اوچنگار نڪري وئي. بابا حيران ٿي ويو. چاچو ڳالهه ڪندو ويو ته ڪيئن قاپل ٻن جڻن سان ٿي ۽ رات ڏينهن ڊپ ۾ ڪوٺيءَ ۾ پئي هوندي هئي، نه ڪاڏو نه پيتو. ويٺي ٻارن کي ياد ڪريو روئندي هئي، چوندي هئي، مموءَ کي ٻچڙا ڏاڍو ٿا ياد پون، رڳو هڪ ڀيرو مندن منهن ڏيکار، آءٌ هن لاءِ سڪي سڪي ڦٽڪي ڦٽڪي مري ويندس. آءٌ چوندو هوسانس ڇا ڪريان ڳالهه هٿن مان وئي نڪري، نه توکي ظاهر ڏو ڪري سگهان ۽ نه وري توکي

ٻارن سان ملائي ڏو سگهان، ڀاڻ ٻئي جيئري ئي جڻ مري ويا آهيون. بس ڦاپل اچي ويم جي ويجهو ٿي، ڊپ کان دانئي ٻـم نه گهرايم ته مٿان ڦاٽ ڦاٽي پوي ۽ وري ڪيس نه اٿلي ڳچيءَ ۾ پوئيم. پوءِ ته سورن وگهي لچندي ڦٽڪندي ڪٽي دم ڏنائين. ٻار ٻـم پيٽ ۾ ئي مري ويو. بس ٻاڏو ڳالهه ئي نه پڇ ته مونتي ڪهڙو ويل وهيو، سڄي گهر جون وايون بتال ٿي ويون ته لاش ڪيڏانهن گم ڪريون. بس ان ويلي خدا ڪٽي منهنجن ٻچن جي صدقي ۾ منهنجو سهرو جيڪو منهنجو سڳو چاچو پڻ هو، سو ڄڻ رحمت جو فرشتو ٿي آيو. هو آيو هو تـه پٽ جي شاديءَ لاءِ هنڌ ڏيڙ ڪٽڻ. ڇو ته ٻهراڙين ۾ جڏهن شاديون ٿينديون آهن تـه هنڌ ڏيڙ ٻرپاسي جي ڳوٺن ۽ مٽن مائٽن سان ونڊيا آهن. پوءِ ته نڪا ڪيم هم نڪا تم پتڪو لاهي ڪٽي چاچي جي پيرن تي رکيم ۽ چيومانس هاٽي ڪيئن ٻـه ڪري مونکي عذاب کان ڇڏائي نه ته ڦاسيءَ چڙهي ويندس. هـي ننڍڙا معصوم رلي ويندا. بس پوءِ ته چاچي لاش ڪٽي ڏيڳي گاڏيءَ ۾ رکي مٿان هنڌ ڏيڙ رکي آڌيءَ رات نڪري ويو. لاش کي ڦليليءَ جي اوجهڙ پاسي وڏو پٿر پيٽ سان ٻڌي ٻوڙي ڇڏيو ۽ اهـڙي نموني ڪنهن کي ٻـه ڪل ڪانه پيئي تـه سڄو مال ڦاڙو ڪا هت رهي. مون جڏهن اها ڳالهه ٻـڌي تـه منهنجي اکين اڳيان ڦاپوءَ جـا معصوم ٻارڙا ٻاڪاريندا ڦرڻ لڳا ۽ سوچڻ لڳس ته اهي ٻار هاڻي ڪڏهن ٻه پنهنجي ماءُ کي نـه ڏسي سگهندا. هڪڙي چاچي سموءَ چا مان چا ڪري ڇڏيو. بس پوءِ ته مونکي چاچي سموءَ کان هميشه لاءِ سخت نفرت ۽ تڪار ٿي پئي. هو جڏهن ٻه اسان جي گهر ايندو هو ته آءٌ سواءِ ڪيڪارڻ جي اٿي ويندي هيس. مونکي ائين لڳندو هو ته هڪڙو خوني منهنجي گهر ۾ اسان سڀني کي قتل ڪرڻ آيو آهي ۽ پوءِ مونکي ڊپ کان سدائين تپ چڙهي ويندو هو.

ورچي نه ويئي

هڪڙي ڏينهن ضروري فون ڪرڻ لاءِ هوءَ پاڙي واري
افروز جي گهر لڙي ويئي. جيئن ئي هن اڱڻ ۾ پير پاتو ته سامهون
رڌڻي ۾ هڪ اڌڙوٽ مائي منجيءَ تي ويٺل ڏٺائين، جنهن اٽو پئي
ڳوهيو. هوءَ سڌي صفحي ۾ هلي ويئي. افروز اخبار پئي پڙهي.
تنهن اٿي هٿ ڏيئي ڪيڪاري وهڻ لاءِ چيو، ”اڄ الائجي ڪهڙو
واءُ وريو آهي جو عيد جي چنڊ وانگر اوچتو ڪٿي ڪيڏي اٿئي؟“
افروز مرڪندي ڪيس چيو. هن به ٺهڪ ڏيندي جواب ڏنو، ”هرهر
هلڪائي وڃڻ در دوست جي. پر ائين ڪونهي. سڄي سر تي اٿم،
نوڪري کي منهن ڏيان، ٻارن کي منهن ڏيان وري موٽي اچي گهر
جي ڪريان. هڪ پل به واندڪائيءَ جو ملئي نٿو جو ماڻهو ڪٿي
ڪنهن هڪ جيڏيءَ جي گهران چڪر هڻي دل وندرائي اچي. اڄ
به ڪاليج ڪونه ويس جو طبيعت ٺيڪ ڪانهي، سوچيم ته ماڻهو
ته ڪو آهي ڪونه جو موڪل جي درخواست ڪٿي وڃي، تنهن
ڪري لڙي آيس تو وٽ.“ ”جيءُ آئين ڀلي ڪري آئينءَ، فون
جي بهاني سهي پر آئينءَ ته سهي. پنهنجو گهر اٿئي، هڪ فون ته ڇا
سوين ڪر.“ افروز کلي چوڻ لڳي. ائين چئي هوءَ فون سندس
اڳيان رکي صفحي مان نڪري رڌڻي ڏانهن ويئي. ڏهن منٽن ۾
چانهه کڻي آئي ۽ پوءِ ويهي چانهن جون چسڪيون ڀرڻ لڳيون. هن
ڪانئس پڇيو، ”افروز هيءَ مائي جيڪا اٽو پئي ڳوهي اها ڪير آهي؟“
”ادي هيءَ ماسي ڪم واري آهي.“ ”آهين ڀا ڳڻ واري. الائجي
ڪٿان ٿي ٺئين سڄ نيون ماسيون هٿ ڪرين. ڪڏهن ڪو ائين
چئي ته ادي هيءَ ماسي ڪٿي تون ڀاڻ وٽ ٻيهار.“ ”ائي ادي
مايون ڪي سٽريون ڪونه ٿيو ملن، انهن ڪم وارين مائين جا ڏاڍا
مان آهن. اَٿَ ڇهه مهنا ته اوڙي پاڙي ۾ ڳوڻن راڄن ۾ وڙول ڏيندي

آهيان، تڏهن سڀ ڪا ڪم واري ماسي ملندي اٿم. جيڪي ماڻديون آهن سي وري ڏاڍيون ماڻائتيون، شانائتيون، تن جا مٿان وري ناز-نخرا به سهڻا پوندا آهن. ڪڏهن ته وري ڪي هٿ جون ميريون ته ڪي وري ڪم چور، ڪي ته سرڳو چورڻ سان ملبل هونديون آهن، جن جو ڏنڊو ئي هوندو آهي ڪم ڪرڻ جي بهاني سڄي گهر کي اک نيٺ ڪري جانچي ڇڏڻ ۽ پوءِ سڄو احوال چورڻ کي ڏيڻ ۽ اوچتوئي اوچتو گهر هڪ ڏک سان ڀهاري ڇڏڻ. پر هيءَ ماسي تمام سٺي آهي، نه هٿ جي ميري، نه وري گهڻي ڪرڻ واري، نه ڪچهريءَ جي ڪوڏي، نه وري نئائڻ واري، خانداني مائي ٿي ڏسجي. بس پنهنجي ڪم سان ڪم. سگهڙپائيءَ سان تڪڙو ڪم لاهيو هلي وڃي. ”چو ڏکويل آهين چا؟“ ”ها ادي مڙسس کي ڦاسي اچي ويئي. ويچاري چئن ٻارن جي ماءُ آهي، شابس آهي سنڌس همت کي، پورهيا ڪري پيئي ٻارن کي پالي ۽ پڙهائي. ماءُ پيءُ به مري ويا اٿس. ٻه ڀائر اٿس ۽ هڪ ڀيڻ. ننڍو ڀاءُ انجنيئر آهي. وڏو ڳوٺ ۾ ٻني ٻارو ۽ مال سنڀاليو ويٺو آهي. ٻنهي کي خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي، پر هن جي ٻچن جي مٿي تي ڪنهن به هٿ نه رکيو. سچ ته هن زماني ۾ ڪير به ڪنهن جو ڪونهي.“ ”ڏالو چا اٿس؟“ هن پڇيو. ”سرهي“ اهو ڏالو ٻڌي هن جا ڪن اڀا ٿي ويا. هوءَ نٻيءَ ۾ پئجي ويئي. افروز ڪيس ويچار ۾ ڏسي چوڻ لڳي. ”چوا ڪنهن جو جهاز ٻڏي ويئي چا؟ ماسيءَ کي سڃاڻين چا؟“ هن چيو، ”نه. سڃاڻان ته ڪانه ٿي پر لڳي ٿو ته مون کيس ڪٿي ڏٺو آهي. الائجي ڪٿي ڏٺو اٿمانس ياد نٿو پوي، ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن چاڻ سڃاڻ وارن جي گهر ۾ ڏٺي هوندم. گهڻن دونجهارن جي ڪري ڏاڍو ويسارو ٿي پيو اٿم. ڪيترين ئي ڳالهيون وسريو وڃن، پوءِ پئي هڻ هڻ ڪان پڇندي وتان.“ ائين چئي هوءَ موڪلائي اٿي هلي پر ويندي مهل وري به ڪنڌ ورائي مائيءَ کي ڏسندي ويئي.

جڏهن گهر جي ڪم ڪارڪان واندي ٿي هوءَ وڃي کٽ تي پيئي ته من ڪا اک لڳي پر ذهن تي سرهيءَ جو ڏالو اچيو بيهي،

انهيءَ اڻ تڻ ۾ ننڊ به نه پئي آيس. روح مان اصل ڳالهه ئي نه پئي نڪريس. ور ور ڏيئي سرهي دل تي ترڻو اچيس ته ڪٿي ڏٺي اٿم. اوچتو يادگيرين جي اونهي سمنڊ مان سرهي تري آئي. بس پوءِ ته جهڙوڪر فلم اکين جي اڳيان ايندي ويس. پر ايئن نٿو ٿي سگهي. هوءَ سوچڻ لڳي. مون واري سرهي ته چڻ ڪوهه ڪاف جي پري هئي، جنهن جون سهڻيون ڪنورن جهڙيون وڏيون اکيون جيڪي سدائين بنا سرمي جي ڪاريون ڪجليون پيون لڳنديون هيون. چڻ بنهه هينئر سرمي جا ڀڪ ڀري اکين ۾ وجهي آئي هجي. هوءَ کيس کلي چوندي هئي، "مٺي اکين ۾ سرمي جا ٽويا پريو ٿي وجهين، پين لاءِ به ته ڪجهه بچائيندي ڪر." ته کلي چوندي هئي ته، "نور سٺي جو سڳنهن مون ته سرمو اکئين به ڪونه ڏٺو آهي." سنڌس ڳاڙها ڳل جهڙا قنڌاري صوف، ڏند موتين جيان سنها ڳتيل. هوءَ جڏهن ٽهڪ ڏيئي کلندي هئي ته چڻ سچليون ڪچ ڪوڏيون پيون ڇڻ ڇڻ ڪنديون هيون. قد جي نه ننڍي نه وري ڊگهي، ڀري پني. هلندي هئي ته چڻ ڊيل پئي ٽلندي هئي. جهڙي ڪر پدمڻي، هٿ لاءِ ته ميري ٿي پوي. سنڌس ڪارا ڀؤنر جهڙا ڀنيا وار جڻ واسينگ، سي گوڏن کان هيٺ پيا وڪڙ وجهندا هئس. اسڪول جون ماسترياڻيون ته سنڌس وارن تي اکڻ چڪن هونديون هيون. حرص مان پيون ڏسنديون هيون ۽ ڪانئس پيون پڇنديون هيون ته سرهي وارن ۾ ڇا ٿي وجهين. هوءَ مرڪي ادب مان چوندي هئي، استاد! امان نموريون، پيرجا پن ۽ ميندي ڪڙي تيل ۾ ملائي وجهندي اٿم ۽ ائين ڏينهن ميٽ تيل سان مٿو ڌوئيندي اٿم. پر هيءَ سرهي ته اجهاميل اجهاميل، نيل، نستي، منهن جون هڙ ڀانيون نڪتل، اکيون ڏرا ڏنل، رنگ دوهانتيل. هن کي ته سنڌس واري سرهي لڳي ڪانه، جنهن سان هن ڇهه سال گڏ پڙهيو هو. هن جون اکيون پرجي آيون. وقت انسان کي ڪيئن نه ڏکن جي گهاٽي ۾ پيڙهيو ڇڏي. انسان ننڍپڻ کان وٺي جوانيءَ تائين ڪيڏا نه سهڻا خواب

ڏسندو آهي پر جڏهن سندس خوابن جو تعبير آبتو ٿيندو آهي ته اهو انسان عرش تان اچي فرش تي ڪرندو آهي ۽ پوءِ پڄي ڀورڀور ٿي ويندو آهي. جيئن اڄ ڪلهه جا ان بريڪ بئل گلاس. هڪڙي ڏينهن هن سرهيءَ کان پڇيو، سرهي هاڻ اڳتي پڙهڻ لاءِ ڇا سوچيو اٿئي. سرهي ٿڌو ساهه ڀري چيس، ”ادي اڳي ته هو بابا سرهيات جنهن جي زور تي پڙهي ڪونتل ڪڏايم. هاڻ ته آهيان پٽر وس. ڀائر الائجي پڙهائين يا مرڳو وٺي وڃي ڪوٺن ۾ قيد ڪن.“ هوءَ ماٺ ٿي ويئي. اسڪول جي گهنڊ لڳڻ تي پنهنجي پنهنجي گهر ويون هليون. اها سڄي رات هن پاسا ورائيندي ۽ سرهيءَ جي پڙهڻ جي ڳڻتيءَ ۾ گذاري ڇڏي. ڇو ته سندس پيچ سرهيءَ سان اهڙو ته پختو پئجي ويو هو جو هن فيصلو ڪيو ته سرهي نه پڙهندي ته آءٌ به ڪونه پڙهنديس. انهيءَ وچ ۾ نوريءَ جي پيءُ جي ٻي شهر ۾ بدلي ٿي ويئي ۽ ڪئين سال گذري ويا. نه سرهيءَ جي ڪيس خبر پئي نه وري سرهيءَ کي سندس. سرهيءَ جو پيءَ ته پنهنجي وڏن جون ريتون رسمون ٽوڙي شهر ۾ لڏي اچي رهيو هو ته هو ٻارن کي پڙهائيندو. هن سرهيءَ کي ٻـه ڀائرن سان گڏ پڙهائي فائنل پاس ڪرائي. پرچوندا آهن، ٻندي جي من ۾ هڪڙي ته رب جي من ۾ ٻي. سرهي بابت سوچيندي سوچيندي الائجي ڪيڏي مهل هن جي اک لڳي وئي. جڏهن هوءَ پنجين ٻجي اٿي ته پنس کيس ٻڌايو ته ”امان هڪڙي غريب مائي توسان ملڻ آئي هئي. مون کيس ڇهين ٻجي اچڻ جو چيو آهي.“ هن سوچيو ڪا ضرورت مند مائي هوندي، ڇو جو ڪڏهن ڪي پاڙي جون غريب مايون کانئس آڌار سڌار يا ڪنهن نه ڪنهن ڪم لاءِ پيون اينديون هيون. جڏهن شام جا سوا ڇهه ٿيا ته در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. هن پڇيو ڪير، ته جواب آيو ”سرهي“ هن جيئن ئي در کوليو ته هوءَ کيس ڀاڪر وجهي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. هن کيس دلداري ڏيئي اڳڻ ۾ پيل کٽ تي ويهاريو. هوءَ اکين مان لارون ڪري نڪتل ڳوڙهن کي اگهندي رهي. هن کيس پاڻيءَ جو گلاس ڏنو. هوءَ ڪ ساهي پاڻي

پي وٺي ۽ پوءِ ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳي، ”تو مونکي ڪونه سڃاتو نه؟“ هن چيو، ”پهرين ته برابر ڪونه سڃاتم پر گهر اچي ڪم-ڪار لاهي ليٽيس ته تون الائجي دل جي ڪهڙيءَ ڪنڊ مان نڪري آئينءَ. تون ٻڌاءِ ته سهي تنھنجا هھڙا حال ڪيئن ٿيا.“ چيائين، ”نوري ڳالهه ٿي نه پڇ ته هنن گذريل سالن ۾ مون تي ڇا وهيو.“ پوءِ ته اچي ڳالهين ۾ پيون. هن ٻه کانئس حال احوال ورتا. نوريءَ ڪيس ٻڌايو ته هيئر هوءَ ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي. گهر وارو گذاري ويو. ٻه ٻار ڌيءَ ۽ پٽ اٿم. الله سائين بابي مرحيات کي جنت ۾ جايون ڏي جو مونکي پڙهايائين، اڄ اها تعليم جيڪا سونن مهڙن کان مٿين وڌ هئي سا ڪم آئي. سرهيءَ ٻه ڳوڙها ڳاڙيندي ڪيس ٻڌايو ته، ”آءٌ ته ننڍي لاڪر کان ٿي نياڳي هيس. ابي جي مرڻ کان پوءِ ڀائرن مون کي ۽ امان کي وڃي ڳوٺ ڇڏيو. منهنجي چاچي جو گهر به اتي هو. وڏي ڀيڻ چاچي جي گهر ۾ پرڻيل هئي. امان بابي مرحيات جي حياتيءَ ۾ سلائي ڪندي هئي. بابي شهر ۾ هڪ مشين وٺي ڏني هيس، سو مڙيئي وقت پئي گذريو. ننڍو ڀاءُ پڙهڻ ۾ هوشيار هو سو وڃي انجنيئر ٿيو. ۽ وڏي ڀاءُ جي بابي جي اوچتي وفات ڪري پڙهڻ تان دل کڻي ڇڏي. تنهن ڳوٺ ۾ ٻني ٻارو ۽ مال سنڀاليو ۽ ڀيڻ جي بدي ۾ ورتل سؤٽ سان شادي ڪيائين. ننڍي ڀاءُ شهر ۾ پنهنجي ڏني تي شادي ڪئي. مون گهڻو ئي ڀائرن کي چيو ته ادا ڳوٺ ۾ ڇوڪرين جو اسڪول آهي، چئو ته اتي نوڪري ڪريان، ته ٻنهي ڀائرن هڪ آواز ۾ چيو ته، ”اهي ڏينهن ڪاٿي آئين، جو اسين ننڍا هئاسين ۽ بابي جي اڳيان اسان جي دال ڪانه ڳرندي هئي، هاڻ گهر کان ٻاهر پير ڪڍي ڏس، ٽنگون ڀڃي ڇڏينداسين، هلي آهي ماستري ڪرڻ، اتي گهر ۾ رکو سکو کايو ويٺي الله الله ڪر.“ امان ته اڳيئي نماڻي پورهين جي پيڙهيل جهڙي گونگي ڳانءِ سا ويچاري ڪچي جهڙي ڀت، ڇو ته وچ ڪڏي ڪيري ٿي.

هڪڙي ڏينهن ابي جو پري جو مٽ اچي نڪتو. ٻه ٽي

ڏينهن نڪيو ۽ پوءِ هليو ويو ڳوٺ. مون امان کان پڇيو، ”امان هيترا ڏينهن هي بابي جو مائٽ ڪٿي هو؟ گهڻيئي مائٽ پيا ايندا ويندا آهن، پر هن کي ته مون ڪڏهن به ڪونه ڏٺو.“ امان جواب ڏنو، ”پٽ هي سدائين ڪمڪارين ڪري مائٽن کان پري رهيو آهي. مون به اڄهو هاڻ ڏٺو اٿمانس، پاڻ کان تنهنجو سڱ گهريو اٿس.“ مون چيو، ”امان ادا ڇا چيو.“ ”پٽ پاڻ هائو ڪئي آهي. اڳئين جمعي تي تنهنجي شادي آهي.“ اها ڳالهه ٻڌي آءٌ ڏڪي ويس، ته آئون پاڻ تي ڄڻ بار آهيان، جو نه ڪياڻون پڇڙي، نه سڱٽو، نه ونواهم. بس ڄڻ هڪ پريءَ جيان مٿي تان لاهي اڇلائين ٿا. امان چيو، ”پٽ تون دل ڇو لاٿي آهي. سڄي هارجي وئين آهين، پلي خدا ڪري منهنجي جيئري پنهنجي گهر واري ٿين، جيئن مرڻ مهل سڪرات سولي ٿئيم. نه ته تنهنجو ڪنڊو دل ۾ پيو چڀيدم.“ مون ڪٿي حيا کان ڪنڌ هيٺ ڪيو. بس ائين اٺين ڏينهن ادي وڏي ديڳ پٽ جي لهرائي مٿي تان بار لاهي ساهري گهر اماڻي ڇڏيو. اتي وڃي ڏٺم ته مارا! هت ته ڳالهه ئي اور لڳي پئي هئي. ٽي ڏيراڻيون ۽ هڪڙي ڀاڄ. ڳاٽ ڪٽيو ويٺيون هيون. خير پهرين رات ته گذري. جڏهن صبح ٿيو ته منهنجي وڏي ڏيرياڻي چوڻ لڳي، ”سائي مائٽن تي بار هئينءَ يا سندن اڻوڻو هون جو تو جهڙي سدا سلوڪ ڌيءَ کي ڀاڄ تي ڏنائون. تنهنجي ڀاڄ به مڙس جو ڪٿيو ڪونه ڪاڌو، ڇو ته مڙسهين ته نامي گرامي رهزن چور آهي. هي به ڏينهن گهر ۾ ته مالن جاسال جيلن ۾. اها ڳالهه ٻڌي هانءُ ۾ ڌڪ لڳي ويم. ڪيڏان جهڙي پٽ. ڇا ڇوان، ڪنهن کي ڇوان ڪنهن در دانهن ڏيان. مون سان اهو ناحق ته پنهنجي ابي جي پڻن ڪيو. نه ڏٺئون تر نه ٻر. ڏينهن گذرندي ويرم ٿي نه لڳي. اڃا ستاوڙو مس ٿيو ته گهوٽم کي پوليس خون جي ڪيس ۾ ٻڌي وئي. پوءِ ته بس ڏيراڻين ٽپائي ڪنيو، رات ڏينهن پيون طعنا تنڪا ڏينديون هيون ته نياڳي آهي. ڇنڊيءَ ايندي ئي مڙس جو سر کنيو. ويڪون به ڪيڏنديون هيون ۽ سڄي گهر جو ڪم به پيون ڪرائينديون

هيون. نئون مهينن کان پوءِ پٽ ڄائو. اسان ڪڏهن اچيو ڀيرو ڪريو، منهن ڏيکاريو ويندي هئي. نه ته ڀائرن ته لڙي به ڪونه ڏنو. الائجي مون کان ڪهڙو گناه ٿيو هو. انهي وچ ۾ مڙس پوليس کي خرچي ڪرائي ڪورٽ ويندي گهران ٿيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح چار ڀار ٿيا. هڪڙي ڏينهن خبر ملي ته مڙسم کي ڦاسي ڏنائون. پوءِ ته گهر ۾ ٻائيتال مچي ويو. هاڻ ته گهر جا ڀاتي وڏيڪ ڇپ پئجي ويا، ڪڏهن ڏاڻ، ته ڪڏهن چنڊي پيا چوندا هئا. پر اهي سڀ سور هنن ٻچڙن جي ڪري پئي سهندي هيس. پر دل ۾ سدائين پئي سوچيندي هيس ته هڪ ڏينهن ضرور ماستري ڪري هنن ٻچن کي پڙهائيندس. پيٽ ته ڪتا به پيا پاليندا آهن، هڪ ڏينهن اوچتو منهنجو وڏو ڏير به گذاري ويو. ٿورو گهڻو آسرو هو سو به پورو ٿي ويو، باقي ننڍن ۾ افعال ڪونه هو جو مونکي سنڀالين، ڇو ته هو زالن جا مچو هئا. هاڻي ته ڏاڍي اچي تنگ ٿي پيس. امڙ به وڃي رب کي رسي. سو هڪ ڏينهن همت ڪري ڏيرن کان موڪلائي انجنيئر ڀاءُ جي گهر شهر ۾ آيس. ڀاءُ سان حالي احوالي ٿيس. جنهن چيو، "مائي تنهنجي ڀاڳ ۾ لکيوئي اهو هو، اسان ڇا ٿا ڪري سگهون. هاڻي جي آئي آهين ته ويٺي نڪر ڪائج. ڀاڄائين به اڪيلي ٻارن کي منهن نٿي ڏيئي سگهي. تون هٿ پئي ونڊائج." پوءِ بنگلي جو سرونٽ ڪواٽر ڏنائون جتي ٻار وٺي وڃي وهاريم. ماني ٽڪر پيو ملندو هوم. پر غيرت ڪري اها ماني مونکي وه ٿي لڳندي هئي. ائين به ٿي مهنا گذري ويا. هڪ ڏينهن ڀاءُ کي چيم، "ادا آءٌ ٻارن کي پڙهائيندس، هنن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڏي." منهنجي ڀاءُ کي جڻ ڏينهوءَ ڏنگي وڌو. چوڻ لڳو، "مائي رهڻو ائٿي ته رهه، نه ته وٺ گس کي. هڪڙو ته پنجن ڇٽن کي ڪارايان پيو وري پڙهايان." مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو. آءٌ پنهنجي پراڻي پاڙي ۾ ٻار وٺي ماسي "هلوءَ" جي گهر هلي ويس. تنهن چيو، "امان تون منهنجي ڌيءَ آهين هي گهر پيو ائٿي. پنهنجو ڪري سمجهه دل نه لاهه، همت کان ڪم وٺ. چوندا آهن تہ ٻڌندڙ کي ٻوڙي جو

سهارو ملندو آهي تـہ پاڻ بچائڻ لاءِ انهي کي چڪي ڪٽي جهليندو آهي. سو مون بہ ڪٽي ماسي هلوءَ جو سهارو ورتو ۽ سندس گهر رهڻ لڳيس. ماسي هلو چار درجا سنڌي ۽ قـرآن شريف پڙهيل هئي، سو ماسي هلوءَ وٽ پاڙي جـا ٻار قـرآن شريف پڙهڻ ايندا هئا. هاڻي منهنجا ٻار بہ ماسي هلوءَ وٽ پڙهڻ لڳا ۽ آءٌ پورهيو ڳولڻ لاءِ ماين سان لهم وچڙ ۾ لڳي ويس. چو تہ ويهي ڪائينديءَ تہ ڪوہ بہ ڪٽي ويندا. هاڻي چئن گهرن جو ڪم ڪندي آهيان. ٻار اسڪول ۾ پڙهن پيا. گل ڏهين ۾، سوني نـائين ۾، افضل ائين ۾ ۽ مارل ڇهين ۾. وقت ويندو گذري ۽ ٻار پڙهي پوندا. ڪچهري ڪندي ۽ پراٽين ياد گيرين کي ماريندي اچـي سج لٿو، سرهي بہ موڪلائي گهر هلي وئي. ۽ هوءَ سندس ٻارن جـي باري ۾ سوچيندي رهي تـہ سرهيءَ جا پاڻر پنهنجي ڪوڙي شان ۽ انا کي ڇڏين ها تہ اڄ سرهي ڪر ڪٽي نہ ڪٽي ماستري ڪري ٻارن کـي پڻي پـالي ۽ پڙهائي ها. هيئن در در جا ڌانوڙ ٻهاريون ڪونہ پئي ڪري ها.

ائين ڪيترائي سال گذري ويـا. هڪ ڏينهن نوري پنهنجي ڪنهن مائٽياڻيءَ کي اسپتال ۾ ڏسڻ ويئي تہ اتي ڏسي تـہ سا ڳي ڪر سرهي ڊاڪٽري واري ايپرن ۾ اسٽيٿسڪوپ هٿ ۾ ڪنيو، ٻـن ڊاڪٽرن سان ڪنهن مريض جي تپاس پي ڪيائين. هن ڪان رهيو نہ ٿيو وڃي سندس پاسي کان بيٺي ۽ پنهنجي مائٽياڻي جي بستري جو پڇڻ لڳي. جڏهن ڊاڪٽرياڻي مـون ڏانهن نهاري وارڊ نمبر ٻڌائڻ لڳي تـہ هـوبهو سا ڳي سرهي جنهن ساڻس ست درجا سنڌي پـاس ڪيا هئا ۽ هاڻ ماڻهن جـا ڌانو ٻهارا پئي ڪندي هئي. هن کيس چيو، ”اماں تون سرهيءَ جي ڌيءَ سوني تہ ڪانہ آهين؟“ ڊاڪٽرياڻي کلي چوڻ لڳي، ”ماسي تون مون کي سڃاڻي ٿي؟“ ”ها! امان آءٌ تنهنجي ماءُ جي ننڍي هوندي جي ساهيڙي آهيان. اسان گڏجي پڙهيو هو، پر قسمت جي ڳالهہ آهي، لکئي کي ڪير بـہ ليڪو ڏيئي نٿو سگهي.“ امان پلا ماڻهين ڪيئن آهي، ڪٿي آهي، اچي بہ ڪانہ ٿي. هوءَ يڪ ساهي چئي ويئي. ”ماسي امان تہ هاڻ گهر ۾ ويٺي

آرام ڪري. جڏهن ڪان آءٌ ۽ ادا نوڪريءَ تي چڙهيا آهيون تہ امان کي اسان گهر ۾ آرام ڪرڻ لاءِ وهاري ڇڏيو آهي، هن اسان لاءِ ڪري ڏاڍا پورهيا ڪيا آهن. ادا وڏو بہ ڊاڪٽر آهي سندس شادي بہ ٿي ويئي، ڪيس بہ ٻار آهن جيڪي امان جي اڳيان پيا رانديون ڪندا آهن. امان بہ پوٽي ۽ پوٽيءَ کي ڏسيو پئي نهال ٿيندي آهي." پوءِ هوءَ موڪلائي مريضہ کي ڏسڻ ويئي ۽ سوچيندي ويئي تہ انسان جيڪڏهن ڪنهن بہ ڪم يا مقصد لاءِ لڳاتار محنت ڪري ٿو تہ هو هڪ ڏينهن زندگيءَ ۾ ضرور ڪامياب ٿي پنهنجي منزل ماڻي ٿو. ●

ايمان جي سلامتي

”حافظ سڳورو آيو آهي!“ زرينہ امان وڏيءَ جي ڏڍنڍڙ ستيءَ کي جهلي سندس ڪن ۾ گهڙندي ڪيس ٻڌايو.

حافظ جي اچڻ جي خبر ٻڌي امان وڏيءَ جو ڪپهہ جهڙو اڇو مٿو وڌيڪ ڏڏڻ لڳو. هن پنهنجي ناس جي دٻي وهاڻي هيٺان لڪائي ڇڏي. حمائل شريف رحل تي رکي پنهنجي اڇين پنبڻين تان وهندڙ پاڻي اگهي ڪٽ تان چادر لاءِ هٿوراڙيون ڏيڻ لڳي.

پوٽس سليم کي امان وڏيءَ جا اهي نخرا اصل ڪونہ وڻندا هئا: ٧٥ سالن جي عمر ۾ ٻنگيءَ ۽ ٻخاليءَ کان پرڙدو پيو ٿئي. حافظ سڳوري جي اچڻ جو ٻڌي چادر پيئي ڳولجي، ڪيڏانهن وڃڻو هجي تہ ٽانگي تي پڙدا پيا چاڙهجن. عورت ڪٿي امان وڏيءَ وانگر سڪل ڪارڪ جهڙي ٿي پوي تہ بہ خوش فهمي اصل ڪانہ لهندس. پلا ڪا حد بہ هجي. حافظ سڳورو ويچارو پاڻ اکين کان سڄو، ڪنن کان ٻوڙو، پر امان وڏيءَ سندس اچڻ جو ٻڌي ائين چرڪ وٺي پريو ڇڻ سندس مڱيندو ڪيس ڏسي پسند ڪرڻ آيو هجي.

سليم جي پٽ پٽ ڪندڙ چپن کي ڏسي امان وڏي سمجهي ويئي تہ ڪيس نصيحت پئي ڏئي.

”ميان صاحب، زال ذات تي قبر جا ٣ ڏينهن بہ ڳرا ٿا ٿين. سڄي عمر ڪنهن ڏارئين مرد جي منهن نہ پياسين. سو هاڻ وري ڪو تنهنجي پيٽڻ وانگر مٿو اگهاڙو ڪري سينو ڪڍي ٻاهون هٽندي وتنديس ڇا؟“

حافظ سڳورو تہ هونئن بہ سندن دشمنن مان هو. امان وڏيءَ وارن جي ڪاري ڪوهہ وارن سان پراڻي دشمني هئي. اها دشمني ان ڏينهن کان وٺي هلندي ٿي آئي، جڏهن حافظ سڳوري جي تڙ

ڏاڏي امان وڏيءَ جي پٽ ڏاڏي جي پنيءَ ۾ زبردستي پوک ڪرائي هئي. انهيءَ دشمنيءَ مان ايتريون شاخون نڪتيون ۽ ڳالهه وڃي وڃي ايستائين پهتي جو امان وڏيءَ جي ڏاڏي حافظ سڳوري جي ڪنهن وڏي ڪي وچ رستي تي بيهي چيو، "اڄ ڪان وٺي امان جي ڪاري ڪوهه وارن سان ڀائيچاري ختم آهي. جيڪو پنهنجي پيءُ جو تخم هوندو سو اوهانجي در جو پاڻي ڪونه پيئندو."

اها ڳالهه ان زماني جي وڏن جي وات مان نڪتي هئي جڏهن وڏا يوناني ديوتائن وانگر ڪائنات جون سڀئي چاٻيون پنهنجي هٿن ۾ رکندا هئا. تنهنڪري سڀني پوين انهيءَ ڳالهه کي حديث شريف وانگر پاڪ سمجهي انجي پيروي شروع ڪري ڇڏي. مرڻ ڪان سري ويا پر نه پنهنجي ڇائي هنن کي ڏنائون نه وري سندن ورتائون .

هونئن جيڪڏهن در در جي سامهون آهي ته شادي غميءَ تي هڪ ٻئي وٽ وڃڻوئي ٿو پوي. پاڙي وارن سان وڙهڻ ۽ گڏجڻ جون رسمون پاڙيون پون ٿيون. ٻار ساڳيا اڱڻ تي لڪ لڪوٽيون پيا کيڏندا هئا. جوان وري هڪ ٻئي کان دوستيءَ ۾ گوءِ کڻڻ لاءِ آتا هوندا هئا. وڏڙا به مٿئين دل سان پاڻ ۾ ملندا هئا پر ڇئن ماڻهن ۾ گڏ وهندا هئا ته هڪ ٻئي جي لاک لاهڻ کان ڪين مڙندا هئا.

حافظ سڳورو اسيءَ جي وڪڙ ۾ هو. اڳئين زماني جا ڪاڏا خوراڪو پيٽ ۾ هئس، تنهنڪري هن عمر ۾ به لٽ جهلي گهٽي مٿي ٿي ويو. وساميل ڏيئي جهڙين اکين تي ڀڳل ڪمانين واري عينڪ چاڙهي ماڻهن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش پيو ڪندو هو.

هٿن پيرن ۾ ڏڪڻي، قبر پئي سڏيس ۽ هو جهڪندو پئي ويو. مٿان وري دم جي بيماريءَ ته هڪ منٽ به آرام سان وهڻ نٿي ڏنس. هر وقت لوهار جي ڌمڻ پئي هلي. سمجهوڪٿي ته عزرائيل کان گوهي ڪائي لڪي وينو هو.

پر اڄ امان وڏيءَ جنهن ڳالهه لاءِ کيس سڏايو هو، تنهن

سنڌس ڏريل رت کي به ٿهڪائي ڇڏيو هو. ايترو ته جوش هئس جو هوڏانهن کٽ تان چرڻ کان لاچار هو ۽ هيئنر هڪ پاسي ڪنهن پار جي ڪلهي تي پانهن رکي ٻئي پاسي لٺ تي ٽيڪ ڏئي اسان وڏيءَ سان ملڻ لاءِ اچي نڪتو هو. تڪڙ تڪڙ ڪري اندر گهڙيو ته اسان وڏيءَ جي ننڍي ننهن ڪيس پانهن مان جهلي اڳيان گس ڏيکارڻ لاءِ وڌي آئي. پر هن سنڌس هٿ کي ڍلهو ڏئي ڇڏيو: ”ابا، هي گهر منهنجي لاءِ نئون ٿورو ئي آهي. اسان هن اڱڻ ۾ اٺي ذڪر رانديون ڪيون آهن.“

حافظ سڳوري جي انهيءَ ڳالهه تي سڀني کي کل اچي ويئي. اهو يقين ئي نٿي آين ته ڪو حافظ سڳورو به ڪڏهن ٻار هوندو.

”خوش ته آهين؟“ هو پاڻ جو ڪنن کان ڇٽ هو تنهن ڪري ايترو ڏاڍيان ڳالهائيندو هو جو ٻيو ٻوڙو به ٻڌي وٺي.

ٻوڙي اسان وڏي به هڪدم جواب ڏيڻ لاءِ پنهنجو پيو وات کوليو: ”خوش هونديس ته کهڙا ڦاڙها ماريندي. هيئنر جهڙي آهيان تهڙي ناهيان. اسان لاءِ ته موت به نٿو اچي.“

هن پنهنجي هيڏانهن هوڏانهن ڏڏندڙ مٿي کي وهاڻي تي ٽيڪ ڏني ۽ پوءِ سوچڻ لڳي ته پهرين پنهنجي دائمي کنگهه جو حال اوريان يا دل جي دوري يا پيرن جي سوڄ جي شڪايت ڪريان يا وائي سور جي.

”الله!“ حافظ سڳوري کي کٽي پلنگ تي سٿيائون ته ڪانئس دانهن نڪري وئي ۽ هو وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳو.

”آهين سچي! پنهنجو ٽيم به اچي هاڻ پورو ٿيو آهي هاڻي ته الله کي اهو ئي سوال آهي ته شل ايمان جي سلامتيءَ سان هتان اماڻي. ايمان آهي ته هلي سوا ڪنڌيءَ ٿيندا سين.“ ايتريءَ ۾ هڪڙي نوڪرياڻي چلم تازي ڪري آڻي اڳيان رکيس ۽ نڙ کڻي هٿ ۾ ڏنائينس.

اسان وڏي سچي ڳالهه نه سمجهي. رڳو هڪ پٽڪو دنيا مان وڃڻ جو ڪن تي پيس.

”پوءِ وري ڇا! آخر زمانو اچي پيئو آهي. ٿورا ڏينهن ٻيا ڏسون ته ڀلا اهو پيا جيئون!“

هوءَ ماٺ منهن ۾ ناس جي ڏٻي لاءِ هٿوراڙيون ڏيڻ لڳي جو اوڀاسين اچي ساهه منجهايو هوس.

”بس هوندس ڪو مطلب!“ حافظ سڳوري هٿ وڌائي نڙ ڪڍي چلم مان ڦوڪ ڀري دونهون ڪيندي ”نمرود جي بادشاهيءَ ڪي باهه ڏيئي ڇڏيائين. هي ته آسمان کي ٽنگ پيا ڪن. ڏسج وينهي، ڪهڙو قهر ٿو نازل ٿئي!“

ڳالهه پوري ڪري ائين ڪڍي ماٺ ڪيائين، جهڙوڪ نازل ٿيڻ جو انتظار ٿي ڪيائين.

”اي، ڪو هي قهر وري گهٽ آهي ڇا؟“ امان وڏي هٿ اچلي آڱر چپن تي رکي چيو. ”ڇوريون پنهنجي وات سان گهوٽ گهريون پيون وٺن!“

حافظ سڳوري اوچتو چرڪ ڀريو. نڙ هٿ مان ڪري پيس.

جڻ انهيءَ قهر جو پهريون پٿر مٿانئس اچي ڪريو هو. هيءَ ته امان وڏيءَ ڪيس ظاهر ظهور ٽوڪ ٿئي هئين. اهو هن پهريون ڌڪ پئي سهسايو ته امان وڏيءَ وارو ٻڌي ڏنو: ”هاڻي اهي ڏکيا ڏک ڪيڏانهن ويا جيڪي پتين کي ٽڪر پيا هڻندا هئا. جوان جماڻ ڪلندا ڪڏندا مريو وڃن. امان کي الاجي ڪهڙن ڏينهن ڏيکارڻ لاءِ ويهاريو وينو آهي.“

حافظ سڳوري کي ڪنگهه ڪجهه چوڻ ئي نه ڏنو. رڳو ٻيوسيءَ سان هٿ اچليندو رهجي ويو.

امان وڏي سچ پچ جيئڻ کان بيزار ٿي پيئي هئي. زندگيءَ جا سڀ رنگ ڏسي چڪي هئي. مڙس تي حڪومت ڪيائين، سس جا موچڙا کاڌائين، هڪ جوان پٽ کي پنهنجي هٿن سان ڪفن پارايائين، ٻن پٽن جي مٿي تي سهرو ٻڌائين، پوءِ وري سندن اولاد کي هٿن تي لاڏو ڪيائين، ٽن نائين جا لاڏ ڪيائين. سهاڳ جي نٿ پڳي به ٽيهه سال اچي ٿيا هئس. زندگيءَ جي اها ڪڙاڻ به

ڏڪ ڏڪ ڪري پيٽي پيس. هاڻي هوءَ سڄي پاڙي جي امان وڏي سڏبي هئي. آيو ويو سندس نوراني منهن کي ڏسي دنگ رهجي ويندو هو ۽ کيس سلام ڪري کانئس دعا جو طالب ٿيندو هو. ماڻهو ڳالهيون ڪندا هئا ته امان وڏي جي ڪنهن کي دل مان دعا ڪري ته اها ضرور پوري ٿيندي آهي.

اڇي چانڊوڪيءَ جهڙن وارن ۾ لڪل منهن جا ميرا گهنج امان وڏيءَ جي صبر ۽ سهپ جا داستان ٻڌائيندا هئا. سندس چهري تي لهنڊڙ سج جي خوبصورتي هئي. هاڻي ته اهڙو وقت اچي ويو هو جو هوءَ سڄي گهر لاءِ نهڪيل ڪير وانگر ٻنجي ويئي هئي، جو نه ڳڙڪائي سگهجي، نه ٿوڪاري سگهجي. سندس ٻڪ ٻڪ ۽ ڪير ڪير کان سڀ بيزار هئا. ڪو مڃي نه مڃي پر هوءَ هر ڳالهه کي پنهنجي وقت مان پيٽي ڏسندي هئي ۽ لعنتون وجهندي هئي. ڏهٽن پوٽن جي رت ۾ ته خير هونئن ٻه ملاوت هئي پر سندس پنهنجا پيٽ جاوا ٻه کيس مت کان ٻاهر سمجهي سندس ڳالهه لنوائي ڇڏيندا هئا. شايد الله سائين وڏان سندس عمر جي ليکي چوکي جا ڪاغذ ڪوڙا ڪٽي ويا هئا ۽ هاڻي هوءَ بس اڏين پٽي جيئي.

هاڻي اها ڳالهه ٿي ڪٽي وڌو: سٽن پيڙهين کان وڏي هلندو ٿئي آيو ته ڪاري ڪوهه وارن سان مٿي مائٽي ڪانه ٿيندي. پر اڄ امان وڏيءَ جي نالائق پوٽي سليم فيصلو ڪري ڇڏيو تہ شادي ڪندس ته حافظ سڳوري جي پوٽي غزالہ سان، نه ته نه ۽ ٻنهي جا ماءُ پيءُ ٻه بلڪل راضي هئا.

امان وڏيءَ جڏهن اهو ٻڌو تڏهن وٺي منهن مٿو پٽڻ لڳي. رڙيون ڪري سڄو گهر مٿي تي کٽي ڏنائين. پنهنجي پٽ جي ٻانهن ۾ چنبڙي پيئي تہ پهرين مونکي قبر ۾ پوري اڄ پوءِ ڪاري ڪوهه وارن جي ڌيءَ هن چائٺ تي پير رکندي. امان وڏي جو پٽ تازو پروفيسري تان رٽائر ٿي گهر اچي ويٺو هو. ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ خاندان ۽ پراڻن رواجن ۽ رسمن سڌارڻ جو شوق اڪثر جاڳندو آهي. طوفان کي ڪو ٻه ٻند روڪي نہ سگهندو آهي. اها ڳالهه

٧٥ سالن جي امان وڏي نه سمجهي سگهي، پر هڪ رٽائر ٿيل پروفيسر ته سمجهي ويو. ٻي واهه نه ڏسي امان وڏيءَ حافظ کي ماڻهو موڪليو. هوءَ سڄي پاڙي جي امان وڏي هئي ته حافظ سڳورو به پنهنجي خاندان ۾ پاڪ سوکڙيءَ وانگر سانڍي رکڻ جهڙو بزرگ هو. پٽن، ڌين، پوٽن، پڙپوٽن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ٿي وهاريائين ته سؤ کان وڌي ٿي ويا. هو پاڻ هنن پرديسي واپارين کي پاڻ کان گهٽ سمجهندو هو. دنيا کي خبر هئي ته امان وڏيءَ جي پڙڏاڏي جو پڙڏاڏو آٺن تي پخالون رکي هتي آيو هو. پوءِ ڪو ڪٿي پاڻ کي سيد سڏائيندو ته ان کي ڇا ڪجو. باقي ڪنهنجي اندر جي ڪهڙي خبر ته ڪهڙي باغ جي موري آهي. حافظ سڳوري جو جيڪڏهن وس پڄي ها ته هو بيحيا بيشرم غزاله کي جيئرو پورائي ڇڏي ها. پر غزاله تي ته حافظ سڳوري جي نانيءَ جو به زور نٿي هليو.

”هو ڪا ٻي سمجهه ٻار ته ڪانهي. ڊاڪٽري پاس ڪئي اٿس، پنهنجو چڱو مٺو پاڻ سمجهي سگهي ٿي.“

حافظ سڳوري جڏهن نانيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي تڏهن مغز کي چڪر اچي ويس: ”ڇوڪرين کي به عقل ٿيندو آهي ۽ پنهنجو چڱو مٺو پاڻ سوچينديون آهن!“

هن لٺ هٿ ۾ کنئي ۽ هليو امان وڏيءَ ڏانهن. جڏهن سڀ هڪڙيءَ پيڙهيءَ ۾ چڙهيل هجن ته پوءِ نخرا ڇا جا! پر امان وڏي ته ڪنڊ وانگر چنبڙي ويس. هڪ ته ڪنگهه جو دورو، مٿان وري امان وڏيءَ جي زهر ڀريل جملن جي جواب لاءِ موزون اکر جي ڳولا جي ڪشمڪش.

حافظ سڳوري تيز هوا ۾ ٿڙ ٿڙ ڪندڙ ڪپڙي وانگر ٿڙڪڻ لڳو: ”آئون تنهنجون چالاڪيون سمجهان ٿو. اهو زمين وارو پراڻو وير ٿي وٺين. قبر جي ڪنڌيءَ تي ويٺي آهين ته به....“

پر امان وڏيءَ هٿ مٿي کڻي سندس ڳالهه وچ ۾ ڪاٽي ڇڏي.

”اڙي هل، هل، وڏو آيو آهي قبر جي عذاب کان ڊيڄارڻ وارو. ڀهرين پنهنجين ڏوتين کي تہ وڃي پل، جيڪي معصوم ٻارن جا رستا جهليو ويٺيون آهن. انهن لاءِ بہ ڪا الله سزا ڳولي رکي آهي جن تنهنجي اڇي ڏاڙهيءَ کي ڪارنهن مکي آهي!“

”م.... م.... منهنجي ذهنيءَ کي ڪجهہ چيو اٿئي تہ....“

حافظ مڳورو هٿ جي اشاري سان ڳالهہ پوري ڪرڻ لڳو. وڪالت برابر ڪري چڪو هو پر امان وڏيءَ وانگر گوهيون ڏيندڙ مخالف وڪيلن سان پلاند ٿورو ئي انڪيو هوس.

”ها، ها وڏو آيو آهي ڊگهي نڪ وارو.“ ڪاوڙ وچان امان وڏيءَ جو ساهہ منجهڻ لڳو.

”پڪيئين جي افعالن جي سڄي جهان کي خبر آهي ڪنهن بہ ڪجهہ تہ ڏنو جو لاڏن ڪوڏن سان ڪيل مڱڻو ٽوڙي ويو!“

حافظ ڪاوڙ وچان ڳاڙهو ٿي ويو. هٿ ڪٿي جيئن ڪجهہ چيائين ٿئي تہ چلم جي ٽوپي ڪري پڇي پيئي.

”چڱو هاڻي گهٽو ڪيئي! منهنجا ڪهڙا عيب ڪيندين؟ مون پنهنجي نڪ اوچي رکڻ لاءِ پاڻ کي جيئري ئي ساڙي ڇڏيو.“ زال ذات سان بحث ۾ پلا ڪنهن کٽيو آهي جو ويچارو حافظ کٽي ها! سندس رڳن ۾ جميل رت ٽهڪڻ لڳو. دل ٿي چيس تہ انهيءَ واترادي لپوسيل پوڙهيءَ کي کٽي پٿر وانگر پٽ تي ڦهڪو ڪرائي. هونئن بہ عورت جي وات اڳيان مرد هڪڙو ئي هٿيار هلائيندو آهي: طاقت .

پر اڄ تہ اهي هٿ پير جڏا ۽ اپاهج هئا. هڪڙي وک کٽي ٿي پيس تہ ٽيڪ لاءِ ڪنهنکي سڏڻو ٿي پيس. زبان جا انجيس هر هنڌان اکلجي چڪا هئا. نظر جواب ڏيڻ تي هئي. مرد لاءِ ان کان وڏي سيکت پلا ڪهڙي.

”هي ڪي اوهانجي ٻارن وانگر وڙهڻ جا ڏينهن آهن!“

”سچي! اسين تہ حافظ مڳوري کي ڏاڏي برابر ڪري ٿا سمجهون!“ امان وڏيءَ جي وڏي پوٽيءَ زرينہ چيو.

”ائي مونکي ڪٿي باهه ڏي! اوهان جو وس پڇي ته جيئري ڪڏ ۾ هٽي ڇڏيو.“

ڪاوڙ وچان امان وڏيءَ جي وات مان ڳف نڪرڻ لڳي.

”هي ڪالهوڪا ڇورا!...... هونهن!.... اسين به هئاسين ڪي نه.“

حافظ سڳوري هٻڪندي چيو ۽ خلا ۾ گهورڻ لڳو.

”پيو وري ڇا.... اسانجي ڏينهن ۾ به ته....“ امان وڏيءَ اکيون ڦرڙائي حافظ ڪي گهوري ڏٺو. جڻ ڏڪوڪائي پنتي گهلجي ويئي. هڪ لڙڪ ڏکن جي تتل رڻ پٽ ۾ اچي ڪريو ۽ هڪ پل اوچتو پنيان پکڙيل زندگيءَ تي ڪاهه ڪئي. هن ويڙهي ۾ بيٺل انب جو وڻ ڏٺو جنهن جون ٻور مان پريل ڏاريون سڄي اڱڻ تي ڇانيل هيون. اهو ئي وڻ هو جنهن کي بابا ڪنهن باغ مان ٽڏاري آيو هو. سڀني ٻارن جهٽيون هيون. پر ٻوڏو اوچي قسم جو هو تنهنڪري بابا سڀني جي هٿن کي پري هٽائي امان وڏيءَ کي جهلڻ لاءِ ڏنو، جا تن ڏينهن ننڍڙي سڏبي هئي. هوءَ ڪرپيءَ سان اڱڻ ۾ ڪڏ ڪوڙڻ ويئي ته پاسي کان حافظ به اچي ويئس. جنهن کي ننڍڙي ”ادا رجو“ سڏڻ بدران رياض چوندي هئي. هن حافظ سڳوري تي هڪڙي نگاهه وجهي ان شرير رياض کي ياد ڪيو جيڪو ڪيس ٻانهن کان جهلي کوهه ۾ لڙڪائيندو هو. پر هن ڪڏهن به ماڻس کي رياض جي دانهن نه ڏني، جيتوڻيڪ ڊپ کان سندس ساهه پيو نڪرندو هو. ان وقت ننڍڙيءَ جي عمر الائي ڪيڏي هئي پر ايتري يادگيري هئي ته هوءَ ان سان گڏ ٻنين ۾ ڊوڙڻ پائڻ جي بدران هاٺي سنڀالي هلڻ لڳي هئي. پڦي هاٺي سڄو ڏينهن ڪيس پنهنجي پاسي ۾ وهاري سبڻ پرڻ سيکارڻ جي بهاني ڪانئس پنهنجي ٻارن جا چولا سبائيندي هئي. ڏورو به ٽوپو ڏنگو ڦڏو ٿيو ناهي پڦيس سندس سري ۾ سئي ٽنبي ناهي. پر تڏهن به هوءَ پيئي ڪلندي هئي. الائي ڇو پنهنجو پاڻ کل پيئي ايندي هئي. پر انهيءَ ڏينهن هن ذري ذري پنهنجون اکيون پٺي رئي سان اگهيون.

جڏهن رياض ڪانئس رنبو ڪسي پـاڻ ڪَڏ ٿي ڪوٺي تڏهن ننڍڙي ست ڏيئي هٿ پـري ڪري ڇڏيس. انهيءَ ڳالهه تـي رياض کي ڏاڍو عجب لڳو. هن ڏاڍي ڏک مان ننڍڙيءَ ڏانهن نهاريو. جنهن جي ٻولي ۾ لڙڪ موتين وانگر پوئجي ويا هئا. رياض جي اها عمر هئي جڏهن ماڻهو پنهنجي دل جو غلام ٿي پوندو آهي ۽ دماغ ڪيس انهي نافرمانيءَ جي ڪابه سزا نه ڏيئي سگهندو آهي.

ڪاري ڪوهه وارن سان سڳاوتي نثي ٿي سگهي. انهيءَ ڳالهه جي ننڍڙيءَ کي چڱي طرح خبر هئي. پر تڏهن به جي هوءَ رياض کان هر وقت ڪچي گدامڙي گهرائيندي رهندي ته امان ڪيستائين کيس ڏکهو رسو ڏيندي رهندي. آخر هن رياض کي صاف چئي ڇڏيو ته ڇوڪري سمجهو ٿي ويئي آهي، گهر ۾ ڪنگهڪار ڪري پوءِ ايندو ڪر.

رياض جڏهن اهو ٻڌو تڏهن ٽڙندو وڃي ڪٽ تي ويٺو، جو ٽنگون ٽڪر ٿي پيس. هاٿي ڇا رکيو هو جنهن کي هٿان ڪٺي وڃي. جڏهن چئن هٿن گڏجي انب جو ٻوٽو لڳايو هو تڏهن رياض انکي لڙڪن سان ريجيندي چيو هو: ”ننڍڙي چئين ته جيڪر آءٌ سڄي حياتي هتي رهي پوان.“ پـوءِ مٺيءَ سان پريل هٿن کي ڇنڊيندي هن وڃڻ وقت چيو هو: ”سوچجئين!“

”ته پوءِ نه وڃ.“ اهي اکر هن اهڙي ته دل ڏاريندڙ دانهن ڪري چيا جو يقيناً عرش به لڏي ويو هوندو، پر اهي اکر سندس چپن کي چوري نه سگهيا. پوءِ هن ڪجهه به نه سوچيو.... ڇوڪريون به سوچينديون آهن ڇـا! پوءِ هڪ ڏينهن گهٽي شرنائين سان ڀري پئي. سڄي پاڙي جا ماڻهو ننڍڙيءَ جي ڄڃ ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيا، جيڪا رياض جي گهر ۾ لٿل هئي. رياض به گهٽيءَ ۾ نڪري آتش بازي ڏسڻ لڳو. ڪنهن هڪڙي بارود جي ٿهيل ڏاڙهونءَ تي ڪٺي اگر رکيو. ڏاڙهون ڀرين مشڪيو، پـوءِ وڏي ٺهڪ ڏنائين ۽ سندس ٺهڪن جا ڪرڻا چؤطرف چمڪڻ لڳا. پـوءِ هو ڪنهن ٽٽل تـاري وانگر اونداهي کي وڌيڪ اونداهو ڪري پـڏي ويو.

چوطرف اونداهي پکڙجي ويئي. هن وڏي ڀريل ڏاڙهون هٿ ۾ ٽي ڪنيو ته هٿ سڙي پيس ۽ هو گهٽي دير تائين سور وچان آڳر ڪي وات ۾ وجهي چهندو رهيو.

انهيءَ ڏينهن ننڍڙيءَ ايترو ته سوچيو، ايترو ته سوچيو جو سندس موڙن ۾ لڙڪن جون سرون ٺهي ويون. موڪلاٽيءَ وقت هوءَ امان کي ڀاڪر پائي خوب رني هئي: ”امان ڇا سچ پچ پنهنجو انب جو وڻ ڇڏيو پئي وڃان؟“

انهيءَ ڏينهن کان وٺي رياض ڇوڪرين کي چوڻيءَ کان جهلي پينگهن ۾ لوڏڻ ڇڏي ڏنو. هو ڇوڪرين کي ڀريل اڱر وانگر سمجهڻ لڳو. ڇوڪرين جي شڪل ڏسنديئي کيس هڪ نامعلوم ڊپ ٿيندو هو، جيئن ننڍڙن ٻارن کي اڻ ڇاتل شين کان ڊپ ٿيندو آهي، هن جهٽ پٽ قرآن شريف ياد ڪري سڄي پاڙي کان حافظ سڳوري جو لقب حاصل ڪيو. پوءِ ڪنڌ ڌوڻي ڌوڻي گلستان بوستان پڙهي ورتائين. هو حد درجي جو ذهين هو. سندس استاد مولانا ظاهر علي به چوڻ لڳو: ”رياض ڏاڍو هشيار آهي. کيس ڪو به سبق، ڪا به ڳالهه نٿي وسري سگهي.“

”ڇو نٿو وساري سگهان....؟“ هن ڊڄي مولانا جي منهن ۾ نهاريو هو. ”آءٌ جيڪر چاهيان ته هوند گهڻيئي ڳالهيون وساري ڇڏيان.“ هو ڇڻ پانهون کنڇي ميدان ۾ آيو پر مولانا ڳالهه لنوائي ڇڏي: ”چڱو چڱو اڳتي پڙهه.“ پوءِ هو جج بڻجي ويو ۽ سڄي جهان جي قسمتن جا فيصلا منٽن ۾ ڪرڻ لڳو. پوءِ هڪ ڏينهن شرنائين جي رڙين پاڙي وارن کي گهٽيءَ ۾ ڪٺي گڏ ڪيو. هو موڙن کي سنهالي گهوڙي تي چڙهيو ۽ ڪنهن وري به آتشبازيءَ جو ڏاڙهون ڇڏيو. اوچتو کيس آڱرين ۾ پورسر ٽيٽ لڳي ۽ اها باهه پڙ پڙ ڪري سندس ڪپڙن کي وڪوڙي ويئي ۽ هو گهوڙي تان ڪري پيو. پر سندس ننڍڙي گڏيءَ جهڙي ڪنوار سندس دل تي اهڙا ته ٿڌا پها رکيا جو کيس آرام اچي ويو. اهڙيءَ ريت هن ڏاڍي سڪون سان زندگي گذاري ڇڏي.

اونهاري ۾ ٻنپهرن جو هو پنهنجي پٽن ڏين سان گڏجي انب کائڻ وهندو هو ته ننڍڙيءَ وٽان آيل انبن کائيندي سندس ذهن ۾ اهڙو اچي سوچ پوندو هو جو سندس بدن سيخ ٿي ويندو هو. انهيءَ وڻ جو ڦر کهڙو نه کٽو نڪتو؟

وري ننڍڙي جڏهن به مائٽن ۾ ايندي هئي ته انب جي وڻ جي ٿڙ کي وڃي چنبڙندي هئي:

”ائي امان، الائجي ڇو آءٌ خواب ۾ ڏسندي آهيان ته آءٌ بيٺي هن انب کي ٻاهر ڏيان.“

خواب جو نالو ٻڌنديئي سڀيئي مٿو ڏکي قبلي ڏانهن منهن ڪري وهندا هئا.

”ائي الله پناهه ڏيندو!“ مائٽس چوندي هئي، ”ياد اٿوَ ساجده ننڍڙي ڪنوار هوندي هن وڻ کي گهوٽ وانگر ڀائيندي هئي.“

”سچو ڏينهن منهنجي دل پئي ٻڌندي آهي،“ هوءَ چوندي ويندي هئي، ”ڪڏهن ٻارن تي ڪاوڙ چنبڙيندي آهيان ته ڪڏهن هُن سان وڙهيو پوان. ويچارو ڪريو اکيون ڦاڙيو پيو مونکي ڏسندو آهي.“

پوءِ جڏهن هوءَ رن زال ٿي تڏهن هميشه لاءِ اچي گهر وسايائين. اتي يڪدم ڪيس پنهنجي بزرگيءَ جو احساس ٿيو هو. هن پنهنجي ٻارن کي سمجهايو ته ڪوهه وارن سان سندن پراڻو وير هلندو پيو اچي ۽ ان ڪري پاڻ زندگيءَ جي هر مٿان سان ڪيتري ڪڙاڻ پيتي هئائين.

هيڏانهن رياض حافظ مان وڪيل ٿيو. وڪيل مان جج ٿيو، نانو ٿيو، ڏاڏو ٿيو ۽ سڀني منزلن مان لنگهي وري به موٽي اچي اصلوڪي وٽاڻ تي ويٺو. ٻاڙي وارا وري کيس حافظ سڳورو سڏڻ لڳا. هاڻي هو ڳو انهيءَ ڪم جو وڃي رهيو هو ته ٻارن کي قرآن شريف پڙهائي يا مائرن پنهنجا ٻني مڱي ورتل ٻار وٽس دعائن لاءِ کڻي اچن ته جيئن سندن ٻارن جي عمر به حافظ وانگر وڏي ٿئي.

مصلي تي ويهي تسبيح جا داڻا سوريندي هو سڄي دنيا جي شين کي گاريون ڏيندو هو. چوندا آهن ته ايمان جي سلامتيءَ لاءِ کپي ته ماڻهو الله جي هر رضا تي راضي رهي. پر الائجي ڇو هن ڪڏهن به سچيءَ دل سان الله جو شڪرانو نه مڃيو. نماز پڙهندي پڙهندي ڊيان ٻيءَ ڏانهن هليو وڃڻ ۽ غلط سجدن ڏيڻ جي عادت پيريءَ ۾ به نه ويس. هو راتين جون راتيون جاڳي توبهه ڪندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ سجدي ۾ پيو نڪ گسائيندو هو. سڄي دنيا جا مزا ماڻيا هئائين پوءِ به الائي ڇو دل ڪانه ڀريس. ائين لڳندو هوس ڄڻ ته سڄي عمر ٿڌي پاڻي جي هڪڙي گلاس لاءِ سڪندو رهجي ويو هجي. پوءِ ورچي هو تسبيح ڪٽي ڀري ڦٽي ڪندو هو.

”پوڙها تہ سڀئي پيا ٿين. پر بابا وانگر نڪ تي ڪاوڙ ڪنهن کي به ڪانه ڏٺي سين،“ سندس ننهن تنگ ٿي چوندي هئي.

”نه نه پيريءَ ۾ مت چڙي ويو آهي،“ سندس پٽ نٽائي ڇڏيندو هو. يا وري غزاله جي شامت ايندي هئي جڏهن ڪانئس ڪل نڪري ويندي هئي. بس پوءِ ته حافظ سڳورو هٿن مان پيو ويندو هو.

”اسانجي به جواني هئي پر توهان وانگر ڪتا ڪين ٿياسين. انسانن وانگر شرافت سان....“ هو وڏي فخر ۽ غرور سان ڳالهه شروع ڪندو هو پر پوري ڪرڻ کان اڳ ڄڻ ڇاپي ختم ٿي ويندي هئس. ”الله سڀني کي پناهه ۾ رکي،“ هو بيحد تسڪين ڏيندڙ ۽ درد ناڪ آواز ۾ چوندو هو.

پوءِ ڄڻ آفيم جي پنڪي چڙهي ويس ۽ ڪيس ڪلاڪ لنگهي ويا. هو اکيون مهڪائي الائي ڪٿان ڪٿان جا سير ڪري آيو.

”ڇگو پلا آءٌ هلانئو؟“ هن ڇرڪجي ائين چيو ڄڻ سچ پچ هوش ۾ اچي ويو هجي.

”وڃين ڪيڏانهن ٿو؟ ويهه!“ پر پوءِ امان وڏيءَ کي ياد آيو ته اها ڳالهه اڄ ته چوڻ جي ڪانه هئي!

”الائجي ڇا پئي چيم؟“ هوءَ سچ پچ مٿي تي هٿ رکي

سوچڻ لڳي. خيالن جا انبار ائين مٿانئس ڇانئجي ويا ڄڻ تہ انب جو وڻ ٻور جي بار کان جهڪي پوي.

”هاڻي ڇا چوڏو آهي....؟“ حافظ سڳورو ڏڪندڙ هٿن سان لٺ ڳولي اٿڻ جي ڪرڻ لڳو. ”هاڻي پاڻ ڇئي ڇا ڪنداسين،“ ڳالهہ ڪندي ڪندي هو روڪجي ويو ڄڻ ڪنهن سور ۾ ڦٿڪندڙ بيمار کي دوا ياد اچي وڃي.

”آءٌ تہ چوان ٿو تہ شادي ڪري ڇڏ هنن حرامين جي، نہ تہ اهڙيو غلط سلط نمازون پيا پڙهندا... ايمان تہ سلامت رهندو نہ ڳن جو؟“

(نئين زندگي ١٩٦٦ع)

ناچ ڪان پوءِ!

”توهان چئو ٿا تہ انسان پنهنجي خيال مطابق چڱي مٺي جي سڃاڻپ نٿو ڪري سگهي. توهان ٿا چئو تہ اهو سڀ ماحول جو اثر آهي. ماحول ئي انسان کي ٺاهي ٿو. پر منهنجي خيال ۾ دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ ٿئي ٿو سو سڀ اتفاقي ٿئي ٿو. آءٌ پنهنجي لاءِ تہ ائين چوندس.“

اسان انهيءَ موضوع تي ڳالهہ ٻولهہ پئي ڪئي تہ ماڻهوءَ جي شخصيت کي چڱي ۾ چڱو ٺاهڻ لاءِ پهرين سندس ماحول کي ۽ انهن حالتن کي بدلائڻ ضروري آهي جن ۾ هو پنهنجي زندگي گذاري ٿو. انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ جي ختم ٿيڻ تي ايوان ”واسي لئيوچ“ جنهن جي سڀيئي ماڻهو عزت ڪندا هئا، تنهن چيو ”اسان مان تہ ڪنهن بہ ائين ڪونہ چيو تہ ڪو پنهنجي سر چڱي مٺي جو فرق سڃاڻڻ ناممڪن آهي.“ ايوان واسلئيوچ جي اها عادت آهي تہ جيڪي خيال ڪنهن ڳالهہ ٻولهہ يا ڪنهن بحث هلندي سندس ذهن ۾ اڀرندا آهن ۽ سندس زندگيءَ جي تجربن جي يادگيرين کي تازو ڪندا آهن. تن جا جواب پاڻ ئي ڏيندو آهي. ڪنهن ڪنهن وقت تہ ڳالهہ ٻڌائيندي اهڙو تہ گم ٿي ويندو آهي جو ڪيس خبر ئي ڪانہ پوندي آهي تہ مون ڳالهہ ڇو پئي ڪئي. هو هرڪا ڳالهہ جوش، پيار ۽ سچائي سان ٻڌائيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو هو ڳالهين ڪندي گم ٿي ويندو آهي. هن ڀيري بہ ائين ٿيو. آءٌ پاڻ لاءِ تہ ائين چوندس تہ منهنجي زندگي ائين ٺهي.

”مون کي ماحول ڪونہ ٺاهيو آهي. پر ڪنهن ٻي شئي ٺاهيو.“

”ڪهڙي شئي؟“ اسان پڇيو.

”اهو هڪ وڏو واقعو آهي. آءٌ جيستائين اوهان کي الف

ڪان وٺي ي تائين نہ ٻڌائيندس، تيستائين اوهان ڪجهہ بہ سمجهي ڪونہ سگهندا.“

”تہ ٻڌاءِ نہ!“

”ها بس هڪڙي رات، ائين ڪٿي ٿيئجي تہ، هڪڙي صبح، منهنجي زندگيءَ جو نقشو ئي ڦيرائي ڇڏيو.“

”ٻڌاءِ تہ سهي ڇا ٿيو؟“

”ٿيو هيئن جو آءٌ عشق ۾ ڏاڍو ٻيڙرو ڦاسجي پيس. آءٌ انهيءَ ڪان اڳ بہ عشق ۾ گهڻائي ڀيرا ڦاٿو هوس پر هيءَ شي ئي ٻي هئي. اها هئي سچي ڪان گهري محبت. هاڻي تہ انهيءَ ڳالهہ کي سال گذري ويا. هاڻي تہ منهنجي سهٽيءَ جون ڏيئون بہ پنهنجي گهرن ٻارن واريون هونديون.

سندس نالو وارنڪا (ب) هو. هو پنجاهہ جي وهيءَ ۾ بہ ڏاڍي سهڻي هئي. پر سترهن ارڙهن سالن جي عمر ۾ تہ قيامت هئي قيامت! ڏکهو قد! نازڪ بدن، البيلي اڇي جهڙي چانڊي، ڊيڍي واري، ها ها ڊيڍي واري. سندس هلڻي اهڙي هئي جهڙي هرڻي. ائين سمجهڻ ۾ ايندو هو تہ سندس جسم جهڪڻ تہ سکيو ئي ڪونهي. سندس سٿو هميشہ پنيان ٿورڙو جهڪيل هوندو هو. جيتوڻيڪ هوءَ تمام سنهڙي هئي سندس هڏا بہ پيا ڏسبا هئا پر تڏهن بہ سندس نخرن، سندس سونهن ۽ سندس ڏکهي قد، سڀني گڏجي منجهس هڪ شاهاڻو وقار پيدا ڪيو هو.“

”ايوان واسليئيوچ تہ شاعري پيو ڪري شاعري!“

”آءٌ ڪٿي ڪيڏي بہ شاعري ڪريان، ڪيڏو بہ ڪيس ساراهيان پر تڏهن بہ توهان جي اڳيان سندس جيئري جاڳندي تصوير پيش نٿو ڪري سگهان. خير ان ڳالهہ جو اصلي واقعي سان ڪو بہ واسطو ناهي. آءٌ جيڪو واقعو ٻڌائڻ چاهيان ٿو سو هن صديءَ جي وچ ڌاري ٿيو. ان وقت آءٌ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هوس. مونکي خبر نہ هئي تہ اها ڳالهہ چڱي هئي يا خراب. خير انهيءَ زماني ۾ اسانجي يونيورسٽيءَ ۾ طرح طرح جا مطالعي جا حلقا ڪين

هئا، نڪي سچي دنيا ۾ اهم هلندڙ فلسفي بازيون هونديون هيون، اسين جوان هئاسين ۽ اهائي زندگي گذاريندا هئاسين، جيڪا جوانيءَ جي تقاضا هوندي آهي. اسين لکندا پڙهندا هئاسين، راندين روندين ۾ حصو وٺندا هئاسين. آءٌ ڏاڏو خوش پوش ۽ گهمڻ ڦرڻ جو شوقين ۽ زنده دل جوان هوس ۽ سڄي واري ڳالهه تہ آءٌ شاهوڪار پڻ هوس. منهن وٽ هڪ گهوڙو هو، جيڪو ٻوڙ جو ڏاڏو تکو هو. آءٌ گهڻو ڪري چوڪرين ڪي گاڏي ۾ چاڙهي گهمائڻ وٺي ويندو هوس ۽ پنهنجي دوستن سان پيئڻ جي محفل ۾ بہ شريڪ ٿيندو هوس. ان زماني ۾ اسين شيمپئن ڪان سواءِ ٻي شراب ڪي هٿ بہ نہ لائيندا هئاسين ۽ اسان جا کيسا خالي هوندا هئا تہ اسين ڪجهہ بہ نہ پيئندا هئاسين. اڄ ڪلهہ جي نوجوانن وانگر ووڊڪا ڪونہ پيئندا هئاسين. مونکي سڀني کان وڌيڪ لطف دعوتن، پارٽين ۽ ناچ جي محفلن ۾ ايندو هو. آءٌ نچڻ ۾ ڏاڏو هوشيار هوندو هوس. پيو وري آءٌ شڪل صورت ۾ بہ خراب ڪونہ هوس."

"اڄايو پاڻ ڪي گهٽ پيو چوين، اسان سڀني تنهنجو انهيءَ وقت جو فوٽو ڏٺو آهي. تون تہ ڏاڏو سهڻو جوان هئين."

"خير هوندس پر انهيءَ جو اصل واقعي سان ڪو بہ واسطو ناهي. ها تنهن زماني ۾ منهنجو عشق ڦوهہ جواني تي هو. سو هڪ پيري ايسٽر جي موڪلن ۾ آءٌ هڪ ناچ جي محفل ۾ شريڪ ٿيس. اها محفل گورنر جي طرفان ٿي هئي. هو ڏاڏو نيڪ ۽ خوش مزاج پوڙهو ماڻهو هو ۽ مهمان نوازي جو شوقين هو. سندس زال بہ ان جهڙي خوش مزاج ۽ مهربان هئي. اها پنهنجي مڙس سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي مهمانن جي آجيان جي لاءِ بيٺي هئي. کيس بخمل جو گائون پيل هو ۽ مٿي تي هڪ سونهري تاج پيل هوس جنهن ۾ هيرو لڳل هو. سندس اڇي براق جهڙي ڏکهي ڳچي ۽ ڪلها جن تي پوڙهپڻ پاڇولا ورائي ڇڏيا هئا، سي ائين اگهاڙا هئا جهڙا ايليز اوتيا. پيٽرووناجي تصويرن ۾ هوندا آهن. ناچ جي محفل ڏاڍي شاندار ٿي. ناچ وارو ڪمرو بہ ڏاڏو سهڻو سينگاريل هو.

محفل ۾ وڏا مشهور ڳائڻا ۽ گويا موجود هئا، جيڪي هڪ راڳ سان پيار ڪندڙ زميندار جي گهر جا هئا، ڪائڻ پيئڻ جون شيون به ججهي انداز ۾ هيون، شمپئن جا ته درياءَ پي وهيا، مون تي محبت جو نشو چڙهيل هو. جيتري قدر نچڻ جو سوال آهي، آئون ايترو ته نچيس جو ڏڪجي چور ٿي پيس. ڪو به اهڙو ناچ جيڪو مون نه ڪيو هجي. والز مون ڪيو، گوادريل مون ڪيو، پولڪا مون ڪيو. ظاهر آهي ته مون گهڻي ۾ گهڻو ناچ وارنڪا سان گڏ ڪيو. هوءَ مٿي ڪان وٺي پيرن تائين اڇي پوشاڪ ۾ هئي. رڱيو سندس چيلهه تي گلابي پٽو ٻڌل هو. سندس چمڙي جا اڇا دستانا سندس ڇهبندار سهڻين ڪراين ڪان هيٺ هئا. ڪيس پيرن ۾ اڇا مخمل جا چمپل پيل هئا، هڪڙو بيوقوف انجنيئر اونيسيموف ساڻس گڏجي نچڻ لاءِ وچ ۾ ٽپي پيو. سندس ان حرڪت کي مون اڄ ڏينهن تائين به معاف نه ڪيو آهي. جيئن ته وارنڪا ناچ گهر ۾ پير رکيو ته انجنيئر کيس نچڻ جي دعوت ڏني. آءٌ ان وقت پنهنجا دستانا کڻڻ لاءِ ويل هئس. مونکي دير ٿي وئي تنهنڪري آءٌ ساڻس گڏجي مازورڪا ناچ نچڻ جي بدران هڪ جرمن ڇوڪريءَ سان گڏ نچڻ لڳس، جنهن سان ڪنهن زماني ۾ مونکي دلچسپي هئي. پر منهنجي خيال ۾ ان مهل آءٌ ساڻس سٺي نموني پيش نه آيس. مون ساڻس ڀـم لفظ به نه ڳالهايا ۽ نه وري اک کڻي ڏانهس نهاريم، منهنجي اکين آڏو ته هڪ اڇن ڪپڙن واري ۽ گلابي پٽي واري ڊگهي قد واري البيلي سهڻي هئي، جنهن جي ڳلن ۾ ڪڏون ٿي پيون، منهن پرنڊڙ ڳاڙهو هوس ۽ اکين مان معصوميت ۽ محبت پي وٺيس. آءٌ ته ڇا پر هوءَ هر ماڻهوءَ جي نگاهن جو مرڪز هئي. سڀ مٿس فدا هئا. ايتري قدر جو عورتن به کيس ساراهيندڙ اکين سان پئي ڏٺو. جيتوڻيڪ سندن حسن جي اڳيان ڦڪيون پئي لڳيون، حقيقت ۾ سندس حسن جي درگاهه ۾ خراج عقيدت پيش نه ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هو.

نالي ۾ ته آءٌ مازورڪا ناچ ۾ هن جو ساٿي ڪونه هئس

پر ٻيو سڄو وقت اهي ساڻس گڏ نچندو رهيس. هوءَ بناڪنهن حجاب جي ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين نچندي مون وٽ آئي. جڏهن آءٌ سندس دعوت ڏيڻ کانسواءِ ڏانهس وڌيس ته هن بنا چوڻ جي خواهش پوري ٿيندي ڏسي مرڪيو ۽ ناز سان مهرباني مڃيائين، ۽ جڏهن اسان جا ساهي پٽڻ جي وقفي کانپوءِ ساڻي بدليا ته هن پنهنجي نازڪ سهڻي ڳچيءَ کي ٿورو لوڏ ڏيئي، ٻئي ڏانهن رقص لاءِ هٿ ڊگهيريو ۽ پوءِ افسوس ۽ همدردي طور مون ڏانهن نهاري مرڪي ڏنائين. جڏهن مازورڪا رقص والز ۾ بدلجي ويو ته پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ساڻس نچندو رهيس، سندس ساهه پرجي آيو پر تڏهن به هوءَ مرڪي مونکي چوڻ لڳي ”وري“ ۽ آءٌ ساڻس نچندو رهيس. ان وقت مونکي تن بدن جي به خبر نه هئي. جڻ منهنجو بدن هوا جو ڍهيل هو. اتي هن مهمان چيو:

”چا چيئي، تن بدن جو هوش نه هيئي؟ مونکي يقين آهي ته جنهن وقت تنهنجن ٻانهن سندس چيلهه جي چوڌاري وريل هئي تنهن وقت توکي نه رڳو پنهنجي پر هن جي بدن جو به چڱي طرح احساس ٿيو هوندو.“ ايوان واسي لئيوچ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن ڪاوڙ سان رڙ ڪري چيو: اهـا ڳالهه ته اوهان رنگ روٽ جوانن کي سونهي ٿي. توهان کي ته سواءِ جسم جي ٻيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اسانجي وقت ۾ اها ڳالهه ئي ڪانه هئي. مون کي جنهن به ڇوڪريءَ سان جيترو گهڻو پيار هوندو هو اوترو اها منهنجي نظر ۾ فرشتو هوندي هئي. توهان کي ته رڳو ٽنگن، ٻڪين ۽ اهڙي قسم جي ٻين شين جو احساس آهي. توهان ته پنهنجي خيالي دنيا ۾ پنهنجي سهڻين جا ڪپڙا به لاهيو ڇڏيو. پر منهنجي ويچهو بقول اديب النفوس جي، محبوب جي جسم تي رک جي زره چڙهيل هوندي آهي، اسين ته حضرت نوح جي نيڪ پٽن وانگر اگهاڙپ کي ظاهر ڪرڻ بجاءِ سندس پرده پوشي ڪندا آهيون، پر توهان اها ڳالهه ڪٿي ٿا سمجهي سگهو؟“

”انهيءَ ڳالهه کي ڪٿي ڇڏ! تون پنهنجو قصو ٻڌاءِ.“ ٻڌڻ

وارن سان هڪڙي چيو.

”ها تہ آءٌ گهڻو ڪري ساڍن ڏهين نچندو رهيس، مونکي وقت گذرڻ جي ڪابہ خبر نہ پيئي. سازن وارا ڏڪڻي چور ٿي پيا هئا. توهان کي تہ اها خبر هوندي تہ ناچ جي محفل جي پڇاڙيءَ جو ڪهڙو حشر ٿيندو آهي؟ هو لڳاتار مازورڪا جي ڌن وڄائيندا رهيا. اسان ۽ بابا پڻ جي ميز تان اٿي ڪانڻ پيئڻ لاءِ ملاقاتي ڪمري ڏانهن نڪرڻ لڳا. وردي پاتل نوڪر ڪاڌو کڻيو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا. اسان کي انهن آخرين گهڙين جو وڌيڪ کان وڌيڪ فائدو وٺڻو هو. مون هڪ دفعو وري ڪيس نچڻ جي دعوت ڏني ۽ اسين وري ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين نچندا پئي وياسين.

”ماني ڪائڻ کان پوءِ ڪوادريل ناچ تہ مونسان ڪندين نہ؟“ مون پنهنجي سهٽي کي سندس ساڳي جاءِ تي پهچائڻ کانپوءِ کانئس پڇيو.

”ها، بيشڪ، جيڪڏهن منهنجا مائٽ مونکي گهر نہ وٺي ويا.“ هن مرڪي جواب ڏنو.

”آئون ڇڏيان ڇو ڏو جو هو توکي وٺي وڃن.“ مون چيو.

”منهنجو پکو تہ هيڏانهن ڪر.“ هن رعب سان چيو.

”هي موٽائي ڏيندي مونکي ڏک پيو ٿئي.“ مون سندس معمولي اڇو پکو سندس هٿ ۾ ڏيندي چيو.

”چڱو اچي، تون بہ ڇا ياد ڪندين! مٿان توکي ڏک ٿئي. تنهن ڪري ٿي ڏيان،“ هن پکي مان پر پٽي مون ڏانهن وڌائيندي چيو.

مون پر وٺي رڳو اکين ئي اکين ۾ پنهنجي بيپناهہ خوشيءَ جو شڪريہ ادا ڪيو. آءٌ رڳو خوشيءَ کان مست ڪونہ هئس پر مون تي حد کان وڌيڪ بي خوديءَ ۽ گهريءَ خوشيءَ جي ڪيفيت طاري هئي. آءٌ ان وقت فراخ دل ٿي پيو هوس. آءٌ، آءٌ نہ هوس پر اهڙو انسان هئس جو مون پاڻ کي زمين تي تہ سمجهيو ئي نٿي.

ڇڻ سيڻي ڳناهن کان پري هوس رڳو نيڪي ئي نيڪي ڪرڻ چاتو ٿي.

مون پنهنجي دستانن ۾ ٿنبي ڇڏيو ۽ انهيءَ هنڌ ڄمي ويس ڄڻ زمين منهنجي پيرن کي جهلي وڌو هو. مون ۾ پري وڃڻ جي طاقت ئي ڪانه هئي.

”ڏس، ماٺهو بابا سان رقص ڪرڻ لاءِ زور پيا پرين،“ هن هڪ ڊگهي شخص ڏانهن اشارو ڪندي چيو. اهو سندس پيءُ هو. هو فوج ۾ ڪرنل هو ۽ سندس پوشاڪ ۾ چانديءَ جا جهاڳا لڳل هئا. هن دروازي وٽ گهر جي مالڪياڻي ۽ ٻين زالن سان ٻيٺي ڳالهايو.

”وارنڪا! ٿورو هيڏانهن اچ!“ هيري جي تاج واري عورت سڏ ڪيو. وارنڪا دروازي ڏانهن وڌي ۽ آءٌ ٻه سندس پٺيان ويس.

”پياري! تون پنهنجي پيءُ کي پاڻ سان گڏ ناچ ڪرڻ تي راضي ڪر.“ پوءِ ڪرنل ڏانهن سڙي ان عورت چيو ”پيوتر ولادي سلاوچ! ڪٿي هاڻ هڪڙو ناچ ڪر!“

وارنڪا جو پيءُ ڏاڍو سهڻو ڊگهي قد وارو پوڙهو هو. منجهس اڃان ٻه جواني جا نشان هئا. سندس منهن ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل هو ۽ اڇيون ميڇون نڪولائي پهرين وانگر مڙيل هيون. سندس خط ڪن جي پاپڙين ڏانهن وريل هئا. سندس اکين جي چمڪ ۽ چپن جي مرڪ ساڳي ڌيئس وانگر هئي. اها مرڪ هن جي خاص شئي هئي. سندس هاڻي ڏاڍي سٺي هئي، ڇاتي ويڪري ۽ فوجين وانگر سيٺيل هيس. ان تي ڪجهه فوجي ٻلا پي چمڪيا. سندس ڪلها مضبوط ۽ ٽنگون ڊگهيون ۽ سهڻيون هيون. هو نڪولائي پهرين وانگر فوجي نموني جو پراڻو آفيسر هو.

جڏهن اسين دروازي جي ويجهو پهتاسين تڏهن ٻڌم ته ڪرنل اهو چئي نچڻ کان نٺايو پئي ته ”هاڻ مونکي سڀ ڪجهه وسري ويو آهي.“ پر تڏهن ٻه مرڪي ڏنائين. پنهنجي تلوار ڏانهن هٿ وڌائي مياڻ مان ڪڍيائين ۽ ويجهو بيٺل هڪ نوجوان کي

جهاڻ لاءِ ڏنائين جيڪو اڳيئي خــدمت ڪرڻ لاءِ آتــو ٿي ڏٺو.
پوءِ هن سويڊ جو هڪ دستانو پنهنجي کاٻي هٿ ۾ وڌو. "سڀڪا
شئي قاعدي مطابق هئڻ گهرجي." هن مرڪي چيو ۽ پنهنجي ڏيءَ
جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي نچڻ وارو نمونو ڪيائين ۽ تــال جــو
انتظار ڪرڻ لڳو. مازورڪا ناچ جــي ڏن وڄندي ئي هن پنهنجو
هڪ پير ڏاڍي ڦڙتائيءَ سان زمين تي هنيو ۽ ٻي پير تــي تڪڙو
ڦيرو پاتائين ۽ پوءِ سندس ڊگهو ۽ ويڪرو بدن پوري ناچ گهر ۾
ڏڪڻ لڳو. هن هر پيري پنهنجو هڪڙو پير ٻئي پير سان پئي ملايو.
ڪڏهن آهستي آهستي ڏاڍي مزي ۽ لطف سان پئي نچيو ته ڪڏهن
ڏاڍي ڦڙتائيءَ ۽ تيزي سان. وارنڪا جو نازڪ نرم جسم پنهنجي
پيءَ سان گڏ پئي ترڪيو. هن غير محسوس نموني پر پوري وقت تي
پنهنجي اڇي ساٽن ۾ لڪل ننڍڙن پيرن کي پنهنجي پيءَ جي پيرن
سان پي ملايو. سڀني مهمانن چتائي هن جوڙي جي هر ادا ۽
هر لوڏ کي پئي ڏٺــو. مون رڳو ساراهيندڙ اکين سان ڪونه پئي
ڏٺو، پر مون تي ان وقت هڪ نشي ۽ بيخودي جي ڪيفيت طاري
ٿــي پئي هئي. خاص ڪري ڪرنل جي بوٽن کي ڏسي مــون تي
ڏاڍو اثر ٿيو. اهي سٺي چمڙي جا بوٽ هئا. پــر ڪڙيءَ کانسواءِ
۽ انهن جي نوڪ اڄ ڪلهه جي فيشن وانگر نڪتل نه هئي پــر
ويڪري هئي. منهنجي خيال ۾ اهي بڻالين جــي موچين ٺاهيا هئا.
ويچارو پوڙهو نوڪدار بوٽن جي بدران ويڪري نوڪ وارا بوٽ
پيو پائي. جيئن هو پنهنجي ڏيءَ کي سهڻا سهڻا ڪپڙا ۽ زيــور
پارائي سينگاري سوسائٽي ۾ وٺي اچي." مون دل ئي دل ۾ سوچيو.
انهن بوٽن مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو. اهو ظاهر هو ته ڪڏهن
هو ڏاڍو سٺو نچندو هوندو پر هن وقت سندس ٻت ٿلهو هو ۽ سندس
ٽنگن ۾ ايتري لوڏ نه هئي جو هيئنر هو ڦڙتائي سان ڦري سگهي،
تڏهن به هو ٻه پيرا ڏاڍي سهڻائي سان ڪمري ۾ ڦريو ۽ جنهن
وقت هن ڦڙتائي سان پئي ٽنگون گهمايون ۽ پوءِ انهن کي هڪٻئي
سان ملايو ۽ جهڪي گوڏي تي ويٺو ته ماڻهن گهڻو داد ڏنس. هو

وري اٿي بيٺو ۽ ڏيءَ جي منهن کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي نراڙ تـي چمي ڏنائين. پوءِ هو ڪيس مون وٽ وٺي آيو، ڪيس خيال آيو ته ناچ ۾ آئون ئي وارنڪا جو ساٿي آهيان. تنهنڪري مون ڪيس ٻڌايو ته ائين ناهي. هن پنهنجي تلوار مياڻ ۾ وجهندي مرڪي چيو.

"خير ڪا وڏي ڳالهه ناهي، هاڻ توهان ساڻس ناچ ڪريو."

جهڙي نموني شراب جي صراحي مان پهريون ڦڙو پنهنجي پويان پوري لار ڪري وهندو آهي، اهڙيءَ طرح وارنڪا سان جيڪا منهنجي محبت هئي. تنهن منهنجي دل ۾ محبت جون لڪل صلاحيتون جاڳائي وڌيون. منهنجي اندر ۾ محبت جون سڀئي پاڙون سايون ٿي پيون. منهنجي محبت سڄي دنيا کي پنهنجي هنج ۾ ويڙهي ڇڏيو. ان سونهري تاج واري عورت لاءِ ۽ سندس مڙس لاءِ، سندس مهمانن لاءِ، سندس وردي پاتل نوڪرن لاءِ، ايتري تائين جو هن نياڻي انيموف لاءِ جنهن تي آءٌ ڪاوڙيل هئس، محبت محسوس پئي ڪيم، باقي رهيو منهنجي سهڻيءَ جو پيءُ جنهن جي مرڪ جڻ ته منهنجي سڄڻ جي مرڪ هئي ۽ جنهن کي ويڪرن ترن وارو بوٽ پيل هو، تنهن لاءِ تـه ان وقت منهنجي دل ۾ هڪ عجيب وجـد ۾ آڻيندڙ محبت جو احساس پيدا ٿي پيو هو.

جڏهن مازورڪا ختم ٿيو ته اسان جي ميزبانن سڀني کي ماني کائڻ لاءِ چيو. پر ڪرنل ڪائڻ کان ناڪار ڪئي، چيائين، "مون کي صبح جو سوير اٿڻو آهي." ائين چئي ميزبانن کان موڪلايائين، مون کي اچي ڊپ لڳو ته متان هو وارنڪا کي بـه پاڻ سان وٺي وڃي پر هوءَ ۽ سندس ماءُ نه ويون.

ماني کائڻ کان پوءِ وري ساڻس مون اهو ڪوادريل ناچ ڪيو جنهن جو واعدو ڪانئس اڳ ئي ورتو هوم. جيتوڻيڪ مون سمجهيو پئي ته منهنجي خوشي پنهنجي آخري حدن کي وڃي ڇهيو آهي، پر اها هر گهڙيءَ وڌندي پئي ويئي.

اسان پنهنجي محبت جي ڪابه ڳالهه نه ڪئي. نه مون ڪانئس پڇيو نه وري پنهنجي دل کان پڇيم ته هوءَ توسان پيار ڪري ٿي

يا نہ . منھنجي لاءِ اھوئي ڪافي ھو تہ آءٌ ساڻس پيار ڪريان ٿو. مون کي جيڪڏھن ڊپ ھو تہ رڳو اھو تہ متان ڪا شئي منھنجي خوشيءَ کي مٽيءَ ۾ نہ ملائي.

جڏھن آئون گهر پھتس ۽ ڪپڙا وغيره بدلائي سمھڻ جو ارادو ڪيم تہ مون کي محسوس ٿيو تہ اڄ تہ ننڊ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، منھنجي ھٿ ۾ سندس ڏنل ڀَرُ ھو ۽ سندس دستانو جيڪو ھن ان وقت ڏنو ھو جنھن وقت مون کيس ۽ ماڻس کي گاڏيءَ ۾ ٿـي چاڙھيو. انھن شين کي ڏسي منھنجي اکيان سندس اھا تصوير اچي بيٺي جڏھن ھن فرضي نالن جي راند ۾ منھنجو فرضي نالو سڃاتو ۽ ڏاڍي پياري سريلي آواز ۾ پڇيو.

”خوددار! ٺيڪ آھي نہ؟“ ۽ خوش ٿي مون ڏانھن ھٿ وڌايائين پوءِ ڪيس پنھنجي آڏو ڪائڻ واري ميز تي وينل ڏٺم جتي سھڻي نموني شيمپئن جا ننڍا ننڍا سرڪ پي رھيائين ۽ مون ڏانھن محبت ڀريل نگاھن سان پي نھاريائين پـر منھنجي خيالن ۾ سندس سڀ کان سھڻي ۽ وڻندڙ تصوير تہ اھائي ھئي تہ جڏھن ھن پنھنجي پيءَ سان گڏجي بيپرواھيءَ ۽ نازڪ ادائن سان نـاچ پئي ڪيو ۽ فخر ۽ وڏائـي سان سيني ساراھيندڙن اکين ۽ داد ڏيڻ وارن کـي ڏسي رھي ھئي. ھـوءَ پاڻ کان خوش ۽ نازان ھئي ۽ پنھنجي پـيءُ جي ڪري بہ . ان وقت غير ارادي طور مون سندس ۽ سندس پيءُ جو وڏو گهرو ۽ نرم نازڪ جذبو محسوس ڪيو.

تنھن زماني آءٌ ۽ منھنجو مرحوم ڀـاءُ گـڏ رھندا ھئاسين. منھنجي ڀاءُ کـي سوسائٽيءَ سان ڪابہ دلچسپي ڪانہ ھئي. ھـو ڪڏھن بہ ناچ جي محفلن ۾ نہ ويندو ھو. ھن ايم. اي جي امتحان جي تياري پئي ڪئي ۽ ڏاڍي مثالي زندگي پي گذاريائين. ان وقت ھـو ستو پيو ھو ۽ اڌ مٿو ڪنمبل سان ڍڪيل ھئس. مون جڏھن کيس انھيءَ حالت ۾ ڏٺو تہ سونکي مٿس ڏاڍو رحـم پيو. مون کي ان ڪري مٿس رحم آيو جو ھو ان خوشيءَ کان محروم ھو جيڪا مون کي حاصل ٿي ھئي.

اسانجي گهر جو نوڪر پيترو شاہتي ڪٽي آيو ۽ ڪپڙن بدلائڻ ۾ منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ وڌيو پر مون ڪيس واپس موڪلي ڇڏيو. مون کي سندس ماتا سان ڇچريل منهن ۽ پڪڙيل وار ڏسي مٿس رحم آيو. مٿان ڪوڪڙڪو ٿئي تنهنڪري آءٌ پين تي پنهنجي ڪمري ۾ آيس ۽ پلنگ تي اچي ويٺس. منهنجو سڄو جسم ٿمٿار ۽ مست هو. ان وقت پلا ننڊ ڪيئن ايندي مٿان وري ڪمري ۾ گرمي به گهٽي هئي سو آءٌ پنهنجا ڪپڙا بدلائڻ کان سوءِ ئي اگڻ ۾ آيس ۽ اوور ڪوٽ پائي ٻاهريون دروازو کولي رستي ڏانهن وڌيس. آءٌ اٽڪل پنجين بجي ناچ تان موٽيو هوس ۽ ان کي به ٻه ڪلاڪ ٿي ويا هئا. جڏهن آءٌ ٻاهر نڪتس ته پرهه ڦٽڻ واري هئي. اها ايسٽر جي موسم هئي، چوطرف ڏنڍ لڳو پيو هو. رستن تي ڄميل برف پي پگهري ۽ ڇتين تان پاڻي ٽپ ٽپ ڪري پي ڪريو.

انهن ڏينهن ڪرنل شهر ۾ رهندو هو. سندس گهر هڪ کليل ميدان جي ڀئي پاسي هو، هڪڙي پاسي ڇوڪرين جو اسڪول هو ۽ ٻئي پاسي ڇهل قدمي ڪرڻ لاءِ خاص جاءِ هئي. آءٌ پنهنجي ننڊڙيءَ سڄيءَ گهٽيءَ سان لنگهي اچي وڏي رستي تي پيس. رستي تي هاڻي وانهڙو ڏسڻ ۾ پئي آيا. اهي گاڏين وارا هئا جيڪي برف جي گاڏين ۾ ٻارڻ جون ڪاٺيون کنيو پي ويا. گاڏين جون قطارون برف کي چيري رستي جي پٿرن تائين پئي پهتيون. مونکي هر شئي وڻندڙ پئي لڳي. پگهر ۾ پُسيل مٿا لوڏيندڙ گهوڙا، ڍ گهن ڍ گهن جوتن وارا گاڏين وارا جيڪي پنهنجي گاڏين سان گڏو گڏ پگهرندڙ برف تان پئي ويا. رستي جي ٻنهي پاسي گهرن جون قطارون ڏنڍ ۾ ڍاڍيون ڍ گهيون پئي لڳيون. مطلب ته هر شئي مونکي ان وقت خاص ڪري پياري، دلڪش ۽ معني واري ٿي لڳي. جڏهن آءٌ ان ميدان جي ويجهو پهتس جتي هنن جو گهر هو تڏهن جيڪا ڇهل قدميءَ لاءِ جاءِ ٺهيل هئي اتي هڪڙي ڪاري وڏي شئي چرندي ڏٺم. ان سان گڏ مونکي نغاري جو آواز ۽ بانسري جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي، منهنجو من سڄو وقت ڳائيندو پي رهيو، ذري ذري کان پوءِ مازورڪا

ناچ جي ڌن منهنجي ڪنن ۾ گونجي پئي. پر هي ته ڪنهن ٻي قسم جو سنگيت هو. ڏاڍو اڻ وڻندڙ ۽ دل ڏڪوئيندڙ.... ’هي ڪهڙي شئي ٿي سگهي ٿي؟‘ مون دل ئي دل ۾ سوچيو. پوءِ آءٌ ان ترڪندڙ رستي تي ويس جيڪو ڳاڏين جي لنگهڻ لاءِ ميدان وچان آرپار ٺهيل هو ۽ ان آواز ڏانهن وڌڻ لڳس. اٽڪل سو ڪن وکن کڻڻ کانپوءِ ڌنڌ جي پويان ماڻهن جو هڪ ميڙ ڏسڻ ۾ آيم. مون سوچيو ’شايد سپاهي آهن. پريڊ پيا ڪن.‘ ائين سوچي اڳتي وڌيس. منهنجي اڳيان هڪ لوهار پئي ويو جنهن جي صدريءَ ۽ پتلون تي سڙيا داغ لڳل هئا ۽ هٿ ۾ هڪ وڏو بنڊل پڻ هوس. اسين ٻئي سپاهين جي ويجهو وڃي پهتاسين. ڪارا ڪوٽ پاتل سپاهي، ٻن قطارن ۾ آمهون سامهون سواءِ ڪنهن چرڻ پرڻ جي بيٺا هئا. هو بندوقون زمين تي اپيون رکيو بيٺا هئا. سندن پويان هڪڙو بانسريءَ وارو ۽ هڪڙو نغاري وارو بيٺو هو ۽ هنن لڳاتار اهائي تيز ڌن پئي وڄائي.

”هي ماڻهو ڇا پيا ڪن؟“ مون پنهنجي پرسان بيٺل لوهار کان پڇيو.

”ڪنهن فوج مان ڀڳل تاتاري سپاهيءَ کي سزا پيا ڏين.“ لوهار پرئين قطار کي ڏسي خفي ٿي جواب ڏنو.

آءٌ به اوڏانهن وڌڻ لڳس. مونکي ٻنهي قطارن جي وچ ۾ ڪا خوفناڪ شئي پنهنجي پاسي ايندي ڏسڻ ۾ آئي. اهو هڪ ماڻهو هو جو چيلهه تائين اگهاڙو هو. هو بندوقن سان ٻڌل هو. بندوقن کي ٻن سپاهين پئي ڇڪيو. سندن پرسان هڪ ڊگهي قد وارو آفيسر فوجي ڪوٽ ۽ ٽوپي پائي پئي هليو. سندس قد بت ۽ هلڻ چلڻ ڪجهه سڃاتل ٿي لڳم. قيديءَ جو سڄو بت ڇڪڻ ڪري ڏڪيو پئي. سندس پير وگهرندڙ برف تي بري نموني گهليا پئي. هو ٻنهي قطارن جي وچان پئي ويو. هن ڪنهن مهل پٺيان هٽڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي جنهن تي جيڪي به سپاهي بندوقن جا ٻئي ڇيڙا جهليو پئي هليا تن اڇل سان کيس اڳيان ٿي ڇڪيو، هو تنهن سهل اڳيان

ٿي وڌيو ته انهن سپاهين کيس پٺيان ٿي ڇڪيو ته متان اوچتو ڪري نه پوي. قيديءَ سان ڳنڍو ڳنڍ ڊگهي قد وارو آفيسر مضبوط پيرن سان هلندو اسان جي پاسي پي آيو. هو هڪ منٽ به پوئتي نه بيٺو. هي ڳاڙهن ڳلن ۽ اڇين مڇين وارو فوجي آفيسر وارنڪا جو پيءُ هو.

ڪنهن ڏک ٿي قيديءَ تڪليف ۽ ايذاءُ کان منهن اوڏانهن ٿي ڪنيو جيڏانهن هو پي ويو. چپن زبان سان حيرت جو اظهار پي ڪيائين. سندس وات پٽيل هو، سندس اڇا اڇا ڏند پي ڏسڻ ۾ آيا ۽ هن بار بار ليلايو پئي. جيسين هو منهنجي ويجهو نه آيو تيسين مون سندس هڪ لفظ به نه سمجهيو. هن جي سڏڪن مان هي اکر پي نڪتا: ”ادا، رحم ڪريو، مون تي رحم ڪريو.“

پر پائرن کي متس ذرو به رحم نه آيو. جڏهن اهو جلوس منهنجي اڳيان پهتو ته مون ڏٺو ته هڪ سپاهي ڏاڍي تيزيءَ سان قطار مان نڪتو ۽ اڳيان وڌي پنهنجو ڏنڊو اهڙي ته زور سان تاتاريءَ جي پٺيءَ تي هنيائين جو هن جو آواز هوا ۾ گونجڻ لڳو. جڏهن تاتاري اڳيان جهڪي ويو ته سپاهين ڇڪي کڻي سڌو کيس ۽ ٻي پاسي کان به متس اهڙو وار ٿيو. ان کان پوءِ هو ڪڏهن هن پاسي ٿي ڪريو ته ڪڏهن هُن پاسي؛ ڪرنل ساڻس گڏ پي ويو. ڪڏهن ڪڏهن هن پنهنجي پيرن کي ٿي ڏٺو ته ڪڏهن قيديءَ کي ٿي ڏٺائين. هن زور سان وڏا وڏا ساهه کڻيو ڦڦڙ هوا سان پي پريا ۽ پوءِ آهستي آهستي پنهنجي کليل وات مان هوا ٻاهر پي ڪڍيائين. جڏهن هي جلوس ان جاءِ تان لنگهيو جتي آءٌ بيٺو هوس ته مونکي سپاهين جي قطار جي وچان قيديءَ جا پٺا ڏسڻ ۾ آيا، اهي آلا، ڳاڙها پٺا هئا، اها هڪ اهڙي غير قدرتي شئي هئي جنهن جو لفظن سان بيان ڪري ئي نٿو سگهجي. مونکي يقين ئي نٿي آيو ته هي به ڪو انساني جسم جو حصو آهي.

”اف خدايا!“ منهنجي پرسان بيٺل لوهار پٽڪو ڪري چيو. جلوس اڳيان وڌي ويو هن ڊنل ڪريل بدنصيب شخص کي ٻنهي پاسن کان ڏنڊا پئي لڳا، بانسري رني پئي. نغارا وڳا پئي ۽ ڊگهي

قد وارو ڪرنل قيديءَ سان گڏ ثابت قدم بيٺو رهيو. اوچتو ڪرنل بيٺو ۽ پوءِ ٽڪڙو ٽڪڙو هڪ سپاهيءَ وٽ ويو.

”تنهنجو وار خالي ويو! ڇڱو آئون ٿو توکي مزو چکايان.“

مون ڪرنل جو ڪڙڪي دار آواز ٻڌو. ”هي وٺ! ٻيو وٺ!“

مون ڏٺو ته هن پنهنجي مضبوط هٿن سان جن ۾ سويڊ جا دستانا پيل هئا، هن ڪمزور ۽ محنتي سپاهيءَ جي منهن تي ڪيترائي ٺونشا هنيا جو ان سپاهيءَ جو ڏندو تاتاريءَ جي ڳاڙهيءَ چيلهه تي ڪافي زور سان نه لڳو هو.

”نئون ڏنڊو آڻيو.“ ڪرنل حڪم ڏنو. اهو چئي هن لوٽو هنيو ۽ سندس نگاهه اوچتو مون تي پئي. پر هن اهو ظاهر ڪيو ته ڄڻ هن مونکي سڃاتوئي ڪونهي ۽ ڏاڍي رڪائيءَ سان، بدفضيلتي نموني منهن ۾ شور وجهي ٻي پاسي مڙي ويو. آءٌ ايترو ته ڦڪو ٿيس جو سمجهه ۾ نه آيم ته ڪيڏانهن ڏسان. ڄڻ آءٌ ڪا بيحيائيءَ جهڙي حرڪت ڪندي پڪڙجي پيو هجان. آءٌ ڪنڌ هيٺ ڪري ٽڪڙو ٽڪڙو گهر ڏانهن ويس. سڄي وات منهنجي ڪنن ۾ نغاري جي ٺاپ ٺاپ ۽ بانسريءَ جو روح رازوءِ تاتاريءَ جا اهي لفظ: ”ادا رحم ڪريو! ڀائرو رحم!“ ۽ ڪرنل جو خوداعتمادي وارو ڪڙڪيدار آواز ”هي وٺ! ٻيو وٺ.“ اهي سڀ ٻرڻ لڳا. منهنجي دل ائين ٻي چيچلايو ڄڻ منجهس زخم ٿي پيو آهي ۽ اهو زخم پوسريو پئي. هن روحاني ايذاءُ ڪان مونکي الٽي اچڻ لڳي، ان ڪري رستي ۾ ٻئي دفعا بيهي الٽي ڪيم. مونکي ائين محسوس پئي ٿيو ته هن خطرناڪ نظاري منهنجي نسن ۾ جيڪا شئي ڀري آهي ان ڪان مونکي هر گهڙيءَ الٽي جو ڊپ پئي ٿيو ته؛ ڄاڻ آئي ڄاڻ آئي! مونکي خبر ناهي ته آءٌ ڪيئن پلنگ تي ستس. جيئن ئي منهنجي اک لڳي وري اهو نظارو ٻڌڻ ۾ ۽ ڏسڻ ۾ آيم ۽ آءٌ ٽپ ڏيئي اٿي ويٺس.......

”ڇڱو اهو ته ٻڌاءِ ته تنهنجي عشق جو ڪهڙو انجام ٿيو؟“

”منهنجو عشق! ان ڏينهن ڪان وٺي منهنجو عشق ٺڏو ٿي

ويو. جڏهن ته اسين ٻئي ڳڌ گهمندا هئاسين ۽ هوءَ پنهنجي خاص منجهيل منجهيل انداز ۾ مرڪندي هئي ته مونکي پٽس ڪرنل جي ميدان واري تصوير دماغ ۾ اڀري ايندي هئي ۽ ان ڪري مون تي هڪ عجيب مونجهه ۽ بي آرامي جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. آهستي آهستي مون ساڻس ملڻ بند ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح اسان جي عشق جون پاڙون سڪي ويون.... تہ جناب اهڙا اهڙا واقعا دنيا ۾ ٿيندا آهن! ۽ اهڙا واقعا ئي انسان جي پوري زندگيءَ کي ڦيرايو ڇڏين ۽ سندس رخ موڙيو ڇڏين....“ هن اهڙيءَ طرح ڳالهه کي ختم ڪيو. ●

(ماهوار تحريڪ اپريل ١٩٧٣ع)

ايلسا

فيبروري ١٩٥٦ع جي ڳالهه آهي ته هڪ آدمخور شينهن، هڪ ڳوٺاڻي کي ماري وڌو. منهنجو مڙس ”ڪينيا“ جي ڏاکڻي صوبي ۾ شڪار جو محافظ هو. منهنجي مڙس کي اهو ڪم سونپيل هو ته هو حادثي واري جاءِ تي پهچي جيترو به ٿي سگهي، اوترو جلد انهيءَ خوفناڪ جانور کي گولي ختم ڪري ڇڏي. انهن ڏينهن آءٌ به ساڻس گڏ هيس.

جنهن وقت منهنجو مڙس حادثي واري سرزمين ڏسي آيو، تنهن وقت آءٌ ڪيمپ ۾ اڪيلي هيس. سندس ڪار ننڍڙن جهنگلي ٻوٽن کي لتاڙيندي اچي ڪيمپ جي اڳيان بيٺي.

”جائي!“ ڪٿي آهين! جلدي اچي ڏس ته مون تولاءِ ڇا آندو آهي؟ اهو آواز منهنجي مڙس ”جارج“ جو هو. آئون ڊوڙندي اوڏاهين ويس. منهنجي مڙس مونکي ڪار جي پٺئين پاسي اشارو ڏنو. مون ڪار جي پوئين سيٽ تي شينهن جا ٽي ٻچا ڏٺا. جيڪي پشم جي نرم نرم گولن وانگر پئي سريا ۽ پاڻ کي هڪ ٻئي ۾ لڪائڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون. اڃا سندن اکيون به چڱيءَ طرح ڪونه ڦٽيون هيون. سندن ننڍڙين اکين تي نيري رنگ جا پڙدا چڙهيل هئا. آئون ٻچن کي هنج ۾ کڻي پيار ڪرڻ لڳيس.

”جارج“ ٻڌايو ته اڄ صبح جو آئون ٻن ساٿين سان گڏجي ٻڌايل هنڌ تي ويس. جتي هڪ شينهن ٻن شينهڻين سان ستو پيو هو. جڏهن اسين اتي پهتاسين ته هڪ شينهڻ اسان کي ڏسي گجڪار ڪري اسانتي حملو ڪيو. اسان پنهنجي بچاءَ ۾ کيس گولي هڻي ماري ڇڏيو. جڏهن اسان سندس ٿڻ، کير ۾ پريل ڏٺا، تڏهن اسان کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڇو ته هوءَ ٻچن جي ماءُ هئي ۽ پنهنجي ٻچن

جي بچاءَ ۾ اسان تي حملو ڪيو هئائين. اسان پوءِ ٻچن جي ڳولا ڪئي. هو جلدي اسان کي هڪ غار ۾ سرندا ڏسڻ ۾ آيا. هو انڪل ٻن ڏينهن جا چانور ٿي ڏٺا. مون ڪٽائي اچي ڪار ۾ رکيا. مون ڏٺو تہ ڪار ۾ ٻن ٻچن غرغر پئي ڪئي ۽ هڪ ٻچو ماٽ ۾ هو.

مون ڏاڍي مشڪل سان انهن کي ڪير تي هيرايو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ٻچا ڪيمپ ۾ هري مري ويا ۽ پوءِ سڀئي ماڻهو انهن کي پيار ڪندا هئا. هن ننڍڙي عمر ۾ بہ هنن ٻچن جو ڪردار جدا جدا هو. وڏو زنده دل هو ۽ وچيون مسخرو هو سڀجو ڏينهن ڪير پيڻ واري شيشيءَ سان پيو راند ڪندو هو. سندس نالو لسٽيڪا رکيم. رهيو ننڍو ٻچو جا منجهن مادي هئي سا ڏاڍي تيز ۽ ڦڙت هئي. جڏهن ڪو خطرو انهن کي ڏسڻ ۾ ايندو هو تہ هو ٻئي ڳڏجي ننڍي ايلسا کي اوڏاهين موڪليندا هئا. هي ٽيئي ٻچا گهڻو ڪري منهنجي ڪٽ هيٺان وهندا هئا. هو ڏاڍا سهڻا ۽ پوشيدا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ ۾ غرغر پيا ڪندا هئا تہ ڪڏهين پاڻ ۾ ڳڏجيو راند ڪندا هئا.

جڏهن اسين آءِ.سي.او لوءَ ۾ وڃي رهياسين تہ اتي ٽنهي ننڍڙن شهزادن لاءِ هڪ ڪاٺ ۽ لوهہ جو پڃرو ٺهرايوسين. جنهن ۾ هو سڄو ڏينهن آزاد پيا گهمندا هئا. اسان اتي سندن سنڀال لاءِ هڪڙو نوڪر نورو رکيو هو. پنهنجي نئين گهر ۾ جلد ئي هري مري ويا ۽ سندن اکيون بہ چڱيءَ طرح کلي ويون هيون. جيتوڻيڪ اڃا بہ هو پري جون شيون ڏسي نٿي سگهيا ۽ نہ وري ڪنهن شئي کي هٿن ۾ مضبوط ٿي جهلي سگهيا. تنهنڪري اسان ربڙ جو بال راند ڪرڻ لاءِ ڏنئي ڇڏيں جنهن سان پيا راند ڪندا هئا. هو نرم شي تي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا ۽ هڪ ٻئي کان بال کسڻ جي پيا ڪندا هئا. جڏهن منجهائن هڪڙو بال کسي ويندو هو تہ پوءِ ٻين کي خار ڏيڻ لاءِ آڪڙجي هلندو هو. جيئن جيئن هو وڏا ٿيندا ويا تيئن تيئن کين پنهنجي طاقت جي ڄاڻ پوندي وئي ۽ پوءِ هنن اها طاقت، جا بہ شي هٿ ٿي آين، تنهن تي ٿي آزمائي.

هنن ننڍڙن ٻارن کي سمهارڻ ڪو سولو نه هو. ڀلا توهان ڀاڻ ئي ٿوري دير لاءِ ٽن شرير ٻارن جو خيال ذهن ۾ آڻيو ته جن کي ٻين جي مرضيءَ تي سمهڻ کان نفرت هجي ۽ جيڪي پنهنجي سنڀاليندڙ کان به ڊوڙ جا تکا هجن، سي ڪيئن ٿا جهل ڏين؟ تنهن ڪري اسين هڪ انڪل سان کين سمهاريندا هئاسين. اسين هڪ رسيءَ تي ڪپڙو ويڙهي مولاهڻو ڏاهي، پوءِ ان رسيءَ کي پڃري جي اندر سيريندا هئاسين ۽ ٻچا ان کي شڪار سمجهي ڀنيان ٻوندا هئا. جڏهن اندر ٿيندا هئا تم اسين جهڙپ ڏيئي در بند ڪري ڇڏيندا هئاسين.

جڏهن هي ٻار ٽن مهنن جا ٿيا ۽ سندن ڏند به نڪري آيا. تڏهن آئون سندن اڳيان ڪچوگوشت رکندي هيس. ٻئي ڏينهن ته رڳوگوشت کي پيا سونگهندا هئا ۽ جڏهن گوشت چکي ڏٺائون ته پوءِ روز کائڻ تي گيرت پيا ڪندا هئا ۽ وڙهندا هئا. ويچاري ايلسا جا ٿڃهن ڪمزور هئي سا کائڻ ۾ گهٽ ڦٻندي هئي. تنهنڪري آئون کيس هنج ۾ وهاري لڪائي گوشت کارائيندي هيس ۽ هوءَ ان تي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي ۽ پنهنجو ننڍڙو مٿو منهنجي هنج ۾ پئي ڦيرائيندي هئي. جڻ کيس منهنجي اها هلت ڏاڍي ٿي وڻي. اهڙن موقعن تي هوءَ يا ته منهنجو آڱوٺو چوسيندي هئي يا پنهنجن نرم پيرن سان منهنجي ران مهٽيندي هئي. جيئن ڪو ننڍڙو ٻار ٿڃ ڌائڻ مهل ماءُ جي ڇاتي پيو مهٽيندو آهي. اهائي ڳالهه هئي جو اسان ٻنهي ۾ ڏاڍو پيار ٿي ويو.

هاڻي پنجن مهنن جا ٿي ويا هئا. جسماني لحاظ کان به هو ڪافي مضبوط هئا. جيتوڻيڪ اسان کي ساڻن ڏاڍو پيار هو، پر اسين کين گهڻو عرصو پاڻ وٽ رکي نٿي سگهياسين. ڇو ته اسان وٽ ايترو پئسو نه هو. تنهنڪري اسان فيصلو ڪيو ته ٻن کي جدا ڪنداسين، باقي ايلسا کي نپائينداسين.

آخر ٻن وڏن ٻچن کي هالينڊ جي سرڪاري باغيچي ۾ موڪليوسين. جڏهن ٻنهي ٻچن کي ٽرڪ تي چاڙهيوسين ۽ ٽرڪ

هلڻ لڳي ته ايلسا ٽرڪ جي پٺيان ڊوڙندي ويئي، ڪيس خبر پئجي ويئي ته اڄ منهنجا پائر مون کان هميشه لاءِ جدا پيا ٿين. جڏهن ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پئي ته ڏڪ ڪان نماڻيون اکيون ڪٽي رستي تي ويهي نهارڻ لڳي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اسان کي تار ملي ته ٻئي ٻچا خير خوبيءَ سان هالينڊ پهچي ويا آهن. ٽن سالن ڪانپوءِ جڏهن آءٌ هالينڊ، ٻچن کي ڏسڻ ويس ته ٻئي ٻچا ڪنڌ جهڪائي منهنجي اڳيان اچي ويٺا ۽ مونکي پنهنجي پٺن تي هٿ گهمائڻ ڏنائون.

هيڏانهن ايلسا پائرن جي ڪري اداس ٿي پئي ۽ پائرن کي ڳولڻ لاءِ گهر جي ڪنڊ ڪنڊ ڳولهيائين. جن وڻن جي جهڳٽن ۾ ويهي رانديون ڪندا هئا، اتي به هنن کي سڏ پئي ڪيائين ۽ ڳولهيائين، جڏهن ٿڪجي پئي تڏهن اچي ڊپ لڳس ته پوءِ هوءَ اسان کان به پري نه ٿيندي هئي ته متان اسين به ڪيس ڇڏي نه وڃون.

جڏهن هوءَ اڪيلائي تي هري ويئي ته وري اڳئين وانگر مستيون ڪرڻ لڳي. اسان کي، ڪڏهن هوءَ پنهنجن چنبن سان پيار ڪندي هئي تہ ڪڏهن وري پنهنجي کهريءَ جڀ سان چٽيندي هئي. هاڻي هوءَ شڪار تي اسان سان گڏجي هلندي هئي. هميشه پهريون شڪارسندس هوندو هو. جيڪڏهن شڪار پڪيءَ جو هوندو هو ته ايلسا وڏي فخر سان پکيءَ کي پنهنجي وات ۾ جهلي اچي اسان جي پيرن ۾ رکندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ جانورن جي پٺيان ويندي هئي ۽ ٿڪجي پوندي هئي ته اسان کي مٿس ڏاڍو رحم ايندو هو. اسان گهڻئي دفعا پاڻ سان گڏ ڪيس به سفر تي وٺي ويا هئاسين. ڪيس سفر ڪرڻ ۾ ايتري خوشي ٿيندي هئي جيتري اسان کي ٿيندي هئي.

هاڻي هوءَ ١٩ مهينن جي ٿي ويئي هئي ۽ سندس آواز به ڳرو ٿي پيو هو. سندس منهن تي ليڪون ظاهر ٿي ويون. جڏهن اسين ڪيس ٻاهر گهمائڻ وٺي ويندا هئاسين ته ڏاڍي خفي ٿيندي هئي. هاڻي سندس اها مرضي هئي تہ اسين سندس گهڻو خيال ڪريون. ڇو جو هوءَ هڪ قسم جي نمائش پسند ٿي پيئي هئي. ايلسا جي

اٿي وهٽي ڏاڍي پياري ۽ سهڻي هوندي هئي. جيستوڻيڪ اسين ايترو گڏ نه رهياسين. هوءَ جلد ئي اسان کان جدا ٿـي ويئي ۽ پوءِ اسين ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڏسڻ ويندا هئاسين تـه هوءَ اسان سان ڏاڍي سهڻي نموني اچي ملندي هئي ۽ پنهنجو منهن اسان جي پيرن ۽ ٽنگن تي گهمائيندي هئي ۽ هلڪي آواز ۾ غرغر پيئي ڪندي هئي.

هاڻي اسان جي سامهون ايلسا جـي هڪ نئين خواهش جــو مسئلو پيدا ٿـي پيو. جيڪا ڪيس هـر ڀئي نئي مهيني ڏاڍو تنگ ڪندي پئي آئي. اهڙن موقعن تـي ڪٿي جهنگ ڏي منهن ڪندي هئي ۽ وڻن ۾ وڃي شينهن جي بوءِ سنگهندي هئي. هڪ ڀيري هوءَ اسان سان گڏجي گهمڻ هلـي، هوئن هميشه جيڏانهن اسين ويندا هئاسين اوڏانهن هلندي هئي. پر ان ڀيري هوءَ پاڻ ڇڏائي ڀئي پاسي وڃڻ لڳي. تنهن ڪري اسين به لاچار ان طرف وڃڻ لڳاسين. ٿورو پريرو ويا سين تـه اسان کي شينهن جي چنبن جا نشان ڏسڻ ۾ آيا.

اونده سبب اسين گهر موٽڻ لڳاسين، پـر ايلسا گهر هلڻ کان نابري واري ويئي. لاچار ٿي اسين ڪيس اتـي ڇڏي گهر موٽي وياسين، پر ٿورو ترسي ڪار ڪڍي وري سندس پٺ ورتيسين، ڇو تـه اسان کي اچي ڊپ لڳو تـه متان شينهن ڪيس ماري نـه وجهن. اوچتو جهنگ ۾ گهڻن شينهن جو آواز اسان جي ڪنن تي پيو. اسين انهيءَ طرف وياسين. اسان کي پريان ڏـن شينهن جون اکيون بلورن جيان چمڪنديون نظر آيون. اسان کي ڊپ ٿيو تـه متان هنن گڏجي حملو ڪري ايلسا کي ماري نه ڇڏيو هجي. پر ٿورو ڳولڻ سان جلد ئي ايلسا کي ڏٺوسين جا شينهن جي بوءِ تـي اوڏانهن پئي ويئي. موٽ رڙ ڪري چيو، "ايلسا متان ويئي آهين، شينهن ماري ڇڏيندءِ." هوءَ انهيءَ آواز تي اتي ئي پٺ تي ويهي رهي. ڪڏهن اسان کي پئي ڏٺائين تـه ڪڏهن آواز ڏانهن. ڇڻ ڪجهه سوچي رهي هئي تـه هاڻي ڇا ڪريان. آخر جارج شينهن جي آوازن ڏانهن ٻئي هوائـي فائر ڪيا تـه آواز بند ٿي ويا. اسين ٿورو هلڻ لڳاسين تـه ايلسا بـه ٽپ ڏيئي اچي ڪار جي ڇت تي چڙهي ويئي.

هاٿي ايلسا جو ائين گهمڻ ڦرڻ اسان لاءِ هڪ وڏو مسئلو بڻجي پيو. ايترو هو، ته هوءَ ڪن ڪلاڪن کان پوءِ، موٽي ايندي هئي. ڇو جو گهر ۾ کيس سڀ ڪا سهوليت ميسر هوندي هئي. هاٿي هوءَ سوائين ٻـن سالن جي هئي ۽ پوري بالغ ٿي ويئي هئي. هاٿي اسين کيس پاڻ وٽ رهائي نتي سگهياسين. هـاٿي هـن کي جهنگ وڏيڪ وڻندو هو ۽ اتي آرام سان وڃي گهمندي هئي. اسان جي ٻه اها مرضي هئي ته آهستي آهستي ايلسا کي پاڻ کان جدا ڪريون ۽ کيس جهنگ ۾ رهڻ تي هيرايون. پر اها ڳالهه سولي نـه هئي. اسين کيس ٻيلي ۾ اهڙي هنڌ وٺي وياسين جتي چڱي انداز ۾ شينهن رهندا هئا ته جيئن هوءَ انهيءَ ماحول ۾ هري وڃي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان شڪار ڪري کائي. اسان سندس ڳچيءَ جو پٽو ٻه لاهي ڇڏيو.

اسان هڪ ڏينهن آسمان تي گهٽيون ڳجهون اڏامندي ڏٺيون. اسين اوڏانهن وياسين. وڃي ڏٺوسين ته هڪ شينهن هڪ زيبرا جو شڪار ڪيو هو ۽ مزي سان ويٺي کاڌائين. ايلسا اهـو ڏسي ڪار جي ڇت تان لهي شينهن ڏانهن وڌڻ لڳي. شينهن ايلسا کي گهوري ڏسڻ لڳو ڄڻ ايلسا کي چيائين ٿي ته: ”توکي جهنگ جي بادشاه اڳيان پيش ٿيڻ جـي خبر ناهي! ته ڪيئن ادب سان اچبو آهـي؟ سنهنجي کاڌي مهل اچي خلل وڌو اٿئي! ايڏي جرئت؟“ اسان جي ايلسا کي شينهن جي چهري جا تاثرات نـه وڻيا ۽ هوءَ موٽي وري ڪار جي ڇت تي اچي ويٺي. ٻئي ڏينهن قسمت سٺو ساٿ ڏنو. هڪ جوان شينهن آس ۾ ڳاهه. تي ليٽيو پيو هو. ايلسا کيس پيار مان ڏسڻ لڳي. اسان کي شينهن وڻيو ۽ خيال ڪيوسين ته هيءُ ايلسا جو سٺو گهوٽ ٿيندو. اسين اٽڪل ٣٠ وال جي فاصلي تي ٻيهي رهياسين. شينهن پنهنجي ڪنوار کي ڪار جي ڇت تي ويٺل ڏسي حيران ٿي ويو. ايلسا ڀرين ته غرغر ڪئي پر پوءِ ڪار جي ڇت تـان لٿي. اسين اهو سهڻو موقعو ڏسي اتان کسڪي وياسين. ايلسا کـي پاڻ ڏي وڌندو ڏسي، شينهن سندس آجيان لاءِ وڌيو، ايلسا شينهن کـي وڌندو ڏسي ڊپ کان ڊوڙي اچي ڪار جي ڇت تي ساهه پٽيو. اسان

فيصلو ڪيو تہ ايلسا کي بڪ ۾ ٻاهر گهمائڻ وٺي ويندا سين. ٻئي ڏينهن اسين ايلسا کي بڪايل حالت ۾ وٺي وياسين. اتفاق سان هڪڙو شينهن ڏٺوسين، جيڪو پنهنجو شڪار ڪائي هاڻي وڃي رهيو هو باقي شڪار اتيئي پيو هو. ايلسا شڪار ڏسي ڪار تان ٽپ ڏيئي لهي ويئي. اسين موٽي اچي ڪئمپ کان نڪتاسين. پر پوءِ اسان کي پنهنجي اها هلت نہ وڻي. پر ڇا ڪريون؟ ڪنهن بہ طريقي سان آخر هن کي ڪنهن شينهن سان ملڻ جو وجهہ ضرور ڏيڻو هو. ٻئي ڏينهن وري اسين ايلسا ڏانهن وياسين. اسان کي ڀڪ هئي تہ ايلسا پنهنجي مڙس سان ڏاڍي خوش هوندي. پر اسان اتي وڃي جيڪي ڏٺوسين، تنهن دل ۾ وڏي وجهي ڇڏيا. ڏٺوسون تہ ويچاري ايلسا انهيءَ ساڳئي هنڌ ويٺي اسان جو انتظار ڪيو. شينهن غائب هو ۽ سندس شڪار بہ. ايلسا اسان کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. هوءَ ڊوڙي سون وٽ آئي ۽ ڏاڍي پيار سان منهنجو آڱوٺو چوسڻ لڳي ۽ چٽڻ لڳي. انهيءَ احساس منهنجي دل جي رڳ رڳ کي ڏکوئي وڌو. سون سوچيو تہ اسان ايلسا کي سخت ڏک پهچايو آهي. پر اسان ڇا ڪريون؟ مجبور هئاسين. اهڙي نموني ڪيترائي ڀيرا ايلسا کي ڇڏيوسين ٿي تہ ٻئي ڏينهن ساڳيءَ جاءِ تي ڪيس پنهنجي انتظار ۾ ويٺل ٿي ڏٺوسين. نہ بک جي پرواهہ نہ اڃ جي. هڪڙي شام جو ڪيس هڪ هنڌ ڇڏي آياسين، آڌي رات کان پوءِ ۸ ميل پنڌ ڪري واپس اچي ڪئمپ ۾ نڪتي. سندس پير ڦٽجي پيا هئا، منجهائن رت پئي وهيو. سندس اها حالت ڏسي منهنجي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا، تہ هوءَ اسان سان گڏ رهڻ ٿي گهري ۽ اسين ڪيس ڌڪاريون پيا. پر انهيءَ ۾ سندس ڀلائي هئي.

هاڻي ايلسا ٻہ ٻہ ڏينهن ڪئمپ کان غائب رهندي هئي. جڏهن گهر موٽي ايندي هئي تہ سندس پيٽ ڀريل ڏسڻ ۾ ايندو هو. تنهن مان اسان کي خبر پئي تہ هوءَ پنهنجو شڪار پاڻ ڪري سگهي ويئي آهي.

هاڻي تہ اسان فيصلو ڪيو تہ ڪيس هڪ هفتي لاءِ اڪيلو

چڙدي وچڙن. جڏهن اسين پنهنجو سامان ٻڌڻ لڳاسين، تڏهن ايلسا اسان کي غور سان چتائي پئي نهاريو. جڻ ڪيس خبر پئجي ويئي هئي تہ اسين ساڻس نڳي پيا ڪريون. اسان پنهنجو سامان ڪار ۾ رکايو. مون جارج کي چيو، ”آءٌ ايلسا کي وٺي ٿي وڃان. توهين تيار بيٺا هجو، جيئن ئي آءٌ ايلسا کي ڇڏي اچان، تہ وهان ڪار اسٽارٽ ڪجو.“ جيتوڻيڪ اها نڳي ايلسا جي فائدي لاءِ هئي پر جڏهن ان تجويز تي عمل ڪرڻ جو وقت آيو تہ اهو وقت مون کي پنهنجي زندگيءَ جو ڏکئي ۾ ڏکيو محسوس ٿيڻ لڳو. ايلسا انسانن جي بجاءِ قدرت واري جي ملڪيت هئي، اسين انسان هئاسين. ايلسا سان پيار ٿي ڪيوسين. ڇا ايلسا اهو پيار وساري سگهندي؟ هوءَ بک ۾ پاڻ شڪار ڪري ڪائي سگهندي؟ اسان کي ڊپ هو تہ هوءَ اسان جي پروسي تي اسان جو انتظار پئي ڪندي، ڇو تہ اسان ڪڏهن بہ ساڻس اهڙي نڳي نہ ڪئي هئي. مون پيار مان سندس پيشاني تي چمي ڏني. ڪاش ڪيس اها ڄاڻ پئجي سگهي ها تہ ڪانئس جدا ٿيندي، منهنجي دل کي ڪيترو نہ ڏک ٿي پهتو. آءٌ ايلسا کي جهنگ ۾ وٺي اڳيان گوشت رکي ڊوڙي هلي آيس. ڪار تيار هئي، اسان ڏهہ ميل پري وڃي ڪئمپ لڳائي. اسان کي هاٽي اتي هڪ هفتو رهڻو هو. شام جو جڏهن آءٌ جارج سان گڏجي درياهہ جي ڪناري گهمڻ ويس تہ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيم. هاڻ نہ ايلسا هئي ۽ نہ ايلسا جو مٺو منهنجي هنج ۾ هو ۽ نہ ايلسا جي بدن جي گرمي هئي. ڪيس اڪيلي ڇڏڻ جو مون کي ڏاڍو صدمو هو پر آءٌ بيوس هيس. آخر هفتو پورو ڪري، اسين موٽي ايلسا کي ڏسڻ وياسين تہ ايلسا پنهنجي امتحان ۾ پا س ٿي آهي. جڏهن اتي پهتاسين تہ ايلسا جي پيرن جا نشان ڏٺاسين. مون ايلسا کي سڏ ڪيا، هوءَ منهنجو آواز ٻڌي درياءَ واري پاسي کان ڊوڙندي ڊوڙندي آئي. سندس ڊوڙ مان اسان سمجهيو تہ هن اسان کي ڏاڍو ڳوليو آهي. هوءَ پنهنجو مٺو منهنجي پيرن تي رکي، مون کي چنبڙڻ لڳي، منهنجي صبر جو پيالو پرجي ويو ۽ ڳوڙهن جو مينهن اکين مان وسڻ

لڳو. ايلسا جي اکين مان اٿاهه خوشي پئي ڇلڪي. اسان جا تنبو وري ساڳئي هنڌ لڳي ويا. آءٌ ايلسا کي وٺي درياءَ ڏانهن ويس، جتي هڪ وڻ جي هيٺان ليٽي پيس ۽ ايلسا به منهنجي پاسي کان ليٽي پئي. مون ڏانهن ڏوراپي طور ڏٺائين ۽ پوءِ پنهنجو چنبو منهنجي سيني تي رکي سمهي رهي. رات جو هوءَ وري جهنگ ۾ هلي وئي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري ڏانهس وڃڻ جو ارادو ڪيوسين. ايلسا کي ساڳي ٽڪري تي ڏٺوسين. اسين ويجهو وياسين ته هوءَ اسان کي ڏسي خوش ٿي پر اڳئين وانگر اٿي اچي نه ملي. اسين سمجهي وياسين ته هوءَ هاڻ اڪيلائي ٿي گهري. جڏهن اسان جي ڪار ٽڪري جي پاسي کان اچي لنگهي ته ايلسا رڳو نماڻين اکين سان پئي نهاريو. مون ۽ ايلسا تيستائين هڪ ٻئي ڏانهن پئي ڏٺو، جيستائين اسانجي ڪار غائب ٿي وئي.

هاڻي ايلسا کي هڪ سال ٿي ويو آهي اڪيلي حياتي گذاريندي. اسين سال ۾ ٣-٤ پيرا ساڻس ملڻ ويندا آهيون ۽ هوءَ اسان کي ڏسي اهڙي خوشيءَ سان اچي ملندي آهي، جيئن ڪي صدين جا وڇڙيل دوست ملندا آهن. ايلسا کي ڏسي اسانکي خوشي ٿيندي آهي ته هوءَ هاڻ اڪيلائي تي هري وئي آهي. هاڻ اسان جي ايلسا آزاد آهي. ●

(ماهوار باڊل ١٩٦٦ع)

سورهو

هو تاريخ ۲۲ اپريل ۱۸۷۰ع، اڄ کان پورا هڪ سؤ سال اڳ سيمبرڪ شهر ۾ ڄائو، هي شهر روس جي مشهور درياهہ والگا جي ڪناري تي آهي.

هن جا وڏا زرخريد غلام هاري هئا (هاري زميندارن جا زرخريد ٻانها هوندا هئا ۽ زمين سان گڏ وڪبا هئا.) هن جو ڏاڏو تمام غريب ماڻهو هو ۽ هو ننڍي وهيءَ ۾ مري ويو. هن جي پيءُ ايليا کي سندس وڏي ڀاءُ نپايو ۽ پڙهايو. تانجو پڻس پهرين ماستر ٿيو ۽ پوءِ وڌندي وڌندي نيٺ وچي تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر ٿيو. هو پنهنجي وقت آهر چڱن خيالن وارو انسان هو، هن جي ماءُ هڪ ڊاڪٽر جي ڌيءَ هئي. لينن کي ني ڀيڻون ۽ ٻه ڀائر هئا، هو ٽيون نمبر ٻار هو. هو ننڍڙي هوندي کان وني ڏاڍو شرارتي، چالاڪ ۽ ڦڙتيلو هوندو هو. کيس رانديون ڪرڻ، ترڻ، برف تي ترڪڻ ۽ شطرنج راند کيڏڻ جو ڏاڍو چاهہ هوندو هو. سڄو ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن راند ۾ لڳو پيو هوندو هو ۽ ڏاڍي محنت سان پڙهندو به هو. سدائين امتحان ۾ پهريون نمبر ايندو هو.

هو نيڪ دل ۽ سچار هوندو هو. پاڙي جي غريب شاگردن کي محنت ڪري پڙهائيندو هو.

هو اسڪولي ڪتابن کان سواءِ ٻيا ڪتاب به پڙهندو هو، پوشڪن، گوگول، ترگنيف، ٽالسٽائي ۽ ڪيترائي زبردست اديب ۽ عالم ٿي گذريا آهن انهن جون همدرديون عوام سان هونديون هيون، کيس انهن جا ڪتاب ڏاڍا وڻندا هئا.

تن ڏينهن روس ۾ ملن، ڪارخانيدارن، شاهوڪارن، وڏيرن ۽ جاگيردارن جو زور ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي ويو. ملڪ ۾ ڪيترائي نوان ڪارخانا، نيون مشينون ۽ نيون فيڪٽريون پئي

ڏهيون جن ۾ مزدور رات ڏينهن محنت مزدوري ڪري پيٽ پريندا هئا. پر سندن حالت تمام بڇڙي هوندي هئي. شاهوڪار طبقو ڪين محنت جي اُئين پٽيءَ جيترو به ڪونه ڏيندو هو، جنهنڪري ڪين هڪ ويلو ڪائڻ لاءِ هوندو هو تـه پيو ويلو ڪونه هوندو هو، انگ ڍڪڻ لاءِ اڳڙي بـه ڪانه هوندي هين. سندن مسڪين ٻار بکن وگهي پيا مرندا هئا، جي بيمار ٿيندا هئا ته ايترو پئسو ڪونه هوندو هون جو ڪٿي علاج ڪرائين. مطلب ته ”لٽيون جهلي ڀولڙو ڪٽيو ڪائي فقير.“ پورهيو هي غريب ڪن ۽ سندن پورهئي مان جيڪو فائدو ٿئي سو ڪارخاني ۽ ملن جا مالڪ ڪڻن ۽ انهن پئسن تـي عيش ڪن ۽ نت نوان ويس پائين، ڪارن ۾ گهمن ۽ پنهنجن ٻارن کي پڙهائن وغيره. انهيءَ ڪري هـو غريبن کـي رات ڏينهن پيا پيڙيندا ۽ مٿن پيا ظلم ڪندا هئا ته متان هي غريب طبقو سجاڳ ٿي پوي ۽ اسان کان پنهنجا حق گهري، جي هي سجاڳ ٿي پنهنجا حق وٺندا ته پوءِ اسين عيش ڪري ڪونه سگهنداسين. تنهنڪري هنن کي ظلم جي گهاڻي ۾ ايترو ته پيڙيون جو هو اڌ مري ڪري وڃن ۽ جيڪي رهن سي جاهل رهن ته ڍلي جانورن وانگر پيا حياتي گذارين.

پنهنجي ملڪ جـي غريبن جي اها حالت ڏسي هن کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هـو ۽ هو رات ڏينهن انهن غريبن جـي بـاري ۾ پيو سوچيندو هو ته ڪيئن غريبن جي مـدد ڪجي ۽ هنن شاهوڪارن جي ظلم مان غريب پورهيتن کي ڪيئن آزاد ڪجي.

هڪڙي ڀيري اسڪول ۾ ماسترن سڀني شاگردن کي مضمون لکڻ لاءِ چيو. انهيءَ تـي هن پنهنجي مضمون ۾ غريب طبقي جي ڏکن ۽ سندن حالتن بابت لکيو. جڏهن اهو مضمون اسڪول جي ڊائريڪٽر پڙهيو ته باهه ٿي ويـو ۽ هن کي چيائين، ”اهو ڪهڙو مظلوم طبقو آهي جنهن جي ڳالهه مضمون ۾ لکي اٿئي. آئينده اهڙي بڪ نه لکندو ڪر.“

تن ڏينهن ۾ روس ۾ اتي جـي ظالم بادشاهه زار کي لاهڻ

لاءِ ڪيترين ئي تنظيمون پيون ٺهنديون هيون، جن جي مرضي هئي ته غريبن تي جيڪو ظلم بادشاهه ۽ شاهوڪار طبقو پيو ڪري، ان کي ختم ڪجي. انهن پارٽين مان هڪڙي پارٽيءَ جو نالو هو ”نرود نايا وولِيا.“ انهيءَ پارٽيءَ جو خيال هو ته ڇو نه بادشاهه ۽ اهڙن شاهوڪارن کي ڇونڊي ڪُهجي جيڪي غريبن تي ظلم ٿا ڪن. هن جو وڏو ڀاءُ الڪساندر به انهيءَ پارٽيءَ جو ميمبر ٿيو. انهن سيني گڏجي بادشاهه کي مارڻ جو منصوبو ٺاهيو. جنهن ۾ هي ڪامياب نه ٿيا. الٽو مٿن ظلم ٿيڻ لڳا. ان وقت جي حڪومت ۽ سندس چاڙتا انهن ميمبرن کي سخت سزائون ۽ ڦاسيون ڏيڻ لڳا.

انهي منصوبي ڪري هن جي وڏي ڀاءُ الڪساندر کي ڦاسي ملي، جنهنجو هن کي تمام گهڻو صدمو پهتو. هن پنهنجي دل ۾ عهد ڪيو ته آءٌ به ڀاءُ وانگر غريبن جي مدد ڪندس چاهي منهنجي جان هلي وڃي.

هن کي ”نرود نايا وولِيا“ پارٽيءَ جو رستو نه وڻيو. هن سوچيو ته هڪڙي بادشاهه کي ماربو ته سندس جاءِ تي وري ٻيو بادشاهه حڪومت ڪندو ۽ اهو به غريبن سان اهائي هلت ڪندو جيڪا پشتان پشت ٿيندي پيئي اچي ۽ شاهوڪار طبقو ته اڳيئي ذليل آهي. جن جي اصل مرضي اها هئي ته غريب ڀلي جاهل هجن جي آهي آسريا ته اسانکي هلڻ به ڪونه ڏيندا. پوءِ اسان به جيڪي عيش ۽ آرام ڪيا سي ڪيا، تنهنڪري اهڙو رستو وٺجي جنهن سان سڄو نظام بدلجي وڃي ۽ اهو ظلم غريبن تان هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي. هو اهڙي وات جي ڳولا ڪرڻ لڳو ۽ ڪيترن ئي فلاسافرن جا ڪتاب پڙهڻ لڳو ته من ڪيس غريب عوام جي ڇوٽڪاري جي ڪا واٽ نظر اچي. نيٺ هن کي غريب عوام جي ڇوٽڪاري وارو رستو هٿ اچي ويو. اهو رستو اصل ۾ جرمنيءَ جي هڪڙي مشهور فلاسافر پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو هو ته ”ملڪ جي اصل طاقت غريب پورهيت عوام آهي جنهن تي سڄي ملڪ جي جٿاءُ جو دارومدار آهي تنهنڪري شاهوڪارن ۽ سرمائيدارن

جي حڪومت ختم ڪئي وڃي ۽ ملڪ جون واڳون پورهيت عوام جي هٿ ۾ ڏجن ته هو پنهنجي ملڪ کي پنهنجي هٿن سان محنت ڪري صحيح طريقن سان هلائين. ملڪ ۾ ڪوبه شاهوڪار، وڏيرو نه هجي. سڀ برابر هجن.“

”اهو ملڪ ڪڏهن به ترقي نٿو ڪري سگهي جنهن جو ڏيون حصو غريب عوام بکن ۾ پيو پاهه ٿئي ۽ باقي هڪڙو حصو انهن غريب پورهيتن جي محنت تي عيش پيو ڪري.“ جرمنيءَ جي انهي فلاسافر اهو به لکيو ته ”ڪيئن شاهوڪار ۽ سرمائيدار طبقي کي ختم ڪجي ۽ ڪانئن ڪيئن وڙهي حڪومت وٺجي.“

ان فلاسافر جي ڪتاب ۾ لکيل ڳالهيون ان وقت روس جي عوام سان ٺهڪي ٿي آيون پر تن ڏينهن ڪوبه اهڙو داناءُ ماڻهو ڪونه هو جيڪو ان فلاسافر جي اصولن تي هلي.

تنهنڪري هو اهڙن شاگردن سان ملڻ لڳو جن جي دلين ۾ غريب عوام جي ظلمن جو احساس هجي ۽ جيڪي زار جي حڪومت ۽ شاهوڪارن خلاف هجن. هن منظم پارٽي ٺاهڻ ٿي چاهي، جيڪا باقائدي عوام لاءِ جدوجهد ڪري. اهڙن ساٿين ۽ شاگردن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ڪري، هن کي ١٨٨٧ع ۾ يونيورسٽيءَ مان گرفتار ڪيو ويو. گرفتاريءَ وقت هڪڙي پوليس آفيسر کيس چيو ته، ”اڙي جوان تون هي ڪهڙن ڦڏن جا ڪم پيو ڪرين، ڏسين نٿو ته هي پٿ تمام وڏي آهي جيڪا تنهنجي ڪيرائڻ ڪان ڏاڍي آهي.“ تنهن تي هن جواب ڏنو ته، ”پٿ برابر وڏي آهي پر پيڙهه کي ڪلر لڳل آهي اها هڪڙي ٺيلهي ڏيڻ سان وڃي ڦهڪو ڪندي.“

اهڙيءَ طرح هن کي سترهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي شهر مان تڙي صوبي قازان جي هڪ ڳوٺ ڪرڪوننڪ نيونا ۾ جلاوطن ڪري اماڻيو ويو.

ان وقت ڪان پوليس هن جي چرپر کي جانچڻ لڳي. سال کن ڪان پوءِ هن کي پنهنجي اباڻي شهر اچڻ جي اجازت ملي.

١٨٩٢ع ۾ هن اهڙو طبقو منظم ڪيو جيڪو سندس ۽ جرمنيءَ جي فلاسافر جي ڪم ڪرڻ جي طريقي کان مطمئن هو.

آهستي آهستي ان ۾ انقلابي خيالن جا نوجوان شامل ٿيڻ لڳا. اڳتي هلي ان کي جدوجهد جي مانجهين جو نالو ڏنو ويو. ان کان پوءِ هو پنهنجي وطن کي آزادي ڏيارڻ جو ڪم پرجوش نموني ڪرڻ لڳو.

هو يورپ جي ٻين ملڪن ۾ ويو ته جيئن اتي جي انقلابين جي ڪم جي طريقي کان واقف ٿئي. هو اتي جي انقلابين سان ملي واپس پنهنجي وطن آيو. جدوجهد جي انهي پرجوش ڪم کي ڏسي زار جي حڪومت ١٨٩٥ع ۾ ڪيس ۽ سندس سائين کي گرفتار ڪيو. پر انهن پنهنجو ڪم نه ڇڏيو. هن جو جيل مان به پنهنجي آزاد ٿيل سائين سان رابطو قائم رهيو. هو جيل مان پنهنجي سائين کي سوڪليل خط کير سان لکندو هو. اچي پني تي آهي اکر ڏسڻ ۾ نه ايندا هئا پر جڏهن انهن کي گرم ڪيو ويندو هو ته اکر صاف ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

١٣ فيبروري ١٨٩٧ع ۾ هن کي ٽن سالن جي لاءِ اوير سائبيريا ۾ جلاوطنيءَ جي سزا ڏني وئي. جلاوطنيءَ جي سزا ختم ٿيڻ کان پوءِ هو واپس موٽي آيو ۽ ڪم کي شروع ڪيائين. هن کي ١٩٠٠ع سال پارٽيءَ کي منظم ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

نيٺ ١٩٠٥ع ۾ روس ۾ پهريون انقلاب آيو. اهو انقلاب پوري طرح عوامي هو.

٢٥ آڪٽوبر ١٩١٧ع ۾ روس ۾ منظم انقلاب آيو جيڪو ڪامياب ويو ۽ روس آزاد ٿيو. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ پهريون ڀيرو مزدورن، هارين، شاگردن، ٻين ۽ ٻارن جي حڪومت قائم ٿي. ۽ هن کي روس جو صدر چونڊيو ويو.

دنيا جو اهو پهريون غريب وطن دوست ۽ انقلابي اڳواڻ ٢١ جنوري ١٩٢٤ع ۾ شام ٦ لڳي ٥٠ منٽن تي دماغ ۾ رت جي لرزش بند ٿيڻ سبب وفات ڪري ويو. اها افسوسناڪ خبر روس ۽

سچي دنيا ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي ۽ لکين ماڻهو روس جي هن عظيم شخص جي آخري زيارت لاءِ آيا. ماڻهو اوڇنگارون ڏيئي روئي رهيا هئا.

هو هن دنيا مان ته ويو هليو پر هو دنيا جي هر انقلابيءَ جي دل ۾ جيئرو آهي ڇو ته هو وڏيرن ۽ سيٺين جو نه پر عوام جو اڳواڻ هو.

(سجاڳ بار پبليڪيشن ١٩٧٨ع)

(ترجمو)
فرينچ ڪهاڻي

جيان پال سارتر

ديـــوار

هنن اسان کي ڏکو ڏيئي هڪ وڏي ڪمري ۾ وڌو، جنهن کي تـازي پوچي ڏنل هئي. منهنجون اکيون چنڀڙڻ لڳيون، ڇو ته سوجهري جي ڪري اکين کي تڪليف پئي ٿي. آخر منهنجي نظر چئن غير فوجي آفيسرن تي پيئي، جيڪي هڪڙيءَ ميز جي چوڌاري ويٺا هئا ۽ ڪاغذ پئي پڙهيائون. هو قيدين جي هڪ ٻئي ٽولي کي پنهنجي پٺيان ويهاريو ويٺا هئا. وٽن پهچڻ لاءِ اسان کي سڄو ڪمرو لتاڙڻو پيو. قيدين مان گهڻن کي ته مان سڃاڻندو هوس، پر انهن ۾ ڪي پرڏيهي به هئا، جن کي مان نه سڃاڻي سگهيس. منهنجي سامهون ويٺل ٻـن قيدين جـو رنگ ڇٽو ۽ منهن گول هو؛ پيئي ڇڙا ذري گهٽ هڪجهڙا ٿي لڳا. منهنجي خيال ۾، هو فرينچ هئا. منجهانئن جيڪو ننڍو هـو، تنهن رکي رکي پنهنجيءَ پتلون کـي مٿي پئي ڪيو ـــ شايد ذهني آنڌ مانڌ جي ڪري.

ڪارروائي اٽڪل ٽي ڪلاڪ هلي. مان ٿڪجي چور ٿي پيو هوس، ۽ هاڻي ائين ٿي لڳم، ڄڻ تـه مغز بنهه خالي ٿـي ويو هوم. پر ڪمرو چڱو گرم هو، جنهن مان هڪ قسم جي فرحت پئي آئي؛ نـه تـه اسين گذريل چوويهن ڪلاڪن کان سانڍهه سيءَ ۾ پئي ڏڪياسين. سنتري قيدين کي هڪڙو هڪڙو ڪري، ميز جي سامهون وٺي پئي ويا. انهن چئني آفيسرن، واري سان، هـرڪنهن قيديءَ کان سندس نالو ۽ رهڻ جـو هنڌ پئي پڇيو، يـا نالي ماتر هڪ- اڌ ابتو سبتو سوال ٿي پڇيائون. جهڙوڪ ـــ ”بـارودخاني کي باهه ڏيڻ ۾ تون شامل هئين؟“ يا ”تون نائين تاريخ جي صبح جو ڪٿي هئين ۽ ڇا پئي ڪيئي؟“ هنن انهن سوالن جـا جواب ٻڌا به ڪين ٿي، ۽ ائين ٿي لڳو، ڄـڻ ان مهل گهڙي کن ماٺ ڪري سامهينءَ ديوار کي ويٺي ڏٺائون، ۽ پوءِ ڪجهه نه ڪجهه

لکي ٿي ڇڏيائون.

ڏام کان پڇيائون ته ”تون برابر بين الاقوامي دستي ۾ شامل هئين؟“ ڏام جي کيسي مان جيڪي ڪاغذ نڪتا هئا، تن جي ڪري کيس قبولدار ٿيڻ کانسواءِ ٻي واهه ئي ڪانه هئي.

هنن يوآن کان ڪجهه به نه پڇيو. رڳو سندس نالو پڇي، ڳچ تائين ڪجهه لکندا رهيا.

يوآن چيو: ”منهنجو پاڻ برابر دهشت پسند آهي. توهانکي ته خبر آهي ته هو هتي ڪونهي. منهنجو ته ڪنهن به جماعت سان واسطو ڪونهي، ۽ مون سياست ۾ ڪڏهن به هٿ ڪو نه وڌو آهي.“

هنن ڪجهيو ئي ڪونه. يوآن چوندو رهيو:

”مون ته ڪجهه به نه ڪيو آهي. آءٌ ٻين جي گناهن جو ڪيتو لوڙهڻ نٿو چاهيان.“

سندس چپ ڏڪيا پئي. هڪ سنتري، کيس ماٺ ڪرائي، اتان وٺي ويو.

هاڻ منهنجو وارو آيو —

”تنهنجو نالو ’پابلو ابنٽيا‘ آهي؟“

”ها.“

ان شخص ڪاغذ تي هڪ نظر ڊوڙائي، ۽ چيائين:

”رومن گرس ڪٿي آهي؟“

”مونکي خبر ناهي.“

”تو ان کي ڇهينءَ کان وٺي نائينءَ تاريخ تائين پنهنجيءَ جاءِ ۾ لڪائي ويهاريو هو؟“

”نه.“

هنن هڪ منٽ ڪجهه لکيو، ۽ پوءِ سنتري مونکي به ٻاهر موڪلي ڇڏيو.

رستي ۾ ڏام ۽ يوآن، ٻن سنترين سان گڏ، مون لاءِ بيٺا هئا. ڏام هڪ سنتريءَ کان پڇيو: ”پوءِ؟“

”پوءِ ڇا؟“ سنتريءَ پڇيو.
”ڇا ٿي لکيائون؟ بيان يا فتوائون؟“
”فتوائون.“
”هو اسانکي ڇا ڪندا؟“
”تـوهان کي فتوا جيل ۾ پـڌائي ويندي.“ سنتريءَ تمام رکائيءَ سان جواب ڏنو.

اسين جنهن جاءِ ۾ بند هئاسين، سو هڪ وڏيءَ اسپتال جو تهخانو هو. اتي ڏاڍو سيءُ پئي پيو. اسين سڄي رات پئي ڏڪياسين. ڏينهن جو به اهڙو ئي حال هو. گذريل پنج ڏينهن مون هڪ ديول جي تنگ ڪوٺڙيءَ ۾ گذاريا هئا. اها ڪوٺڙي صفا پٿ جي سوراخ جيان هئي، ۽ ڪن اياڻن جي پراڻي هئي. جاءِ جي تنگيءَ ڪري، جتي آيون، اتي اسان کي ڪٽي بند ڪيو هئائون. ڪوٺڙيءَ ۾ گهٽي تڪليف نـه هئي. اتي سيءُ گهٽ هو. پـر مان اڪيلو هوس، ۽ اڪيلائي گهچ مهل کان پوءِ ئي محسوس ٿيندي آهي. هن تهخاني ۾ ڪيترائي ماڻهو هئا. پوآن صفا ماٺ ۾ هو. ڪيس ڏاڍو ڊپ هو، ۽ پيو ته اڃا عمر به اهڙي ڪانه هئس. پـر ٽام ٻڙ ٻڙيو ۽ اسپيني ٻوليءَ ۾ پـڙ هو. تهخاني ۾ هڪ بينچ ۽ چار تـڏا پيل هئا. هو جڏهن اسان کي موڏائي اتي وٺي ويا ته اسين ويهي انتظار ڪرڻ لڳاسين. ٿوريءَ دير کان پوءِ ٽام چيو:
”ڦاسجي وياسين!“
”آءٌ به ائين ٿو ڀائيان.“ مون چيو. ”پـر منهنجي خيال ۾ هو هن ڇوڪري کي ڪجهه نه ڪندا.“
”ها، هن جي خلاف وٺن ڪابه ثابتي ڪانهي. رڳو سندس ڀاءُ دستي ۾ آهي، بس.“ ٽام چيو.
مون پوآن ڏانهن نهاريو. ائين ٿي لڳو، ڄڻ هن ڪجهه به نـه پـڌو هو.
ٽام پئي چيو: ”خبر اٿئي، ساراگوسا ۾ ڇا پيا ڪن؟ ماڻهن کي پٽ تي ليٽائي، مٿانئن لاريون ۽ ٽرڪون ٿـا هلائين! مـراڪش

جي هڪ ٻگل ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو ته هو ڪارتوس بچائڻ لاءِ ٽا ائين ڪن.“

”پر تڏهن به پيٽرول ته لڳندو هوندو!“ مون چيو. مون کي ڏام تي ڪاوڙ پئي آئي. ڪيس اهڙي ڳالهه نه ڪرڻ کپندي هئي.

”۽ وري آفيسر نظرداري ڪرڻ لاءِ رستي تي چڪر پيا لڳائيندا آهن.“ هو چوڻ لڳو. ”ڪيسي ۾ هٿ وجهيو، سگريٽ پيا پيئندا آهن. توهان ڀانئيو ٿو ته هڪدم ماري ٿا ڇڏين ڇا؟ نه، ڇڏيندا آهن ته ماڻهو ڀلي ڦٿڪن ۽ ريهون ڪن! هڪ ڪلاڪ بعد ماريندا آهن. هن مراقشيءَ ٿي چيو ته ٻهريون ڀيرو ڪيس الٽي اچي ويئي.“

”آءٌ ڀانيان ٿو ته هتي ائين نه ڪندا. وٽن سچ پچ ڪارتوسن جي کوٽ شل نه هجي!“ مون چيو.

ڇت ۾ چار ننڍا ننڍا سنگهه هئا، جن مان سوجهرو به پئي ٿيو ۽ ڪاٻي پاسي کان ٿورو پاسو ڪليل هو، جتان آسمان پئي ڏٺو. ان سوراخ مان هو تهخاني ۾ ڪوئلا ڪيرائيندا هئا. اتي اڃا به ڪوئلن جي ننڍن ننڍن ٽڪرن جا ڍڳ ٿيل هئا. انهيءَ تهخاني مان اسپتال کي گرم ڪندا هئا. پر جنگ شروع ٿيڻ سان بيمارن کي اتان ڪڍيو ويو هو، انهيءَ ڪري ڪوئلا بچي پيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اتي مينهن جو پاڻي پئي پيو، جو ڍڪ ڏيڻ وسري ويو هون.

ڏام سڄو ڏڪڻ لڳو، ۽ چيائين: ”خداوندا، هاڻ سيءُ وري شروع ٿيو!“ هو اٿي ڪسرت ڪرڻ لڳو. چرڻ پرڻ ڪري، هر هر سندس قميص جي ڳچي کلي ٿي پئي، جنهن مان سندس ڇاتيءَ جا وار ۽ اڇي چمڙي ڏسڻ ۾ پئي آيا. هو اونڌو ليٽي، ڏنگون هوا ۾ لوڏڻ لڳو. هن جا ڪلها به پئي لڏيا. ڏام خشڪ هو، پر سندس بت تي چربيءَ جا تهه چڙهيل هئا. مون ويچاريو ته جاڻ انهيءَ گوشت جي گرم ۽ نازڪ ڍير ۾ بندوق جي گولي يا سنگين جي چهنب اهڙي نموني ڏنبي، جيئن مکڻ ۾ ڇري. هو جيڪڏهن

سنهو هجي ها ته مون کي اهو خيال ڪونه اچي ها. مون کي گهٽو سيءُ ڪونه ٿي پيو، پر منهنجا ڪلها ۽ ٻانهون ٻيسڙتا ٿي پيا هئا. رکي رکي ائين ٿي لڳم، ڄڻ منهنجي ڪا شيءِ وڃائجي ويئي آهي، ۽ مان پنهنجو ڪوٽ هيڏانهن هوڏانهن ڳولڻ ٿي لڳس، پر پوءِ ياد پيم ته هنن منهنجو ڪوٽ موٽائيو ڪونه هو. انهيءَ ڪري مون کي تڪليف پئي ٿي. هنن اسان جا ڪپڙا سپاهين کي ڏيئي ڇڏيا هئا. رڳو قميصون ۽ اسپتال جي مريضن وارا ڳوڻ جا پاجاما ڇڏيا هئائون. اهي پاجاما مريض اونهاري ۾ پائيندا هئا.

ٿوريءَ دير کان پوءِ، ٽام اٿي منهنجي ڀرسان اچي ويٺو. هو سهڪيو پئي. ”ڪجهه گرم ٿئين؟“ مون پڇيومانس. چيائين، ”اصل نه! پر هاڻ ته ست ئي ڪونه رهيو آهي!“

شام جو انڪل ائين لڳي، هڪ ميجر ٻن سپاهين سان گڏجي آيو. سندس هٿ ۾ هڪ ڪاغذ هو. هن سنتريءَ کان پڇيو: ”هنن ٽنهي جا نالا ڇا آهن؟“

”اسٽين باڪ، آبيٽا ۽ مرابل.“ سنتريءَ ٻڌايو.

ميجر عينڪ نڪ تي ڏاهي فهرست کي ڏٺو: ”اسٽين باڪ .... اسٽين باڪ .... ها، ٺيڪ آهي، توکي موت جي سزا ڏني ويئي آهي. سڀاڻي صبح جو توکي گوليءَ سان اڏائبو.“ هو فهرست کي ڏسندو رهيو: ”باقي ٻن کي به ـــ“

”مونکي به؟“ يوآن چيو. ”ائين ٿي نٿو سگهي!“

ميجر حيرت وچان کيس ڏٺو. ”نالو ڇاهي تنهنجو؟“

”يوآن مرابل.“ هن جواب ڏنو.

”ها، تنهنجو نالو به لکيل آهي.“ ميجر چيو. ”توکي به موت جي سزا ڏني ويئي آهي.“

”مون ته ڪجهه به نه ڪيو آهي!“ يوآن چيو.

ميجر ڪلهي کي ائين لوڏيو، ڄڻ ته چوندو هجي ـــ ’بس آءٌ ڇا ڪريان.‘

پوءِ هو ٽام ۽ مون ڏانهن وريو: ”توهين باسڪ فرقي جا

آهيو؟"

"ڪير به باسڪ ناهي."

هن کي اها ڳالهه چڱي ڏکي لڳي. چوڻ لڳو: "هتي ٽي باسڪ آهن. سان انهن جي ڳولا ۾ پنهنجو وقت ڪونه وڃائيندس. چئبو، تڏهن توهان کي پادريءَ جي ضرورت ناهي!"

اسان ڪو به جواب نه ڏنو. هن چيو: "هڪ بيلجمي ڊاڪٽر هيٺئر ايندو. هن کي توهان سان رات رهڻ جي سوڪل آهي."

هو فوجي سلام ڪري، هليو ويو.

"مون توکي چيو هو!" ٽام چيو. "موت جي سزا مليسون!"

"ها." مون چيو. "پر هن ڇوڪري سان بيواجبي ٿي آهي."

مون اها ڳالهه اڻين اخلاقي فرض سمجهي ڪئي، نه ته ڇوڪرو مون کي بنهه ڪونه ٿي وڻيو. هن جو منهن زرد ٿي ويو هو. ڊپ ۽ تڪليف سندس منهن جي رونق بگاڙي ڇڏي هئي. ٽي ڏينهن اڳ هو ڏاڍو چست ۽ ڦڙت ٿي لڳو؛ پر هيٺئر هو پوڙهن جيان سست ۽ بيجان پئي لڳو، ۽ مون کي اڻين محسوس ٿي رهيو هو ته هاڻ جيڪڏهن هن کي ڪٽي ڇڏي به ڏين، ته به وري جوان نه لڳندو. ها، جيئڻ ڪان پوءِ ماڻهو مٿس رحم ڪن، ته پوءِ پيو وقت گذاريندو. پر ڪو مون تي قياس ڪري، اهڙو ويچار ايندي ئي مون کي پاڻ ڪان وحشت لڳندي آهي، ڏاڍي وحشت. هن وڏيڪ ڪجهه به ڪونه ڳالهايو هو، پر سندس وار اڇا ٿي ويا هئا. هن اکيون ڦاڙيون، هيٺ زمين کي پئي ڏٺو. ٽام دل جو چڱو هو. هن سندس هٿ ورتو ٿي، پر ڇوڪري هٿ ڇڪي ورتو ۽ منهن بڇڙو ڪرڻ لڳو.

"هن جي ڳڻتي نه ڪر." مون هوريان چيو. "ڏسين نٿو ته هاڻ سرسام جو دورو ٿيڻ وارو اٿس!"

ٽام سمجهڻ کانسواءِ منهنجي ڳالهه مڃي. هن جي دل گهريو

ٿي ته هو وڏي ڇوڪري کي دلاسو ڏئي. اهڙي نموني هن جو وقت گذرندو، ۽ پنهنجي باري ۾ سوچڻ کان به بچي وڃي ها. پر مون کي هن تي ڪاوڙ پئي لڳي. مون موت بابت اڳ ڪڏهن به نه ويچاريو هو: جو ته اڳ ڪڏهن به اهڙو وقت ڪونه مليو هوم. پر هاڻي اهو وقت هو، ۽ انهيءَ بابت سوچڻ کانسواءِ ٻيو چارو نئي ڪونه هو.

ڏام وري ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ”ٻڌاءِ، تو ڪنهن کي ماريو آهي؟“ هن مون کان پڇيو. پر مون جواب نه ڏنو. هو مون کي ٻڌائڻ لڳو ته ڪيئن آگسٽ جي شروعات کان وٺي هن ڇهن ماڻهن کي ماريو هو. ڪيس وقت جي نزاڪت جو احساس ٻنهه ڪونه هو، بلڪ هن انهيءَ جو احساس ڪرڻ به نٿي گهريو. مون پاڻ به ڪيس چڱيءَ طرح نه سمجهيو هو، ۽ هاڻي مون خيال ڪيو ته برابر پنهنجيءَ حالت تي غور ڪرڻ ڪري تڪليف ٿئي ٿي. مون گولين لاءِ خيال ڪيو ته ڪيئن اهي ٻرندڙ باهه جيان بدن مان لنگهنديون. پر انهن ڳالهين جو اصل سوال سان ته ڪو واسطو ڪونه هو! مون کي ڪو به فڪر ڪونه هو. اسان وٽ انهن ڳالهين سوچڻ لاءِ ته سڄي رات پيئي هئي. ڏوريءَ دير کان پوءِ ڏام ماٺ ۾ پئجي ويو، ۽ مون ڪيس اڌ ٽيٽ سان ڏنو. مون ڏٺو ته سندس وار به اڇا ٿي ويا هئا، ۽ صفا ڳريل پئي لڳو.

هاڻي اونداهي ڪافي ڇانئجي ويئي هئي. ٿورو هلڪو سوجهرو منگهه مان لنگهي، ڪوئلن جي ڍڳ تي پئي پيو. مون کي ان سوراخ منجهان هڪ تارو پئي ڏسڻ ۾ آيو. مون سوچيو، رات اڄري ۽ برف جهڙي هوندي.

ايتري ۾ دروازو کليو، ۽ ٻه سنتري اندر لنگهي آيا. سندن پٺيان ڪاريءَ ورديءَ ۾ هڪ پورن وارن وارو ماڻهو هو. هن اسان کي سلام ڪيو.

”مان ڊاڪٽر آهيان.“ هن چيو. ”مون کي موڪل مليل آهي ته هن صبر جي گهڙيءَ ۾ توهان جي مدد ڪريان.“ سندس

آواز مٺو ۽ چٽو هو.

مون چيو: ”هتي ڇا گهرجيئي؟“

”مان توهان جي خدمت لاءِ آيو آهيان. مان توهان جي پڇاڙيءَ جي گهڙين کي آسان ڪرڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪندس.“

”تون هتي ڇا لاءِ آيو آهين؟ ٻيا ٻه ته آهن اسپتال ۾. سڄي اسپتال پري پيئي آهي!“

”مون کي هتي موڪليو اٿن.“ هن بيزار ٿي چيو. ”سگريٽ پيئندؤ؟“ ڪيسي مان سگريٽ ۽ چروٽ ڪڍي اسان کي آڇيائين، پر اسان نه ورتا.

مون سندس اکين ۾ ڇتائي نهاريو، پر هو ڪجهه ٻي آيو هو. پوءِ چيومانس: ”تون هتي مدد ڪرڻ لاءِ ڪونه آيو آهين! تنهن ڪانسواءِ، آءٌ توکي سڃاڻان ٿو. جنهن ڏينهن آءٌ گرفتار ٿيو هوس، مون توکي ٻئرڪن جي اڳيان فاشين سان گڏ ڏٺو هو.“

مون گهڻو ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو، پر يڪايڪ منهنجي اندر ۾ هڪڙي عجيب غريب ڪيفيت پيدا ٿي ويئي. مون کي هن ڊاڪٽر جي موجودگيءَ سان ڪا به دلچسپي نه رهي. هونئن آءٌ جڏهن به ڪنهن جي پٺيان پوندو آهيان ته سولائيءَ سان سندس جند ڪونه ڇڏيندو آهيان، پر هينئر ڳالهائڻ تي دل ئي ڪا نه پئي ٿيم. آءٌ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي، ٻئي طرف ڏسڻ لڳس. ٿوريءَ دير کان پوءِ وري ڏٺم ته هو مون کي حيرت سان تڪي رهيو هو.

سنتري هڪڙي ٽڏي تي ويٺو هو. پيڊرو، جو ٻت ۾ سنهون پر قد ۾ ڊگهو هو، سو وندر خاطر پنهنجا آڱوٺا گهمائي رهيو هو. ٻئي ڄٽي، ننڊ اچڻ جي خيال کان، ذري ذري پئي ڪنڌ کي ڌوڻيو.

”اوهان کي روشنيءَ جي ضرورت آهي؟“ پيڊرو اوچتو ڊاڪٽر کان پڇيو. ٻئي ڄٽي ڪنڌ ڌوڻي ”ها“ چيو. ڊاڪٽر، ٽنب جيان سڌو، چپ چاپ ويٺو هو. سندس ٿڌين نيرين اکين ۾ گهوري، مون کي احساس ٿيو ته منجهس سوچڻ جي صلاحيت صفا ڪانه هئي.

ايتري ۾ پيڊرو ٻاهران بتي کڻي آيو، ۽ بينچ جي ڪنڊ تي

ڪٽي رکيائين. ٻنهيءَ ۾ سوجهرو گهٽ هو، پر اونداهيءَ کان وري به چڱو هو. گذريل رات اسان گڏجي اونداهيءَ ۾ گذاري هئي. گهڻيءَ مهل تائين آءٌ سوجهري جي گول ڀاڃي کي ڏسندو رهيس، جيڪو ٻتيءَ جي ڪري ڇت تي ڦهليل هو. آءٌ بلڪل گم سم، ان کي تڪيندو رهيس. پوءِ اوچتو ئي اوچتو، ڄڻ ته آءٌ جاڳي پيس: سوجهري جو دائرو گم ٿي ويو! مون محسوس ڪيو، ڄڻ ته ڪنهن گهڻي ٻار ڪري اهو ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو هو. هي ٻار ٽڪو موت جو ويچار هو، نه ٻئي جو. هن جو ڪو به نالو ڪونه هو. منهنجا ڳل پوسرڻ لڳا، ۽ مٿي ۾ سور ٿيڻ لڳو.

مون ٿورو پنهنجن يارن ڏانهن نهاريو. ڏٺم ته ڏام پنهنجو منهن ٻنهي هٿن سان لڪائي ڇڏيو هو؛ مون کي رڳو سندس اڇو ڪنڌ ڏسڻ ۾ پئي آيو. ننڍي يوآن جي حالت خراب هئي. سندس وات ڪليل هو، ۽ ڏڪيو پئي. ڊاڪٽر پنهنجو هٿ سندس ڪلهن تي وجهي رکيو، ڄڻ کيس دلاسو ٿي ڏنائين. پر يوآن جون اکيون صفا ٿڌيون هيون. پوءِ مون ڊاڪٽر جو هٿ آهستي آهستي کسڪندو، سندس ڪراين تائين ويندو ڏٺو. يوآن ڪو به ڌيان نه ڏنو. ڊاڪٽر سندس ڪرائيءَ کي ٻن آڱرين سان جهليو، ٿورو هٽي، مون ڏانهن پٺ ڪئي. پر مون پٺيان جهڪي ڏٺو ته هن پنهنجي کيسي مان واچ ڪڍي ڏٺي، ۽ ساڳئي وقت سندس آڱريون يوآن جي نبض کي ڳولڻ لڳيون. هڪ منٽ کان پوءِ هن هٿ ڇڏي ڏنو، ۽ پنهنجي جاءِ تي وڃي ڀت سان لڳي بيٺو. پوءِ اوچتو کيس ڪا ڳالهه ياد آئي، ۽ کيسي مان چوپڙي ڪڍي ڪجهه لکڻ لڳو.

’حرامي ڪنهن جاءِ جو!“ مون ڪاوڙ مان دل ئي دل ۾ چيو: ’ويجهو اچي منهنجي به نبض ته ڏسي! اهڙو ٺونشو هڻانس منهن تي، جو....‘

هو مون وٽ نه آيو، پر مون محسوس ڪيو ته هو مون کي ڌيان سان ڏسي رهيو هو. مون منهن مٿي ڪٽي ساڻس اکيون ملايون. هن ڏاڍي بيپرواهيءَ سان چيو: ”توکي سيءُ ڪونه ٿو پوي؟“

هو پاڻ سيءَ جي ڪري نيرو ٿي ويو هو. ”مون کي سيءُ ڪونه ٿو پوي.“ مون جواب ڏنو. هن هڪ پل لاءِ به پنهنجي ڪرڙي نظر نه هٽائي. اوچتو آءٌ ڳالهه سمجهي ويس، ۽ پنهنجو هٿ منهن تي ڦيرايم. آءٌ پگهر ۾ شل هوس. هن هيڏي تهخاني ۾ ايڏي سخت سيءَ هوندي به، منهنجي بدن تان پگهر ريلا ڪري وهي آئي هليو هو. مون مٿي تان هٿ گهمايو؛ وار پگهر ڪري چنبڙي پيا هئا. انهيءَ ساعت مون کي احساس ٿيو ته منهنجي قميص پُسي، بت سان چنبڙي پيئي هئي. مان ڪڏهن کان پگهر ۾ ٻڏل هوس، ۽ مون کي ڪل ئي ڪانه رهي! پر هن سوئر جي ڦر، ڊاڪٽر، هرڪا ڳالهه ڏسي ورتي هئي. هن پگهر جا ڦڙا منهنجي منهن تان ٽمندي ڏسي، خيال ڪيو هوندو ته مون تي ڊپ ۽ دهشت طاري آهي. پوءِ ڪيس فخر ٿيو هوندو ته ڪيس عام انسانن وانگر سيءُ پئي پيو. منهنجيءَ دل ۾ آيو ته آئي منڊس منهن ڀڃي وجهان؛ پر اڃا آءٌ اٿيس ئي ڪونه ته منهنجي ڪاوڙ ڪافور ٿي ويئي. آءٌ بينچ تي ائين ليٽي پيس، ڄڻ منهنجو ڪنهن سان واسطو ئي ڪونه هو، ۽ رومال سان پنهنجو ڪنڌ اگهڻ لڳس؛ ڇو ته هاڻي پگهر جا ڦڙا وارن تان وهي، ڪنڌ تي پئي ڪِريا، جنهن ڪري مون کي ڏکيائي پئي ٿي. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون پگهر اگهڻ ڇڏي ڏنو، ڇو ته اگهڻ بيڪار هو. منهنجو سڄو رومال پُسي پيو هو، ۽ پگهر اڃان به پئي وهيو، منهنجي چيلهه هيٺان به پگهر پي وهيو ۽ پتلون بينچ سان چنبڙي پيئي هئي.

اوچتو ڀوان چيو: ”ڇا توهين ڊاڪٽر آهيو؟“

”هـا.“

”ڇا، گهٽي تڪليف ٿيندي آهي؟.... گهٽيءَ دير تائين؟“

”ڇا مطلب؟.... اوه! نه نه....“ ڊاڪٽر ڏاڍي پيار سان چيو.

”بلڪل نه. ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي. جلد ئي ڪم ختم ٿي ويندو.“ هن اهڙي نموني چيو، ڄڻ پنهنجي ڪنهن بيمار کي دلاسو پئي ڏنائين.

”ڇيائين ٿي ته .... ڪڏهن به ڀيرا به گوليون هلائيون

پونديون آهن!"

"ها، ڪڏهن ڪڏهن." ڊاڪٽر ڪنڌ لوڏي چيو. "گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي جو گولين جي پهرئين وسڪاري کان دل ۽ دماغ بچي ويندا آهن؛ پوءِ ٻيهر بندوقون ڀري نشان وٺڻو پوندو آهي."

يوآن ٿوري دير سوچي چيو: "ان ۾ وقت لڳندو آهي؟"

ڪيس انهيءَ وقت جي تڪليف جو ڏاڍو ڏپ پئي لڳو. هن رڳو انهيءَ بابت پئي سوچيو. اها سندس عمر جي تقاضا هئي. مون انهيءَ تي اڳ ڪڏهن به گهڻو ڌيان نه ڏنو هو، ۽ مون کي پگهر ايذاءَ جي ڏپ کان اصل نٿي نڪتو.

آءٌ اٿي ڪوئلن جي ڍير تائين ويس. ٽام ڇرڪ ڀريو. هن ڏاڍيءَ نفرت ڀريل نگاهن سان مون ڏانهن نهاريو. منهنجي بوٽن چيچاٽ پئي ڪيا، جنهن ڪري ڪيس ڪاوڙ پئي لڳي. مون خيال ڪيو — ڇا، منهنجو منهن به اهڙو هيڊو ٿي پيو آهي، جهڙو هن جو ڏسڻ ۾ پيو اچي؟ مون ڏٺو ته هن کي به پگهر پئي نميو. سوراخ مان ڏٺم، آسمان شاندار هو. هن اونداهيءَ ڪنڊ ۾ روشنيءَ جو نالو ئي ڪونه هو، پر رڳو مٿي نهارڻ سان آسمان نظر اچي ٿي ويو. پر اهو اڳي جهڙو نه هو. گذريل رات ديول جي ڪوٺيءَ مان مون کي آسمان جو وڏو ٽڪر ڏسڻ ۾ پئي آيو، ۽ ڏينهن جو جدا جدا وقتن ۾ جدا جدا يادگيريون پئي آيون. پرهه ڦٽيءَ مهل جڏهن آسمان سخت ۽ هلڪو نيرو ڏسڻ ۾ پئي آيو، تڏهن مون کي بحر اوقيانوس جا ڪنارا ٿي ياد پيا. منجهند جو ان کي ڏسي، سوائل جو هڪ شرابخانو ٿي ياد آيم، جتي مون زيتون کاڌا هئا ۽ ناريل جو پاڻي پيتو هوم. وچينءَ مهل جڏهن منهنجي ڪوٺيءَ ۾ چانڊوڻ ٿي آئي، تڏهن مون کي اسپين جو اهو آکاڙو ياد ٿي پيو، جنهن ۾ ماڻهو ڏڳن سان وڙهندا آهن، ۽ جنهن جي اڌ حصي ۾ چانڊوڻ هوندي آهي، باقي اڌ حصو ٻپهريءَ جي فرحت ڏيندڙ آس ۾ چمڪندو آهي. پر آسمان ۾ ائين سڄيءَ دنيا جو عڪس ڏسڻ مشڪل هو. هاڻي

مان جيئن وڏيم، تيئن آسمان ڏانهن نهاري ڏسي سگهيس، ڇو ته ان کي ڏسڻ سان ڪا به يادگيري نٿي آئي. اهـا ڳالهه مون کي پاڻ وٺي ٿي.

مان سوٽي اڇي ڏام جي پرسان ويهي رهيس. ڇڱو وقت گذري ويو. پوءِ ڏام هـري هـري ڳالهائڻ لڳو. هن لاءِ ڳالهائڻ بلڪل ضروري هو، ڇو ته سواءِ ڳالهائڻ جي هـو پنهنجي شخصيت جـي وجود جي احساس کان محروم ٿيڻ لڳو ٿي. مون سمجهيو تـه هو مون سان پيو ڳالهائي، پر هن مون ڏانهن نهاريو به نٿي. هو يقيناً منهنجن اڇن وارن ۽ وهندڙ پگهر کي ڏسڻ کان ڊنو ٿي. اسين هن مهل هڪجهڙا پئي لڳياسين ۽ هڪٻئي لاءِ آرسيءَ مثل هئاسين؛ پاڻ انهيءَ کان به بدتر. هن ڊاڪٽر کي پئي ڏٺو، جيڪو جيئرن سنجهان هو.

"ڳالهه تنهنجي سمجهه ۾ اچي پيئي؟" هن چيو. "منهنجي سمجهه ۾ ته ڪجهه به نٿو اچي."

مون به آهستي آهستي ڳالهائڻ شروع ڪيو. مون به ڊاڪٽر کي پئي ڏٺو. "ڇو؟ ڇا ڳالهه آهي؟"

"ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، جو هينئر سمجهڻ ۾ نٿو اچي."

ڏام جي بت مان عجيب بوءِ پئي آئي. مون کي ائين لڳو، ڄڻ منهنجي سنگهڻ جـو حواس بين کان تيز هـو. مون مشڪيو. "تنهنجي سمجهه ۾ به جلد ايندو."

"ڳالهه تمام منجهيل آهي." هو اصرار ڪندو رهيو. "آءٌ دلير رهڻ گهران ٿو. پر گهٽ ۾ گهٽ خبر ته پويم!.... پڌ! پاڻ کي اجهو ٿا اڱڻ ۾ وٺي هلن.... ڇڱو آهي، پوءِ هو پاڻ سان گڏ بيهندا.... پر ڪيترا؟"

"پنج يا اٺ. انهيءَ کان وڌيڪ نه."

"ٺيڪ آهـي. اٺ ڄڻا هونـدا. انهن مان هڪڙو ڄڻو رڙ ڪندو: 'نشان ڇنيو!'.... پـوءِ مون کي اٺ بندوقون پـاڻ ڏانهن تاڻيل نظر اينديون. آءٌ سوچيندس ته ڪهڙي نموني ديوار ۾ ٻيهي

وڃان. آءٌ پنهنجن پٽن مان زور ڏيندس، پنهنجيءَ سموريءَ طاقت سان.... پر ديوار ڪنهن هيبتناڪ خواب وانگر آتي ئي بيٺي هوندي. مان اهو سڀ سوچي سگهان ٿو. توکي ڪهڙي خبر ته آءٌ اهو سڀڪجهه ڇو اکين سان ويٺو ڏسان!"

"چڱو، ميان، چڱو" مون چيو، "آءٌ به ائين ئي خيال ۾ آڻي سگهان ٿو."

"ڏاڍو ايذاءُ ايندو. خبر اٿئي ته هو اکين ۾ مُنهن جو نشان وٺندا آهن، ته جيئن مُنهن ڇڇر جي 'وڃي!" هن شرارت سان چيو. "آءٌ هينئر ئي زخمن کي محسوس ڪري سگهان ٿو. ڪلاڪن کان منهنجي ڪنڌ ۾ مٽي ۾ سُور پيو ٿئي. رڳو سُور نه، بلڪ ان کان به وڌي، ڪا ٻي شيءِ. سڀاڻي صبح جو به مون کي ائين محسوس ٿيندو .... ۽ پوءِ ڇا ٿيندو؟"

مون سندس مطلب چڱيءَ طرح پئي سمجهيو، پر کيس ڏيکارڻي نٿي ڏيڻ گهريم. مون کي پاڻ به سور پئي محسوس ٿيو. سچي بت ۾ سور هو، ڇو ته ڪيترائي ننڍا ننڍا ڦٽ ٿي پيا هئا. اڃا تائين آءٌ انهن کي سهسائي نه سگهيو هوس، پر منهنجي حالت ساڳي هئي. مون ان کي ڪابه اهميت نٿي ڏني.

"پوءِ؟" مون چيو، "پوءِ تنهنجيءَ قبر تي سوسن جا گل ڦٽندا!"

هو پنهنجو پاڻ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ڊاڪٽر کي به چتائي پئي ڏٺائين. ائين ٿي لڳو، ڄڻ ڊاڪٽر ڪجهه به نه ٻڌي رهيو هو. مون کي خبر هئي ته هو هتي ڇا لاءِ آيو آهي. اسان جيڪي ڪجهه سوچيو پئي، تنهن سان کيس ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. هو رڳو اسان جا بدن ڏسڻ آيو هو — انساني جسم، جيڪي زندگي هوندي به موت جي عذاب ۾ مبتلا هئا.

"هي سڀ ڪنهن خوفناڪ خواب جيان آهي." ٽام چئي رهيو هو. "اسين ڪجهه سوچڻ ٿا گهرون. اسين محسوس ڪريون ٿا ته ٺيڪ پيا سوچيون، هاڻ سڀڪجهه سمجهه ۾ اچي ويندو؛ پر

ايتري ۾ ڳالهه نڪري وئي، دماغ تان لهي وئي، ختم ٿي وئي. آءٌ پنهنجي ذهن کي خاطري ڏيو ڏياريان ته انهيءَ کان پوءِ ڪجهه به نه رهندو — پر منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته انهيءَ جو مطلب ڇا آهي! ڪنهن ڪنهن وقت ائين ٿو لڳي، ڄڻ ته آءٌ سمجهي سگهان ٿو — ۽ ڳالهه دماغ مان نڪري وئي، ۽ پوءِ آءٌ انهيءَ سور ۽ ايذاءَ جي سوچ ۾ پئجي ويندس ... گوليون، ڌماڪا! آءٌ هڪ ماديت پرست آهيان. آءٌ قسم کڻي چئي ٿو سگهان ته منهنجو دماغ چڪرائجي نه رهيو آهي. پر ڪا ڳالهه ضرور آهي! مون کي پنهنجو لاش نظر پيو اچي. اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. پر آءٌ ان کي ڏسي رهيو آهيان. آءٌ پنهنجين اکين سان پنهنجو ئي لاش پيو ڏسان.... مون کي سوچڻو آهي.... مون کي اهو سوچڻو آهي ته هاڻي آءٌ ڪجهه به ڏسي نه سگهندس، ۽ دنيا جا ٻيا سڀ ماڻهو مزا پيا ماڻيندا.... پابلو! اهڙي نموني سوچڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي. تون اعتبار ڪر، مون سڄي رات ڪنهن شيءِ جو انتظار پئي ڪيو آهي. پر هيءَ اها شيءِ ناهي.... پابلو، هيءَ اسان جي پٺيان پڪڙجندي رهندي، وڌندي رهندي، ۽ پاڻ ان جي ڪا به تياري نه ڪري سگهندا سين!"

"چڱو، هاڻي بس ڪر." مون چيو. "چوين ته تنهنجي لاءِ پادريءَ کي گهرائي وٺان؟"

هن ڪو به جواب نه ڏنو. مون کي هاڻي کان ئي احساس پئي ٿيو ته هو ڪنهن نبيءَ جيان مون کي 'پابلو' سڏي، آسماني نموني ۾ خطاب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مون کي اها ڳالهه بنهه ڪانه وڻي. پر آئرلنڊ جا ماڻهو اڪثر ڪري اهڙا ئي ٿيندا آهن. مون کي هڪ هلڪو احساس پئي ٿيو ته سندس بدن مان پيشاب جي ڌپ پئي اچي. حقيقت ۾ مون کي ٽام سان ايتري همدردي نه هئي، ۽ منهنجي سمجهه ۾ نٿي آيو ته رڳو انهيءَ ڪري جو اسين گڏ مرڻ وارا هئاسين، مان ڇو هن سان وڌيڪ همدردي رکان. ٿي سگهي ٿو ته منهنجا جذبات ڪن ٻين ماڻهن سان ٻئي نموني جا هجن ها. مثلاً، 'ريموگرس' سان. پر ٽام ۽ يوآن جي صحبت ۾ مون پاڻ کي صفا اڪيلو پئي سمجهيو. اها ڳالهه مون

ڪي تمام چڱي ٿي لڳي. هونئن ريمو جي صحبت جو مون تي گهڻو اثر ٿئي ها، پر هينئر ڏام مان گڏ منهنجي دل تي ڪو به اثر نٿي ٿيو. ۽ مون انهيءَ ئي حالت ۾ رهڻ ٿي گهريو.

هو اڃا به ساڳيءَ طرح اکرن کي چباڙيندو رهيو، ڇڻ ته سندس دماغ ٺڪاڻي ڪونه هو. هن پڪ سان انهيءَ ڪري پئي ڳالهايو ته جيئن ڪيس سوچڻو نه پوي. سندس بدن مان پيشاب جي ڌپ اڻين پئي آئي، ڇڻ ته هو مثاني جو پراڻو مريض هو. آءٌ قدرتي طرح هن سان همخيال هوس. جيڪي ڳالهيون هن پئي ڪيون، سي ساڳيون مون ڪان به ٿي سکيون ٿي. مرڻ ڪا قدرتي ڳالهه نه ڪانهي. جنهن صورت ۾ مان مرڻ وارو هوس، تنهنڪري ڪا به شيءِ مون کي قدرتي نٿي نظر آئي. نه ڪوئلن جو ڍڳ، ۽ نه بينچ تي پيڊرو جو پوائتو چهرو ـــ ڪجهه به نه . ها، ايترو برابر هو ته مون کي ڏام وانگر انهن شين بابت سوچڻ چڱو نٿي لڳو. مون کي سڄي رات، پــل پــل ۾ اهو احساس پئي ٿيو ته اسين گهٽيون ٿي ڳالهيون سوچيندا رهنداسين. مون ڦيريون پيرو کيس پاسي ڪان ڏٺو، ۽ هو مون کي ڏاڍو عجيب ۽ حيرت جهڙو لڳو.... ڇڻ سندس منهن تي موت جو پورش چڙهيل هو. منهنجي خودداري گهائل ٿي ويئي. گذريل چوويهن ڪلاڪن ڪان وٺي آءٌ ڏام سان گڏ رهيو هوس، ساڻس ڳالهيون ڪيون هيم، ۽ ڄاڻم ٿي ته اسين ڪنهن به ڳالهه ۾ هڪجهڙا ناهيون، ۽ هاڻ اسين رڳو انهيءَ ڪري جاڙن ڀائرن جيان پئي لڳاسين جو ٻيئي ڄڻا گڏ مرڻ پئي وياسين.

ڏام، مون ڏانهن ڏسڻ ڪان سواءِ، منهنجو هٿ ڪٺي پنهنجي هٿ ۾ جهليو: ”پابلو، آءٌ سوچيان پيو.... آءٌ سوچيان پيو تــه ڇا، سچ پچ، هر شيءِ ختم ٿي ويندي آهي!“

مون پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو: ”سوئر ڪنهن جاءِ جا! ڏس ته سهي، هي ڇاهي!“ هن جي پيرن جــي وچ ۾ ڇڱو پاڻي گڏ ٿي ويو هو، ۽ پيشاب جا ڦڙا سندس پتلون مان پئي ٽميا.

”هي ڇاهي؟“ هن ڊپ ۾ ڀرجي پڇيو.

”تون پنهنجيءَ پتلون ۾ پيشاب پيو ڪرين!“ مون ڪيس ٻڌايو.
”تون ڪوڙ ٿو ڪرين!“ هن ڪاوڙجي چيو. ”مان پيشاب ڪونہ پيو ڪريان. مون کي تہ ڪجهہ بہ محسوس نٿو ٿئي.“

ڊاڪٽر اسان جي ويجهو آيو. هن بناوٽي قرب مان پڇيو:
”ڇا، تنهنجي طبيعت خراب تہ نہ ٿيندي وڃي؟“

ٽام ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ڊاڪٽر پيشاب ڏانهن ڏٺو، پر ڪڇيو ڪونہ.

”مون کي ڪابہ خبر ناهي تہ هي ڇا آهي.“ ٽام پاڳلن وانگر چيو. ”پر مون کي ڪوبہ ڏپ ڪونهي. مان قسم کڻي ٿو چوان تہ مون کي ذرو بہ ڏپ ڪونهي!“

ڊاڪٽر ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. ٽام اتي ڪنڊ ۾ پيشاب ڪرڻ هليو ويو. هو پتلون جا بٽڻ بند ڪندو موٽي آيو، ۽ سواءِ ڪجهہ ڪڇڻ جي ويهي رهيو.

ڊاڪٽر ڪجهہ نوٽ پئي ڪيو. اسين ٽيئي هن کي ڇتائي ڏسندا رهياسين، ڇوتہ هو جيئرو هو، ۽ انهيءَ ڪري هن ۾ جيئري انسان وارا جذبا ۽ احساس هئا. هو تهخاني ۾ اهڙي نموني پئي ڏڪيو، جيئن ڪنهن جيئري انسان کي ڏڪڻ گهربو هو. هن جو سگهارو بدن هن جي وس ۾ هو. ٻئي طرف، اسين پنهنجو وجود بہ ڏاڍيءَ مشڪل سان محسوس ڪري ٿي سگهياسين. منهنجي مرضي ٿي تہ پنهنجن سٿرن جي وچ ۾ پتلون کي جاچيان؛ پر مون کي همت نہ ٿي. آءٌ ڊاڪٽر کي ڏسندو رهيس، جو پنهنجن ٽنگن تي بيٺو هو، جنهن کي پنهنجن عضون تي اختيار هو، ۽ جو سڀاڻي بابت سوچي ٿي سگهيو. اتي اسين بہ هئاسين، ٽي پاڇا، جن جو رت سڪي ويو هو. اسين ڪيس ڏسندا رهياسين، ۽ منجهس جيڪا زندگي هئي، تنهن کي ڇڙ وانگر چوسيندا رهياسين.

آخر هو ٻوآن وٽ ويو. الائي پنهنجي ڊاڪٽري پيشي جي مطلب لاءِ هن جي ڪنڌ جو معائنو ڪرڻ ٿي گهريائين، يا اهو رڳو ڪنهن وقتي همدرديءَ جو جذبو هو. جيڪڏهن هن ڪنهن

رحم جي جذبي ڪري ائين ڪيو ٿي ته سڄيءَ رات ۾ پهريون ڀيرو هن ڪان اها خطا ٿي رهي هئي. هن ڀوآن جي مٿي ۽ ڪنڌ تي هٿ گهمايو. ڇوڪر خاموشيءَ سان، لڳاتار ڪيس ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ اوچتو هن جو هٿ جهلي، غور سان ڏسڻ لڳو. هن ڊاڪٽر جو هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن سان جهلي ورتو، جيتوڻيڪ ان ۾ ڪا خاص ڳالهه نه هئي — جڻ ته ٻه اڇا چمڪنا هن جي ڳاڙهي ٿلهي هٿ کي جهليو بيٺا هئا. مون کي ٿورو فڪر ٿيو ته الائي ڇا ٿيڻ وارو آهي، ۽ منهنجو خيال آهي ته ڏام کي به فڪر هوندو، پر ڊاڪٽر ڪجهه به محسوس نه ڪيو. هو ڏاڍي قرب سان مشڪيو پئي. ٿوريءَ مهل کان پوءِ ڇوڪري ڊاڪٽر جي هٿ کي ڏندن سان چڪ پائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر جهٽ پنهنجو هٿ ڇڪي ورتو، ۽ ٿاڦو ڪائي وڃي ديوار وٽ بيٺو. گهڙي ڪن هو ڊپ وچان اسان ڏانهن نهاريندو رهيو. شايد اوچتو هن کي سمجهه ۾ اچي ويو هو ته هاڻ هن جهڙا انسان نه رهيا هئاسون. آءٌ ڪلڻ لڳس، ۽ هڪ سنتري خبردار ٿي بيهي رهيو. ٻيو سٿو پيو هو، ۽ سندس اکيون هر احساس کان خالي هيون.

مون سا ڳئي ئي وقت پاڻ کي ڏاڍو پرسڪون ۽ تمام گهڻو جذباتي محسوس ڪيو. هاڻ مون اهو بلڪل سوچڻ نٿي گهريو ته صبح جو سويل ڇا ٿيندو. موت بابت به نه! اها ڳالهه بلڪل بيڪار هئي. مون کي لفظن ۽ هوائي خيالن کان سواءِ ڪجهه نه مليو ها. پر اڃا مون ڪنهن ٻيءَ شيءِ بابت سوچڻ شروع ٿي ڪيو، ته پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي بندوقون تاڻيل نظر ٿي آيم. مون ائين محسوس ڪيو، جڻ ته مون کي ويهه ڀيرا موت جي سزا ڏني ويئي آهي — ۽ هڪ ڀيرو ته ائين لڳم، جڻ ته مان هميشه لاءِ ختم ٿي ويو هوس. شايد هڪ پل لاءِ منهنجي اک لڳي ويئي هئي. هنن مون کي ديوار ڏانهن پئي گهليو، ۽ مون چڙهيون پئي هنيون ۽ کين رحم لاءِ پئي ٻاڏايم. مان ڇرڪجي اٿيس، ۽ ڊاڪٽر ڏانهن نهاريم. آءٌ ڊنس ته متان ننڊ ۾ رڙيون ڪيون هجيم. پر هن پنهنجين مڇن کي پئي وٽيو ۽ ڪجهه

۾ ڪونه ڏٺو هئائين.

آءٌ ڀانيان ٿو ته جيڪڏهن ڪوشش ڪريان ها ته ٿوري دير ننڊ ڪري وٺان ها. آءٌ انيتاليهن ڪلاڪن کان جاڳيو رهيو هوس. منهنجي صبر جو پيالو پلئجي پيو هو؛ پر مون زندگيءَ جا ٻه ڪلاڪ وڃائڻ نٿي گهريا. هو مون کي صبح جو اٺارڻ اچن ها، ۽ آءٌ اوجاڳي جو ماريل، سنڌن پنيان پنيان پيو وڃان ها، ۽ 'آف' ڪرڻ ٻنا ساهه ڏيئي ڇڏيان ها: مون اهو نٿي چاهيو. مون ڪنهن حيوان جيان مرڻ نٿي چاهيو. مون سڀڪجهه سمجهڻ ٿي گهريو. تنهن کان سواءِ، مون کي خوفناڪ خوابن کان ڊپ ٿي لڳو.

مان خيالن جي رخ ڦيرائڻ لاءِ اٿي ٽهلڻ لڳس، ۽ پنهنجي گذريل زندگيءَ بابت ويچارڻ لڳس. يادگيرين جو ڄڻ هڪ هجوم لڳي ويو. انهن ۾ سٺيون به هيون، ته خراب به؛ يا گهٽ ۾ گهٽ مون کي اهي ائين ٿي معلوم ٿيون. انهن ۾ واقعا به هئا ۽ تشبيهون به هيون. مون هڪ بهادر کي ڏٺو، جنهن کي ويلنسينا جي آکاڙي ۾ هڪ ويڙهو ڍڳي ماري وڌو. پنهنجي هڪ چاچي جو چهرو، 'ريموگرس' جو چهرو.... مون کي پنهنجي سڄي زندگي ياد آئي. ڪيئن ١٩٢٦ع ۾ آءٌ بيروزگار هوس، ۽ ٻڪن وگهي مرڻ جهڙو ٿي ويو هوس. مون کي هڪ رات ياد پيئي، جڏهن آءٌ غرناطه ۾ ٽن ڏينهن جو بکيو هوس ۽ سڄي رات هڪ بينچ تي ويهي گذاري هيم. مون کي ڪاوڙ پئي آئي. مون مرڻ نٿي چاهيو. انهيءَ خيال ايندي ئي مون کي ڪل اچي ويئي. مان ڪيئن نه خوشيءَ، عورت ۽ آزاديءَ لاءِ چرين جيان ڊوڙندو ٿي رهيس. ڇو؟ مون اسپين کي آزاد ڪرائڻ ٿي چاهيو. مان 'پائي مارفال' جو پوئلڳ هوس. مان دهشت انگيزن جي هڪ ٽوليءَ ۾ به شامل ٿيو هوس. مون عوامي جلسن ۾ تقريرون ڪيون. مون هر شيءِ کي ايڏي اهميت ڏني هئي، ڄڻ آءٌ لافاني هوس. هن مهل مون کي ائين لڳو، ڄڻ سڄي زندگي منهنجي اڳيان هڪ بند ٿيل ڳوٿريءَ مثل هئي، جنهن ۾ اڃا به هر شيءِ پيئي هئي، ختم نه ٿي هئي. هڪ پل لاءِ مون ان جو جائزو وٺڻ

ٿي گهريو. مون پنهنجو پاڻ کي چوڻ ٿي چاهيو ته هيءَ زندگي ڏاڍي سهڻي آهي؛ پر آءٌ انهيءَ جو ڪوبه فيصلو ڪري نه سگهيس. اهو رڳو هڪ خاڪو هو. مون پنهنجي سڄي زندگي ابديت جي سانگ رچائڻ ۾ گذاري، ۽ منهنجي سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو. مون ڪابه شيءِ ڪانه ڇڏي هئي. گهٽيون ئي شيون، اهڙيون شيون، جن کان آءٌ محروم رهجي ويو هوس — جهڙوڪ ناريل کائڻ جو مزو، يا ڪاروڏ جي ڪناري تي گرميءَ جي موسم ۾ وهنجڻ جو مزو.... پر موت هر مزي کي ڪسارو ڪري ڇڏيو هو!

ڊاڪٽر کي اوچتو هڪ نيڪ خيال آيو. "منهنجا دوستو،" هن چيو، "جيڪڏهن فوجي حڪومت اجازت ڏني ته پوءِ آءٌ ڏهه ٽوڪٽان ته توهان جا نياپا ضرور پهچائيندس."

ڏام وقليو: "منهنجو ڪوبه مٽ مائٽ ڪونهي."

مان چپ رهيس.

ڏام انتظار ۾ هو، ۽ مون کي غور سان ڏسڻ لڳو. نيٺ چيائين: "ڪونچا کي به ڪو نياپو ڪونه موڪليندين؟"

"نه."

مان انهيءَ نازڪ جذبي ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هوس. ڏوهه منهنجوئي هو. رات مون پاڻ ئي 'ڪونچا' جي باري ۾ ڳالهه ڇڏائي ڇڏي هئي. حقيقت ۾ مون کي ائين ڪرڻ نه گهربو هو. مان هن وٽ هڪ سال تائين رهيو هوس. گذريل رات رڳو پنجن منٽن جي ملاقات لاءِ پنهنجو هٿ قربان ڪري ٿي سگهيس. انهيءَ ڪري هن جي باري ۾ ڳالهيون ڪندو رهيس. هن جو خيال مون کان طاقت وارو هو. هاڻي هن کي ڏسڻ جي ڪابه تمنا نه هئي، ۽ مون وٽ هن کي چوڻ لاءِ ڪجهه به نه هو. هاڻ جيڪر آءٌ ڪيس چاهيان ته مان به نه لايان ها؛ ڇوته سونکي پنهنجي پگهرمان پريل منڍيءَ هاڻي بت مان بچان پئي آئي، ۽ مون کي اهو احساس هو ته شايد هن جو بدن بہ مون ۾ بيچال پيدا ڪري. ڪونچا منهنجي موت جو ٻڌي روئندي؛ ڏورن مهينن تائين هن کي زندگي

بلڪل ڪساري لڳندي؛ پر موت جي منهن ۾ ته مونکي ئي وڃڻو هو! مون سندس نرم، سهڻين اکين جو تصور ڪيو. جڏهن هوءَ مونکي ڏسندي هئي، تڏهن سندس وجود مان ڪا شيءِ نڪري منهنجي وجود ۾ ملي ويندي هئي. پر مون چاتو ته اهو سڀڪجهه ختم ٿي ويو آهي، ۽ هاڻ جڏهن مونکي هوءَ ڏسندي ته سندس نگاهه، مون تائين اچڻ بجاءِ، سندس ئي اکين ۾ بيهي رهندي.

آءٌ اڪيلو هوس. ڏام به اڪيلو هو. پر هن جي حالت مون کان نرالي هئي. هو ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو، مشڪندو، بينچ کي گهوري رهيو هو، ڄڻ ته سندس حواس خطا هئا. هن هٿ وڌائي بينچ کي اهڙيءَ سنڀال سان ڇُهيو، ڄڻ ڪيس ڊپ پئي لڳو ته متان ڪجهه ڀڄي نه پوي؛ ۽ پوءِ جهٽ ڏيئي هٿ ڇڪي ورتائين ۽ ڏڪڻ لڳو. جيڪڏهن آءٌ ڏام جي جاءِ تي هجان ها ته جيڪر بينچ کي هٿ لائي دل نه وندرايان ها. اها به آئرلنڊ جي رهاڪن جي هڪڙي حماقت هئي. پر مون به محسوس ڪيو ته شين عجيب غريب رنگ ڪٽي اختيار ڪيو آهي. اهي اڳي کان وڌيڪ غيرحقيقي ۽ کوکليون پئي لڳيون. آءٌ مري رهيو هوس، تنهن جي احساس کي تازي ڪرڻ لاءِ منهنجو بينچ، بتيءَ ۽ ڪوئلن جي ڍِڳ ڏانهن نهارڻ ئي ڪافي هو. قدرتي طرح آءٌ موت بابت چٽيءَ طرح ويچاري نٿي سگهيس، پر موت مونکي هر جاءِ تي ۽ هر شيءِ ۾ پئي ڏسڻ ۾ آيو. مڙئي شيون ڄڻ ته هڪٻئي کان پري ٿي ويون هيون، ۽ پنهنجي وچ واريءَ وٿي کي قائم رکيو بيٺيون هيون. ڄڻ ته ماڻهو مرڻ واري جي پيرانديءَ ۽ سيرانديءَ بيٺا آهستي آهستي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ڏام جنهن شيءِ کي اجهو هاڻي بينچ کي ڇهيو هو، سو سندس موت هو!

منهنجي جيڪا حالت هئي، تنهن ۾ جيڪر ڪو اچي اوچتو مونکي چوي ها ته مات ڪري پنهنجي گهر هليو وڃ، توکي ڪوبه روڪ نه ڪندو، ته آءٌ يقيناً بيهوش ۽ ٿڌو ٿي پوان ها. جڏهن انسان جي نظر ۾ هن جي ابديت جي رڃ ظاهر ٿي پوي، ته پوءِ

ٿورن ڪلاڪن يا ٿورن سالن جي زندگي وڌيڪ ملڻ سان ڪوبہ فرق نٿو پوي. منهنجو ڪوبہ سهارو ڪونہ هو. هڪ ڪري آءٌ مطمئن هوس. پر اهو اطمينان ڏاڍو خوفناڪ هو. اهو بدن، جنهن جي اڪين سان مون ڏٺو پئي ۽ جنهن جي ڪنن سان مون ٻڌو پئي، سو هاڻي ”آءٌ“ نہ هو. اهو بدن پنهنجو پاڻ پگهر ۾ وهنتو پئي، ڏڪيو پئي، ۽ مان ان کي سڃاڻي نٿي سگهيس. خود منهنجي بدن ۾ ڇا پيو ٿئي، سو جاچڻ لاءِ بہ مونکي پنهنجي بدن کي ڇهڻو ۽ ڏسڻو ٿي پيو، ڇڻ تہ اهو بدن منهنجو نہ هو پر ڪنهن ٻئي جو هو. ڪنهن ڪنهن مهل ائين ٿي محسوس ٿيم، ڇڻ تہ اهو بدن ٻڏي پيو، ۽ وري اڀري پيو: بلڪل اهڙوئي احساس، جيڪو هوائي جهاز ۾ ويهڻ مهل ٿيندو آهي، جڏهن اهو هيٺ ٽپي هٽندو آهي يا مٿي چڙهندو آهي. مونکي پنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ محسوس ٿي ٿي، پر ان تي ڀروسو قائم نٿي رهيو. هر شيءِ جيڪا منهنجي بدن مان نڪتي ٿي، سا منجهيل هئي. گهڻو ڪري سڪون هوم، ۽ مونکي هڪ قسم جي بارڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ محسوس نٿي ٿيو. پنهنجي مقابلي ۾، ڇڻ تہ آءٌ ڪنهن خبيث وجود يا ڪنهن تمام وڏي ڪپڙي سان ٻڌل هوس. هڪ ڀيرو مون پنهنجي پاجامي کي ڏٺو، ۽ محسوس ڪيم تہ اهو پسيل آهي. خبر ناهي، اهو پگهر هو يا پيشاب. پر احتياط وچان آءٌ ڪوئلن جي ڍگ ڏانهن پيشاب ڪرڻ هليو ويس.

ڊاڪٽر واچ ڪيي، ۽ ان کي ڏسي چيو: ”هن وقت ساڍا ٽي ٿيا آهن.“

”حرامي ڪنهن جاءِ جو! هن يقيناً ڇاڻي واڻي ائين ڪيو آهي!“ ٽام ٽپ ڏيئي اٿيو. اسان کي وسري ويو هو تہ وقت گذرندو پئي ويو. رات اسان جي چئني پاسن کان ڪنهن ٻيڊول ۽ بيشڪل، سنگين مادي وانگر ڇانيل هئي. مون کي اهو بہ ياد نہ اچي سگهيو تہ اها ڪا شروع ٿي چڪي هئي!

ننڍيءَ عمر وارو ڇوڪرو روئڻ لڳو، ۽ پنهنجون ٻئي ٻانهون مٿي ڪڍي زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو: ”آءٌ مرڻ نٿو گهران!“ آءٌ

مرڻ نٿوگهران! هو هوا ۾ هٿ لوڏيندو، سڄي تهخاني ۾ ڊوڙڻ لڳو، ۽ پوءِ هڪ تڏي تي ڪري روئڻ لڳو. ٽام هن کي دلاسي ڏيڻ جي ڪنهن به خواهش کان سواءِ، غمگين اکين سان ڏٺو، ڇو ته همدرديءَ جي ڪوشش بيڪار هئي. ڇوڪرو اسان کان وڌيڪ شور مچائي رهيو هو، پر مٿس اثر اسان کان گهٽ هو. هن جي حالت انهيءَ بيمار جهڙي هئي، جيڪو تپ سان بيماريءَ جو مقابلو ڪري ٿو، ڇو ته جڏهن تپ نه هوندو آهي ته حالت وڌيڪ خراب ٿي ويندي آهي.

هو رنو پئي. مون چڱي طرح سمجهيو پئي ته هو موت جي باري ۾ ڪونه پيو سوچي، پر پنهنجو پاڻ تي رحم پيو کائي. هڪ سيڪنڊ، صرف هڪڙي پل لاءِ، مون پاڻ به روئڻ ٿي چاهيو، ۽ پنهنجي مٿان رحم کائڻ ٿي گهريو. پر مون سان انهيءَ جي بلڪل ابتڙ حالت ٿي. مون ڇوڪري ڏانهن اک کڻي نهاريو، ۽ هن جي ڪمزور ڪلهن کي سڏڪن جي ڪري لڏندو ڏسي، اوچتو منهنجي دل سخت ٿي ويئي. آءٌ نه ته پنهنجو پاڻ تي رحم کائي ٿي سگهيس، نه ٻين تي. مون دل ئي دل ۾ چيو: "آءٌ تمام گهٽيءَ صفائيءَ سان مرڻ گهران ٿو."

ٽام اٿي بيٺو هو. هن ڇت جي سوراخ هيٺان بيهي، آسمان تي صبح جو سوجهرو پئي ڏٺو. مون نفاست سان مرڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو، ۽ رڳو انهيءَ ئي باري ۾ پئي سوچيم. پر جڏهن کان ڊاڪٽر ٽائيم ٻڌايو هو، مون وقت کي اُڏامندو ۽ ڦڙوڦڙو ٿي وهندو محسوس پئي ڪيو.

اڃا اونداهي هئي ته مون ٽام جو آواز ٻڌو: "ٻڌين پيو؟"

"ها."

ٻاهر ميدان تي ڪجھ جيترن ماڻهن جي گڏجي هلڻ جو آواز پئي آيو.

"هو ڇا پيا ڪن؟ هو اونداهيءَ ۾ ته گولي هلائي ڪونه سگهندا."

ٿوريءَ مهل کان پوءِ آواز بند ٿي ويا. مون ٽام کي چيو،
”صبح ٿي ويو.“

پيڊرو ڪمري موڙي آيو، ۽ بتي وسائڻ آيو. ”دوزخ جيان ٿڌو آهي.“ — هن بڙبڙ ڪئي. تهخاني ۾ ميرانجهڙو سوجهرو هو. اسان پري کان گولين هلڻ جو آواز ٻڌو.

”قصو هاڻ ٿو شروع ٿئي.“ ٽام چيو. ”هو پنهنجي ميدان ۾ ڪم هلائي رهيا آهن.“

ٽام ڊاڪٽر کان هڪ سگريٽ گهريو. مون کي سگريٽ جي ضرورت ڪانه هئي. مون نه سگريٽ ٿي گهريو، ۽ نه شراب. انهيءَ کان پوءِ گولين جو آواز وري اصل ڪونه بند ٿيو.

”توکي خبر آهي، ڇا پيو ٿئي؟“ ٽام چيو.

هن پيو ڪجهه چوڻ ٿي گهريو، پر چپ ٿي دروازي ڏانهن نهارڻ لڳو. دروازو کليو، ۽ هڪ ليفٽيننٽ چئن سپاهين سان گڏ اندر آيو.

”اسٽيبڪا!“

ٽام جواب نه ڏنو. پيڊرو هن ڏانهن اشارو ڪيو.

”يوآن مرابل!“

”تڏي تي.“

”اٿ!“ ليفٽيننٽ چيو.

يوآن اصل ڪونه چريو. ٻن سپاهين هن کي ٻانهن کان جهلي اٿاري بيهاريو. پر اجها ڇڏيائونس ڪونه ته هو وري ڪري پيو.

”هي ڪو پهريون ماڻهو ته نه آهي، جنهن جي حالت خراب آهي!“ ليفٽيننٽ چيو. ”توهين ٻئي هن کي وٺي وڃو. اتي هو سڀڪجهه ٺيڪ ڪري ڇڏيندا.“

پوءِ هو ٽام ڏانهن مڙيو: ”هل!“

ٽام، ٻن سپاهين جي وچ ۾، هليو ويو. باقي ٻه سپاهي ڇوڪري جون ٽنگون ۽ هٿ پڪڙي، کيس کڻي ويا. هو بيهوش نه ٿيو هو. هن جون اکيون بلڪل کليل هيون. ۽ لڙڪن جون

قطارون سندس ڳلن تان وهي رهيون هيون.

جڏهن مون ٻاهر وڃڻ گهريو ته ليفٽيننٽ مون کي روڪيو:

”تون ابيتا آهين؟“

”ها.“

”تون هتي ئي ترس. تو کي پوءِ وٺڻ ايندا.“

هو ويا هليا. ڊاڪٽر ۽ ٻئي سنتري به ويا هليا. مان اڪيلو هوس. مون کي خبر نٿي پيئي ته منهنجي اندر ۾ ڇا ٿي وهيو واپريو. پر اهو چڱو ٿئي ها ته هو منهنجو ڪم به پورو ڪري ڇڏين ها. مون ٿوريءَ ٿوريءَ دير کان پوءِ لاڳيتو گولين جو آواز پئي ٻڌو ۽ هر ٺڪاءَ تي ڌڪي ٿي ويس. منهنجي دل ٿــي چاهيو تــه رڙيون ڪريان ۽ مٿي جا وار پٽيان. پر مون پنهنجا ڏند زور سان ڀڪوڙي ڇڏيا هئا، ۽ ٻئي هٿ پاجامي جي کيسن ۾ وجهي ڇڏيا هئم — ڇوته مون چڱيءَ حالت ۾ رهڻ ٿي گهريو.

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ هو مون کي وٺــڻ آيـــا، ۽ ٻهرينءَ مـــاڙ تـــي هڪ ننڍي ڪمري ۾ وٺي ويا. اتي ڏاڍي گرمي هئي ۽ سگريٽن جو دونهون پريل هو. آرام ڪرسين تي ٻـــه آفيسر، گوڏن تي ڪاغذ رکي، سگريٽ پي رهيا هئا.

”تون ابيتا آهين؟“

”ها.“

”ريموگرس ڪٿي آهي؟“

”خبر ناهي.“

سوالن پڇڻ وارو ٿلهو ماڻهو، قد جو ٺندرو هو. عينڪ جي شيشن پٺيان سندس اکيون ڏاڍيون بيرحم ٿي ڏٺيون.

”هيڏانهن اچ.“ هن چيو.

مان ويجهو ويس. هن اٿي منهنجين ٻانهن کـــان جهليو ۽ اهڙين پيانڪ اکين سان نهارڻ لڳو، جيڪي مـــون کي پٽ تـــي ڪيرائڻ لاءِ ڪافي هيون. هن منهنجين ٻانهن کي پوري طاقت سان دٻايو. مون کي تڪليف بنهه ڪانه ٿي. هي رڳو هڪ تماشو هو،

جنهن سان هن مون تي رعب ڄمائڻ تي گهريو، ۽ وري پنهنجو ڪنو ساهه منهنجي منهن تي ڇڏي اڇلايائين. اسين هڪ پل لاءِ بيٺا رهياسين ۽ منهنجي دل چاهيو ته مان کلي ڏيان. هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي رعب ڄمائڻ البت مشڪل آهي، جيڪو مرڻ لاءِ وڃي رهيو هجي. سو ان مان ڪو به فائدو ڪو نه ٿيو، ۽ هو مون کي زور سان ڌڪو ڏيئي ويهي رهيو.

”هاڻي هن جي يا تنهنجي حياتيءَ جو سوال آهي، تون هن جو پتو ڏيڻ بدران پنهنجي جان بچائي سگهين ٿو.“

هي گهوڙيسوارن جي ڊريس پاتل، ڇهبڪ هٿ ۾ ڪري آڪڙ ڪرڻ وارا ماڻهو به مرڻ وارا هئا. پر مون کان ٿورو پوءِ — گهڻيءَ دير کان پوءِ نه! هو پنهنجن ڪاغذن ۾ ماڻهن جا نالا ڳوليندا ٿي وتيا، ۽ سڏائين پين کي دپائڻ ۽ قيد ڪرڻ جي چڪر ۾ هئا. اسپين جي آئيندي ۽ پين موضوعن ۽ مسئلن تي هنن جا پنهنجا خاص رايا هئا. هنن جون اهي ذليل حرڪتون مون کي عجيب، بلڪ کل جهڙيون ٿي لڳيون. آءٌ پاڻ کي انهن جي جاءِ تي ويهاري سوچي به نٿي سگهيس. منهنجي خيال ۾ هو چريا هئا. بندري قد واري شخص پنهنجو ڇهبڪ بوٽ تي پئي هنيو، ۽ مون کي گهوري پئي ڏٺائين. سندس سموريون حرڪتون ڏاڍيون سوچيل ويچاريل هيون. انهن حرڪتن جي وسيلي هن پاڻ کي هڪ خوفناڪ وحشي درندو ڪري ڏيکارڻ ٿي گهريو.

”پوءِ؟ آيئي سمجهه ۾؟“

”مون کي خبر ناهي ته گرس ڪٿي آهي.“ مون جواب ڏنو. ”منهنجي خيال ۾ هو مئڊرڊ ۾ هوندو.“

پئي آفيسر پنهنجو پيلو هٿ ڏاڍيءَ نهر سان کنيو. هن جو اهو تڪلف سوچيل سمجهيل هو. مان سندن هڪ هڪ حرڪت کي چڱيءَ طرح سمجهي رهيو هوس، ۽ مون کي حيرت ٿي ته اهڙا ماڻهو به ٿيندا آهن، جن کي اهڙين حرڪتن مان مزو ايندو آهي.

”تو کي سوچڻ لاءِ پندرهن منٽن جي مهلت آهي.“ هن

آهستي چيو. "هن کي لانڊريءَ واري ڪمري ۾ وٺي وڃو، ۽ پندرهن منٽن کان پوءِ واپس وٺي اچو. جيڪڏهن انهيءَ کان پوءِ به ٻڌائڻ کان انڪار ڪندو، ته ڪيس يڪدم گولي هڻبي."

هنن جيڪي ڪجهه ڪيو پي، سوچي سمجهي پئي ڪيائون. منهنجي سڄي رات انتظار ۾ گذري هئي. تنهن کان پوءِ تهخاني ۾ هڪ ڪلاڪ انتظار ڪرايائون، ۽ انهيءَ وچ ۾ ڏام ۽ يوآن کي گولي هڻي ڇڏي هئائون. هاڻي مون کي پئي ڪمري ۾ بند ڪري رهيا هئا. هنن اها سڄي اسڪيم گذريل رات ٺاهي هوندي. ڪين يقين هوندو ته نيٺ به اعصاب جواب ڏيئي ويندا آهن: اهڙي نموني هنن مون کي قبضي ۾ ڪرڻ ٿي گهريو.

ڪين سخت غلط فهمي هئي. ڪپڙن ڌوئڻ واريءَ ڪوٺي ۾، آءٌ هڪ ميز تي ويهي سوچڻ لڳس. پر مون سندن آڇ تي بلڪل نٿي ويچاريو. مون کي چڱيءَ طرح خبر هئي ته گرس ڪٿي آهي. هو شهر کان ٻه-ٽي ميل پري، پنهنجن عزيزن جي گهر ۾ لڪل هو. مون اهو به چڱي طرح ڄاتو ٿي ته جيستائين هو مون کي ايذاءُ نه ڏيندا، مان اصل نه ٻڌائيندس. (پر انهن کي شايد ايذاءُ ڏيڻ جو ارادو ڪونه هو.) اهي سڀ بلڪل سوچيل سمجهيل ڳالهيون هيون، جن سان مون کي ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. مون رڳو پنهنجيءَ روش جا سبب سمجهڻ ٿي گهريا. گرس جي ائڊريس ٻڌائڻ بدران آءٌ مرڻ پسند ڪندس— ڇو؟ مون کي ريموگرس سان ڪا به دلچسپي نه هئي. فجر کان اڳ منهنجي ۽ هن جي دوستي اهڙيءَ طرح مري چڪي هئي، جهڙيءَ طرح منهنجي ۽ ڪونچا جي محبت يا منهنجي جيئري رهڻ جي خواهش بيشڪ، هن بابت اها ڏاڍي سٺي راءِ هئي. هو ڏاڍو محنتي هو؛ پر مان جنهن سبب ڪري هن لاءِ پنهنجي حياتي ڏيڻ لاءِ تيار هوس، سو اهو نه هو. جهڙيءَ طرح منهنجي زندگيءَ جي ڪابه قيمت نه هئي، اهڙيءَ طرح هن جي زندگيءَ جي ڪابه اهميت ڪانه هئي. ڪنهن جي به زندگيءَ جي اهميت ڪانه هئي. هو ماڻهوءَ کي ڀت سان بيهاري گولي هڻڻ

وارا هئا، تان جو هو سري وڃي. انهيءَ ڳالهه سان ڪو به فرق نٿي پيو ته اهو ماڻهو آءٌ هجان يا گرس. مون ڄاتو ٿي ته اسپين جي بهبوديءَ لاءِ هو مون کان وڌيڪ فائدي وارو هو. پر جهنم ۾ وڃي اسپين ۽ اتي جي لاقانونيت! هاڻ ڪنهن به شيءِ جي ڪابه اهميت ڪانه هئي. پوءِ به آءٌ هتي هوس، ۽ گرس جو ڏس ڏيڻ بدلائي پنهنجي حياتي بچائي ٿي سگهيس. پر مون کي اها ڳالهه چرچي جهڙي پئي لڳي. اهو رڳو ضد هو. مون سوچيو، 'مون کي پنهنجيءَ جاءِ تي پڪو رهڻ گهرجي'.... ۽ آءٌ چرچي جهڙيءَ خوشيءَ سان پرجي ويس.

هو آيا، ۽ مون کي وري انهن ٻن آفيسرن وٽ وٺي ويا. هڪڙو ڪوئو منهنجن پيرن جي ٻنهي پرسان لنگهي ويو. مون هڪ سپاهيءَ کان پڇيو، "تو ڏٺو انهيءَ ڪوئي کي؟" هن ڪو به جواب نه ڏنو. هو سنجيدو هو، ۽ پنهنجو پاڻ کي اهم ٿي سمجهيائين. مون کي ڪل پئي آئي. پر مون پاڻ تي ضبط ڪيو، ڇو ته مون کي خبر هئي ته هڪ دفعو جيڪڏهن مون کليو تہ پوءِ پاڻ تي ضبط ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو. سپاهيءَ کي مڇون هيون. مون هن کي چيو: "احمق! توکي پنهنجون مڇون ڪوڙائڻ گهرجن." مون کي اها ڳالهه ڪل جهڙي لڳي، جو هن پنهنجيءَ جيئري شخصيت تي پنهنجن وارن کي ڇانئجڻ ڏنو هو. هن بنا ڪنهن پروسي جي مون کي ٺڏو هنيو، ۽ مان چپ ٿي ويس.

"ها!" هن ٿلهي آفيسر چيو. "تو سوچي ورتو؟"

مون عجب مان هن ڏانهن نهاريو، جيئن ڪو نهايت قيمتي ڪپڙي ڏانهن نهاري. مون چيو: "مون کي خبر آهي ته هو ڪٿي آهي.... هو مقام ۾ لڪل آهي! قبرون کوٽيندڙ جي گهر جي هڪڙي ڪمري ۾!"

اها رڳي ٺڪ هئي. مون چاهيو ٿي ته هو آٿي تياريون ڪن ۽ حڪم جاري ڪن. هو ڇرڪ پري اٿي بيٺو: "مولس! اچو هلون. ليفٽيننٽ لُوئيءَ کان پندرهن ماڻهو پيا به وٺ!"

”پڪَا!“ بندري آفيسر چيو. ”جيڪڏهن تو صحيح پڙهايو آهي ته مان توکي ڇڏي ڏيندس. پر جيڪڏهن تو اسان کي بيوقوف بڻايو آهي ته ان جو نتيجو پوگڻو پوندوءِ!“

هو ڇڳيءَ وٽ پڪڙ واري نموني هليا ويا، ۽ آءٌ آرام سان انهن سپاهين سان گڏ ويهي رهيس. انهن جي آئنده حرڪتن جو رڪي رڪي خيال پئي آيم، ۽ منهنجن چپن تي مرڪ ترڪي ٿي آئي. مون تصور ۾ انهن کي هڪ هڪ قبر کوٽيندي پئي ڏٺو. مون انهي مسئلي تي اهڙيءَ طرح سوچڻ شروع ڪيو، ڄڻ ته مان ڪو پيو هوس ـــــ اهو قيدي، جيڪو ڪنهن هيري جو پارٽ ادا ڪري رهيو هجي، ۽ هو آفيسر، پنهنجين مڇن ۽ ورديءَ پهريل سپاهين سان گڏ قبرن جي وچ ۾ پيو دوڙندو هجي. اها ڏاڍي کِل جهڙي ڳالهه هئي.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ بندري قد وارو آفيسر اڪيلو موٽي آيو. مون سمجهيو ته هو منهنجي موت جو حڪم ڏيڻ آيو آهي؛ ٻيا يقيناً مقام ۾ رهجي ويا هوندا.

آفيسر مون ڏانهن نهاريو. هو احمق بلڪل نٿي لڳو. ”هن کي ٻين سان وڏي اڱڻ ۾ وٺي وڃو.“ هن چيو. ”فوجي ڪاروائن کان پوءِ، هڪ باقاعدي عدالت هن جي قسمت جو فيصلو ڪندي.“

منهنجيءَ سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو. مون پڇيو: ”ته پوءِ .... مون کي هينئر گولي نه هڻندا؟“

”خير، هينئر ته نه. پوءِ ڇا ٿو ٿئي، انهيءَ سان منهنجو ڪو به واسطو ناهي.“

منهنجيءَ سمجهه ۾ اڃا به ڪجهه نه آيو: ”پر ڇو؟“ مون پڇيو.

هن ڪو به جواب نه ڏنو، ۽ فقط ڪنڌ کي لوڏو ڏنائين. سپاهي مون کي وٺي هليا. وڏي اڱڻ ۾ اٽڪل سؤ قيدي هئا، جن ۾ زالون، ٻار ۽ ڪجهه پوڙها به هئا. آءٌ اڱڻ جي وچ ۾ گاهه جي هڪ ٽڪر جي چوڌاري چڪر ڏيڻ لڳس. آءٌ بيخياليءَ ۾ گم هوس. ٻنپهرن جو هنن اسان کي ڪاٺ واري ڪمري ۾ ڪاڏو ڪارايو.

پن - ٽن ماڻهن مون کان سوال پڇيا. مون کي ڪابه خبر نه هئي ته آءٌ ڪٿي آهيان.

شام جو ڏهه نوان قيدي اڱڻ ۾ آندا ويا. مون ’گريسيا‘ حلوائيءَ کي سڃاڻي ورتو.

هن چيو: ”تون ڪيترو نه قسمت وارو آهين. مون کي اميد نه هئي ته ڪو توکي جيئرو ڏسندس!“

”هنن مون کي موت جي سزا ڏني، ۽ پوءِ پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيائون: انهيءَ جو سبب منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي!“

”مون کي هنن ٻي بجي گرفتار ڪري ورتو.“ گريسيا چيو.

”ڇو؟“ مون پڇيو. گريسيا جو سياست سان ڪو به لاڳاپو ڪو نه هو.

”خبر ناهي ڇو؟“ هن چيو. ”هو انهن سڀني ماڻهن کي گرفتار ڪن ٿا، جن جو نقطه نظر ڪانئن ٻيو هجي.“ هن آهستي چيو:—

”گرس به جهلجي پيو؟!“

آءٌ ڏڪي ويس — ”ڪڏهن؟“

”اڄ صبح جو. غلطي هن جي ئي هئي. هو پنهنجي پاڻ جو گهر اڳاري ڏينهن ڇڏي ويو، چوته هن جي پاڻ ۾ اٽڪڻ تي پيئي هئي. ٻيا گهڻا ماڻهو هن کي لڪائڻ لاءِ تيار هئا، پر هن ڪنهن جو به احسان کڻڻ نٿي گهريو. هن چيو — ’هونئن ته جيڪر ايبيٽا جي گهر وڃي لڪان ها، پر ان کي به گرفتار ڪري ورتو اٿن، انهيءَ ڪري آءٌ مقام ۾ وڃي لڪندس.“

”— مقام ۾!“

”ها. ڪهڙي نه بيوقوفي ڪيائين! نيٺ هو اڄ اتي پهچي ويا. اهو ته ٺيڪو ئي هو. هنن ان کي قبرن کوٽيندڙ جي گهر ۾ جهليو. هن مٿن گولي هلائي، پر هنن ڪيس جهلي ورتو.“

”مقام ۾!....“

منهنجي اکين اڳيان هر شيءِ نچڻ لڳي، ۽ مان زمين تي ويهي رهيس. ايترو کليس جو روئي ڏنم.●

(ترجمو) شرون ڪمار ورما

”بوند بوند لئہ پٽڪي پٽڪي“

(اڙدو ۾ عنوان: ”اے لالۂ صحرائی“)

جڏهن مون پهريون ڀيرو ساوتريءَ کـي سرمک سان ڏٺو، تڏهن مون کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ چنبيليءَ جو ننڍڙو نازڪ گل ٿوهر جي وڻ تي ٽڙيل هجي.

جنوريءَ جو مهينو هو، ۽ ڏينهن سچ ڪونہ نڪتو هـو ۽ برسات ڪلاڪ ـ اڌ ٻيهي وري وسڻ ٿـي لڳي. ان مهل بہ مينهن پئي پيو. آءٌ بارش ۾ ٿڌ کان بچڻ لاءِ ”پلازا“ ۾ اچي ويٺس. چيم تہ ڪافيءَ جو ڪوپ ۽ سگريٽ پي هلڪو ويندس، پـر موسم جي مستيءَ اهڙو تہ مزو ڏنو، جو مان صوفي ۾ پيهي، شيشي مان، ٻاهر وسندڙ مينهن جـو نظارو ڏسندو رهيس. سڙڪ ويـران ۽ اداس پئي لڳي. وڻن ۽ ٻوٽن تي بارش پئي پيئي. سڙڪ مان باغ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ماڻهن وڻ وڍي جيڪو بيقاعدي گس ٺاهي ڇڏيو هـو، انهيءَ تان هڪ ماڻهو تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو پئي ويـو. پاسي واريءَ سئينما جي گهنٽي وڳي، تنهن مـان سمجهيم تہ ساڍا ٽي ٿيا آهن. هال ۾ ٽنگيل گلدان مان منيڪيش هلڪن سرن ۾ ڳائي رهيو هو. هڪڙي ڏاهوڪي ڇوڪري، تار سان ٽنگيل انهيءَ گلدان کي چاهہ ۽ عجب مـان ڏسڻ لڳي. سندس سامهون ويٺل نوجوان شايد ٻڌايس تـہ اهو لائوڊ اسپيڪر آهي. ڇوڪري مرڪڻ لڳي. مون ڇوڪريءَ ڏانهن پئي نهاريو، تہ ايتري ۾ مٿان گئلريءَ مان هڪ مهانڊو نظر آيم، جو سرمک جو ٿي لڳو. ماڻس ملئي کي ڏينهن ٿي ويا هئم. افواهي طرح ٻڌو هوم تہ سرمک کي بارڊر تي پوليس جي مقابلي ۾ گولي لڳي هئي. اهو ٻڌي عجب ڪونہ ٿيم، پر افسوس ڏاڍو ٿيم. هو ڪٽي کهڙو بہ هوـــ سمگلر هو، بدمعاش هـو، زاني

ھو، سمجھہ ھو، سزا بہ ڪائي آيو ھو— تڏھن بہ ھو منھنجو ننڍپڻ جو يار ھو. اسين ڳوٺ جي اسڪول ۾ ڪيترائي سال گڏ پڙھيا ھئاسين. ڪيس مئٽرڪ ڪلاس مان ئي ڪيي ڇڏيائون. مون شھر وڃي ايم. اي بہ ڪري ورتي ھئي، ۽ ھاڻ ھڪ ڪاليج ۾ ليڪچرار ھوس. سرمک کي اوچتو اتي ڏسي، مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. ھو جيئرو ھو، مون لاءِ ايتروئي بس ھو. ھو مٿان گئلريءَ تان بيٺي ائين ٿي لڳو، جيئن ڪنھن ننڍڙي ٻوٽي جي ٻـر ۾ ڪجيءَ جو وڻ آيـري بيو ھجي. شايد ڪنھن سان ڳالھيون پئي ڪيائين. سندس نموني مان سمجھي ويس تـہ سائس ڪا عورت آھي. ھھڙيءَ موج جھڙيءَ مھل سرمک سان ڪنھن عورت جو گڏ ھئڻ، قدرتي ڳالھہ ھئي. اڪيلو ھجي ھا تہ پاڻ مون کي حيرت لڳي ھا. مون کي اھا بہ خبر ھئي تـہ سائس ڪھڙي نموني جـي عورت ھوندي. ڪيس جيڪي عورتون وڻنديون ھيون، تن جو نمونوئي اور ھو. ڪيس اھي وڻنديون ھيون، جن جي مھانڊي تي ’حرام‘ لکيل ھجي: سندن وار ڪنڊريل ھجن، ڳلن تي پائوڊر جـو پلستر ۽ چپن تي لاليءَ جو ليپ لڳل ھجين، اکين ۾ ڪجل اوتيل ھجين، ڪپڙا اھـڙا پاتل ھجن، جن مـان انگ انگ پسجي رھيو ھجين، سندن وات ۾ پان جا ڍير ھجن، ھٿ ۾ سگريٽ، ۽ نشي ۾ چـُور ھجن: مطلب تـہ ننھن کان چوٽيءَ تائين اگھاڙپ ئي اگھاڙپ نظر اچي. سرمک وڏي فخر سان چوندو ھو تہ ’مون کي تہ ھي بازار جون عورتون ئي وڻنديون آھن، جيڪي ھڪڙيءَ گار جي عيوض بـہ ڏين، جيڪي رستي جي وچ تـي بيھي مون سان گڏ خوب ٺھڪ ڏين.‘ ھـو اھڙي قسم جون عورتون ڳولي ھٿ ڪري ايندو ھـو، ۽ ڪجھہ وقت رھائي پـوءِ ڪيي ڇڏيندو ھـو. پنھنجن دوستن سان بہ ملائيندو ھون، ۽ جڏھن ڪيي ڇڏيندو ھون تہ چوندو ھو: ’يار، پنھنجي ڪـُلي موڪل اٿو!‘ مونکي سرمک جون اھي ڳالھيون اصل ڪين وڻنديون ھيون، ۽ ڪيس بـہ اھا خبر ھئي، پر گھٽين ڳالھين ۾ ھو پنھنجي وس ۾ ئي ڪونہ ھو. مون کي سندس اھي افعال ائين ساريل ھئا، جيئن خود پنھنجون

عادتون.

هيڊ ماسٽر سرمڪ قراقليءَ جي ٽوپي ٽنڊ تي رکيو ويٺو هو. هٿ ۾ فوجي آفيسرن وارو ڪارو رول هوس. بدن تي هرڪ جي سٿڻ، سرج جو نيرو ڪوٽ، ۽ ڳچيءَ ۾ چيڪوسلواڪيا جو سهڻو مفلر پيل هوس. انهن سڀني جي مٿان وري سندس ڇهه فٽ قد ڇانيل هو. ويڪري ڇاتي ۽ مضبوط ۽ ڳرا هٿ، جن کي ڇهڻ سان سندس بدن جي گرميءَ ۽ کهرائيءَ جو احساس ٿيو ٿي. وري اها به خبر هيم ته سندس سٿڻ جي ور ۾ ڪٽ-ڪٽ ڪري کلڻ وارو ٽڪو ڇاقو به هوندو. ڇاقو رکڻ جي عادت اسڪول جي زماني کان وٺي اٿس. ڪلاس ۾ ماسٽر هٿان مار مليس ته هڪ پل لاءِ سٿڻ جي ور ۾ هٿ وڌائين. منهنجو ساهه سڪي ويو. پر الائي ڇا سوچي، ماسٽر کي گهوريندو، ڪتابن جو ٿيلهو کڻي، ڪلاس مان ٻاهر نڪري ويو. ان کان پوءِ نه ماسٽر پڙهائي سگهيو، ۽ نه اسين ڌيان سان پڙهي سگهياسين. ان ڏينهن ئي شام جو ٻڌوسين ته واهه جي ڪپ تي سرمڪ ماسٽر کي ڳچيءَ مان ڪٺي جهليو، ۽ وريل ڇاقو کوليءِ، ماسٽر کي هڪ-ٻه ڀيرا ڇوپون ڏنائين. اها ڳالهه پاڻ مون سان ڪيائين، ۽ ان مهل ماسٽر جي جيڪا حالت ٿي، تنهن جي ڳالهه ڪندي وٺي ٽهڪ ڏنائين. پوءِ اسڪول مان ڪڍي ڇڏيائونس، ۽ ٿورن ڏينهن کان پوءِ هو ڳوٺ مان ئي هليو ويو. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ان جو هڪڙو سبب ته اهو هو جو هو هميشه منهنجي مدد ڪندو هو. آءٌ سنهڙو سڪل، ٻچڙو ۽ ڪمزور هوندو هوس. ڪي ڇوڪرا مون کي تنگ ڪندا هئا، ۽ هو هڪ-ٻن کي ڏاهي وجهندو هو. پوءِ ٻڌوسين ته هو ڪلڪتي ۾ پنهنجي ماسي وٽ آهي، ۽ ٽئڪسي پيو هلائي. هڪ چيني ڇوڪريءَ جي چڪر ۾ وار ڪوڙايو وتيو. ڪي ڏينهن سائس گڏ رهيو، پر نيٺ هن جي ميڻي نڪ ۽ سنوٽل منهن مان بيزار ٿي پيو. هڪڙي شڪايت اها به هيس ته چانور کائڻ وارين ڇوڪرين جلد پيٽ سان ٿيو پون. ڪلڪتي ۾ ٽئڪسيءَ مان بيزار ٿي، هو پنجاب موٽي آيو، ۽ ماٽ منيءَ ۾

سمگلر بڻجي ويو.

هڪ ڇوڪريءَ جي شڪل ڳٺاريءَ پويان آئي. سندس چٽائي ڏنو — ڳورو ڳورو رنگ، گول منهن، جنهن مان اڻوڄهائي ۽ سادگي پئي بکي؛ اکيون نماڻيون ۽ جهڪيل؛ تمام سادي، اڇي ساڙهي، جنهن جو پلاند مٿي تي پيشانيءَ تائين پيل هوس. ڪنهن پوڄارڻ وانگر ٿي لڳي، جا مندر مان پوڄا پاٺ ڪري موٽي هجي. بدن انهن گهاٽن ڪڪرن وانگر هوس، جيڪي چيراپنجيءَ جي لاهين تي سدائين نميل هوندا آهن. هن کي ڏسي، منهنجي احساس کي سخت چوٽ لڳي — ڄڻ ڪا تيز گاڏي اوچتو پٽن تان لهي ويئي هجي. هوءَ سرمڪ جي اڳوڻين سرڻتن کان بلڪل نرالي هئي. هيءَ ڇوڪري سرمڪ جي ور ڪيئن چڙهي!

هو ڇوڪرين کي وڪڻائي يا خريد ڪري گهر ۾ ويهارڻ جي فائدي ۾ ڪڏهن به ڪونه هو. عورت کي سندس مرضيءَ سان آڻيندو هو، ۽ خود پنهنجي مرضيءَ سان ڪڍي ڇڏيندو هو. هن نه شادي ڪئي، نه شادي ڪرڻ جو ارادو هوس. هو انهيءَ ناتي کي مورڳو فضول سمجهندو هو. جڏهن به شاديءَ جي ڳالهه نڪرندي هئي ته هو ڇپٽي وڄائي، سگريٽ جو ڦلو ڇنڊي، کلي چوندو هو ته ”زال ذات وڏي ڪتي ٿيندي آهي. متس ڪڏهن به اعتبار نه ڪجي. هٿ ڪئي، چار ڏينهن عيش ڪيا، ۽ ڪڍي ڇڏي! زال بڻايو، ته بيزار ڪري وجهنديو، زڪام وانگر، ڪنهن به ڪم جو نه ڇڏيندي. مون کي ته اهڙي عورت وڻندي آهي، جيڪا سريت ٿي سگهي ۽ کلم کلا موج ڪري. اصل افلاطون هجي! لوهه وانگر گرم هجي، جنهن تي پوڻ سان پاڻيءَ جو ڦڙو ڇونڇاٽ ڪري ٻاڦ بڻجي وڃي. ٿڌي گلاس وانگر نه هجي، جنهن تي لڳي، هوا به پاڻي ٿي پوي!“

آءٌ ڪڏهن به ساڻس هڪخيال ٿي نه سگهيس. هو زندگيءَ کي راڪيٽ جي تيزيءَ سان گذارڻ تي هريل هو. گوڙ شور جو شوقين ۽ ڏنڊئي هو. مون کي ”درويش“ چئي، مون تان چٿرون ڪندو

هو. پر تنهن هوندي به مون سان گڏبو هو؛ مون کي سڀ ڳالهيون اچي ٻڌائيندو هو. آءٌ گهڻو ڪري چڙ مان چوندو هوسانس ته ”ڏس، سرمڪ! مونکي تنهنجي ڪا به ڳالهه نٿي وڻي. تنهنجو حشر ڏاڍو برو ٿيندو!“ هو کلي جواب ڏيندو هو، ”جاني، جيڪي منهنجي ڳالهين کي پسند ڪندا آهن، اهي منهنجا دوست رهي ڪين سگهندا آهن؛ ۽ انهن کي ته مان خيرات جو پٽ سمجهي، ڪنهن فقير کي ڏيئي ڇڏيندو آهيان. رهي حشر واري ڳالهه، سو يار، جيئن چپ چاپ ڳوٺ مان نڪري هليو ويس، تيئن زندگيءَ مان به هليو ويندس.“

آءٌ اهڙن موقعن تي کيس ڏسندو ئي رهجي ويندو هوس. آءٌ سچيءَ دل سان گهرندو هوس ته هو انهيءَ رستي تان واپس موٽ ڪائي، نيڪ زندگي گذارڻ لڳي. آءٌ جڏهن به پنهنجي خلوص کان مجبور ٿي کيس نصيحت ڪرڻ لڳندو هوس، ته هو ڪاوڙجي چوندو هو: ”چاچا سائين، مونکي نصيحت ڪرڻ وارن کان سخت بيزاري لڳندي آهي. اهڙن جي ڳچي پٽي ڇڏيندو آهيان.... پر تون ته پنهنجو پڪ مت يار آهين!“ ۽ ائين چئي، اٿي هليو ويندو هو.

ڏاڪڻ تان لهندي، جڏهن هن جي نظر مون تي پئي ته کلندو مون ڏانهن آيو ۽ چيائين: ”اڙي ماستر، ڪهڙا حال اٿيئي؟ ڀاڄائي ڪيئن آهي؟.... ۽ ٻچڙو؟ هاڻي ته ڳڀرو ٿيندو هوندو!“ ۽ يڪدم لوڏو هٽي، پنهنجي ساوتريءَ ڏانهن نهاريائين، جيڪا پريرو لچاري ٿيو بيٺي هئي. چيائينس، ”هليا، پنهنجو جگري دوست اٿيئي!“ هوءَ آهستي وکون کڻندي، اڪيون هيٺ ڪري، ويجهي آئي، ۽ ٻئي هٿ ٻڌي، مونکي نمسڪار ڪري، ماٺ ڪري بيهي رهي. ”ويهي رهه بابا، لڄ ڇو ٿي ڪرين!“ هن چيس. هوءَ سوڙهي ٿي، سامهون صوفي تي ويهي رهي. مان حيرانيءَ مان ڪڏهن سرمڪ کي پيو ڏسان ته ڪڏهن ساوتريءَ کي. منهنجو ذهن هن کي سرمڪ سان گڏ مڃي ئي نه پيو— پر سرمڪ کي چڻ منهنجيءَ حيرت جي خبر ئي ڪانه پيئي. هن پنهنجيءَ موج ۾ هن جون تعريفون پئي ڪيون. اها سندس پراڻي عادت هئي. هو پنهنجيءَ جنهن به سريت سان مون

ڪي ملائيندو هو، ان جهڙو اهڙي نموني ۽ اهڙن لفظن ۾ تعريفون ڪندو هو جو مونکي شرم پيو ٿيندو هو: ۽ هوءَ بيحيا نموني جي، گهڙيءَ جي محبوبہ، اهڙي نموني سرڪندي رهندي هئي، ڄڻ تہ بهاربهار پيئي ٿئي. پر ساڳيو وينل ساوتريءَ ڪي ڏسي، مونکي اچي ڏپ لڳو تہ متان سرمک پنهنجي خاص انداز ۾ اهو نہ ٻڌائڻ لڳي تہ هن سان سندس ڪهڙو رشتو آهي. الائي ڇو، دل ۾ خيال آيو تہ هو هن ڇوڪريءَ جي هوندي مون سان ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪري! هن کي هر ڳالهہ پيرائتي ٻڌائڻ جي عادت هئي. هو ڏاڍي مزي سان اهي سموريون بيهوديون حرڪتون ۽ ڳالهيون ٻڌائيندو آهي، جيڪي زالون اڪيلائيءَ ۾ ساڻس ڪنديون آهن.

انهيءَ ڏينهن الائي ڇا ٿيو، جو هن ساوتريءَ جي باري ۾ اهڙي ڪابہ ڪريل ڳالهہ نہ ڪئي، ۽ فضيلت سان پئي ڳالهايائين. مون محسوس ڪيو تہ هو پاڻ تي زبردستيءَ قبضو ڪريو ويٺو هو، ۽ ائين ڪندي تڪليف بہ پئي ٿيس. هو سچاٽپ ڪرائڻ لڳو: "هيءَ منهنجو پڳ مٽ يار شامي آهي. نالو شيام سندر اٿس، پر نڪو آهي شيام ۽ نڪو آهي سهڻو: ڏاڍو شريف، ڏڄڻو ۽ زن-مريد مڙس آهي: انهيءَ ڪري مونکي هن کان نفرت آهي. ڏاڍو وفادار ۽ سچو دوست آهي، انهيءَ ڪري ڪمبخت کي پيار بہ ڪرڻو ٿو پوي!.... ۽ هيءَ ساوتري آهي: وڌيڪ تون پاڻ سمجهي وڃ!"

ڇوڪريءَ جو نالو ٻڌي، مون ڏانهنس نهاريو. جهڙو هوس نالو، لڳي بہ هوبهو اهڙي ٿي. اوچتو مونکي خيال ٿيو تہ 'سرمک مون سان چرچو تہ ڪونہ ٿو ڪري! ستي ساوتري،— اها زال، جنهن پنهنجي ستت جي زور تي 'يم راج' (عزرائيل) کان پنهنجي مڙس ستيہ وان جي زندگي موٽائي ورتي! سرمک منهنجي انهيءَ تصور ۽ جذبن جي مٿان ٺوڪ تہ نہ ڪري رهيو آهي، جيڪي مشرقي عورت جي باري ۾ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ پاڙون هڻي چڪا آهن!'

مون سوالي نگاهہ سان ڏانهنس نهاريو. هن آرام سان سگريٽ پئي پيتو.

هن کان اڳ آءٌ سنڌس جن ٻه سُرِيتن سان مليو هوس، اهي شراب پيئنديون هيون، جوا کنديون هيون، سگريٽ ڦوڪينديون هيون. انهن کي ڏسي، اهڙن وڏن خطرناڪ ٻيلن جو خيال اچي ويندو هو، جن ۾ کو هڪ دفعي وڃي، جيئرو نه موٽندو آهي.

’ڪشوري‘ ته پنهنجي مڙس کي قتل ڪري آئي هئي.

اهڙي ڀرپور عورت مون اڳ ڪڏهن به نه ڏٺي هئي؛ ڏسڻ سان ڀگهر اچي ٿي ويو. منهنجي زال کي جڏهن ٻهريون ٻار ٿيو ته هوءَ ويم لاءِ مائٽن ويئي. هڪ ڏينهن شام جو سرمک مونکي پنهنجي گهر وٺي ويو. رات جو مينهن پوڻ لڳو تـه هن مونکي پـاڻ وٽ ترسائي ڇڏيو. هو ۽ ڪشوري شراب پيئڻ لڳا. آءٌ طاق تـان ڀڳت ڀُورن جو قصو ڪڍي، پر واري ڪمري ۾ هليو ويس. پڙهندي پڙهندي، الائي ڪيڏيءَ مهل سمهي پيس. آڌيءَ رات جـو مونکي پنهنجي پرسان ڪنهن هئي جو احساس ٿيو. ڏٺي، اکيون کٽي کوليم تـه ڏسان ته سچ پچ منهنجي پر ۾ کو ستو پيو هو. آءٌ ڏپ ڏيئي پريان وڃي بيٺس، ۽ بتي ٻاريم. ڏسان تـه ڪشوري، الف اگهاڙي، هنڌ تي ليٽي آهي، ۽ سرڪي پيئي! ٻاهر مينهن زور سان پئي پيو، ٿـڌ جو ڦهر هو، پر ان مهل مونکي ڀگهر نڪري آيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ سرمک ڪمري ۾ لنگهي آيو. هو نشي ۾ چُور هو. ڪشوريءَ کي سٽ ڏيئي، هنڌ تان ڇڪي لاهي چيائين: ”حرامزادي، هي ته ڀڳل گوشت ٿي کونه کائي، سو ڪچي کي ڪيئن هٿ لائيندو!“ ۽ ٻيئي پير ڪشوريءَ کي گهر مان ڪڍي ڇڏيائين.

”ڇا پيو سوچين! ڪچ ته سهي!“ سرمک مونکي چيلهه ۾ ڏونگو هڻي چيو. پوءِ، سامهون وينل ساوتريءَ کي چيائين: ”هيءَ توکان به وڌيڪ لچارو آهي!“ ۽ کلڻ لڳو.

منهنجيءَ سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ڪريان.

منجهي، چيم: ”مينهن ته بند ٿي نٿو ٿئي، ڪيتريءَ دير کان هتي ويٺو آهيان!“

”هن کي سدائين پنهنجيءَ زال کان ڊپ هوندو آهــي، ڇڻ

ته ڪا صوبيدار آهي! جيتري دير گهر کان ٻاهر هوندو آهي، اها ٿي غلط فهمي هوندي اٿس تـه جوٺهه چانئٺ ۾ اکيون وجهيو ويٺي هوندي. ڪڏهن تـه پنهنجي دماغ مان اهي ڳالهيون ڪڍي، پوءِ گهر کان ٻاهر نڪرندو ڪر!“ آخري جملو هن سون ڏانهن نهاري چيو.

”توهين ڀانيو ٿا ته گهر واري پنهنجي مڙس جي وات ڪانه نهاريندي هوندي! توهان کي زال ذات جي دل جي ڪهڙي خبر!“

اڄ ساوتريءَ جي واتان اهي اکر ٻڌي حيران ٿي ويس، ۽ سرمک ڏانهن نهاريم. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بـه زال جي واتان ڪيس ”توهان“ سڏيندي ڪونه ٻڌو هوم. سڀ ڪا ”تون“ ۽ ”توکي“ ڪري سڏيندي هيس.

”هـي هتي ويٺو مـوج ڪري، ۽ جـوڙس....“ ساوتريءَ يڪدم سرمک کي چيو. ”عورت جـو ڌيان هر وقت پنهنجي مڙس ڏانهن رهندو آهي. مرد عورت جي دل کي سمجهي نه سگهندو آهي.“

مون محسوس ڪيو ته اهي ڳالهيون سرمک کي ٻنهي ڪين ٿيون وڻن. حيرت هيم تـه سرمک ڪيئن اهي ڳالهيون پيو سهي! ”توهان“، ”گهر“، ”مڙس“ــــ اِهي اکر سرمک جـي ماحول ۽ زندگيءَ جا ٿي ڪين هئا.

”توهين ته آڌيءَ رات جو گهر ايندا آهيو.... اها ته مونکي خبر آهي تـه ان وقت منهنجيءَ دل تي ڇا وهندو آهي!“ ساوتري بلڪل ڪنهن اهڙيءَ زال وانگر شڪايت ڪري رهي هئي، جنهن کي مڙس ليکيندو نه هجي. ”سندن عادت آهي ته جنهن کي ڏسندا، جهلي ويهاري ڇڏيندا!“ ڳالهائيندي، سندس مٿي تان پلاند کسڪي ويو. هن يڪدم اهوکٽي وري مٿي تي رکيو، ۽ چوڻ لڳي: ”ادي ناراض ٿيندي هوندي، تـوهان ڀلي گهر وڃو. هـي تـه سڄو ڏينهن توهان کي ويهاري ڇڏيندا.“

ساوتريءَ جي ڳالهين مان سمجهيم ته هيءَ گهٽي وقت کان سرمک سان رهي ٿي.

”چڱو يار، ڪڏهن گهر اچج.“ سرمک اٿندي چيو.

”اديءَ کي به پاڻ سان وٺي اچجو!“ ساوتريءَ ڏاڍي معصوميت سان چيو.

سرمک مون ڏانهن نهاري، پوءِ رول ڦيرائڻ لڳو. آءٌ سنڌس اکين جي ٻولي سمجهي ويس. سرمک وٽ ”ڪملا“ کي وٺي وڃڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. هو ٻه ڪڏهن منهنجي گهر نه آيو هو. اسان ٻنهي ۾ چپ چاپ هڪڙي ڳالهه طي ٿي هئي. ڪيس جڏهن ٻه مون سان ملڻو هوندو هو ته ڪنڊ تي پان واري ڇوڪري کي موڪليندو هو؛ آءٌ ساڻس اتي ئي اچي ملندو هوس. هو ڪملا جو نالو گهڻي ادب سان وٺندو هو. رستي ۾ جيڪڏهن اسان کي گڏ ڏسندو هو ته لهرائي ويندو هو. ڪملا کي ته هن جي شڪل کان نفرت هئي. هوءَ ته مونکي ٻه ساڻس ملڻ کان منع ڪندي هئي. جنهن ڏينهن ڪيس شڪ پوندو هو ته آءٌ سرمک سان ملڻ ويو آهيان، تنهن ڏينهن هوءَ رُسي پوندي هئي ۽ ڪاڏو پيتو بند ڪري ڇڏيندي هئي. پوءِ ائين ڪيئن ٿي ٿي، سگهيو ته آءٌ ڪملا کي سرمک جي گهر وٺي وڃي سندس سريت سان ملايان! ان کان ته شايد هوءَ موت قبول ڪري ها.

ڳالهه کي ٽارڻ لاءِ مون ساوتريءَ سان ڪٽي ڪوڙو وعدو ڪيو. ٻنس پئي ته ستان سرمک منهنجو پول پڌرو ڪري وجهي. ڪملا ساوتريءَ سان ملي ڪانه سگهندي، سا ڳالهه پڌي ويچاري ساوتريءَ کي ڏاڍو ڏک ٿئي ها. ساوتريءَ سان ڪوڙي وعدي ڪرڻ ڪري منهنجي روح کي ڪڏهن به آرام ڪونه آيو. سدائين اهوئي ڏک رهندو هوم.

* * *

هڪ ڏينهن شام جو سرمک مونکي بازار ۾ مليو. مونکي ٻڌايائين ته ”ساوتري تنهنجي وعدي موجب نه اچڻ تي ڏاڍي ڪاوڙيل آهي. هوءَ تنهنجيءَ زال سان ملڻ لاءِ ڏاڍي بيتاب آهي.“

”ڇا ڪجي؟“ مون شرمسار ٿي، ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

”پر ساوتريءَ کي ڪير سمجهائي؟ هوءَ ته عجيب عورت

آهي. خبر ٻه اٿس ته منهنجا افعال ڪهڙا آهن، آءٌ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهيان، ۽ منهنجي گهر ۾ ڪهڙي ڪهڙي قسم جا ماڻهو ٿا اچن، تڏهن به هوءَ ضد ڪريو ويٺي آهي. ويهن-ٻاويهن سالن جي آهي، تڏهن به ٻاراڻا ضد اٿس. ڪجهه چوانس ٿو تہ اچيو روئڻ ۾ چنڪي. توکان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ دوست سان ملڻ نٿي ڏئيم. ’مدي‘ ۽ ’آجاگر‘ ته ڏٺا نٿا وڻنس. پيسان، عجيب مصيبت آهي!“

آءٌ سرمڪ سان هلندو هليس، ۽ ساوتريءَ بابت سوچيندو هليس. اوچتو مونکي خيال آيو ۽ پڇيم تہ ”ساوتريءَ سان شادي ڪئي اٿيئي؟“

سرمڪ اهو ٻڌي، آتي ٿي، ڦنڊي تي ديهي، وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو. هلندڙ ماڻهو اسان ڏانهن نهارڻ لڳا.

پوءِ هو مونکي ٻانهن کان جهلي چوڻ لڳو ”يار، تو سرمڪ کي بيوقوف سمجهيو آهي؟ مونکي زال ۽ آئيس ڪريم بلڪل پسند نہ آهن— ٻيئي هٿ لائڻ سان وگهريو پون. هوءَ مون سان گڏ رهي ٿي، بس.“ پوءِ هو يڪدم چپ ٿي ويو: ”پر ڪشوري ته چمپا ۽ خورشيد کان نرالي آهي. خير، تون هلي سمجهائينس تہ ٻاچائي ساڏس نہ ملي سگهندي.“

”آءٌ! آءٌ ڀلا ڇا چوندس؟ نہ، مان....“ انهيءَ خيال ايندي ئي آءٌ گهبرائڻ لڳس. ’آءٌ هڙيءَ معصوم ۽ ساديءَ ڇوڪريءَ کي ڀلا ڪهڙي نموني سمجهائيندس؟‘

”تہ پوءِ آءٌ ڇا ڪريان؟ مونکي ڪاوڙ اچي ويئي تہ پوءِ“ هو تيز ٿي ويو. پل کان پوءِ اُداس ٿي ويو. سامهون ڀت ۾ لڳل پوسٽرن کي ڏسڻ لڳو. مونکي ان مهل هن تي ڏاڍو قياس آيو، ۽ سوچيم تہ ڪجهه به ٿي پوي، هڪ ڀيرو ڪملا کي هن جي گهر ضرور وٺي وڃان. پر اهو خيال هڪ گهڙيءَ کان وڌيڪ جيئرو رهي نہ سگهيو. جذبن جي تيزي گهٽ ٿي، ۽ اهو خيال پنهنجو پاڻيهي مري ويو.

”ڇا پيو سوچين؟“ سرمڪ پڇيو.

”مون ڪان اهو ڪم ٿي ڪونه سگهندو.“
”تہ هلي ڪو بهانو ڳاهي— نہ تہ هوءَ ڳولي ڳولي تنهنجي گهر اچي پهچندي!“
هو مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. سرمک جي عجيب عادت هئي. سندس گهر جو دروازو هميشه کليل رهندو هو. هو پنهنجن دوستن کي وٺي بيڊرُوم اندر هليو ويندو هو. ان ڏينهن بہ ائين ڪيائين. منهنجو هٿ وٺي، پنهنجيءَ موج ۾ سڌو اندر ڇڪي ويو. اڱڻ ۾ ساوتريءَ ويٺي پاڇي سوئي. منهنجي لاءِ اهو نظارو بلڪل عجيب هو. ان وقت سٽڻ-قميص پهريل هيس، ۽ عام گهريتڙي زال جيان تڪڙ ۾ وسري ويس تہ رئو ڪٿي پيو آهي. اوچتو اسان کي ڏسي، مٿيون منجهي ويس ۽ اسان ڏانهن پٺ ڪري بيهي رهي.
”هاءِ رام! آواز تہ ڏيئي ايندا ڪريو، گهر ۾ انسان ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن ويٺو آهي. ڀلا رئو تہ ڪٿي ڏيوم، اندر پلنگ تي پيو آهي.“
سرمک وڏو ٽهڪ ڏيئي چوڻ لڳو: ”هن کي هميشه انهن ڳالهين جو فڪر رهندو آهي!“
هوءَ پئي هٿ ڇاتيءَ تي رکي، جلدي اندر هلي ويئي. جڏهن موٽي، تہ مٿي ڪان وٺي سيني تائين رئي ۾ ويڙهيل هئي. ہم ڪرسيون کڻي آئي. جڏهن اسين ويٺاسين، تڏهن هن آهستي چيو: ”چانهہ ڳاهيان؟“
”آءٌ تہ هن وقت ٻاهر پيئندس!“ سرمک کلي چيو، ”هن لاءِ ڳاهہ.“

هوءَ پاڇي ڳالهيءَ ۾ وجهي، رڌڻي ۾ هلي ويئي. آءٌ اوسي پاسي جو جائزو وٺڻ لڳس. سڀڪجهہ بدليل پئي لڳو: فرش ڌوتل، ڪنڊون پاسا صاف هئا. جتي اڳي شيشي جا گلاس ۽ پيگل بوتلون، بيڙين جون ڪلون ۽ ڇيڙاٽيل هڏيون پيل هونديون هيون، هاڻ اها جاءِ ڪنهن مندر جيان پاڪ ۽ صاف پئي نظر آئي. ڀتين تي راڳو

ڪيل هو، جنهن پراڻا ٿڪن جا نشان ڍڪي ڇڏيا هئا. وچ ۾ تلسيءَ جو ٻوٽو ڪونڊيءَ ۾ رکيل هو. هڪ پاسي جهرڪين لاءِ ستت ۾ پاڻي رکيل هو. سرمک منهنجي اها حالت تاڙي ورتي، ۽ کلي چيائين: ”جڏهن کان وني آئي آهي، تڏهن کان سڄي گهر جو نقشو ئي بدلجي ويو آهي. اڄ تہ اندريون ڪمرو ڏيکاريانءِ!“ مون کي اندر وڃڻ سان ائين لڳو، ڄڻ آءٌ بهشت جي ڪنهن ٽڪر ۾ آيو آهيان. ڀتين تي ديوتائن ۽ ديوين جون تصويرون ٽنگيل هيون. هڪ ڪٻٽ ۾ ننڍڙو مندر ٺهيو پيو هو. لڪشمي-نارائڻ جي اڳيان اگربتي پئي ٻري. گل رکيل هئا، ۽ هڪڙي آرتيءَ جي گهنٽي رکيل هئي. ڪانس تي گهڙيال رکيو هو، ان جي مٿان، ڀت تي، جتي اڳي هڪ اگهاڙيءَ عورت جو فوٽو ٽنگيل رهندو هو، اتي هينئر سرمک جي تصوير ٽنگيل هئي، جنهن تي گلن جو سهرو پيل هو. مون غور سان ان تصوير کي ڏٺو. سرمک منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي کلڻ لڳو ۽ چيائين:

”ستن-اٺن مهينن ۾ ساوتريءَ پنهنجو سڪو ڄمائي ڇڏيو آهي. يار، هي زالون وڏيون چالاڪ ٿيون ٿين. اهڙيءَ طرح آهستي آهستي پنهنجو قبضو ڄمائي وينديون آهن ۽ حڪومت ڪنديون آهن، جو ماڻهوءَ کي پتو ئي ڪونہ پوندو آهي تہ هو ڪنهن ٻئي جي اشاري تي پيو هلي! عورت سڀڪجهہ سمجهندي آهي، ۽ سمجهي سوچي ائين ڪندي آهي. پر اهو سڀڪجهہ هوءَ اهڙيءَ خاموشيءَ سان ڪندي آهي جو ماڻهو جيسين پاڻ سنڀالي ئي سنڀالي، تيسين ڪم لهي وڃي. تون ڪيئن ٿو ڀانئين؟“

خدا کي خبر، ان مهل چرچو پئي ڪيائين يا سچ ٿي چيائين. سهانڊي مان تہ ائين ٿي لڳو، ڄڻ چرچو ڪونہ ٿي ڪيائين. هن جنهن ڳالهہ کي عورت جي چالاڪي ٿي سڏيو، آءٌ ان کي قرباني، خلوص، پيار ۽ بي پناهہ خدمت جي خوبي سمجهان ٿو. هوءَ، زمين جيان، ٿورو وٺي، گهڻو ڏيندي آهي.

ساوتري چانهہ کڻي آئي. سرمک ڪوٽ مان ننڍي بوتل

ڪيڏي ۽ ڪاڏي ٻوچ تي رکي، ساوتريءَ ڏانهن نهارڻ لڳو. هُن ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪوپ ۾ چانهه پئي وڌي. مون لاءِ چانهه ڏاهي، هن سرمک ڏانهن نهاريو، ۽ آهستي چيائين: ”هن ڪمري ۾ نه!“

سرمک تي انهي ڳالهه جي اثر کي جاچڻ لاءِ مون ڏانهنس نهاريو. مون ڀانيو ته هو ساوتريءَ کي تڙي ڏيندو؛ ڇو ته هو پنهنجن ڪمن ۾ ٻين جي دست‌اندازي هرگز ڪونه سهندو هو. پر هو سرڪڻ لڳو، ۽ مون کي چيائين: ”هليا يار، هل ته هلي اڱڻ ۾ ويهون.“

اسين اڱڻ ۾ وڃي ويٺاسين. ساوتري سرمک لاءِ گلاس ۽ پاڻي ڏيئي، پاڻ وڃي رنڌڻي ۾ ويٺي. آءٌ چانهه پيئندو رهيس، ۽ ساوتريءَ جي باري ۾ سوچيندو رهيس. رنڌڻي مان آسڻوڙ جو آواز پئي آيو. انهيءَ شُون-شُون جي آواز سان گڏ، ڪنهن مهل چوڙين جي ڇڻ-ڇڻ جو آواز به پئي آيو.

اوچتو سرمک هڪ عجيب سوال پڇيو: ”ساوتري ڪيئن آهي؟“ مون حقيقت ۾ انهيءَ ڳالهه تي سنجيدگي سان سوچيو ئي ڪونه هو. جڏهن به هن کي ڏسندو هوس ته ڀانئيندو هوس ته منهنجيون اکيون فريب ٿيون کائين. ائين لڳندو هوم، ڄڻ ٻئي ڄڻا ڪنهن ڊرامي جي ريهرسل ڪري رهيا هجن. مون سرمک ڏانهن نهاريو. هن شيشو ميز تي رکندي چيو: ”اڄهو آءٌ ٿو ٻڌايان.... پر يار، منهنجي سمجهه ۾ نه ڪجهه به نٿو اچي! اڄ تائين آءٌ رڳو عورت جي بدن سان ملندو رهيو آهيان؛ پر ساوتريءَ ۾ ڪجهه ٻيو به آهي.... منهنجو مطلب آهي ته جسماني خيال ڪان هوءَ ڪنهن ڪان به گهٽ ناهي، پر ساڻس گڏ رهي مون کي ڪا شيءِ عجيب ٿي لڳي: ڄڻ اسپتال ۾ منهنجو علاج پيو ٿئي! يعني، منهنجو مطلب آهي .... بس اهو ئي سمجهه ۾ نٿو اچيم ته ڇا آهي! ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته انهيءَ ڳالهه تي مون کي ڪاوڙ اچي ويندي آهي. منهنجو خيال آهي، ساوتري اڃا ٻار آهي. ڪچي ۽ ناتجربيڪار آهي، آهستي آهستي—“ اوچتو هو چپ ٿي ويو، ۽ غور سان مون ڏانهن

نهاري چيائين: ”توکي ڀاڃائيءَ کان ڊپ ٿيندو آهي نه؟ منهنجو خيال آهي، اهو ڊپ ناهي، پر ڊپ جهڙي ڪا ٻي شي آهي.... مون کي جڏهن به رات جو دير ٿي ويندي آهي ته يڪدم ساوتريءَ جو خيال ٿيندو اٿم، ۽ آءٌ ڀاڻ کي چوندو آهيان: ’سرمڪ، توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ ائين ته ٿيو ئي اونڌو ٿي پوندوءِ!‘ ۽ مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ ڪنهن منهنجي نڪ ۾ ناڪيلي وجهي ڇڏي آهي!“ هو وري چپ ٿي ويو، ۽ تلسيءَ جي ٻوٽي کي ڏسڻ لڳو. وري چوڻ لڳو: ”سمجهه ۾ نٿو اچي ته ان جو نتيجو ڇا ٿيندو.... سچ پڇ، ڪڏهن ته آءٌ ڏڄي ويندو آهيان!“

”ڊپ ڇا جو؟“ مون حيرانيءَ مان سوال ڪيو.

”اهو ئي ته مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي! نه ته اِتي جو اِتي فيصلو ڪري نه ڇڏيان — هيڏانهن يا هوڏانهن!“

ساوتري رنڌڻي مان نڪتي. ان کي ڏسي، سرمڪ چپ ٿي ويو. ساوتريءَ جي سڄي ڳل تي اِسنوو جي ڪارات لڳل هئي. وارن جي ڇڳ، ڪانٽي مان نڪري، سندس وارن تي ڇمي پئي ڏني. ٻاهر تي ويهڻ ڪري سندس منهن سون جيان پئي ڏهڪيو، ۽ هوءَ اڃا به وڌيڪ سهڻي پئي لڳي. ويجهو اچي چيائين: ”هينئر گوبي ۽ پٽاٽا ٿي رڌيان. توهان لاءِ وري ٻيڻ جو قيمو ٿي ڏاهيو وٺان.“

”جيڪو دل ۾ اچيئي سو ڏاهي. منهنجو کهڙو ڪاٿو، الائي ڪٽي ڪاڻ ويهي رهان.“ سرمڪ جي لهجي ۾ ٿوري بيزاريءَ جي ملاوت هئي.

”تڏهن اهي ڪثراڳ پنهنجي لاءِ پيئي ڪريان ڇا؟“ هن ناراض ٿي چيو. ”آءٌ وڃي ٻيضا وٺي آئيس ته....“ يڪدم منهن لهي ويس، ۽ آواز ٻرجي آيس.

”ماني روز روزگهر ڪاڻ فرض آهي ڇا؟“ سرمڪ ٻيادليءَ سان جواب ڏنو.

”ته پوءِ گهر ڇا لاءِ آهي؟ منهنجي هٿي کهڙي ضرورت

آهي؟"

"آءٌ توکي ماني پچائڻ لاءِ ڏورو ئي وٺي آيو آهيان."

"پر زالن کي ته اهي ڪم وڻندا آهن."

"توبهه! تون واعظ نه ڪندي ڪر."

"ته پوءِ مون کي گهڻو ڏيئي ماري ڇڏيو...." ساوتريءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، ۽ چپ چاپ اندر وڃي هنڌ تي اونڌي ٿي ڪري پيئي.

سرمک ٻه - ٽي دفعا ڪرسيءَ ۾ پاسا ورايا، ڇڻ ڪا شيءِ چڀي رهي هيس. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين، پوءِ اندر بستري ۾ پيل ساوتريءَ کي ڏسڻ لڳو. سندس منهن مان ائين ٿي لڳو، ڇڻ سندس اندر ۾ ڪو طوفان آهي، جنهن کي وڏيءَ ڪوشش سان پئي روڪيائين. ۽ پوءِ يڪدم مون ڏانهن نهاري چيائين: "آءٌ ته تنگ ٿي پيو آهيان!"

آءٌ ڪنهن انديشي کان ڏکي ويس. مون کي ساوتريءَ لاءِ ايندڙ وقت بلڪل اونداهو ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو. مون کي خبر هئي ته اهڙيءَ حالت ۾ سرمک کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ معنيٰ، اڃا به هن کي ضد تي چاڙهڻ. آءٌ چپ چاپ ڪوپ ۾ تڙ ڳڻندڙ مک کي ڏسڻ لڳس.

سرمک وري چيو: "هاڻ هيءَ بک هڙتال ڪندي: آءٌ گهر ۾ ماني نه کائيندس تــه هيءَ به نه کائيندي. ڀلا اهــا بــه ڪا ضد جي ڳالهه آهي! آءٌ ڪنهن جو نوڪر ته ناهيان: رات جو دير سان نه اچان، فلاڻي سان نه ملان، فلاڻي کي گهر نه وٺي اچان، فلاڻو ڪم نه ڪريان، رات جو دروازو بند رهندو .... هي ڪهڙو ويل آهي! هيءَ عورت ته ڪجهه سمجهي ئي نٿي. مون به هزارين زالون ڏٺيون آهن، پر هيءَ ته سڀني کان اور آهي. الائي پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿي سمجهي! آءٌ ڀر پيو ڏيانس جو مٿس رحم ڏو اچيم، نه ته ...."

هن وري ساوتريءَ ڏانهن نهاريو، جنهن جو بــدن هري هري ڇـُـري رهيو هو، ڇڻ سڏڪا پئي ڀريائين. هو وري چوڻ لڳو: "هن کي

چلهم کان واندڪائي ڪانهي. سون ڇا ايتري لاءِ هن کي ويهاريو آهي؟.... جيئن وڏندم، تيئن ڪندس. جيڪو ڪيس وڻي، سو پاڻ ڪري. سون روڪيو ڏورو ڏي اٿماس.“ آخري جملو هن وڏي واڪي چيو، ته پل ساوتري ٻڌي. سرمک جي انهيءَ جوش، سرمک کان وڌيڪ، سون کي ساوتريءَ کي سجاڻڻ جو موقعو ڏنو، آءٌ ايترو ته يڪدم سمجهي ويس ته هوءَ پاڻ کي سرمک جي سريت نه، پر زال ٿي سمجهي. سون کي هن سان همدردي ٿيڻ لڳي. ڪانءَ اهو نه سوچيندو آهي ته ڪوئل جي آنن ۾ ٻچا ٿيندا آهن. هو رڳو اهو سوچيندو آهي ته انهن جو ذائقو لذيذ آهي.

ساوتري اندران لڙڪ اگهندي آئي. سندس اکين جو ڪجل وهي ڳلن تائين آيو هو، ۽ چپن تي ڳوڙهن جون ليڪون ٻنجي وييون هيون. چانهه جو خالي ڪوپ کڻندي چيائين: ”پاڻ بازار سان ساني ڪائي اچي.... بازاري ساني ڪا ڪائڻ جهڙي آهي! انهن کي ته کپن پئسا! ڪاڏو ٻه پيار سان ڪائجي ۽ ڪارائجي، تڏهن بدن کي لڳندو.... اڃا ٽيون ڏينهن سڄي رات پيٽ جي سور کان پئي ڦٿڪيو. آڏيءَ رات جو ڊاڪٽر آيو آهي! بازاري مرچ ۽ مصالحن جون شيون ته پيٽ جو خانو خراب ڪري ڇڏين. توهان ٿي سمجهايوس، منهنجي ته ٻڌي ئي ڪونه ٿو.“

سون کي ڊپ ٿيو ته متان ڪاوڙ ۾ سرمک هن کي گهٽ وڌ نه ڳالهائي. پر هو چپ ڪري ويٺو رهيو. سون ساوتريءَ ڏانهن نهاريو. هن کي ڪيئن سمجهايان ته هي انهن مردن سان ناهي، جيڪي پنهنجو گهر وسائيندا آهن. هن ڪيس گهر وسائڻ لاءِ ڪونه آندو هو. هن کي ته رڳو عورت کپي؛ هن کي عورت جي بدن ۽ دل سان ته واسطو ئي ڪونه هو. پر اهي ڳالهيون ساوتريءَ کي سمجهائڻ ڏکيون هيون.

سرمک گهڻي وجهي ساوتريءَ ڏانهن نهاريو، ۽ چيائين:

”تون پنهنجي ڪم جي نٽي ڪرين؟“

”توهان جيڪڏهن زال هجو ها ته سمجهو ها.“ ساوتري

منهن پٺي پاسي ڪري، ڪوپ ڪڍي آهستي آهستي رنڊٽي ڏانهن وڌيائين.

سرمک مون ڏانهن نهاريو ۽ ميز تان شيشو کڻي، هٿن ۾ اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو. هن پريل آواز ۾ چيو: ”منهنجي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي!“

ان ۾ سمجهه جو نه، پر سندن فطرت جو ڦير هو. مون پٽ تي پکڙيل سٽ گلي جي ول ڏانهن نهاريو، جنهن جي وڏن وڏن پنن سچيءَ پٽ کي پنهنجي پنيان لڪائي ڇڏيو هو.

”هن جي اهـا مرضي آهي تـه آءٌ گهر مان نـه نڪران. جيڪڏهن وڃان، جلدي وران. منهنجو ڪم ڪار—“

ادا، اها ڪهڙي نه خراب ڳالهه آهي؟“ ساوتريءَ رنڊٽي مان منهن ٻاهر ڪڍي جواب ڏنو. ”رات جو اڪيلائيءَ ۾ مونکي ڊپ ٿو لڳي. پاڻ ٿو چئي ته دروازو به کولي ڇڏيندي وڃ! ڀلا گهر ۾ ائين ڏيندو آهي؟ مڙس ٻاهر هجي، ته گهر واريءَ کي ڪيئن ننڊ ايندي؟ ڪا ڏينهن هوندي جا آرام ڪندي. منهنجا ته ڪن دروازي تي لڳل هوندا آهـن. پل پل ۾ آئي، جهاتي پـائي ڏسندي آهيان. جڏهن ايندو آهي، تڏهن وڃي دل کي آرام ملندو اٿم. ڀلا توهان ئي ٻڌايو، ڀاڄائي توهان جو انتظار نه ڪندي آهي؟“ وري هن کي ڇڻ ته ڪجهه ياد اچي ويو: چيائين، ”توهان ڀاڄائيءَ کي نه وٺي آيا! تنهن ڏينهن جو چئي ويا ته وٺي ايندس؟ جي هوءَ نـه اچي ته آءٌ هلان؟“

”هوءَ توسان ڪانه ملندي!“ سرمک يڪدم چئي ڏنو.

”ڇو؟“ ساوتريءَ عجيب اکين سان نهاريندي چيو. ”مون ۾ ڪهڙو عيب آهي؟“ اتي ڇڻ هـن کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين: ”برابر، آءٌ بـه ڪا ڇري آهيان. ادا، منهنجي ڳالهه دل ۾ نه ڪجو! مون کي دل تان ڳالهه لهيو وڃي، ۽ الاجي ڇا جو ڇا چيو وڃان.“ هن منهن کڻي اندر ڪيو. پل کن چوڙين جو ڇڻاٽ ٿيو، ۽ پوءِ اسٽوو جي آواز ۾ سڀ آواز دٻجي ويا.

سرمک ٿلھين اکين سان مون ڏانھن نھاريو، ۽ ست ڏيئي، شيشي جو ڍڪ لاھي، گلاس ۾ شراب اوتيندي چيائين: ”ھاڻ تون وڃ.“

مون کي ھن جي ڳالھ بلڪل ڏکي نہ لڳي. آءٌ پاڻ محسوس ڪندو آھيان تہ شرابيءَ سان گڏ ويھي چانھ پيئڻ ائين آھي، جڻ ٻاھر وڃڻ مھل ڪنھن رنڊيءَ کي چئجي تہ برقعو پائي وڃ. اھا ڳالھ ھوند کھڙي نہ مسخريءَ جھڙي لڳي! آءٌ اٿان اٿي، ھليو آيس.

* * *

ٿورن ڏينھن کان پوءِ ھڪ ڏينھن صبح جو، ساوتري مون کي اوچتو اسپتال ۾ ملي. ڏاڍي منجھيل ۽ گھٻرايل ھئي. پنھنجو ھوش ڪونہ ھوس. وارن کي ڦٽي ٻہ ڪانہ ڏنل ھيس. منھن لٿل، اکيون اڃھاٽل، جڻ ڪيترين راتين جو اوجاڳو ھوس. ڪپڙا ميرا ۽ گھنجيل، پيرن ۾ پراڻو چمپل، ھٿ ۾ دوا لاءِ خالي شيشي ھيس. بينچ تي ويٺي پنھنجي واري جو انتظار ڪيائين. مون کي ڏسي، رئي جو پلاند مٿي تي ڏاھي، نمسڪار ڪيائين. مون سمجھيو تہ شايد بيمار آھي، تنھنڪري پڇيومانس: ”ڀاڄائي خير تہ آھي، ھتي ويٺي آھين؟“

”پاڻ نہ - چئن ڏينھن کان خوش ناھن. ڊاڪٽر گھر ڏسڻ آيو ھو. چيائين،....“ ھن ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريو، جڻ تہ ڪو وڏو راز ٿي فاش ڪيائين. پوءِ سس پس ڪري چيائين: ”ڊاڪٽر چيو تہ شراب گھڻي پيئڻ ڪري جگر خراب ٿي پيو اٿس! آءٌ جھليانس ٿي تہ مون سان وڙھيو پوي. ڪلھ چوڻ لڳو تہ منھنجي گھر مان نڪري وڃ!...، ڀلا، اھڙي حال ۾ ڪيئن ڇڏي وڃانس؟“ سندس آواز لڙڪن ۾ ٻڏجي ويو.

”چاڪ ٿي ويندو. ايڏي ڳڻتيءَ جو ضرور ڪونھي، آءٌ اچي سمجھائيندوسانس.“ مون کيس دلاسو ڏيندي چيو. سچ پچ تہ مون کي مٿس قياس پئي آيو.

”توهان هتي ڪيئن آيا؟“ هن پڇيو.
”ننيڙي کي کنگهه ٿي پيئي آهي.“
”ڪهڙي؟ سڪي يا بلغمي؟“
”سڪي.“
”ڪيڏو آهي؟“
”سال - ڏيڍ جو ٿيندو.“
”پوءِ ڀاڄائيءَ کي چئجو ته ننيڙي کي بادام جي تيل ۾ ليسوڙن جو چانڊو ٺاهي چٽائي ۽ پاڻ ڪاريءَ ڪڻڪ ٿيءَ شي کان پاسو ڪري.“ هن اهڙي نموني پئي ڳالهه ڪئي، ڄڻ ڪا چئن - پنجن ٻارن جي ماءُ هجي.
اندران اينڊڙ ٻيمار، ٻارهين نمبر واري کي اندر وڃڻ لاءِ چيو. هوءَ جلد ساڙهيءَ جو پلاند ٺاهي، اندر هلي ويئي.

* * *

ان ڏينهن شام جو آءٌ سرمڪ کي پڇڻ ويس. سندس حالت اهڙي انديشي جهڙي ڪانه هئي، پر ڪجهه پيلو ٿي ويو هو. ان مهل هن بستري ۾ ليٽي، جاسوسي ناول پئي پڙهيو. ساوتريءَ پيرانديءَ کان ويٺي ڪيس پيرن تي زور ڏنا. هوءَ مٿي تي رڌو ٺاهي اٿي، ۽ اندر هلي ويئي.
”چا ٿيو اٿيئي؟“ مون کلندي پڇيومانس.
”هاڻي شراب مون کي پيئڻ لڳو آهي.“ هن مشڪي چيو، ۽ پٽ تي ٽنگيل گروڊانڪ جي تصوير کي ڏسڻ لڳو. ”چڱو ٿيو جو تون آئين، مون کي ساوتريءَ جي باري ۾ توکي ڪجهه ٻڌائڻو آهي. ٿورو اورتي اچ.“
آءٌ ڪرسي ريڙهي ويجهو ٿيس. هن ڪتاب وهاڻي هيٺان رکي، پئي ڪمري جي دروازي ڏانهن نهاريو.
”اهو ته تو به سوچيو هوندو ته ساوتريءَ جهڙي نيڪ ۽ شريف، ڀالي ڀولي ڇوڪري مون وٽ ڪيئن پهتي. منهنجا ٻيا دوست به حيران آهن.... ڪڏهن ته آءٌ پاڻ به حيران ٿي

ويندو آهيان ته هيترو وقت آءٌ هن سان ڪيئن رهيو آهيان!" سرمڪ وري در ڏانهن نهاريندي چيو: "ساوتري ڏاڍي اٻوجهه آهي. ڪڏهن ته سوچيندو آهيان ته هن ڪي ڪنهن شريف ماڻهوءَ جي زال ٿيڻ گهربو هو. هوءَ منهنجي لائق نه آهي. هوءَ سريت ٿي نٿي سگهي. هوءَ ان جي گهر کي جنت بڻائي ڇڏي ها، ڀڳوان اهڙيون چوڪريون گهٽ پيدا ڪندو آهي." هن مون ڏانهن نهاريو: "توکي خبر آهي ته آءٌ گهر ۾ سريت ويهاريندو آهيان، زال نه. ساوتريءَ سان منهنجي شادي ٿيل ڪانهي؛ پر هوءَ مون کي پنهنجو مڙس ٿي سمجهي. مون کي انهيءَ ڳالهه تي سخت خار آهن. هوءَ منهنجي ايتري ته خدمت ڪندي آهي جو مون کي بڇان ايندي آهي.... عجب نه ڪاءُ! آءٌ هن ۾ سريتپڻو ڳوليان ٿو، جنهن ۾ اهــا ڪڙاڻ، اها تِڪ هجي، جيڪا ڳاڙهي ديسي شراب ۾ ٿيندي آهي؛ پر هو گنگا جي پاڪ پاڻيءَ ۾ وهنتل زال ڪٿيو ڏئيم.... منجهس ايتري ته مٺاڻ آهي جو مون کي آٻڙڪا اچيو وڃن. آءٌ انهن ڳالهين جو هيراڪ ناهيان. ڪڏهن تــه مون کي پنهنجو پــاڻ کان نفرت ٿيندي آهي.... آءٌ سوچيان ٿو ته سڀڪجهه ڇڏي، ڪيڏانهن منهن ڪٽي ڪريان. هڪ دفعي ائين ڪيم بــه. توکي ته خبر آهي ته آءٌ ڪوڙ نــه ڪندو آهيان. ٽڪيٽ ورتي، بمبئيءَ واري گــاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺس. پــر اڳينءَ اسٽيشن تي لهي، موٽي آيس. گاڏيءَ ۾ ويهندي، پاڻيم ته ڪو ڪراهت جهڙو گناهه ڪيو اٿم — جڻ پيرن ۾ ٻيڙيون اٿم، جن کي ڪو پاڻ ڏانهن پيو ڇڪي.... ۽ آءٌ موٽي آيس. ساوتري سڄي رات جاڳي پئي. شايد رني به هئي، چو ته اکيون سڄيل هيس. گهر ۾ گهڙڻ سان ئي مون کي ڪاوڙ اچي ويئي. الائي چو؟ الائي ڪنهن تي؟ دل ٿي چيو تــه ڪنهن کي خون ڪري ڇــڏيان.... جيڪڏهن ان مهل ساوتري ڪنهن ٻئي جي هنج ۾ موج پئي ڪري ها ته منهنجي روح کي سڪون ملي ها، منهنجيءَ دل تان بار لهي وڃي هــا، ۽ آءٌ چپ چاپ موٽي وڃان هــا. هن تــه رنو پئي! مون ساڻس اکر به ڪونه ڳالهايو، ۽ وڃي هنڌ تي پيس. هن اچي منهنجا

ٻوٽ لاٿا، ڪپڙا ڪليءَ ۾ ٽنگيا. ڪير جو گلاس کڻي آئي. مون پيئڻ کان انڪار ڪيو ته وري منهنجي مٿي کي زور ڏيڻ لڳي. زبان سان ڪجهه به نه ڪڇيائين .... جيڪڏهن هڪڙو اکر به ڪڇي ها ته ماري وجهانس ها!"

هو يڪدم چپ ٿي ويو، ۽ مون ڏانهن نهارڻ لڳو. ٻئي ڪمري ۾ چوڙين جو ڇڻاٽ ٿيو. ايتري ۾ ساوتري اندر آئي. ميز تان دوا جي شيشي کڻي، ڪوپ ۾ دوا جو وزن وجهي، سرمڪ کي ڏنائين. جڏهن هن دوا پي لاٿي، تڏهن ساوتريءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ڪيس چيو: "هاڻي پلا کير کڻي اچان؟"

"نه."

"صبح کان وٺي ڪجهه نه کاڌو اٿو!"

"ٻڌئي ڪونه، مون ڇا چيو؟" سرمڪ تڙڪي ڏيندي چيو. وڃي هوڏانهن ويهه!"

ساوتري ڪنڌ هيٺ ڪري، ڳرا ڳرا پير کڻي ويئي. مون کي سرمڪ جي اها روش اصل ڪانه وڻي. پر آءٌ چپ هوس.

"ڏٺئه؟" سرمڪ چيو. "هيءَ هاڻي مون تي راڄ ڪرڻ ٿي چاهي! آءٌ اهو راڄ ڀاڄ ڪونه سهندس. اهو سرمڪ اڃا جائو ئي ڪونهي، جيڪو عورت جو غلام ٿي رهي. آءٌ ته اڃي ڦاڙو آهيان! رڳو اهو خيال ٿو ٿئيم ته نڪا آهي چالاڪ جو پنهنجو پاڻ کي سنڀالي سگهي، نڪو آهيس ڪو ڏٽي ڏوٽي جو هٿ وڪيس؛ نه ته گهٽا ڏينهن اڳ ڪيدي ڦٽو ڪريانس ها!"

هو ٿوريءَ دير لاءِ چپ ٿي ويو. وري چوڻ لڳو: "مون توکي اهو ته ٻڌايو ئي ڪونه ته ساوتري مون وٽ ڪيئن آئي. ڪشني کي سڃاڻين نه؟ شايد ڪونه سڃاڻين. پهرين هيءَ ڪشني وٽ هئي. الائي ڪٿان وٺي آيو هوس. تڏهن هوءَ سورهن- سترهن سالن جي هوندي هئي. چار- پنج سال ان وٽ رهي. آءٌ ان جي گهر ايندو ويندو هوس. هن کي ڏسي، منهنجي دل ۾ ڪيترائي پيرا خيال آيو ته ڪشني کي ماري ڇڏيان. ههڙي سهڻي، جنهن جو انگ انگ

چڱ ڀلي رهيو هو! ڪشن چوندو هو ته منهنجي ڏاڍي خدمت ڪري. پر ڳوٺ جي هڪ ڇوڪريءَ تي دل ڏئي ويٺس، ان کي آڻي گهر ۾ ويهارياڻين ۽ ساوتريءَ کي ڪڍي ڇڏيائين. ان ڏينهن شام جو آءٌ ڪشني جي گهر ويو ويس ته ساوتري گس ۾ گڏيم. جڏهن ٻڌايائين ته گهر مان نڪتل آهي، ته آءٌ هن کي پاڻ سان گڏ وٺي آيس. تڏهن منهنجيءَ دل ۾ ڪوبه جهڙو تهڙو خيال نه هو. مونکي هن ابوجهه تي ڏاڍو قياس آيو.“

سرمک خشڪ چپن تي چپ ڦيرائي چوڻ لڳو: ”پهرين ته هن کي جدا ڪمري ۾ سمهارڻ لڳس. هڪڙيءَ رات، اوچتو منهنجي اک کلي ته محسوس ڪيم ته آءٌ ساوتريءَ لاءِ ئي جاڳيو آهيان. ان رات ڏاڍو مينهن پئي پيو، رکي رکي ککرن جا ڪڙڪات ۽ وچ جا چمڪاٽ پئي ٿيا. مون ڪجهه وقت هنڌ ۾ پئي سوچيو، پر پوءِ رهي نه سگهيس. اٿيس، ساوتريءَ واري ڪمري ۾ ويس. ساوتري ڏاڍي الوٽ ۾ هئي. آءٌ سندس بستري تي ويٺس. پهرين ته هن کي هٿ لائڻ ۾ هٻڪ ٿيم. پر چيم، ’سرمک! ڊڄين ڇو ٿو، ڪشني وٽ به ته رهي آهي؛ هينئر تنهنجي گهر ۾ آهي. سڀ سمجهي ٿي. نيٺ به ته عورت آهي. هل، ڪر شروعات!‘ .... ۽ آءٌ واهگرو چئي، ساڻس ليٽي پيس. هوءَ ڇرڪ ڀري جاڳي پيئي، ۽ اوندهه ۾ مونکي گهوري ڏسڻ لڳي. مون چيو، ’آءٌ آهيان ـــ‘ هوءَ سوڙهي ٿيڻ لڳي. منهنجي اندر ۾ ٽانڊا پئي ٻريا. هوءَ سوڙهي سوڙهي ٿيندي پئي ويئي. مون دل ۾ چيو، ’ميان، وارو ڪر! ڏسين ڇا پيو؟‘ ۽ ڪٽي هن جي چيلهه ۾ هٿ وڌم. پهرين ته هوءَ ميڄيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳي، پر نيٺ ٺڏي ٿي ويئي. مون خوامخواهه گپ شپ ڪرڻ شروع ڪري ڏني. پر هٿ کي جو ٿورو وڌيڪ ڇوٽ ڇڏيم، ته لڄي ٿي چيائين، ’توهان چوندا ته ڪا بدمعاش آهي!‘ آءٌ ته ان مهل چڱ ڪوسي تيل جي تئي ۾ پئي ٽهڪيس، سو جهٽ چيم: ’نه نه، آءٌ ڪوگڏهه ٿوروئي آهيان!‘ هن مشڪي ڏنو، وري ڪجهه به نه ڪڇيائين. ائين پڪڙجي پيئي، چڱ ته ڪيترن ورهين کان مون سان

گڏ هئي.... صبح جو جڏهن منهنجي اک کلي ته ڏٺم ته پوڇا پاٺ پئي ڪيائين. سونکي پنهنجو پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. آءٌ اٿي، ڪمري مان هليو ويس.... ٻيءَ رات هن وٽ وڃڻ لاءِ سونکي همت ئي نه پئي ٿي، ۽ ننڊ به نٿي آئي. هنڌ تي پئي پاسا ورايم، ته هوءَ اچي ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺي. مون ڏانهنس نهاريو، ۽ پٽ تي ٽنگيل فوٽوءَ ڪي ڏسڻ لڳس. ڪيترو وقت، ٻئي چپ چاپ خاموش هئاسين. آءٌ هنڌ تي ليٽيو رهيس، ۽ هوءَ بيٺي رهي. پوءِ مون پڇيومانس 'ڇا ڳالهه آهي؟' هن ڏک ڀريل اکين سان نهاريندي چيو، 'توهان ڪاوڙيل آهيو مون سان؟' 'نه، بلڪل نه.' آءٌ واقعي هن کان ڪاوڙيل ڪونه هوس. 'ته پوءِ....' آءٌ هن جو مطلب سمجهي ويس، ۽ ڪرائيءَ مان جهلي کڻي هنڌ تي ليٽايومانس. سڄي رات هوءَ روئندي ۽ کلندي رهي، ۽ آءٌ هن کي ڏسي عجب کائيندو رهيس. پوءِ اسين هڪ ئي ڪمري ۾ سمهڻ لڳاسين."

سرمک چپ ٿي ويو. آءٌ ساوتريءَ جي باري ۾ سوچڻ لڳس:

'ڪهڙي ڇوڪري آهي! چار سال هڪ مڙس سان رهي، هاڻي ٻئي سان گڏ پئي رهي.... اها شرافت آهي؟ معصوميت آهي؟ الغرضائي آهي؟ هوءَ آخر هن زندگيءَ لاءِ ڇا ٿي سوچي؟ پر ڪيس بدچال، بدڪار يا بدمعاش به ته ڇئي نٿو سگهجي.... ته ڇا، شرافت ۽ جسماني لاڳاپو، ٻه جدا جدا شيون آهن؟ ڇا، ان عورت کي نيڪ ڇئي سگهجي ٿو، جا سواءِ شاديءَ جي جدا جدا مڙسن سان گڏ جسماني لاڳاپو رکي سگهي؟'

جڏهن آءٌ وڃڻ لڳس، تڏهن ساوتري ڏيڍيءَ جو دروازو بند ڪرڻ آئي. سونکي دروازي تي بيهاري، چوڻ لڳي: "ادا، پاڻ توهان جي گهڻي عزت ٿا ڪن، توهان کين سمجهايو." آءٌ سندس ڳوڙهن ڀريل اکيون ڏسي خاموش بيٺو رهيس. وري چوڻ لڳي: "سونکان ته نفرت ٿي پيئي اٿس. منهنجي ته ڪابه نٿو ٻڌي. بيماريءَ ۾ به شراب ٿو پيئي!" لڙڪ هن جي ڳلن تان وهڻ لڳا. "آءٌ جهليانس ٿي ته چوي ٿو ته نڪري وڃ منهنجي گهر مان! آءٌ

چوانس ٿي، چڱا ڀلا ٿيو ته هلي ويندس. توهان ئي ڪجهه ڪريو.
آءٌ هت ٿي ٻڏانوَ!" ڀاڄائي انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه چئي نه
سگهي، ۽ آءٌ نه-ڪڇندڙ وکن سان ٻاهر نڪري ويس.

* * *

ٽورن ڏينهن کان پوءِ، هڪ ڏينهن شام جو ساوتري بازار ۾
مليم. هوءَ ڏاڍي ڏٻري ۽ بيمار ٿي لڳي. سندس هيڊو، اکيون خشڪ،
گم سم، وار منجهيل، پيرن ۾ ڏڪٽي، ڦٽپاٿ تان دڪانن ۾ جهاتيون
پائيندي پئي ويئي.

"ڀاڄائي!" مون سامهون اچي سڏ ڪيومانس. هن ڇرڪجي
مون ڏانهن ڏٺو، ۽ يڪدم روئي ڏنائين. منهنجي دل ۾ ڪيترا وهم
اٿڻ لڳا، ڊپ جا پاڇا ڦرڻ لڳا، ۽ آءٌ سندس واتان ٻُري خبر ٻڌڻ
کان ئي ڏڪي رهيو هوس.

"هو گڏيو اٿوَ"

"نه، مونکي نه گڏيو آهي، ڇا ٿيو آهي؟"

"ڇهن ڏينهن کان گهر نه آيو آهي!"

"ڇا ٿيو؟"

"مونکي ته ڪجهه به نه چيائين. بس، هڪ ڏينهن صبح جو
جيئن ويو، تيئن وري نه آيو!"

مونکي محسوس ٿيو ته ساوتريءَ کي بيهڻ ۾ تڪليف ٿي
رهي هئي. اسين هڪ هوٽل ۾ وڃي ويٺاسين. زور ڪرڻ تي هن
چانهه جو ڪوپ پيتو. آءٌ سمجهي ويس ته سرمک هن کي هميشه
لاءِ ڇڏي ويو آهي؛ هاڻي وري ڪڏهن نه ايندو. هو ڪيس ڪيڏي نه
سگهيو، پر پاڻ هليو ويو. پر مون ساوتريءَ اڳيان پنهنجو اهو خيال
ظاهر نه ڪيو. اوچتو ساوتري ڪوپ تان اکيون هٽائي، مون ڏانهن
نهارڻ لڳي. اهي اکيون سانوڻ جي ڪڪرن جيان هيون، ڇڻ
اجهو ٿيون وسن. هن چيو: "ادا، مون ۾ ڪهڙو عيب آهي؟ هي
سڀ مون کان پري ڇو ٿا ڀڄن؟ آءٌ ته ڪنهن کان ڪجهه به نٿي
گهران، ۽ نه ڪنهن کي ڪجهه چوان ٿي. سندن خوشي، پنهنجي

خوشي ٿي سمجهان. پوءِ به.... ڀڳوان منهنجي قسمت ئي اهڙي ڏاهي آهي، ان ۾ ڪنهن جو به ڏوهه ناهي.“ هن جون اکيون ڇلڪي پيئون. آءٌ چپ چاپ ويٺو ڏسندو رهيس. منهنجي اڳيان هڪ ئي رستو هو ته هن کي گهر پهچايان ۽ کيس دلاسي ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان ته سرمک کجهه ڏينهن ۾ موٽي ايندو. مون ائين ڪيو.

اسين سرمک جي گهر پهتاسين ته گهر جي حالت ڦٽل هئي، ڄڻ اتي هاڻ جِنَ رهندا هئا. سٽ گلي جي ول اڳي جيان پکڙيل هئي، پر تُلسيءَ جو ٻوٽو ڪوماڻيو پيو هو. ڪونڊيءَ کي ڏسي، ائين ٿي لڳو ته ڪيترن ڏينهن کان پاڻي نه مليو اٿس. اڱڻ ۾ گند ڪچرو پکڙيل هو. رنڊڙي جي حالت مان معلوم ٿي ٿيو ته ان ڏانهن ڪنهن ڌيان ئي نه ڏنو آهي. مون ساوتريءَ ڏانهن نهاري چيو:

”ڀاڄائي، بک لڳي آهي؟“

”گهر ۾ ته کجهه ڪونهي.“

”چڱو، آءٌ اجهو ٿو اچان.“

ائين چئي، ٻاهر ويس. جنهن دڪان تان هو سيڌو وغيره وٺندا هئا، ان کي ڏهه سير اٽي موڪلڻ لاءِ چئي، بازار مان ڀاڄي وٺي آيس. ڏٺم ته اڱڻ ۾ اجاگر ويٺو هو. مونکي ڏسي، نمسڪار ڪري چيائين: ”چڱو ڪيوَ جو توهان آيا، ڀاڄائي ته ڪاڻ پيڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي! توهان ئي کيس سمجهايو.“ آءٌ عجب مان ڪٺ تي ويٺل ساوتريءَ کي ڏسڻ لڳس. کيس اجاگر ته ٻنهه ڪونه وڻندو هو. جڏهن هو سرمک جي هوندي گهر ايندو هو ته هوءَ اٿي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويندي هئي. ڪيترا ڀيرا سرمک کي چيو هئائين ته ’اهڙن سنگتين کي گهر ۾ نه آڻيندو ڪر!‘ مونکي به چيو هئائين: ’ادا، اجاگر جي اکين ۾ الاجي ڇا آهي جو مونکي ڪانئس ڊپ ٿو لڳي!‘ ۽ ان مهل اجاگر اڱڻ ۾ ڪرسيءَ تي ائين ويٺو هو، ڄڻ ته گهر جو مالڪ هو. سرمک جي وڃڻ ڪري شايد هن کي ڊپ لهي ويو هو. آءٌ ول ۾ چرچر ڪندڙ جهرڪين کي ڏسڻ لڳس. اجاگر ڏاڍي نرم ۽ غمگين نموني ساوتريءَ سان همدرديءَ جو اظهار

ڪرڻ لڳو. هن جي ڳالهين مان ائين ٿي لڳو ته هو پهرين به اتي اچي چڪو هو:

”مون پاڻ توهان سان ملڻ ٿي گهريو. توهين ٿي پاڇائيءَ کي سمجهائي سگهو ٿا.“

”ڇا؟“

”اهوئي، ته پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ڪرڻ مان ڪوبه فائدو ڪونهي.“

هڪ پل لاءِ هو مونکي ڏسندو رهيو. پوءِ مونکي پاڻهن کان جهلي اندرئين ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ راز واري نموني ۾ چيائين:

”هاڻي سرمڪ ڪونه ايندو!“

اهو ته مون پهرين ئي سمجهيو هو. پر وري پڇيم: ”ڇو؟“

اجاگر پاهر ويٺل ساوتريءَ ڏانهن نهاريندي چيو: ”ڪجهه ڏينهن ٿيا تـه پاڳان جيل مـان ڇٽي آهـي. ان کي آفيم ۽ ناجائز شراب رکڻ ۾ سزا ملي هئي. هفتو کن ٿيو ته هوءَ سرمڪ سان ملي، ۽ هو ڪيس وٺي، الائي ڪيڏانهن هليو ويو آهي.“

”ڪٿي؟“ مون پڇيو.

”اها ته خبر ناهي. ايترو چئي ويو تـه ساوتريءَ جو خيال رکجو، ۽ توهان سان ملڻ لاءِ به چئي ويو.“

مون جواب ۾ ڪنڌ جهڪايو. هڪ مشڪل ته آسان ٿي. هاڻي مونکي ساوتريءَ جي ڳڻتي اچي لڳي. هاڻ هوءَ ڇا ڪندي، ڪيڏانهن ويندي؟ هوءَ پنهنجن پيرن تي بيهي ڪانه جاڻي؛ پنهنجي لاءِ جيئڻ ته هن کي اچي ئي ڪونه!

”هيءَ جاءِ هو ساوتريءَ جي نالي ڪري ويو آهي. ڪاغذ ساوتريءَ وٽ آهن.“

مون کي اهو ٻڌي ڪنهن حد تائين تسلي ٿي.

انهيءَ ڏينهن ساوتريءَ سان وڌيڪ ڳالهائڻ کان سواءِ ئي آءٌ موٽي آيس. اجاگر به گڏ هليو آيو. واٽ تي ساوتريءَ جي ڳالهه ٿيندي رهي. اجاگر سندس تعريفون ڪندو هليو. ان جي اڪيلائيءَ

۽ تندرستيءَ جو غم جڻ تہ هن کي کائي رهيو هو. ڪيس سندس آئيندي جي ڏاڍي ڳڻتي هئي. مون کي اجاگر جون اهي ڳالهيون صفا نہ وڻيون. انهن ۾ سچائي نہ هئي؛ خود- مطلبيءَ جي بوءِ پئي آئي. هو شايد مون کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. آءٌ ماٺ ۾ هن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيس. رستي جي وڪڙ وٽ اچي، اسين جدا ٿياسين.

* * *

ٻئي ڏينهن شام جو ويس، تہ ساوتري اڱڻ ۾ ليٽيل هئي. آءٌ هن کي سرمک جي باري ۾ ٻڌائڻ ويو هوس. هن کي ڏسي، منهنجو ارادو ڍرو ٿيڻ لڳو. ڪرسي کڻي، هن جي ويجهو ٿي ويٺس. هوءَ اٿي ويهي رهي ۽ سٿي تي ساڙهيءَ جو پلاند ڍاهي رکيائين. سيري ساڙهي، هيڊو منهن، اداس اکيون، ۽ پريشان وار— هوءَ ڊهي پئي هئي.

”هيءَ ڪهڙي حالت بنائي آٿوَ، ڀاڄائي؟“

هوءَ وري روئڻ لڳي.

”ڏسو، ڀاڄائي، اهڙي نموني روئڻ سان ڇا ورندو؟“ مون چيو. ”چڱو، هڪڙي ڳالهہ ٻڌاءِ: سرمک توکي ڪجهہ چيو هو؟“

هن انڪاري نموني مٿو لوڏيو. چوڻ لڳي: ”پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ تہ ڳالهائيندوئي ڪونہ هو. رات جو بہ ڪونہ ايندو هو. نہ تہ اڳي تہ ڪڏهن بہ ٻاهر نہ رهيو. منهنجو خيال آهي، هن کي ڪا ٻي ساٿي وٺي ويئي هئي.“

مون وجهہ ڏسي چئي ڏنو: ”هو ڪنهن کي پاڻ سان گڏ وٺي هليو ويو آهي، ۽ هاڻي شايد ڪڏهن بہ نہ اچي.“

ساوتريءَ مون ڏانهن نهاريو. اکيون کڻي هيٺ ڪيائين.

ان وقت اجاگر بہ اچي ويو. هن جي هٿ ۾ ٻہ سوني ساڙهيون، هڪ سوٽ جو ڪپڙو، رئو ۽ ڪوٽيءَ جو ڪپڙو هو. سڀئي ساوتريءَ جي پيرن ۾ رکي، اندران پنهنجي لاءِ ڪرسي کڻي آيو، ۽ منهنجي ويجهو ويهندي چيائين: ”سرمک منهنجو سنگتي هو،

منهنجي جيئري ڀاڃائيءَ کي ڪابہ تڪليف نہ پهچندي.“ هن مون ڏانهن نهاريو: ”توهان بہ ايندا رهجو، ڀاڃائي توهان جي گهڻي عزت ڪندي آهي.“

اجاگر جي اچڻ کان پوءِ آءٌ اتي گهڻو نہ ويهي سگهيس ۽ اٿي آيس. منهنجو خيال هو تہ هو بہ مون سان گڏ اٿي ايندو، پر هو مون سان هٿ ملائي، پنهنجيءَ جاءِ تي ويهي، مون کان بيخبر ٿي ويو. آءٌ ساوتريءَ تي هڪ نظر وجهي هليو آيس.

* * *

ان ڏينهن منهنجو ننڍو سالو ۽ ان جي زال آيل هئا. هفتو کن ٽڪي پيا، تنهنڪري آءٌ ڪيڏانهن بہ وڃي نہ سگهيس. انهن جي وڃڻ کان پوءِ مون کي ساوتريءَ جو خيال آيو پڇتاءُ جو احساس ٿيم تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ- بہ دفعو ٿي اچڻ ضروري هو، خبرناهي ويچاري ڪهڙي حال ۾ هجي. نيٺ وڃي ويس. هن جي جاءِ جي ويجهوئي اجاگر ملي ويم. مون ساوتريءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ٿي گهريو، پر هاڻي ڪو چارو ئي ڪونہ هو.

”هيترا ڏينهن توهان نہ آيا، ساوتريءَ توهان کي ڏاڍو ٿي ياد ڪيو.“ اجاگر جي واتان ڀاڃائيءَ جي بدران ’ساوتريءَ‘ جو اکر ٻڌي، عجب لڳم. مون هن ڏانهن نهاريو. هـو نهايت تسليءَ سان مشڪي رهيو هو.

مون خوامخواه جواب ڏيڻ جـي خيال کان چيو: ”منهنجا ڪي مائٽ آيل هئا، انهيءَ ڪري ڪم ۾ رڌل هـوس. ڀاڃائي ڪيئن آهي؟“

هن مشڪي، مٺون وٺي چيو: ”هاڻي خوش آهي. توهان تہ وساري ڇڏيس!“ هـن جي ڳالهائڻ ۾ ٽوڪ هئي. ”ڏاڍي مشڪل سان سمجهايو اٿمانس. اڳي تہ بيواهن زالن وانگر سـُوءَ سان ويٺي هئي.“ جملو پورو ڪري، کلڻ لڳو. مون کي اجاگر جي اها کل بلڪل خراب لڳي. ڪنهن جـي ڏک جو مذاق آڏائڻ ڪا مٺي ڳالهہ آهـي؟ ساوتـريءَ سان تـہ مـون کي بيحـد همدردي هئي ۽

پنهنجائپ جو احساس ٿيندو هوم.

”هل، گهر هلون. ساوتريءَ سان هلي مل.“ هن اهي اکر ڪجهه اهڙي نموني چيا، ڄڻ پنهنجي گهر هلڻ جي دعوت ٿي ڏنائين. هن جي انهيءَ انداز ۾ پوري خوداعتمادي ۽ فتح جو احساس هو. مون ڪجهه چوڻ مناسب نه سمجهيو ۽ هن سان گڏ وڃڻ لڳس. هو سڄي واٽ ساوتريءَ جي سٺين ۽ خراب عادتن ۽ معصوميت وغيره جون ڳالهيون ڪندو هليو، ۽ هرڪنهن ڳالهه تي ڪلي ٿي چيائين: ”پر آهي پارا!“

جڏهن اسين گهر پهتاسين، تڏهن ساوتريءَ تلسيءَ جي پوٽي کي پاڻي پئي ڏنو. هن جي صحت اڳي کان سٺي هئي. وار سنواريل، سائي رنگ جي ساڙهي، ساڳئي رنگ جو بلائوز، ۽ پيرن ۾ نئون چمپل هوس. مون کي ڏسي، مشڪي، هٿ ٻڌي ”نمستي“ چيائين. اجاگر مون کي ويهڻ لاءِ چئي، پئي ڪمري ۾ ويو — ڄڻ پنهنجي ڪمري ۾ پئي گهميو. هن ڪوٽ لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگيو ۽ تختي تي ڪجهه ڳولڻ لڳو. آءٌ ٻاهر ويهي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس. سڀڪجهه ساڳيو هو. هن گهر ۾ اڳڻ ۾ ڪيترا پيرا اچي ويٺو هوس: اهائي ساوتري هئي، ۽ اهوئي تلسيءَ جو پوٽو، جو پهرساڻو ٿيو هو؛ اهائي ست ڳلي جي ول، جنهن کي هاڻي وڏيو وڏو هو؛ اهوئي رنڌڻو اهي ئي پتيون، اهائي ساوتري.... پر تڏهن به هن ماحول سان پيائيءَ جي بوءِ پئي آئي. مون کي احساس پئي ٿيو ته آءٌ ڪنهن ڏاريءَ جاءِ تي آيو آهيان؛ اهڙن ماڻهن سان پيو ملان، جن سان اڳي ڪڏهن به ڪونه مليو آهيان.

”جيڪو خط صبح جو ڏنو هئائين، سو ڪٿي آهي؟“ اندران اجاگر چيو.

”فوٽوءَ جي پٺيان رکيو آهي“ ساوتريءَ جواب ڏنو.

پنهي جي ڳالهائڻ مان سڄي ڳالهه سمجهي ويس. مون کي اجاگر کان وڌيڪ، ساوتريءَ تي ڪاوڙ لڳي. دل ۾ آيم ته اڳڻ تي ٿڪي هليو وڃان.

اهوئي پئي سوچيم تہ آجاگر ٻاهر آيو. مون ڏانهن ڏسي چيائين: ”هاڻ آءٌ هتي ئي رهندو آهيان.“

مون ساوتريءَ کي ڏٺو. هن اکيون هيٺ ڪري، انهيءَ جي تصديق ڪئي.

”چانهہ ڏاهہ.“ آجاگر ساوتريءَ کي چيو.

”آءٌ چانهہ پي آيو آهيان.“ مون چيو.

”ٻيو ٻہ ڪوپ کڻي پيو.“

”نہ.“

ساوتريءَ ڪجهہ نہ ڪڇيو ۽ ماٺ ميٺ ۾ رنڌڻي ۾ هلي ويئي. هن کي ائين ڪنڌ لٽڪائي ويندو ڏسي، مون کي پنهنجي کهري ڳالهائڻ جو احساس ٿيو. مون پاڻ تي لعنت وڌي. ’مونکي ڪهڙو حق آهي ان سان ائين ڳالهائڻ جو؟ آءٌ ڇو ڪانئس ڪاوڙيو آهيان؟ ڪهڙي ارٻع خطا ٿي پيئي؟ پهرين هوءَ ڪشني وٽ رهندي هئي، پوءِ هن کي سرمک وٺي آيو، هاڻي آجاگر هن جي زندگيءَ ۾ آيو آهي: هوءَ اهڙي تہ معصوم، سادي، اڻوجهہ ۽ ڪمزور آهي، جو پاڻ ڪجهہ نٿي ڪري سگهي؛ پنهنجي لاءِ ڪو بہ فيصلو نٿي ڪري سگهي؛ هن جي وس جي ڪا بہ ڳالهہ ناهي.... هوءَ جوان آهي، سهڻي آهي، اڪيلي آهي: ٻيلا، سواءِ همدرديءَ جي ٻيو هن کي ڇا ڏو ڏيئي سگهان! پوءِ مون کي ڪاوڙجڻ جو حق ناهي.‘

آجاگر چپ چاپ مون ڏانهن پئي نهاريو: ”ڪهڙي ويچار ۾ آهيو؟“

”ڪجهہ نہ، ڪاليج جي هڪڙي ڳالهہ ياد اچي ويئي.“

آجاگر سوچي چيو: ”مون خيال ڪيو تہ هن نموني هر روز اچڻ سان ساوتري بدنام ٿيندي، سو ڇو نہ هتي اچي رهان. ساوتريءَ کي بہ اڪيلائيءَ ۾ ڊپ ٿو لڳي. ٻيو تہ هن نڪي کاڌو پيتو ٿي، نڪي پنهنجو ڪو خيال ٿي ڪيائين.“

”ها، اڪيلائيءَ ۾ برابر هن کي تڪليف ٿيندي هوندي.“ مون ڏوڪ نموني چيو.

پر هن منهنجيءَ ٽوڪ کي نہ سمجهيو، ۽ ڦونڊ ۾ پڙجي چيائين: ”جي ها! مون بہ اهوئي سوچيو.“

آءٌ واچ ۾ نہائيم ڏسي، اٿيس: ”مون کي هڪ هنڌ وڃڻو آهي، آءٌ هلان ٿو.“

”ڪڏهن تہ اچجو پيا.“ آجاگر چيو.

آءٌ سچي وات ويچاريندو رهيس تہ آجاگر ڇو مون کي پنهنجي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش پيو ڪري. آءٌ سرمک جو دوست برابر هوس، ساوتريءَ سان بہ واقفيت هيم، سرمک جي ڪري ئي آجاگر کي سڃاڻندو هوس، تنهن هوندي بہ هو ڪڏهن ايترو منهنجي ويجهو ڪونہ ٿيو هو. شايد هن کي سرمک جو خيال هو، ۽ مونکي گهر ۾ اچڻ وڃڻ جي موڪل ڏيئي، دوستيءَ جو فرض پورو ڪري ڪيائين.

خير، مون اتي اچڻ وڃڻ گهٽائي ڇڏيو. مهينن جا مهينا اوڏانهن منهن بہ نہ ڪندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ساوتري رستي ويندي ملندي هئي، تہ ٻہ-ٽي منٽ هڪ پاسي بيهي ڳالهائيندو هوس. بس، ائين، بنا ڪنهن مطلب جي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي، جنهن جو اسان جي زندگيءَ سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو هو. آءٌ محسوس ڪندو هوس تہ درحقيقت آءٌ چوڻ پيو ڪجهہ گهرندو هوس، پر هي ڳالهيون رڳو ٽارڻ لاءِ پيو ڪريان. هن جون اکيون بہ چغلي پيون هڻنديون هيون تہ هوءَ بہ پاڻ تي زور ڪري بي‌مطلب ڳالهيون پيئي ڪري، جن جو هن جي دل سان ڪو لاڳاپو ئي ڪونهي. نہ هن پنهنجي گهرو زندگيءَ جي باري ۾ ڪي ڳالهايو، نہ مون ئي ڪجهہ پڇڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي: نہ هن ئي گهر هلڻ لاءِ ٿي چيو، نہ آءٌ ئي ٿي ويس.

* * *

هڪ ڏينهن صبح جو، هوءَ مون کي سيتلا مندر ۾ نظر آئي. شايد نوراتريءَ جو ڏينهن هو. آءٌ پنهنجيءَ زال جي زور ڪرڻ تي ساڻس گڏ مندر ۾ ويس. ساوتريءَ کي ڏسندي، آءٌ ڏورو بڇي ويس.

جيڪڏهن هن منهنجيءَ زال سان ملڻ جي خواهش پوري ڪئي، ته منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي! آءٌ ڪملا کي ڇا چئي سمجهه ڏيندس؟ ساوتري منهنجي زال کي ۽ ٻار کي غور سان پئي ڏٺو. هوءَ اسان ڏانهن پئي آئي. هن جو هر قدم منهنجي دل جي ڌڙڪڻ کي تيز ڪندو پئي ويو. آءٌ هن کي اشاري سان به منع ڪري نٿي سگهيس؛ ڇو ته ان محل مندر ۾ گهڻيون زالون ۽ مرد اچي وڃي رهيا هئا، ۽ ڪملا لڳاتار پنهنجيءَ ڪنهن مائيٽاڻيءَ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو پئي، سو ان ڏانهن ٿورو بيٺيان ٿيان ها ته ڪيس شڪ پوي ها. ساوتري اسان جي ڀرسان لنگهي ويئي. مون کي بدن ۾ ڪجهه ساهه پيو. اڳيان وڃي، شايد هن ڪملا ڏانهن نهاريو. ڪملا به ڇرڪ ڀري پٺيان نهاريو، ۽ پنهنجي ڳالهه وساري پڇيائين:

"هيءَ ڪير ڇوڪري آهي؟"

"مون کي ڪهڙي خبر، هوندي ڪا تنهنجي ساهيڙي وغيره."

"مون کي ته منهن نٿي لڳي، شايد اسڪول يا ڪاليج ۾ گڏ پڙهي هجي." ڪملا هن کي نظرانداز ڪندي، وري ساڳي آکاڻي ڪٿي ويٺي.

* * *

ڪن ڏينهن کان پوءِ، ساوتري بازار ۾ مليم. هڪ دڪان تان ڀاڄي پئي ورتائين. آءٌ به ڀاڄي وٺڻ ويو هوس.

هن واڱڻ ورتا، ته مون کلي چيس: "ڀاڄائي، توهان ته واڱڻ کائيندا ئي ڪونه آهيو!"

"هُن کي وڻندا آهن."

آءٌ هن ڏانهن ڏسي، چپ ٿي ويس. اوچتو چيائين: "ان ڏينهن مندر ۾ توهان سان گڏ ڀاڄائي هئي نه؟" وري مشڪندي چيائين: "آءٌ ڏسڻ سان ئي سمجهي ويئيس! سهڻي آهي. ڪاري ٻارڊر واري ساڙهي ڏاڍي ٺهيس ٿي. توهان جو ڪڪو به سٺو هو. ڪيئن نه توهان جي آڱر کان جهلي پئي هليو. توهان شايد ڪيس ڪجهه ٻڌايو پئي؟"

”ها، ٽلاءَ جي ميڇين جو پٽي پڇيائين.“

”ڇا؟“

”ٽہ مڇيون ڇو ٺٽيون ٻڌن.“

هن کلي ڏنو: ”گهر ۾ اديءَ جي دل وندرايو ويٺو هوندو.“ پوءِ مون ڏانهن نهاري چوڻ لڳي: ”توهان تہ تنهن ڏينهن مون کي آتي ڏسي ڊڄي ويا؛ اک بہ ڪانہ ملايو! توهان ڀانيو هوندو تہ متان آءٌ توهان کي روڪيان.“ ائين چئي، کلي ڏنائين — هڪ زخميل دل جي ٽِڪي کل، جيڪا منهنجي دل ۾ خنجر جيان ٿي ٻجي ويئي. ”آءٌ هروڀرو ڪا اهڙي بيوقوف تہ ناهيان!“

شرم کان منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. هو سادي سودي، اڻپڙهيل ڇوڪري، پنهنجي دل جي گهرائين سان ڪجهہ ڪوني ڪٿي آئي هئي، ۽ نهايت ئي اپوجهائيءَ سان هڪ ڀرپور چماٽ منهنجي منهن تي وهائي ڪٿي ڪيدي هئائين.

”مون کي خبر آهي، هوءَ مون سان ڇو نٽي ملي سگهي. انهيءَ ڏينهن ئي سمجهي ويئي هيس، جڏهن پاڻ ڇيو هئاڏون تہ هوءَ اسان جي گهر نٽي اچي سگهي. آءٌ خراب جو آهيان!“ هوءَ يڪدم آداس ٿي ويئي. ”ڇڱو، ڇڏيو انهيءَ ڳالهہ کي. هڪ ڳالهہ ٻڌايو: جي آءٌ توهان جي ڪڪي لاءِ سوئيٽر ٺاهيان تہ توهان ڪٽي ويندا؟“ هن مون ڏانهن نهاريو. مون کي پنهنجيءَ زال جي سوال جو خيال آيو. هوءَ شايد منهنجي حالت کي سمجهي ويئي. چيائين: ”اديءَ سان ڪو بهانو ڪجو. توهان جا تہ گهڻائي سنگتي آهن، ڪنهن جو ڪٽي نالو وٺجو. ڳاڙهو ٺاهيندس، نيريءَ ڇڏيءَ تي تمام سهڻو لڳندو. ٺاهي ڏيندس، هان!“

آءٌ ڪجهہ نہ چئي سگهيس. پوءِ اسين جدا ٿي وياسين. ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. نہ ساوتريءَ سان گس - پنڌ ملاقات ٿي، نہ آءٌ سندس گهر ويس.

* * *

هڪ شام جو آجاگر گڏيو، هو رڪشا ۾ هو. مون کي ڏسي،

رڪشا بيهاري، ويجهو آيو:
”ڪٿي آهيو؟ ڪڏهن ملڻ به نه آيا! آءٌ ڪٿي توهان جو دوست ناهيان، پر ساوتريءَ سان تـه ملڻ اچو ها!“ يڪساهيءَ ڪيترئون ڳالهيون چئي ويو: ”هينئر ڪيڏانهن پيا وڃو؟“
”گهر پيو وڃان.“
”نه اچو، ڪٿي هلي ويهون.“
هو مون کي زوريءَ رڪشا ۾ چاڙهي وٺي ويو. وات تي ديسي گُٽي مان هن هڪ بوتل ورتي. اسين هوٽل ۾ وڃي ويٺاسين. مئنيجر شايد سڃاڻو هوس. اڳاڳرڪي ڏسي مشڪيو، ۽ بيري کي چيائين ته اسان کي ڪمري نمبر ٧ ۾ پهچائي. مون پنيان پت تي لڳل تختي تي اکر پڙهيا: ”هوٽل ۾ شراب پيئڻ جي سخت منع آهي“؛ ۽ مشڪندي، اڳاگر سان گڏ ويس. هر ڪمري مان ٺهڪن ۽ شيشن جي ٽڪرجڻ جا آواز پئي آيا. ڪنهن ڪنهن دروازي پنيان ڪنهن عورت جو ڌيمل ڌيمل آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو.
ڪمري نمبر ٧ مان شايد اڃهو هينئر ڪو اٿي ويو هو. ڪمري ۾ ڇيڙائيل هڏيون ۽ سگريٽن جا ٽوٽا پيل هئا. فضا مان شراب ۽ سگريٽ جي ڌپ پئي آئي. هنڌ تي پيل وهاڻي ۾ ڪنڊ تي پيئي هئي، جڻ ڪوگهڙي وقت کان مٿو رکيو ستو پيو هو.
منهنجي لاءِ ڪوڪاڪولا گهرائي، اڳاگر پاڻ لاءِ هڪ وڏو پئگ ٺاهيو ۽ يڪساهيءَ گلاس خالي ڪري، مڇن کي صاف ڪندي، چيائين: ”پروفيسر صاحب، توهان سرمڪ جا يار آهيو، تنهنڪري منهنجا به . هو توهان جي عزت ڪندو هو، آءٌ به ڪريان ٿو.... هو پنهنجو يار هو.“ هن وري پيو پئگ ٺاهيو ۽ اڌ گلاس پي چيائين: ”توهان اچڻ ڇو بند ڪيو؟“
مون سمجهيو تـه هاڻي هـي نشي ۾ آهـي، انهيءَ ڪري مشڪي چيومانس: ”نه نه، اها ڳالهه ڪانهي. گهر جي ڪمن مان واندڪائي نٿي ملي.“
هو کليو. گلاس خالي ڪري ميز تي رکيائين. وري چيائين:

”هڪ ڳالهه ٻڌائيندا توهان؟“

”ڪهڙي؟“

”ساوتريءَ لاءِ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ منهنجو مطلب آهي، هوءَ ڪهڙي ڇوڪري آهي؟“

موں آڄاگر جي اکين ۾ جهاتي پاتي. اهو ئي سوال هڪ ڏينهن سرمک به ڪيو هو.

موں هورڀان چيو: ”سٺي آهي.“

”منهنجو به اهو خيال آهي. توهان ڪنهن جو به قسم ڏيو، آءٌ سچ پچ سمجهان ٿو ته هوءَ خراب ناهي.... پر هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي: سرمک ڇو ڇڏي ويو؟ ڪشني ڇو ڪيڏي ڇڏيس؟ توهان کي ڪجهه سمجهه ۾ اچي ٿو؟“

آءٌ چپ ويٺو رهيس.

آڄاگر ٿيون پڻگ ڏاهيو، ۽ ڊڪ پري چيائين: ”هوءَ توهان کي ڪجهه عجيب نٿي لڳي؟.... منهنجو مطلب آهي ته هوءَ بدچال ته نه آهي، پوءِ به هڪ پنيان ٻئي سڙس وٽ رهيو پوي!.... پرهڪ ڳالهه آهي، هوءَ ڪوڙ نٿي ڳالهائي. هن جي دل ۽ بدن، ٻئي ڪوڙ کان ڪوهن جا ڪوهه پري آهن.... منهنجي ڳالهه توهان سمجهي نه؟ آءٌ نشي ۾ ڪونه پيو وڦلان! اڌ شيشو پيپي، موں کي ڪجهه ڪونه ٿيندو آهي. موں گهڻن ڏينهن کان توسان ملي اهي ڳالهيون ڪرڻ ٿي چاهيون. سرمک چوندو هو ته توهان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن به ساوتريءَ کي نه سڃاتو آهي. منهنجي ڳالهه دل ۾ نه ڪجو.... ڪڏهن توهان کي ساوتريءَ جي ضرورت محسوس نه ٿي؟ موں کي ته هن ڇڻ ڇهنبڙيون پئي پاتيون آهن. جڏهن هوءَ سرمک وٽ رهندي هئي، تڏهن کان ئي منهنجي نيت خراب هئي. پر سرمک پنهنجو يار هو، يار کي دوکو ڏيئي نٿي سگهيس.... ۽ منهنجو خيال آهي ته ساوتري به اهڙي ناهي. ڪير ڪيس لک رپيا ڏئي، ته به هوءَ موں کي دوکو نه ڏيندي.... جڏهن سرمک هليو ويو، تڏهن موں کي هن تي قياس ٿيو. ايتري ڀالي ڀولي ڇوڪري،

اهڙيءَ حالت ۾ هجي! دل کي ڌڪ نه ٿيو. آءٌ اتي وڃڻ لڳس.... هڪ ڏينهن شام جو مون کي احساس ٿيو ته قياس پياس ڪجهه ناهي، هوءَ مون کي وٺي ٿي، تنهنڪري آءٌ ايندو آهيان: آءٌ هن ڪانسواءِ رهي ڪونه سگهندس. اها ڳالهه مون ساڻس ڪئي. ٻڌي، چپ ٿي ويئي. ان ڏينهن آءٌ ڏاڍو بيقرار رهيس.... رات جو گهڻيءَ دير تائين هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رهيس، پوءِ سندس گهر ويس. هوءَ اندر ڪمري ۾ ستي پئي هئي. آءٌ ٻاهر اڱڻ ۾ آسمان کي ڏسندو رهيس. آڌي رات گذري، ته آءٌ اٿي هن جي ڪمري ۾ ويس. هوءَ بيخبر ستي پيئي هئي.... آهي نه عجب جي ڳالهه! مون هن کي هٿ لاتو، ته جاڳي پيئي. ڪجهه وقت آءٌ هن کي ڏسندو رهيس. هوءَ چپ چاپ پيئي هئي. آءٌ هن سان گڏ ليٽي پيس. منهنجو خيال هو ته هوءَ انڪار ڪندي، ۽ مون کي زوريءَ ڪمرو وٺو پوندو. پر هوءَ روئڻ لڳي، ۽ چيائين: 'توهان مون کي بدمعاش ۽ خراب ته نٿا سمجهو؟'"

"ڇا؟" مون ڇرڪي چيو. اهو ته سوال هن سرمک کان پڇيو هو!

آڇاگر مون ڏانهن نهاري، ٿيون پٺگ خالي ڪري، چوڻ لڳو: "آءٌ حيران هوس، اهڙي وقت بدمعاش کان بدمعاش عورت کي به ڪجهه چئي نٿو سگهجي، هن جي ته ڳالهه ٻي ئي هئي. هن جو خيال هو ته آءٌ کيس بدچال سمجهي ائين ڪري رهيو هوس. ڀڳوان جو قسم، مون کيس ڪڏهن به جهڙي تهڙي عورت ڪونه سمجهيو هو. قسم کٽي يقين ڏياريومانس، ته هن لڙڪ اگهي ڇڏيا."

آڇاگر چپ ٿي ويو. وري چيائين: "سرمک هن کي ڇو ڇڏي ويو؟ بس اهو سمجهه ۾ نٿو اچي!"

آءٌ ٻيلا ڇا ٿي چئي سگهيس. ماٺڪو ويٺو رهيس. پوءِ اسين هليا آياسين.

* * *

مون کي ٻارن جي نفسيات تي تحقيق ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ

ملي، ۽ آءٌ ڇهن مهينن لاءِ ٻاهر هليو ويس. اهو سمورو وقت منهنجي زال مائٽن ۾ رهي. جڏهن ڪم پورو ڪري واپس موٽيس، ته اسٽيشن تي آجاگر سان ملاقات ٿي. هو به ٻاهران پئي آيو. هن ساوتريءَ جي ڳالهه اهڙي نموني ڪئي، جيئن زندگيءَ ۾ ڪنهن وسريل شي جي ڳالهه ڪبي آهي.

پئي ڏينهن آءٌ زال ڏانهن خط پوسٽ ۾ وجهڻ لاءِ وڃي رهيو هوس، ته ساوتري رستي ۾ ملي. هن جو منهن لٿل هو، ۽ پيشانيءَ تي پئي پڌل هيس. ڪجهه پريشان هئي.

مون هن کي ٻيهاري پڇيو: ”ڇا ڳالهه آهي، ڀاڄائي؟ پئي ڇو پڌي اٿيئي؟“

”ڌڪ لڳو آهي.“

”ڪيئن؟“

هن جواب ۾ مون ڏانهن اونهين اکين سان ڏٺو، ۽ چيائين: ”ڪري پئي هيس.“

آءٌ سمجهي ويس، هن ڪوڙ ٿي ڳالهايو: ”ڀاڄائي، ڪوڙ ڳالهائڻ به شروع ڪيو اٿوَ!“

هن جون اکيون ڀرجي پيون. پوءِ هن ٻڌايو ته هڪ ڏينهن آجاگر نشي ۾ ڪيس ماريو هو، ۽ هوءَ پٽ سان وڃي لڳي ۽ مٿو ڦاٽي پيو هوس.... سرمک ڪڏهن ڪيس ڌڪ ڪونه هيو هو؛ اجاگر اها ذليل پائي به ڪئي! پوءِ هو هلي وئي.

* * *

پئي ڏينهن، منهنجي دل مون کي مجبور ڪري سندس گهر وٺي هلي. گهڙيءَ گهڙيءَ اهو خيال ٿي آيو ته ساوتري خوش ناهي، اجاگر جي روش بدلجي وئي آهي، سو خيال ڪيم تـه ان بابت اجاگر سان ڳالهايان. هو گهر ئي هو. ساوتريءَ رڌڻي ۾ ماني پئي پڪي. اجاگر ڪلي مليو. مون کي مٿس ڪاوڙ اچڻ لڳي. جڏهن ساڻس ڳالهه ڪرڻ لڳس ته مون کي ٻاهر وٺي آيو، ۽ لهواريون اوڀاريون ٻڌائڻ لڳو. آءٌ انهيءَ سوچ ۾ هوس ته ڳالهه ڪيئن شروع

ڪريان. هونئن ته مون کي سندن ذاتي جهڳڙي ۾ پوڻ جو حق نه ڪونه هو، پر مون کان ساوتريءَ جو ڏک ڏٺو نٿي ٿيو.

”اڄڪلهه ساوتري مون سان ڪاوڙيل آهي.“ هن ڀاڻس چيو.

”ڇو؟“

”چوي ٿي، ٻار ڇو نٿا ٿين!“

اڄاڻ اها ڳالهه ائين ڪئي، ڄڻ ته ڪنهن ڳئون سيٺهن جي ڳالهه پئي ڪيائين. مون کي منجهس سخت رکائي نظر آئي. چوڻ لڳو:

”عجيب عورت آهي! ڀانئي ٿي ته ٻار ٿين: آءٌ ٿو سوچيان ته ڪيئن پاليندو ڪير؟“

دل ۾ آيم ته چوانس ته ”تون!“ پر سندس منهن ۾ ڏسي، خيال بدلائي ڇڏيم — منجهس انڪار لڪيل ڏٺم.

”ٻيو وري، توهان کي ته خبر آهي ته ٻارن ٿيڻ کان پوءِ عورت ۾ اها ڳالهه نٿي رهي....“

مون کي ڄڻ ڪو ڌڪ لڳي ويو — ڄڻ ڪنهن ماٺهوءَ سان نه، پر ڪنهن مرونءَ سان ڳالهائي رهيو هوس. عورت کان سندس قدرتي حق کسڻ وڏي ۾ وڏو ظلم آهي: دل ۾ چيم ته کيس سمجهايان ته عورت ان مرد سان اڻاهه پيار ڪرڻ لڳندي آهي، جنهن جي ٻارن کي هوءَ ڄاڻيءَ سان ڏيج پياري سگهي. پر آءٌ خاموش رهيس.

اڄاڻ کلي پيو: ”ڀاڻ هن مصيبت ۾ ڦاسڻ نٿا چاهيون!“

سندس انهن لفظن مان سندس سمورو ڪردار لياڪا پائي رهيو هو. ساوتريءَ جو اونداهو مستقبل ڏسڻ ۾ پئي آيو. هو ڇڏي ڏيندس. هاڻي گهٽي دير ڀاڻ وٽ رکڻ نٿو چاهيس. کيس منجهانئس ٻيءَ ٿي ويو آهي. مون پنهنجو انديشو ظاهر ڪيو:

”تون هاڻ شايد ساوتريءَ کي ڇڏڻ چاهين ٿو؟“

”نه، ائين ته ڪونهي. آءٌ.... آءٌ خيال پيو ڪريان ته —“

هن اڪيون کڻي هيٺ ڪيون. سندس آواز ۾ پروسو ۽ پختائي ڪانه

هئي. ڪيس پنهنجي مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ اکر ئي نٿي مليا.

”آجاگر سنگ! ساوتري تباهه ٿي ويندي!“

”توهان ته مون کي ڏوهه ڏيڻ لڳا آهيو، آءٌ ته ڪيس هرطرح خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.“

”تون ساڻس شادي ڪٿي ڪر.“

”سا ته آءٌ قانوني طرح ڪري ئي نٿو سگهان!“

”ڇو؟“

”منهنجي زال جيوت آهي.“

”تنهنجي زال؟“

”طلاق ٿئي ئي نٿي، نڪي وري پاڻ ۾ ٺاهه آهي.“

”پوءِ ساوتريءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو؟“

اجاگر رستي تان ويندڙ هڪ عورت ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ ڪو به جواب ڪونه ڏنائين. سندس ماٿ ۾ ساوتريءَ جو اونداهو مستقبل ڏسڻ ۾ پئي آيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ اسين جدا ٿياسين. پوءِ مون اجاگر کي هڪ اهڙيءَ عورت سان گهمندي ڏٺو، جنهن کي آسانيءَ سان پيشو ڪندڙ ڪوٺي سگهجي ٿو. هوءَ نچڻ ۽ ڳائڻ جي پردي ۾ چڪلو هلائيندي هئي.

هڪ ڀيري مون آجاگر کي اشارن ئي اشارن ۾ چيئي به ڏنو ته ”ساوتريءَ جهڙيءَ نيڪ ۽ معصوم ڇوڪريءَ سان دوکو پيو ڪريـن!“ تنهن تـي کلي چيائين: ”ڏاڍو بيزار ڪري وڌو اٿس! الاجي ڇا جو ڇا پيئي چوي. سڄو ڏينهن ٻارن جو قصو کڻيو ويٺي آهي. تنهن کانسواءِ، آءٌ جهليانس ٿورو ئي ٿو — ڀلي موج ڪري. انهيءَ ۾ دوکو وري ڪهڙو آهي؟ آءٌ اوهان سان هٿ ملايان ٿو، اڳيان وڃي ڪنهن ٻئي سان هٿ ملائيندس: انهيءَ ۾ ڇا ٿي پيو!“

* * *

ان ڏينهن شام جو آءٌ ساوتريءَ سان گڏجڻ ويس. ڇيم ته آجاگر جي ارادن کان خبردار ڪريانس. هوءَ اڳڻ ۾ ويٺي هئي.

ڪيس ڏسي، اکين کي اعتبار ئي نہ پيو اچيم. ڏاڍا شوخ ۽ سنهڙا ڪپڙا پاتيو ويٺي هئي، جن مان سندس بدن پئي ڏنو. ميڪ اپ جا مڻ ڪٿي چاڙهيا هئائين، ۽ وارن کي فيشنيبل بڻايو ويٺي هئي، جنهن جي ڪري پاڻ ٻيڙي ٿي لڳي. مون کان رهيو نہ ٿيو، پڇيومانس:

”ڀاڄائي، ڪهڙو سانگ ڪٿي ڪيو اٿو؟“

هوءَ اداس ٿي ويئي. پوءِ چيائين: ”ادا، انهن نچڻ ۽ ڳائڻ وارين ۾ ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي، جيڪا مون ۾ ناهي؟ مون ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي؟ آءٌ سهڻي ناهيان؟ جوان ناهيان؟....“

ساوتريءَ جي واتان اهي اکر ٻڌي، مون کي شرم اچڻ لڳو.

”ڀاڄائي!“

”ها ادا، مڙسن کي اهي ئي ڳالهيون وڻنديون آهن. مون سوچيو تہ آءٌ بہ اهڙي ٿيان. پر.... پر—“ هن اوڇنگار ڏيئي روئي ڏنو. ڳوڙهن ڀريل آواز ۾ چيائين: ”پوءِ بہ مون مان خوش ناهي! هُن ڪنجريءَ وٽ وڃي ٿو. آءٌ ڇا ڪريان.... ڇا ڪريان؟“ هن ٻنهي هٿن سان منهن لڪائي ڇڏيو. آءٌ چپ چاپ موٽي آيس.

* * *

ساوتريءَ جو خطرناڪ انجام، رکي رکي منهنجي دل ۾ ڪنڊي جيان چڀي رهيو هو. هڪ رات مون اهو انجام پنهنجين اکين سان ڏٺو. آءٌ ڪلڪتي وڃڻ لاءِ اسٽيشن تي ويس. گاڏيءَ جي اچڻ ۾ اڃا دير هئي. آءٌ پليٽفارم تي پئي ڦريس تہ اوچتو منهنجي نظر وڃي بينچ تي ويٺل ساوتريءَ تي پيئي. هوءَ اڪيلي هئي. مون کي ڏاڍي حيرت لڳي. آءٌ هن جي ويجهو وڃي بيٺس. هن اکيون مٿي ڪٿي مون ڏانهن نهاريو، ۽ وري اکيون ڪٿي هيٺ ڪيائين .

”ڀاڄائي!“

هن ڪنڌ مٿي نہ ڪنيو.

”ڪٿي ويٺي آهين؟ ڪيڏانهن وڃين پيئي ڇا؟“

”ها.“

ڪيڏانهن؟ اڄاڳر سان گڏ؟"

"نه."

"اڪيلي آهين؟"

"نه."

"ڪير اٿيئي ساڻ؟"

هوءَ خاموش رهي.

"ڪيڏانهن پيئي وڃين؟"

"خبر ناهي، هو ٽڪيٽ وٺڻ ويو آهي."

انهيءَ مان مون سمجهيو ته هن سان ڪو ٻيو آهي.

انهيءَ سهل ئي هڪ ماڻهو پرسان اچي بيٺو. هن مون ڏانهن گهوري نهاريو. شڪل مان عادتي بدمعاش پئي لڳو. سختيءَ سان ساوتريءَ کي چيائين: "هل!"

ساوتري اٿي، ۽ چپ چاپ هن جي پٺيان هلندي، وڃي گاڏيءَ ۾ ويٺي. ●

ننڍ وليون

مصنف: شيخ اياز

ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- صفحا ٢٠٠- خوبصورت ٽائيٽل

اوڙاھ

مصنف: غلام نبي مغل

سراج جي ناولن کان پوءِ تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل ھڪ اھڙو ناول جنھن ۾ سنڌين کي پنھنجي بقا لاءِ روزانو سوين جوڌا قربان ڪرڻا پوندا ھئا، پنھنجا اباڻا ڪک ڇڏڻا پيا. دربدر جون ٺوڪرون کائڻيون پيون. پنھنجون عزتون اکين اڳيان لٽجندي ڏسي بيوسي جي عالم ۾ سواءِ رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ جي ڪجھ نہ ڪري پئي سگھيا.

ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- صفحا ٣٠٠- خوبصورت ٽائيٽل

ارائونڊ دي ورلڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ
اوچا ڳاٽ ڀھاڙن جا (ڪھاڻيون)	نجم عباسي
رد ڪيل ڪھاڻيون (ڪھاڻيون)	امر جليل
ڪوٽ لکپت جو قيدي (ڀاڱو II)	رسول بخش پليجو
سورج مکيءَ سانجھہ (شاعري)	شيخ اياز
اندر جنين آج (سفرنامو)	ماھتاب محبوب
ديسي آڏاڻو پرديس (سفرنامو)	آدم خان لغاري
شيخ اياز جو چونڊ ڪلام	مرتب: نور محمد
ڳريب وتي (ناول)	نورالھديٰ شاھ
سانگھڙ	محمد عثمان ڏيپلائي
منھنجو وطن، منھنجا ماڻھو	لوڪرام ڏوڏيجا
تاريخ جو سفر	ڊاڪٽر مبارڪ علي/ابوبڪر شيخ

نيو فيلڊس جي هيٺين ڪتابن جا سيٽ گهرائڻ تي ٣٣ فيصد ڪميشن ڏني ويندي

* شيخ اياز جو سيٽ

خط، انٽرويو ۽ تقريرون II	٦٠/-
پتڻ ٿو پور ڪري	٥٠/-
اڀر چنڊ پس پرين	٨٠/-
هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن	٦٠/-
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	٥٥/-
ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واٽون ڦلن ڇانئيون	٦٠/-
الوداعي گيت	٤٠/-
ساهيوال جيل جي ڊائري	٦٠/-
ڪتين ڪر موڙيا جڏهن -I	٩٠/-
ڪتين ڪر موڙيا جڏهن -II	١٠٠/-

* امر جليل جو سيٽ

جڏهن ماڻ نه هوندس	٥٠/-
منهنجو ڏس آسمان کان پڇو	٤٠/-
دل جي دنيا	٤٥/-
تاريخ جو ڪفن	٦٠/-
سنڌو منهنجي ساه ۾	٨٠/-

* رسول بخش پليجو، اياز لطيف ۽ زرينه بلوچ جو سيٽ

ڪوٽ لکپت جو قيدي	١٣٠/-
پسي ڳاڙها گل	٤٥/-
وهڻ مون نه وڙاءِ	٥٥/-
دنيا پنهنجي ديس پرايا	٣٠/-
تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون	٥٥/-

* ابراهيم جويو ۽ ماهتاب محبوب جو سيٽ

ست مٺ موتين جي	٨٥/-
فرينچ انقلاب	٨٠/-
ورهاڱي جو ورجاءُ	٤٥/-
مٺي مراد	٣٢/-
راهون چنڊ ستارا	٦٠/-

ڊمو ڪريٽڪس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

٠١ بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم ٿيل)
٠٢ جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٣ اڌ ملاقات (خط)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٤ جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٥ جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٦ زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٧ ٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	٢٠/-
٠٨ بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
٠٩ اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	٤٥/-
٠١٠ رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
٠١١ ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١)	—	(ختم ٿيل)
٠١٢ ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
٠١٣ واڪون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠١٤ ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢)	—	(ختم ٿيل)
٠١٥ بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠١٦ شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	(ختم ٿيل)
٠١٧ يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
٠١٨ لين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
٠١٩ عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
٠٢٠ دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
٠٢١ دل جو بندر (ناول)	اڊورل آئيوبس/نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
٠٢٢ رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	(ختم ٿيل)
٠٢٣ درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
٠٢٤ ڪنهن سان سور سليان	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
٠٢٥ فڪر جي آزادي	اسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
٠٢٦ منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠٢٧ غلامن جو هيرو (ناول)	ايرڪ ڪاربر/دوست محمد ڀٽي	(ختم ٿيل)
٠٢٨ سي ڏي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)

٠٢٩	عاشي(ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
٠٣٠	سي ڀيڙيون ر ڪين ڀاڄهه سين (سفرنامو)	الطاف شيخ	٢٠/-
٠٣١	سڌارٿ (ناول)	هرمن هيس/فضل احمد بچاڻي	٢٠/-
٠٣٢	جيان رس (ڪهاڻيون)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠٣٢	روح جي ڳولا (ناول)	مترجم: فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
٠٣٤	درد جا ڏينهن، درد جون راتيون	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٣٥	سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو)	الطاف شيخ	٥٠/-
٠٣٦	سورج هوندي مرجهايل(ڪهاڻيون)	نجم عباسي	٣٠/-
٠٣٧	آسيه (ناول)	هينري رائڊرهئگرڊ/فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
٠٣٨	قلندر (ڪهاڻيون)	قرت العين حيدر/مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
٠٣٩	الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠٤٠	سزا جا سڪ	آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
٠٤١	بهترين سفرناما	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠٤٢	للڪار(ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٠٤٣	ڊڪل سريت(ڪهاڻيون)	البرتو موراويا/وليم ولپ	(ختم ٿيل)
٠٤٤	لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠٤٥	تصويرجو خون	آسڪروائلڊ/فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
٠٤٦	حليم شو	حليم بروهي	(ختم ٿيل)
٠٤٧	ٻارن جون آکاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠٤٨	سپون	خليل جبران/فضل احمد بچاڻي	٢٥/-
٠٤٩	سفريورپ جي ڊائري(سفرنامو)	قاضي عبدالمجيد عابد	(ختم ٿيل)
٠٥٠	آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	٣٥/٠
٠٥١	چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
٠٥٢	مس سدا بهارچنبيلي (ناول)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٥٣	پيار ڪهاڻي (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٠٥٤	نيگروعشق ۽ بغاوت	ڪرسٽونرنڪول/نصيراعجاز	(ختم ٿيل)
٠٥٥	شرم ٻوٽي (ناول)	گوبند مالهي	(ختم ٿيل)
٠٥٦	اڳي ايٿن هياس (جلد ١)	فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
٠٥٧	پره ڪان پهرين (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)

٠٥٨	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٠٥٩	رڃ ۾ پاڇا (ناول)	موهن ڪلپنا	(ختم ٿيل)
٠٦٠	مون تو کي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پروين هيرانندائي	(ختم ٿيل)
٠٦١	آئيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٠٦٢	شاهه لطيف جي شاعري (جلد II)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
٠٦٣	آڳٽي گهوٽ ته نشا ٽيوٽي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	(ختم ٿيل)
٠٦٤	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٠٦٥	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	١٢/-
٠٦٦	ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	٤٠/-
٠٦٧	دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٠٦٨	پيغامبر	خليل جبران/ستار	(ختم ٿيل)
٠٦٩	همه اوست (ناول)	آغا سليم	٣٥/-
٠٧٠	اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٿيل)
٠٧١	آئيني جي اڳيان	١٧ ساهتڪار	١٢/-
٠٧٢	چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٠٧٣	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
٠٧٤	اڌون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	٢٥/-
٠٧٥	ٻه ننڍا ناول (ٻه ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٠٧٦	اکيون اُڃايون هيااس (جلد ٢)	افضل احمد بچاڻي	٢٥/-
٠٧٧	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٠٧٨	واٽ ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
٠٧٩	مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠٨٠	ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٠٨١	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	٦٠/-
٠٨٢	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠٨٣	چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٠٨٤	ڀڳت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٠٨٥	ست يوگوسلاويائي آکاڻيون	جڳت آڏواڻي	١٠/-
٠٨٦	ست ڪشميري آکاڻيون	اختر محمد دين/ ايشور چندر	١٢/-

۸۷. ان چنڊ ۽ چنڊ (شاعري)	آغا سليم	۲۰/-
۸۸. ڪوالالمپور ڪجهه ڪوه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۸۹. ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۹۰. سڏن متي سڏڙا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
۹۱. گانڌي	لوئي فشر/نجم عباسي	(ختم ٿيل)
۹۲. پگهل ڪنيزاتيون	خليل جبران/عبدالله الفائز	۲۵/-
۹۳. ماستر هريرام جو بنڪاڪ وڃڻ....	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۹۴. ڪي جو پيچل پوليو (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۹۵. سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
۹۶. خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو I)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۹۷. دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۹۸. ڏيئا تيل ڦلهل جا	علي احمد بروهي	۴۵/-
۹۹. راج۔گهاٽ تي چنڊ (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۰۰. موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
۱۰۱. تلاش (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
۱۰۲. لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۰۳. ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۱۰۴. مرڻ مون سون آهه (ناول)	سراج	۶۰/-
۱۰۵. ٻڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	۵۰/-
۱۰۶. رات وچ ۾ (ناول)	بربٽ هيلميڊي/فضل احمد بچاڻي	۲۰/-
۱۰۷. ٻڙ جي ڇانو، اکين ڪان گهاٽي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۰۸. اک سور (ناول)	رابندر ناٿ ٽئگور	۵۰/-
۱۰۹. جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۱۱۰. رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	۴۰/-
۱۱۱. ماستريائي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	(ختم ٿيل)
۱۱۲. آڪن نيرا ڦليا (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۱۳. منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول)	سراج	۲۵/-
۱۱۴. رڻ ۽ رڃ جو اتهاس (ڪهاڻيون)	نورالهدیٰ شاهه	(ختم ٿيل)
۱۱۵. انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	(ختم ٿيل)